قمر شہباز

واچوڙن ۾ لاٽ

(ريڊيو ٽي وي ڊراما)

قمر شهباز

سنگم پبليڪيشنس

پوسٽ باڪس نمبر ١٣٧١

ڪراچي - ٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگم پبليڪيشنس جو 27 نمبر ڪتاب

ڪتاب : واچوڙن ۾ لات
ليکڪ : قمر شهباز
صنف : ريڊيو – ٽي - وي ڊراما
چونڊ ۽ ترتيب : ڪرم الاهي چنا
پبلشر : سنگم پبليڪيشنس
پوسٽ باڪس نمبر 13071 ڪراچي-8
ڪمپوز : علمي پريس، ڪراچي
پرنٽر : واحد آرٽ پريس، ڪراچي
ٽائيٽل : فتاح هاليپوٽو
ڇاپو پهريون : جنوري 1987
قيمت : معياري ايڊيشن -/30
ڊيلڪس ايڊيشن -/50

Title : Wachooran Me Lat
Author : Qamar Sbahbaz
Subject : Radio & TV. Plays
Compiled by : Karam Illahi Channa
Published by : M/s Sangam Publications
P.O.Box No:13071, Karachi
Composed by: Ilmi Press, Karachi
Printed by : Wahid Art Press, Karachi
First Edition : January 1987
Price : Standard Edition Rs: 30/=
Deluxe Edition Rs: 50/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا، منهنجو اڪيلو پٽ ٿي نہ،
منهنجو پاڇو پڻ آهي؛
حصو آهي منهنجي وجود جو.

جڏهن مان نہ رهندس،
تڏهن بہ جيئندس؛
سندس روپ ۾،
سندس ئي رنگ ۾،

شل اهو روپ سروپ ٿئي!

— قمر شهباز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

قمر شهباز جي باري ۾ — خواجه امداد

ڊرامي جو سماجي ڪارج — ف.م. لاشاري

ريڊيو ڊراما

- واچوڙن ۾ لاٽ 20
- ڪاري 53
- قرض مرض فرض 81
- رشتا 105
- تنهنجون ڳالهيون سچ 133
- ماں ۽ منهنجو ساٿي 159

ٽيليويزن ڊراما

- راهون جدا جدا 185
- واريءَ سندو ڪوٽ 215
- شڪست 259

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبلشر نوٽ

- اداري سنگم پبليڪيشنس پاران، سنڌيءَ جي مشهور ڊراما نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر محترم قمر شهباز جي ڪجهه شاهڪار ريڊيو- ٽي وي ڊرامن کي چونڊي ڇاپي پيش ڪري رهيا آهيون. ان کان اڳ اداري کي ”قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون“ ڇاپڻ جو پڻ اعزاز حاصل آهي.
- هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ ڪجهه ڊرامن جا ڪتاب ڇپيل آهن، جيڪي پڻ پنهنجي اهميت رکن ٿا. پر هن ڪتاب ۾ اسان خاص طور تي ڊرامن جي لکڻيءَ جي ڍانچي/هدايتن تي توجهه ڏنو آهي. ان سان اسان جي نئون / سيکڙاٽ ليکڪ ساٿين کي چڱي رهنمائي ملندي.
- هن ڪتاب لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ۾ ريڊيو پاڪستان جي محترم شيخ محمد ابراهيم، خواجه امداد ۽ نثار ميمڻ وڏي مدد ڪئي- ۽ ليکڪ جو رنگين فوٽو محترم اياز راشديءَ ڏنو. ادارو سندن ٿورائتو آهي. ان کان علاوه ڇپائيءَ جي ڪم ۾ علمي پريس جي محترم حافظ محمد صديق ميمڻ ۽ ۽ محمد حسن بلوچ صاحب جن تمام گهڻو تعاون ڪيو، ادارو سندن ٿورائتو آهي.

— پبلشر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواجا امداد

قمر شهباز جي باري ۾

قمر شهباز جي سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيڪار ۽ شاعر جي حيثيت سان شهرت ڪيتري آهي؟ اهو ته خير ادب جا پارکو ۽ اديب ئي فيصلو ڪري سگهن ٿا، باقي جيتري قدر منهنجي چاڻ جو تعلق آهي ته، جديد سنڌي ادب ۾ قمر شهباز هڪ منفرد افسانه نگار ۽ شاعر جي حيثيت سان ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو.

قمر شهباز سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ريڊيو ڊرامي جي پروڊيوسر جي ناتي سان ٿي. ۽ پوءِ اهو ناتو هوريان هوريان دوستيءَ جي بندڌن ۾ منتقل ٿيندو ويو ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ مون تي اها ڳالهه به Discover ٿي ته هو هڪ ڪل مک، مخلص ۽ پيار ڪندڙ دوست پڻ آهي.

قمر شهباز جي بنيادي شهرت بيشڪ ادب ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان هوندي، پر سڄي سنڌ جا ماڻهو آيرندڙ قمر کي جنهن حوالي سان پنهنجو فيورٽ ليکڪ محسوس ڪندا آهن، اهو آهي سندس ڊرامه نويس وارو روپ. ريڊيو ڊرامي جي ليکڪ واري حيثيت سان، قمر کي جيڪا سڃاڻپ ۽ رسپانس ٻڌندڙن وٽان ملي آهي، اهڙي سڃاڻپ، قمر شهباز کان اڳ شايد ئي سندس ڪنهن ٻئي همعصر ڊرامه نويس کي ملي هوندي.

قمر جي ان پاپولرٽي جا به ڪي سبب آهن ۽ تحقيق ته آهن — ڪهڙا؟ آهي هي ته، ڊرامي ۾ اڪثر ماڻهو (ٻڌندڙ) پنهنجا ڏک، سک، اهنج، ايذاءِ مسرتون، نامراديون ، ناڪاميون، ڪاميابيون ۽ پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌڻ جا متمني هوندا آهن، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڏس ۾ قمر جي قلم جي جڪڙ سدائين ماڻهن جي نبض تــي رهي آهي ۽ ان ڏس ۾ هن زندگيءَ جي ايڏو قريب تر تي ڊراما لکيا آهن جو انهن تي حقيقت جو گمان گذرندو آهي. قمر جي ڊرامن جا ڪردار ايڏا ته، اوريجنل ۽ جيئرا جاڳندا هوندا آهن جو، اهي مجسم آهي ئي ڪردار هوندا آهن جيئن آهــي حقيقي زندگي ۾ هوندا آهن. مثال طور هن جي ڊرامي ۾ ماءُ جو ڪردار آهــي ته، اهو ڪردار پنهنجن سمورين محبتن، شفقتن ۽ قربانين سميت هڪ ماءُ جو ئي ڪردار هوندو آهي. پيءُ آهي ته، اهــا سمورين سچاين سميت پيءُ ئي هوندي آهي. محبوبه آهي تــه، مڙني ادائن، وفائن ۽ جفائن سميت محبوبه ئي نظر ايندي آهي. هيرو آهي ته، اهو هر حالت ۾ هڪ آئيڊيل هيرو ئي هوندو آهــي. ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن ائين چئجي تــه قمر جي ڊرامــن ۾ سندس هــر ڪردار پنهنجي شخصيت پاڻ تعين ڪندو ۽ پنهنجي شمع پــاڻ ٻــاريندو نظر ايندو آهي. وڏي ڳالهه ته، قمر، ڊرامي ۾ مقصد جي ’مــام‘ رکڻ به ڪڏهن ناهي وساريندو. هن جي هر ڊرامي ٻڌڻ ســان ٻڌندڙ جي ذهن ۾ شعور جون ڪئي چڻنگون روشن تــي پونديون آهن. مسئلن جي حل جون ڪئي واٽون نکري نروار تي پونديون آهن ذهن ۾ جاڳرتا جا ڪئي گل ٽڙي سرهاڻ پکيڙڻ لڳندا آهــن ۽ اها به حقيقت آهي تــه، انهيءَ لفظي جادوگريءَ ۾ هــو اهڙيون اهڙيون ته چڀندڙ ۽ چهنبڙيون پائيندڙ ڳالهيون ڪري وڃڻ جي صلاحيت رکي ٿو، جيڪي هونــد ريڊيو ڊرامي جي ذريعي سنئين سڌي انداز ۾ ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هونديون آهن.

ريــڊيو ڊرامــي جــو تعلق آواز سان آهي، پوءِ اهو آواز مڪالمن جو هجي، پس منظر موسيقيءَ جو يا صوتي اثراتن جــو، ريڊيو جي لاءِ لکڻ وقت اِنهن سڀني شين جو خــاص ڌيان رکيو ويندو آهي، خاص ڪري لفظن جي چونڊ ڪرڻ تي ته ٻنهه خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي، ۽ ان ڏس ۾ ته قمر شهباز مڪمل سامري جادوگر آهي. جيڪڏهن هتي اهو چئجي تــه وڌاءُ ڪونه ٿيندو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قمر جي ڊرامي ۾ سڀ کان اهم خوبي اها آهي ته بس سندس مڪالمه بازي ـــ مڪالما به ڪهڙا ـــ!؟ ڪٽ ٽو ڪٽ، ايڏا تڙ تڪيل توريل، خوبصورت ۽ پُرڪشش، جو ٻڌندڙ جو ذهن ڊرامو ٻڌندي ريڊيو سيٽ کان هڪ انچ به پري ناهي وڃي سگهندو. قمر جي ڊائلاگن ۾ سچ پچ ته آبشارن جهڙي رواني، لهرن جهڙو ڦيلو ۽ ستارن مان ڇڻندڙ روشني جهڙو سنگيت سمايل هوندو آهي. جنهن جي ٻڌڻ سان ٻڌندڙ جو ذهن تجسس ۽ سسپينس جي ڏنڊ ۾ وڪوڙيو ويندو آهي ۽ ٻڌندڙ کي ان لاءِ آماده ڪندو ويندو آهي ته هو سڄو ڊرامو پڄاڻي تائين ٻڌي ۽ ان مان لطف اندوز ٿئي. قمر جي ڊرامن جي بي بنيادي خوبي هيءَ به ڳڻائي سگهجي ٿي ته ٽيمپو جي لحاظ کان هن جو ڪو به ڊرامو سست يا ڍلو قطعي ڪو نه هوندو آهي. قمر جيترو فاسٽ ڊائلاگ ڊليوري ڪندو آهي، ان جي ڊرامن جو ٽيمپو ان کان به تيز هوندو آهي. اِهو ئي سبب آهي جو ٻڌندڙ هن جو ڊرامو پڄاڻيءَ تائين ٻڌڻ کانسواءِ رهجي نه سگهندو آهي.

مون کي ذاتي طرح قمر جي لکڻ جي اسٽائل جي خبر آهي ته، هو ڊرامي جي لکڻ جي تياري اُتان شروع ڪندو آهي ته پهرين ڊرامي جي ڊيوريشن طئه ڪري پوءِ ان حساب سان خالي صفحي تي هڪ به تي نمبر هڻي، ٿهو ٺاهي رکندو آهي ۽ اڌيءَ رات جو جڏهن لکڻ شروع ڪندو آهي ته هڪ هڪ پنو لکندو ۽ اُهو هيٺ پٽ تي پکيڙيندو ويندو آهي. جڏهن آخري چار پنج صفحا وڃي بچندا آهن تڏهن ڪلائمڪس ۽ اينٽي ڪلائمڪس ڏئي، ڊرامو پورو ڪندو آهي، ۽ هيٺان پٽ تان پنا ميڙي پن هڻي، صبح جو پروڊيوسر جي ميز تي رکي پنهنجي آفيس هليو ويندو آهي. اهڙي صورت حال ۾ به لکيل ڊرامي ۾ سچ پچو ته هڪ لفظ به اضافي ڪونه نظر ايندو آهي. سيڪجهه To the Point ۽ سڀ ايڏي ته، يونيفارم ۽ ڊائلاگن ۾ ايڏي ته Continuty جو اسڪرپٽ ۾ ايڊيٽنگ جي ضرورت نهايت گهٽ محسوس ٿيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. انهن خوبين ڪري آڏو رکي قمر جي، سندس ڪن ٻين همعصر ڊراما نويسن سان ڀيٽ ڪبي تہ، پنجن آڱرين مان اڌ ڪان وڌيڪ آڱريون خالي ڇڏيون پونديون.

سٺي ريڊيو ڊرامي جي هڪ خوبي هيءَ بہ سمجهي ويندي آهي تہ ڪردار جيترا ٿورا هوندا، ڊرامو ٻڌندڙن جي لاءِ اوترو قابل قبول ۽ دلچسپ تصور ڪيو ويندو آهي. اِن پرک تي قمر جي ڊرامن کي جانچبو تہ هن وٽ هن ڏس ۾ بہ احتياط نظر ايندو ۽ هن وٽ ڊرامن ۾ ڪردارن جو ڪرائوڊ نظر نہ ايندو. جيڪڏهن ڪنهن ڊرامي ۾ هن ڪردارن جي 'گهڻ' بہ رکي آهي تہ آهي ڪردار ڊرامي ۾ پنهنجي پوري Justification سان موجود نظر ايندا. قمر جا ڪردار ڊرامن ۾ ٻولي اُها ڳالهائيندا آهن، جنهن طبقي سان سندن واسطو هوندو آهي. ڪردارن جي ورائٽي ڊرامن ۾ رکڻ سان گڏوگڏ قمر وٽ ڊرامن جي موضوعن جي بہ رنگارنگي آهي. چا تاريخي، چا سماجي، چا ميلو، چا ٽريجڊي، چا ڪاميڊي هن هر طرح ۽ هر ٽائيپ جا ڊراما لکيا آهن ۽ انهن سان پليءَ پت انصاف بہ ڪيو آهي. ڪاميڊي ڊرامن لکڻ جو تہ، قمر وٽ ڏانءُ ئي مختلف آهي. ان ڏس ۾ هو ايترو تہ وڌي ۽ شارپ آهي جو چڻ سندس اندر ۾ مزاح جا ڪارخانا لکيا پيا آهن. ڏٺو وڃي تہ مزاح لکڻ سولو ڪم ڪونهي، صرف ڪجهہ مزاحيہ اسڪرپٽس لکڻ کان پوءِ، مزاحيہ لکندڙ ليکڪ ٿڪجي ساٿو تي پوندو آهي ۽ غريب جي خالي کيسي وانگر ٿي ويندو آهي.

قمر مسلسل ريڊيو لاءِ مزاحيہ شيون لکيون آهن ۽ سالن تائين متواتر لکيون آهن. پر مجال آهي جو هن ڪڏهن ڪو سنگل ٽوٽڪو ڪڏهن ريپيٽ ڪيو هجي. قمر جي اِنهن مزاحيہ انداز ۾ لکيل اسڪرپٽس جي نمايان خوبي هي بہ آهي تہ، هو محض مسخري ناهي لکندو، ان مسخريءَ ۾ هو طنز جا تير ۽ مقصد جا نوڪدار نشتر رکڻ ڪڏهن بہ ناهي وساريندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجموعي طور تي قمر جي تخليق ڪيل ڪردارن تي نظر وجھبي تہ انھن کي ڪاميابي سان لکڻ ۽ نڀائڻ پويان ھڪڙو فلسفو ھي بہ لڳي ٿو ڪل نظر ايندو تہ قمر پاڻ بہ بنيادي طرح ھڪ بھترين پرفارمر، ڪمپيئر ۽ بھترين صداڪار آھي. مان يقين سان چئي سگھان ٿو تہ لکڻ وقت ھو ھڪ ھڪ ڪردار کي Conceive ڪري، پاڻ تي طاري ڪري، پوءِ ئي لکڻ ويھندو آھي. شايد ان ڪري ئي، ھن جو ھر ڪردار ھر پھلوءَ کان مڪمل ۽ پرفيڪٽ لڳندو آھي. ۽ محسوس ائين ٿيندو آھي تہ انھن کي لکڻ وقت ھو پنھنجون سموريون تخليقي صلاحيتون ائين استعمال ۾ آڻيندو ويندو آھي جيئن ڪو مالھي گلدستو ٺاھڻ وقت باغ مان خوبصورت ۽ خوش رنگ گل چونڊي گلدستو تيار ڪندو آھي.

ڊرامي جي اسڪرپٽ کان پوءِ وارو آھي، ان جي پروڊڪشن جو. پراڊڪشن ۾ پس منظر موسيقي، صوتي اثرات ۽ صداڪاري ڊرامي کي Catchy بنائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندا آھن. ڊرامي جي Opening کان ان جي ڪلائيمڪس ۽ وچ ۾ Conflict پيدا ڪرڻ تائين، صوتي اثرات ۽ پس منظر موسيقي تي خاص ڌيان ڏنو ويندو آھي. ۽ ان سموري ٽيڪنيڪل ڪم لاءِ، پروڊيوسر جي تخليقي صلاحيتن سان گڏوگڏ ٻئي ٽيڪنيڪل عملي جو بہ وڏو عمل دخل ھوندو آھي. ۽ قمر شھباز جي ھنن ڊرامن جي ڪاميابي پٺيان انھيءَ سموري ٽيم ورڪ جو وڏو ھٿ آھي. صوتي اثراتن ۽ پس منظر موسيقي جي ڳالھ تي قمر جي اڪٽيءَ جي ھڪ اضافي خوبي ياد ٿي اچيم تہ، قمر جيڪڏھن پنھنجي اسڪرپٽس ۾، صوتي اثرات ۽ ٻيا ڊرامائي اشارا ۽ ھدايتون نہ لکي تڏھن بہ ھن جي مڪالمن ۾ ايترو سنگيت ۽ آھنگ موجود ھوندو آھي جو آٽوميٽڪ ھن جي ڊائلاگن مان سڀ ڪيفيتون نکري نروار ٿي وينديون آھن. قمر جي ھنن ڊرامن جي اھا چڱا گھٽ خوش نصيبي چئبي تہ ھن جي ڊرامن کي اڪثر وڏا گڙنگ صداڪار ميسر ٿيا آھن، جن سندس لفظن کي ساھ پساھ ۽ آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ' زير و بم' ڏٺي امر بنائي ڇڏيو آهي. ان ڏس ۾ خاص ڪري مرحوم غزاله رفيق، قربــان جيلاني، نور محمد لاشاري، گل بانـــو، اي آر بلوچ وغيره وغيره جا نالا نمايان آهن.

قمر جي ڊرامن جي پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان آخر ۾ جا ڳالهه چوڻ چاهيان پيو، اها هيءَ ته قمر شهباز جـي فن ۾ مسلسل ارتقا آهي. شروع شروع ۾ هن جيڪي ڊراما لکيا ۽ ان کان پوءِ هـو جيئن جيئن ڏيهي ۽ پرڏيهي ڊرامن جـو مطالعو ڪندو ويو، تيئن تيئن هن جي لکڻ ۾ وڌيڪ پختگي ۽ اسلوب ۾ وڌيڪ نواڻ ۽ ارتقا پنهنجو پاڻ ايندي وئي، ۽ اهائي اهڙي فني صلاحيت آهي جنهن قمر کي نت نوان موضوع هٿ ڪري نئين نئين انداز نئين اسٽائيل ۽ ٽيڪنيڪ ۽ ٽريٽمينٽ سان لکڻ جـي اتساهه ڏني آهي ۽ کيس جديد ڊراما نويسن جي انڊيڪس ۾ نمايان نالو ڏئـي ڇڏيو آهي.

مون کي خوشي آهي ته مون قمر شهباز جي ڊرامن بابت هي ڪجهه اکر لکيا آهن. متي جيڪي ڪجهه به لکيو اٿم، آهو دراصل ڪجهه به ڪونهي- ڇو؟ ان ڪري جو منهنجو قلم آهو قلم ڪونهي جهڙو قمر شهباز جو آهي، هي ته بس محض جذبن جو اظهار ۽ دل جو آواز آهـي، جيڪو مـون اوهان جي آڏو ڪڍي ظاهر ڪيو آهي ۽ ان کان وڌيڪ پيو ڪجهه به نـــ!

—※—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ف - م - لاشاري

ڊرامي جو سماجي ڪارج

حڪم ٿيو آهي تہ آءٌ محترم قمر شهباز جي هنن ڊرامن جي سماجي ڪارج متعلق لکان، ڇو تہ انهن جي فني پهلوئن تي ماهرن کان ڏار لکرايو ويو آهي. ڪنهن بہ شيءِ جي سماجي ڪارج کي ڪٿڻ ڏاڍو اوکو ڪم آهي، ڇو تہ هن دور جون گهرجون، نهايت تکيون ۽ تڪڙيون آهن ۽ هڪدم ڪجهہ نہ ڪجهہ نتيجا گهرن ٿيون. انسان دشمن قوتن جو دٻاءُ ايڏو وڏي ويو آهي، جو مزاحمت اوس ۽ اٽتر تي وڃي آهي. سوال اهو آهي، تہ جيڪڏهن سڄي جي سڄي قوم مٿان هٿيار ڪٽي ڪو اچي بيهي رهي، تہ آن مهل ماڻهو ڇا ڪن؟ پيش پون يا منهن ڏين. اهي ٻئي بہ صورتون آهن، ٽين ڪا بہ ناهي. سياستدان لاءِ، عام ماڻهو-ولاءِ ۽ اديب لاءِ بہ. اديب ڇاڪاڻ تہ، انساني شعور جي اڳيري واٽ جي فهم رکڻ جو ذميوار آهي، تنهن ڪري سندس فرض نباهڻ جو ڪم ٻين سيني کان وڌيڪ اهم آهي. پر ان جي اهميت تڏهن آهي، جڏهن هو تبديلي جي عمل لاءِ ڪم ڪندڙ قوتن جي سات سان هلي. ٿيو وري ائين آهي، جو تبديلي لاءِ ڪم ڪندڙ قوتن ۾ ڳانڍاپو ناهي، جنهن ڪري تبديليءَ جون طرفدار قوتون ٽڙيل پکڙيل جزن وانگر آهن ۽ ان ڌي طرح ڪم ڪن ٿيون. انهن سيني جزن جي ميڙ چوند ڪري ملائڻ لاءِ چقمق جي ضرورت آهي. اهو ڪم ٿيڻو بهرحال ضرور آهي، پر تڏهن بہ ذميدار اديب ذميواري کي محسوس ڪندي لکن ٿا.

هاڻي واري ڳالهہ تي اچي، تہ ذميوار اديب کي سياسي ضرورتن لاءِ بہ لکڻو آهي ۽ ٻين سماج جي گهڻ ڏساين پاسن لاءِ بہ. قمر شهباز جا ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ لکيل هي ناٽڪ ستر واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏهاڪي ۾ لکيل آهن ۽ ان ئـي ڏهاڪي ۾ ٿورو تکو وچولو سنڌي طبقو نهيو پئي. هڪ ته ريڊيو ۽ ٽي وي ميڊيا جا سرڪاري ادارا آهن ۽ انهن جون پابنديون هتي جي انسان جي اصل مسئلي تي پهچڻ تي نٿيون ڏين ۽ ٻيو ته آرٽ دشمني جي سـٽي، ورهاڱي کان پوءِ حڪمران طبقي کي جمهوريت دشمنيءَ سان گڏ ئي پيل آهـي. آرٽ کـي آسرڻ نسرڻ لاءِ کليل فضا کپي. سياست ۾ جمهوريت ۽ روين ۾ روشن خيالي، آرٽ جي ترقيءَ لاءِ اثرگهرجون آهن. پر حالتون ڪهڙيون به هجن، آرٽ پنهنجي حالتن جو عڪاس ۽ پنهنجي دؤر جي نفسيات جو مظهر ضرور ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ ناٽڪ، ڪنهن به موقف کي عـوام تائين پهچائڻ جو ڀرپور ذريعو رهيو آهي. ورهاڱي کان اڳ اسٽيج ناٽڪ هتي هندو ڪلچر جو حصو هيو. ورهاڱي کان پوءِ اُن جـو چـڻ ٻچو ناس ٿي ويو، ڇو ته سنڌ، آرٽ جي سرپرستي ڪندڙ اصل وچولي طبقي کان خالي ٿي وئي. اُن جي جاءِ سياست توڙي معيشت ۾ وڏيري، پناهگير بورجوازي، غنيمت جي مال جي مالڪ ڪاموري ۽ اڪيلي هلي سامراجي سرمائي جـي دلال سرمائيدار ورتي. وڏيرو زوالجندڙ قوت هئڻ جي ڪري آرٽ بدران عياشيءَ ۾ قاتل محمد شاهه رنگيلي جي روايتن تي هليو ۽ ٻاهران آيل ڌريـن جو ڌيان لٽ جي مال تي رهيو. انهن ٻنهي ڌرين جي ذهني جوڙجڪ مٿان دقيانوسيت جـي وڻ ويڙهـي چڙهيل هئي، جنهن ڪري سنڌ جـي سموري آرٽ کي ايڏو نقصان پهتو جنهن جـي ڪٿ نٿي ڪري سگهجي. هونئن بـه ناهـڻ ڏکيو ڪم ۽ ڊاهڻ ۾ چپٽي وڄائـڻ جيتري دير لڳندي آهي. ائين اسان جي ناٽڪ جون روايتون ختم ٿي ويون.

پر ناٽڪ ختم نه ٿيو آهي. زندگيءَ جي چرپر جو ناٽڪ. ماڻهوءَ جو هر ائڪشن، ڊائيلاگ پنهنجو مطلب رکي ٿو. ننڍڙي ٻار کان پوڙهي تائين ناٽڪ ئـي هن جي موقف پيش ڪرڻ ۽ پـاڻ مڃرائڻ جو ذريعو آهي. ڀلي هن کي خبر نه هجي، ته هـو ناٽڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پيو ياني، پر هو پوري سچائي سان ناٽڪ ڪري ٿو. ڇو ته شيڪسپيئر چوائي، دنيا اسٽيج آهي. ناڪام ماڻهو ناڪام ائڪٽر آهن ۽ ڪامياب ماڻهو ڪامياب ائڪٽر. سماجي رشتو، ان ناٽڪ جو هدايتڪار آهي. فرق رڳو اهو آهي ته مٿيان پرماري طبقا ڪوڙا ناٽڪ ڪري ٻيڪڇهه هضم ڪيو وڃن ۽ جيڪي ڪوڙا هٿ نات نتا ڪري سگهن سي، ايڪسٽرائن وانگر وقت ڪاٽي رهيا آهن. آرٽسٽ جو اصل ڪم ڪوڙي ناٽڪ جو خاتمو ڪري زندگيءَ کي ان جي اصليت ڏانهن موٽائڻ آهي.

اصل ۾ ڊرامو فطرت جي ماڻدان ۾ موجود آهي. ڪڪر، گجگوڙيون، ڪنوٽيون ۽ درياه جا گهوگهات، سمنڊ جي مستي ۽ ماناڻي، اونداهي ۽ چانڊوڪي، سڀ پاڻ ۾ ڊرامي جون خوبيون رکن ٿا. قديم ڏندڪٿائي، توڙي هرقسم جي تخليقي شين ۾ ان ڊرامي جا عڪس موجود آهن. انسان ته وري عجب مخلوق آهي. هو فطرت جي سچي وايو منڊل جو نهايت ڪامياب نقال آهي. فطرت جي ممتا ۽ تباهي وارا گڻ ٻه منجهس ڏي آهن. ائين ڊرامو ازل کان موجود حقيقت آهي. خود دنيا جي اهم مذهبن ۽ فرقن ۾ نقالي ۽ ڊرامي جون اڄ ڏينهن تائين جيٽريون حقيقتون موجود آهن. اهي سڀ ڳالهيون انساني اظهار جي وسيلي طور ڊرامي جي اهميت جي تصديق ڪن ٿيون.

ان ڪري ڊرامو، ادب جي اهم صنف جي حيثيت سان دنيا جي سمورين سٽريل، توڙي پوئتي پيل ٻولين ۾ موجود ملندو. اديب، ڊرامي جي ان بنيادي اهميت کان واقف هئڻ جي ناتي پنهنجي تخليقي ذميداري کي سمجهي ٿو. هو ڊرامي کي سماجي ڪارج لائق بنائڻ لاءِ، معاملن کي چٽو، واضح ڪري فوڪس ۾ آڻي پنهنجي موضوع ڏانهن خلق جو ڌيان ڇڪائي ٿو. شيڪسپيئر، چيخوف، گورڪي، برٽولٽ بريخت، آسڪر وائلڊ ۽ ٻين تمام گهڻن اديبن ڊرامي ذريعي انقلابي صورتحال تيار ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏني آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي حالتن ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي مقدار جي لحاظ کان ڊراما کي فائدو ڏنو آهي. موضوع جي گهرائپ جي مخالف هئڻ جي باوجود ۽ فقط تفريح کي رٿا ۾ شامل ڪرڻ جي سندن انتهائي مجبوري صنف طور ڊراما کي زنده رکيو آهي. ان ڪري قمر شهباز جي هنن ڊرامن جو پهريون ڪارج ته اهوئي آهي، ته انهن سان ڊرامي جي صنف کي زنده رکڻ ۾ مدد ملي آهي ڇو ته ريڊيو پروڊيوسرن جو چوڻ آهي، ته هو ڊرامن لکڻ جي مشين آهي. قمر شهباز، انگريزي ادب جو ماڻهو آهي، سٺو ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ گهڻ پڙهيو شخص آهي، ان ڪري سندس ڊرامن جا موضوع اڻ ڳڻيا آهن ۽ زندگيءَ جي گهڻن ئي پاسن تي روشني وجهن ٿا.

هن مجموعي ۾ سڀئي دلچسپ، تفريحي ۽ ڪل يوگ جي موضوع تي لکيل ڊراما به آهن، ته انهن ۾ ٽرئجڊي به آهي. فرد، ڪٿي ٽٽن ٿا، ڪٿي جڙن ٿا، ڇانو ڇپر ڳولين ٿا، مايوسيون ۽ خوشيون سڀ ڊرامن ۾ موجود آهن ۽ ٻڌندڙ توڙي پڙهندڙ کي متاثر ڪن ٿيون. ڪٿي ڪٿي محسوس ٿئي ٿو، ته قمر شهباز جو ڊرامي ۾ تمام گهڻو مطالعو، سندس ڪردارن تي حاوي ٿئي ٿو. مثال طور ”رشنا“ جو ڪردار، موسو بنهه ڳوٺاڻو آهي ۽ سندس شهر ۾ پڙهندڙ پٽ مانڪ، جيڪو هن جي روح جي ڪل پونجي آهي، پر جڏهن سالن کان پوءِ ڳوٺ موٽي اچڻ وارو آهي، تـــه ريل گاڏي جي حادثي ۾ مري ٿو وڃي ۽ اها خبر جڏهن موسي کي پوي ٿي، ته ڊرامي ۾ اهڙو موڙ اچي ٿو، جيڪو ڪنهن ڳوٺاڻي بدران شهري ڪردار جي نفسيات کي وڌيڪ ويجهو آهي. موسو اسٽيشن تي ڇولا وڪڻندڙ يتيم ٻار رمونءَ کي، پنهنجي مانڪ جي جاءِ تي ڏئي. اهو انساني جذبو آهي ضرور، پر عام ڳوٺاڻي ماڻهوءَ جا جذبا سڌين واٽ وانگر ٿين ٿا، جن ۾ ور وڪڙ ٿين ئي ڪونه. جذبن جي ايتري نفاست، ڪنهن ڏکي عرصي سان ٺهندڙ وڇولي

طبقي جي شهري ماڻهوءَ جي نمائندگي ڪري ٿي.

ٽائيٽل ڊرامو ”واچوڙن ۾ لاٽ“ بنيادي ڪيا ڏيندڙ پرپور ڊرامو آهي. سياسي پارٽين اڄا سنجيدگيءَ سان ان ڳالهه تي نه سوچيو آهي، ته عوام کي سنڌي طرح سنڌس مسئلن جي بنياد تي ڪيئن منظم ڪري انقلابي جذبي سان پري سگهجي ٿو. هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار شهرڪان پڙهيي، سماجي شعور حاصل ڪري کوٽ مولي آيل نوجوان يوسف آهي. هو پيار، پنهنجائپ، سرن ۽ سات جو اهڃاڻ آهي ، ان ڪري کوٽ ۾ پنهنجا ڪافي ساٿي ۽ همدرد پيدا ڪري ٿو وٺي. سنڌس پيدا ڪيل شعور ذريعي کوٺائا قرباني ۽ اجتماعيت مان افائدو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي، خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا، ۽ مڪاني نوعيت جي جدوجهد ۾ سوڀارا ٿين ٿا. هن ڊرامي جو موضوع ۽ ان جو نباهه سنڌي سماج لاءِ بنيادي اهميت جو نياپو رکي ٿو.

قمر صاحب جي ڊرامن جي ڪاميابي کي ڏسندي، اهڙا آس رکڻ اجائي نه ٿيندي، ته هن پائي جو ليکڪ اڳتي هلي عوام جي انقلاب کي پنهنجي ڊرامي جو موضوع بڻائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واچوڙن ۾ لاٽ

سين پهريون

[درياءَ جي لهرن جو آواز – ٻيڙي ۾ ناکئو ۽ هاشم درياءَ اڪري رهيا آهن – ٻيڙي هلڻ جو آواز—]

هاشم – ناکئا! اڄ دريا شاهه جي دهشت ڏسڻ وٽان آهي. لهرن جي لوڏ ۾ ايندڙ ٻوڏ جا آثار ٿا ڀانئجن.

ناکئو – هاشم خان، سنڌو اسان جو ساهه پساهه آهي. هن جي اٿاهه مان ٿي اسانجي اُڃايل ڌرتي پنهنجي پياس ٻجهائيندي آهي. سوڪهڙي تي ساوڪ ائين ايري ايندي آهي، جيئن چونيءَ تي چٽ. صديءَ کان وٺي هي دادلو درياءَ اسانجي درد جو درمان بڻي رهيو آهي.

هاشم – پر ناکئا! هيل مون کي سنڌوءَ جي سير ۾ ڪروڌ جا ڪن ٿا ڏيکارجن. خبر ناهي ڇو؛ هن کان اڳ مون ڪڏهن به درياءَ کان ايڏو خوف نه کاڌو آهي.

ناکئو – هاشم خان، تون تہ پاڻيءَ جو پوُنئرو آهين. ڪنڊيون ڪڏندي پريا پيا اٿئي. تون پاڻيءَ جي پيٽ کان ذري پرزي واقف آهين. هن کان اڳ بہ ڪئي دفعا سنڌوءَ جي سَٽَ، سائيهه کي ساٿو ڪري ڇُڪي آهي، پر هربار اُونهي جي اُٿل، امڙ ڌرتيءَ لاءِ امرت بنجي وئي. تو کي ياد آهي، ڏهاڪو سال اڳ —

هاشم – (کٽيندي) ها ناکئا. مون کي ياد آهي. تنهن سال دريا شاهه ڪنڌيون ڪوري؛ مست اٺ جيان گجندو، رڙندو، راڙو ڪندو، آيري آيو هو. ڇولين جي ڇاڇ ڳوٺ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُوپن جا ڪنڌ نوائي ڇڏيا هئا! وستيون ويران ۽ واهڻ ويرون تـار تي ويـا هئا. ان پـوڏ ۾ منهنجو سڀڪجهه لڙهي ويو هو. رڳو پنهنجا سر بچائي نڪتا هئاسين.

ناڪئو — هن ساڳيءَ دنگيءَ تي مون توهان ڪي درياءَ آڪاريو هو. مون ڪي هنيلي درياءَ جي هيبت اڄ بہ ياد آهي هاشم خان. ائين پئي لڳـو ڄـڻ سنڌو اسان سان سڀ سڱ ٽـوڙي ڇڏيا هئا.

هاشم — سنڌوءَ سان اسان جا سَو سڱ آهن ناڪئا! هن نديءَ سان اسان جـا درد جـا رشتا آهـن. سک جا سوانگ آهن. صدين ڪانءَ هيءَ سرزمين دريا شاهہ کي پنهنجي سينڌ جو سنڌور سمجهندي پئي آئي آهي.

ناڪئو — اسان پاڻيءَ جا پٽ آهيون. پاڻي اسان جي زندگيءَ جو سهارو آهي هاشم خان. جڏهن سياري ۾ دريا شاهہ ايرو تي ويندو آهي، تڏهن اسان جي من جو موتيو ڪومائجي ويندو آهـي. ائين لڳندو آهي، ڄڻ پنهنجوئـي ڪڪو ڪٽس ۾ ڪڪڪي رهيو هجيم. مان انهن ڏينهن ۾ دريا جو ڏک ڏسي ڪونہ سگهندو آهيان. اسـان ميربحر تـہ سنڌوءَ کـي سبز ڏسڻ جـا خواب لهندا آهيون ۽ پـوءِ جڏهن ساوڻ ايندو آهـي ۽ مٿي ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ۾ پاڻي پالوٽ ڪري پوندو آهـي، تڏهن سنڌوءَ ۾ ساهہ پئجي ويندو آهيـــ ۽ پالڪ جوان تي ڪر موڙي اٿندو آهـي. سنڌس انگ انگ ۾ امنگ ڊوڙي ويندا آهـن ۽ مستي موٽي ايندي آهـي. تڏهن لهرن جـي لـوهہ ڏسي منهنجو من جهومي اٿندو آهي. مون ڪي ڇولين جي ڇر تي ڇلڻ ۾ خوشي ملندي آهي.

هاشم — سچ ٿو چوين ناڪئا. دريا جون دادلايون ئـي اسان جي حياتـيءَ جـو اهڃاڻ آهـن. ڪيترن ورهين کان ڪڇو ڪونہ پـڏو آهي. بہ چار داڻا، جـي مينهن وسنديءَ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچائـي رکيا هئاسون، سي بہ هاڻي اچـي پورا ٿيا آهن. پر پاڻنجي ٿـو تہ دريـا اسان جو درد ڄاڻي ويـو آهي . شهر ۾ ڪنهن ٻڌايم تہ هيل مينهن بہ جهجهو وسندو . اي مان آيل هر ڦڙي رحمت هوندي آهي ناڪئا ! ماڻهو مرون، پکي پکڻ تہ آسروندين اکين سان پيا آسمان ڏانهن نهارن. وسڪار ٿي تہ سڪار بہ اوس ٿيندو.

ناڪئو – توهين سڪيءَ وارا آهيو هاشم خان! اسان پاڻـيءَ جـي پانڌيڙن جي حال جي اوهان کي کهڙي ڄاڻ.

هاشم – اٿين ناهي ناڪئا ! پنڌ تہ سيني جـو ساڳيوئي آهي. اسان لنڊيون لتاڙي ڪيچي جـي ڪـولا ڪندا آهيون ۽ توهين لهرون لتاڙي پيٽ جـو پورائو ڪندا آهيو. اهو اسانجو دستور پٺي رهيو آهي.

ناڪئو – ڪالهہ يوسف مونسان پار هليو هو. چوي پيو تہ اسانجي ڏکن جا ڏينهن هاڻي ڄاڻ پورا ٿيا. چريو! نوجوان آهي، کيس کهڙي خبر تہ ڏک جسا ڏانوڻ اسان کي ڏاج ۾ مليا آهن. ست پيڙهيون مانيءَ پـور لاءِ هڻ هڻ ڪندي هاڪاري ويون. اسان جا ماڻ بہ پـريا ڪي پريا. مـوت جي آتل ڪنهن وقت بہ کهلي وجي کهري ۾ آچليندي.

هاشم – يوسف منهنجو پٽ آهي ناڪئا ! پـر سندس ڳالهيون مان خود بہ سمجهي نہ سگهيو آهيان. مون کيس ويلا ڪاٽي پڙهايو. پاڻ کي بکيو رکي بہ کيس تعليم ڏياريم. ان لاءِ تہ پڙهي لکي هو ڪنهن چڱي عهدي تي رسي. هوشيار بہ جهڙس پيو ڪو ورلي هوندو. پـر خبر ناهـي سندس سوچ ۾ کهڙا سـوداءَ سمايل آهـن. هن جون ڳالهيون ٻڌي مان مايوس ٿـي ويندو آهيان. هـو چوي ٿـو تہ محنت ڪش طبقو ئي ملڪ جي پيڙهہ آهـي. ان ڪري هـو عملدار ٿيڻ بـدران ڳوٺن ۾ ڪم ڪندو. مسڪين جـو مان مٿي ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي حياتي وقف ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙدينو.

ناڪئو — ڪالھ مونسان به اھي ئي ڳالھيون پئي ڪيائين. پر مونکي ته ڪجھ به سمجھ ۾ نه آيو. ڀلا اسان غريبن جي ڪھڙي حيثيت آھي جو ڪنھن سان سينو ساھيون. اھي سنڌا ته صدين کان ھلندا اچن. اسان ته رضا تي راضي رھڻ ئي سکيا آھيون ھاشم خان! نئين زماني جا جوان ڀل اکر چا پڙھن ٿا، چون ته آھيون ئي ڪي اسان.

ھاشم — ناڪئا! يوسف جون ڳالھيون برابر منجھائيندڙ آھن، پر خبر ناھي چو ڪڏھن ڪڏھن مونکي ھن جي ڳالھين مان سچائي جو سڳنڌ ايندو آھي. شايد ان ڪري جو مان سنلس پيءُ آھيان.

ناڪئو — پڌو اٿم ته ھن ڳوٺائن کي پاڙھڻ لاءِ ڪو اسڪول به کوليو آھي. پڪي ڪني کي بس ڪڏھن ڪنا پيا—؟ پر اسان مارو ماڻھو. پڙھي آخر ڪنداسين چا؟ اسان جو ته گذران ئي آٽيون ۽ چاڙھيون تي آھي. اسان چا چائون انھن ڳالھين مان.

ھاشم — يوسف چوي ٿو ته اسان جي اياڳ جو ڪارڻ ئي اسانجي اپوجھائي آھي- جھالت سبب ئي اسان جو ملڪ اڳتي وڌي نه سگھيو آھي. جڏھن علم جي روشني ھر طرف ڦھلجي ويندي تڏھن سک جو سچ پيھر آيرندو. ان ڪري ئي ھن شام جي وقت ڳوٺائن کي پڙھائڻ شروع ڪيو آھي.

ناڪئو — چون ٿا ته رئيس کي يوسف جي اھا ڳالھ پسند ناھي- خانوءَ پئي چيو ته رئيس ڏاڍو ڪاوڙيل آھي.

ھاشم — رئيس منھنجو عزيز ٿئي ناڪئا! تفاوت رکو اھو آھي ته ھو پئسي وارو آھي ۽ مان ....

ناڪئو — ائين نه چئه ھاشم خان! تو کي به خدا جو ڏنو سيڪجھ آھي. پنھنجي مچيءَ مانيءَ وارو آھين. ڳوٺ ۾ ھرڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي عزت ڪندو آهي. ڪنهن جسي آڏو هٿ ڪونہ
ٽنگيو اٿئي. ان ڪان وڌيڪ پيو ڇا گهرجئي!

هاشم – ها ناڪئا - اهو بہ برابر آهي. بس! زندگيءَ ۾ هڪ آس هئم تہ يوسف کي پنهنجي اکين سان ڪنهن چڱيءَ عهدي تي ڏسان. پر شايد قدرت کي منهنجي اها آرزو منظور نہ هئي - پڙهي لکي موٽيو تہ سندس خيال ٿي پيا ڏٺم.

ناڪئو – دل نہ لاهہ هاشم خان - جوانيءَ ۾ انسان جوشيلو ٿيندو آهي - ڪجهہ ڏينهن چڙهي ڏينس. جڏهن جولان لٿس تہ پاڻهي موٽي پير تي ايندو.

هاشم – ها ادا - جيڪا رب کي منظور. اجهو ڪناري تي اچي پڳاسين. ڳالهين ۾ تہ پتوئي ڪونہ پيو!

ناڪئو – بس ڀائو - جهونا جوڳي آهيون. سيني جا سور سلي ويهون تہ سال بہ ساعت ٿيو وڃن.

هاشم – چڱو ناڪئا- مان ڀلا هلان ٿو. شهر مان وکر آندو اٿم. وڃي گهر پچايان تہ دير نہ ٿي وڃي. چڱو هاڻي الله نگهبان.

ناڪئو – مولا نگهبان.

سين ٻيو

[هاشم خان گهر ۾ داخل ٿئي ٿو- پيرن جو آواز—]

هاشم – جنت — جنت -- ڪٿي آهين؟

جنت – اجهو هتي آهيان- بورچي خاني ۾. ترسو اچان ٿي.

هاشم – (ٿڌو ساهہ ڀري) اُف! گرمي بہ ڪا گرمي ٿي آهي. کل ٿي سڙي تي وڃي. وَٽو جو ڪونهي تہ هبس نہ ٿيندي تہ پيو ڇا ٿيندو!

جنت – (قدمن جو آواز) اوهان اچي ويا؟ پنهنجي منهن ڪهڙا ويٺا پور پچايو؟

هاشم – جنت، حياتيءَ جو بار آهي جو ڪلهن تي کنيو پيا گهمون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو پـار ويندي، پنهنجي ٻنيءَ مان ٻه ٽيندو ويس. هيل ٻه فصل پيـو تـو سڙي. گرمـي ۾ ڪُڪهه گوئنچ ٿي لوساڻي ڇڏيا آهن. سچ ته صفا ساڙي ٿو وجهي. هن سال ٻه مينهن ڦڙي ڪانه وٺي. شل ڏٺي پنهنجي ٻاجهه ڪري.

جنت — توهان ته اجايو پيا ڳڻتيون ڪيو! جنهن ساهه ڏنو آهي، سو گراهه ٻه اوس ڏيندو. اوکيءَ ۾ اڪيلو ٻه ڪنهن کي ڇڏيو اٿس؟ توهان هٿ منهن ڌوئي وٺـو تـه مـان ماني کڻي ٿي اچان.

هاشم — ٿورو ترس. پيريءَ جـو پنڌ آهـي. ٿوري ۾ ٿڪائي ٿو ڇڏي. ساهه پٽي وٺان ته پوءِ ٿو ٻه گراهه کڻان. اڙي ها! هيءَ وکر آندو ٿي مانءِ، سنڀالي ڏس ته پـورو آهي يا اجا ٻه کي کٽو؟

جنت — پوروئي هوندو. توهان ٿڪجي پيا آهيو. ٿورو آرام ڪيو.

هاشم — هـا هـا. ٺيڪ آهـي. پـلا يـوسف ڪيڏانهن ويو ؟ نظر ڪونه ٿو اچي!

جنت — ان ڇوڪري ته منجهائي وڌو آهي. ڪڏهن سڌي منهن ڳالهائي ٿي ڪونه ٿـو. جڏهن ڏس تڏهن پنهنجي غمن ۾ غلطان آهي.

هاشم — جنت يـوسف کي مون پنهنجي ساهه ڪان وڌيڪ سکيو رکيو آهي. سندس زندگي سنوارڻ لاءِ کيس ڪاليج تائين تعليم ڏيارير. خيال هـوم ته منهنجي پيريءَ جـو سهارو ٿينـدو. ڪا آفيسري وٺـي اسان جـي زندگيءَ جـا سڀ ڏک ڏولاوا لحظي ۾ لاهـي ڇڏيندو. دشمن جي دل تـي داغ ٿيندو. پر — پـر ائين نه ٿيو. هن منهنجا سڀ خواب پيجي پورا ڪري ڇڏيا، منهنجي آس اُجايل ٿي ڇڏي.

جنت — خبر ناهي ڪهڙو جن دماغ ۾ ويٺو اٿس جو ڪنهن جي ٻڌي ٿي نٿو. مونکي ته سندس ڪا ٻه ڳالهه سمجهه ۾ ٿي نٿي اچي. توهان ٻه ته ڪجهه نٿا چئوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاشم — ڇا ڇوانس. هو پڙهيل ڳڙهيل آهي، پنهنجو برو ڀلو خود سمجهي سگهي ٿو. منهنجي ڇوڻ يا نه ڇوڻ سان ڇا ٿو ٿئي.

جنت — توهان جي انهن ڳالهين ٿي ته ڪيس وڌيڪ ڇڙواڳ ڪري ڇڏيو آهي. پيءُ جو چوڻ نه ڪندو ته پوءِ ڪنهن جو ڪندو؟ مان ته ٽيهه سال، ڪجهه ڇوانس ٿي ته ڪلي ٽاري ٿو ڇڏي. ادي سومار جو پٽ به ته سائس گڏ پڙهيو هو، اڄڪلهه هاڻي وڃي پنهنجي روزگار سان لڳو آهي، ماءُ پيءُ جا لايا سجايا ٿي ويا ۽ پاڻ به وڃي سگهيو ٿيو، ايندڙ مهيني جي ستاويهين تاريخ شادي اٿس.

هاشم — يوسف به شادي ڪندو ته پاڻهي نيڪ ٿي ويندو.

جنت — هو ته شاديءَ جي به ڳالهه نٿو ٻڌي. هونئن به ٻڌو اٿم ته هاڻي رئيس سگ ڏيڻ کان نابري واري بيٺو آهي. چوي ٿو ته نڪمي کي ڌيءَ پٽيءَ ڪين ڏيندس.

هاشم — تو غلط ٻڌو هوندو! شهزادي يوسف جي مڱيندي آهي. رئيس راڄ سامهون ڏنل زبان تان ڪونه ڦرندو.

جنت — ڦرندو وري ڇو ڪونه؟ بيروزگار کي ڌيءَ ڏيندو ته وڃي بکون ڪاٽي؟ سگهڙ پٽي ڳالهه ڪئي ته ڇون ٿا ته شهزاديءَ لاءِ ور گهٽا. ڌيءَ تني ڪانهيجو ڏنو وائنو باهه ۾ اڇليونس.

هاشم — ڏاڍي چري آهين جنت، پلا لنئين پاڻي به ڏار ٿيو آهي! رئيس منهنجو مامي جو پٽ آهي. هارو پڇي وري به ٻاري ۾ پوندو. يوسف جيڪڏهن ٻاراڻي پيو ڪري ته ان جو اهو مطلب هرگز ڪينهي ته ڪيس ڪني آگر سمجهي ودي ڇڏجي! جهڙو آهي تهڙو آهيءَ وري به رئيس جو رت آهي. هونئن به شهزادي يوسف کان سواءِ ٻئي هنڌ ڪونه ٻاسيندي.

جنت — شهزادي، ويچاري ڇا ڪندي! نياڻيون ويچاريون ته آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرائي وس.

هاشم — پر جنت، شهزادي ۽ يوسف جو پاڻ ۾ پرائو پريتڙو آهي. هو ڇوليءَ کان هڪ ٻئي کي چاهيندا آهن.

جنت — ويچاريءَ نياڻيءَ جو وٽ ئي چاهوندو آهي. اهي ڳالهيون ته يوسف کي سوچڻ گهرجن.

هاشم — تون هڪ ڪم ڪر جنت.

جنت — ڪهڙو؟

هاشم — تون شهزاديءَ کي گهرائي سمجهاءِ ته يوسف سان ملي ڪيس سمجهائي. مونکي پڪ آهي تہ يوسف شهزاديءَ جي ڪاٻہ ڳالهہ نہ ٽاريندو.

جنت — ٻہ ٽي ڏهاڙا اڳ شهزادي مون وٽ آئي هئي، ويچاري ڏاڍي ملول پئي لڳي. مونسان ملي تہ هيانءَ ڦسي پيس، سڏڪا ڀري روئي پئي. يوسف جي ٻي رخيءَ کيس ڏاڍو ڏکايو آهي.

هاشم — تون ڪيس هڪ وار يوسف ڏانهن موڪلي تہ ڏس. هو شهزاديءَ کي دل جي گهراين سان چاهيندو آهي. شايد سندس ئي ڳالهہ مڃي.

جنت — خير، مان ڪوشش ڪنديس. پر توهان بہ رئيس وٽ وڃو تہ چڱو. ٻڌو اٿم تہ رئيس آپي کان ٻاهر نڪتو ٿو وڃي. توهان جي مڙئي عزت ڪندو آهي. لنگهي ويندؤس تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ مرم ماريندس.

هاشم — چڱو، مان سياڻي ئي رئيس ڏانهن ويندس. ڪچي جو پنڌ آهي ڏکيرڙو، ان ڪري پيو ڪيباپان ؛ خانوءَ کي چئجانءِ تہ صبح سان گهوڙي سنجي ڇڏي. مان رئيس کي سمجهائڻ لاءِ وٽس هلي ويندس. وري بہ جيڪا مالڪ جي رضا. چڱو هاڻي تون ماني رک تہ مان هٿ منهن ڌوئي وٺان. (اٿي ٿو —).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سين ٽيون

[يوسف پنهنجي ساٿين سان —]

يوسف – ساٿيو! ڪالهه اسان آزاديءَ جي باري ۾ ڳالهايو هئو.
اڄ مان توهان کي ”همت“ جي متعلق ڪجهه ٻڌائيندس.
”همت“ اها وصف آهي، جا آزاديءَ کي جنم ڏئي ٿي،
۽ خوشحالي کي پالي ٿي.
همت سچائيءَ جي سهيلي ۽ سورهيائيءَ جي ساکي
آهي. ارڏا ڏونگر، اوچا پهاڙ، عميق سمنڊ ۽ پرخطر پيچرا
همت جي هٿيار اڳيان هيچ ۽ ڪمزور آهن. انسان صدين
کان ڌرتيءَ جي سيني تي هر ڪاهيندو پئي رهيو آهي.
زمين جا لڪل خزانا ڳولڻ لاءِ هن اونهي ۾ اهري ڏٺو
آهي. آپ تائين آڏامي آڪاس ۾ جهاتي پائي نهاريو آهي.
۽ اڄ جيڪڏهن انسان عظيم آهي ته صرف ان ئي هڪڙي
ڳڻ سبب. اڄ اسان کي گڏجي اهو عهد ڪرڻو آهي ته
پنهنجي پياري وطن خاطر، آزاديءَ جي اوج خاطر، خوشي
۽ خوشحاليءَ خاطر، ڪڏهن به، ڪنهن به موڙ تي اسانکي
پنهنجي حياتيءَ جو داءُ لڳائڻو پيو ته ڪلندي جان ڏينداسين
۽ همت ۽ بهادريءَ جو بي مثال باب دنيا وارن لاءِ
ڇڏي وينداسين.

جانو – يوسف: تنهنجي سهڻن خيالن اسان ڳوٺائن ۾ نئين زندگي
پيدا ڪري ڇڏي آهي. هڪ نئين سوچ اسان جي ساهه
۾ سمائي ڇڏي آهي. هن کان اڳ اسان راهه جا پٿر
هئاسين، بيٺل پاڻي هئاسين، خاموش خواب هئاسين، پر
تنهنجي علم اسان جي عمل ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي، هاڻي
اسان گهڻو ڪجهه سکي ۽ سمجهي چڪا آهيون.

يوسف – جانو، منهنجا يار، مون ڪجهه به نه ڪيو آهي. اهو ته
فرض جو سڏ هو جو صدين کان صحرائن ۾ گونجندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي رهيو، پر ڪو سڌ اونائن وارو ڪونه هو. سڌ پڙاڏو
بڻجي ڦهلجندو رهيو ۽ پولار جا پاڇولا ورهين کي ويڙهيندا
ويا. ظلم جي ڪاري رات اينگهندي وئي. زندگيءَ جا
قافلا درد جي صحرا ۾ ڀٽڪندا رهيا. ۽ پوءِ مون اهو
سڌ سڃاتو. اهو تہ مون کي ئي پڪاري رهيو هو. اهو
اسان سڀني کي پڪاري رهيو هو. مون صرف پنهنجي
فرض جي آواز کي اونايو آهي.

جانو – تو اسان کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي منهنجا پيا؛ اسان
غريب مفلس ڪوناٽا، غربت کي پنهنجو مقدر سمجهي،
هميشه صبر سان زندگيءَ جو زهر پيئندا رهياسين. اسانجي
بي حسي، اسان جي بي وسي بڻجي پئي. اسان مٿان پيڙا
جا پهاڙ ڪري پيا، سورن جا سمونڊ اٿلي پيا. پر اسان
تڏهن بہ خاموش رهياسين. قسمت جي بيدرد تهن کي
زندگيءَ جو سرمايو سمجهي ستائي رهياسين. تو جاڳ
جي واڪ موڙي اسانکي اگهور ننڊ مان بيدار ڪيو آهي.

يوسف – بيداري روشنيءَ جي لاٽ آهي. لاٽ سان واٽ جرڪي
پوندي آهي. ٻڌي ۽ ايڪي سان پهاڙ بہ پرزا ٿي
ويندا آهن. مان چاهيان ٿو تہ منهنجي وطن جا سڀ
محنت ڪش علم جي جوت هٿن ۾ کڻي اونداهن پيچرن
تي نڪري پون. جوت سان جوت جلندي رهي ۽ پوءِ
هڪ ڏينهن اوچتو آجرو صبح ايري ايندو. اسان سڀني
جي خوشين جو صبح، وطن جي واهرن جي امنگن جو
صبح، آزاديءَ جي متوالن جو صبح.

گلن – پر يوسف پيا! اسان تمام ٿورا آهيون! اسان ايڏو سارو
ڪم ڪيئن ڪري سگهنداسين؟

يوسف – سچائيءَ جي واٽ جا پانڌيئڙا شروع ۾ ٿورا ئي هوندا
آهن گلن پيا! مون پنهنجي زندگيءَ جون سڀ خوشيون،
سڀ ارمان ۽ امنگون، وطن جي جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. سان پڙهيل آهيان، نوجوان آهيان ، پڄنديءَ وارو آهيان. چاهيان ها ته ڪا چڱي نوڪري حاصل ڪري پنهنجي حياتي سکي گذاري سگهان ها. پر نه! مون پنهنجي لاءِ گلن جي سيج بدران ٻاهري ڪنڊ وارو پيچرو چونڊيو آهي.

گلڻ — پر آخر ڇو—؟

يوسف — ڇو—؟ منهنجا اڀوجهه ساٿي! مون سيج ڇڏي، سوريءَ کي گهر لاتو آهي. اهو ان ڪري جو مان چاهيان ٿو ته منهنجي وطن مان ڏک ڏولاوا ، بيروزگاري تيستائين ختم نه ٿيندي. جيستائين اسان سڀ محنت ڪش پاڻ ۾ گڏجي جدوجهد ۽ ڪوشش نه ڪنداسين. اسان جو ملڪ غريب سهي، ڏکيو سهي، بکيو سهي، پر منجهس قرب جا قرار آهن. سچائي ۽ خلوص آهي. مان ان قرب، خلوص ۽ سچائيءَ کي سموهي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ٿو چاهيان. مان توهان جي محبت ۽ محنت جي مهڪار کي ملائي خوشين جي خوشبو هرسو ڦهلائڻ ٿو چاهيان.

حيدر — اسان کي تو تي ويساهه آهي يوسف ، تنهنجي هر اشاري تي جان ڏيڻ کان به نه ڪيٻائينداسين. پر— پر تنهنجي خوابن جي تعبير ڪهڙي آهي يوسف —؟

يوسف — اسان جي ملڪ ۾ جهالت گهر ڪري وئي آهي حيدر! اسانجي ڳوٺن ۾ وسندڙ هاري ناري گهڻو ڪري سڀ ئي اڻ پڙهيل آهن. بي علم هئڻ سبب هو نه رڳو ترقي يافته قومن کان پٺتي رهجي ويا آهن، پر هو غريب پڻ رهجي ويا آهن. دنيا ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پهتي آهي ، پر اسان جا عام ماڻهو ماڻيءَ ڳيي جي ڳولا ۾ قاتل آهن. مان چاهيان ٿو ته انهن ۾ علم جي روشني اچي. پنهنجا فرض ۽ حق سڃاڻڻ جي ساڃهه پيدا ٿئي. ٻين تي ياڙڻ بجاءِ هو پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي ٽڪيو ڪن. مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو بہ چاهيان ٿو تہ اسان جي سماج مان بک، بيماري، بيڪاري ۽ بدڪاري هميشه هميشه جي لاءِ ختم ٿي وڃن.

جانو — پر يوسف! اهو تہ پهاڙ جو پنڌ ٿيو. ان لاءِ تہ وڏين قربانين جي گهرج آهي.

يوسف — ها جانو! آزادي قربانيون گهرندي آهي. آزاد قومون پنهنجي خون سان خوشيون ملهائينديون آهن، جهڙيءَ طرح سون سڀڪجهہ تياڳيو آهي، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اسان جا پيا نوجوان بہ قربانيون ڏئي، پنهنجي ذاتي فائدن کي ڇڏي، عام ماڻهن جي عظيم ڀلائيءَ خاطر ميدان ۾ ڪاهي اچن تہ جيڪر هي ملڪ گلزار بنجي پوي.

حيدر — اسان اڻ پڙهيل ضرور آهيون يوسف! پر اڻ سمجهہ ناهيون. تو واقعي وڏي قرباني ڏني آهي. پر پير پٺتي اسان جو بہ نہ ڏسندين.

جانو — ها يوسف! جانوءَ جي جان هر وقت تنهنجي لاءِ حاضر آهي.

گلڻ — ادا، گلڻ کي ڇو ٿا وساريو! اسان سڀ يوسف سان آهيون. جيڪي چوندو اسان ائين ئي ڪنداسين.

چريو — (ٽهڪ) ها— ها—ها! طوفان پيو اچي! ها ها ها — طوفان —! سخت طوفان — محل محلاتون ڍاهيندو— ڪڙڪا ڪندو— ڪاهيندو پيو اچي! ها— ها— ها—!

يوسف — اهو ڪير آهي—؟

جانو — ڪو چريو آهي. ڪجهہ ڏينهن کان ٻاهر وڻ هيٺان اچي ديرو ڄمايو اٿس. هو ڏس! هو هيڏانهن اچي رهيو آهي.

چريو — (اندر اچي ٿو) توهان ٿا ڏسي سگهو— مان ڏسان ٿو— مان سڀڪجهہ ڏسان ٿو! پاڻي — پاڻي — هرطرف پاڻي آهي. چر متان چر پٺي وري — ها—ها—ها—ا!

يوسف — تون ڇا ٿو چوڻ چاهين بابا؟

چريو — مان جو ڪجهہ ڏسان ٿو — اهو ڏسو! اکيون کوليو— نهاريو. هو طوفان ڏسو— ڀيانڪ طوفان! ڪارنهن ڪارونيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوندهہ انڌوڪار ـ هـــاـــهاـــها.

يوسف ـ سچ ٿو چوين بابا! اسان جون اکيون ڪليل تہ آهن ـــ پر ڏسي نٿيون سگهن؛ ڪن آهـن، پڌي نـٿا سگهن؛ ذهن آهن، سمجهي نٿا سگهن! اينديءَ وقت اسان لاءِ غمن جا پهاڙ ڪنيو پيو اچي، ۽ اسان اجا بيخبر آهيون.

چريو ـ هاـــهاـــها ـــ شاباس! تون سيني ۾ سچائي ٿو ڏسجين! سڀ بـار تنهنجي ڪلهن تـي آهن؛ سڀ بـار تنهنجي ڪلهن تي آهن ـــ سڀ بار تنهنجي ــــ (وڃي ٿو).

يوسف ـ چـريو سياڻپ جا ٻول ٻـڌائي رمندو رهيو. اينديءَ وقت ڪيڏو نہ ڀيانڪ آهي؛ اهو سوچي منهنجي تہ لونءِ لونءِ ڪانڊارجي وئي آهي. اسان کي ڪجهہ ڪرڻو پوندو ـــ اسان کي ضرور ڪجهہ ڪرڻو پوندو.

تـوهان ويهي پنهنجو سبق يـاد ڪيو، مان اجهو آيس. (ٻاهر ٿو وڃي). (يوسف جي پيرن جو آوازـــ)

شهزادي ـ يوسف!

يوسف ـ (ڇرڪي) شهزادي! تون؟

شهزادي ـــ ها، مان.

يوسف ـ پر ـــ تون هتي ـــ؟ اڪيلي!

شهزادي ـ تنهنجي ڳـولا ۾ مونکي آڪاس جـي آتاهين تائين بہ وڃڻو پوي تہ جيڪر انڪار نہ ڪيان.

يوسف ـ تو منهنجو مطلب نہ سمجهيو شهزادي! در اصل تـو کي هتي ڏسي مون کي.... خير؛ ڇڏ انهن ڳالهين کي. ڪنهن سان آئي آهين؟

شهزادي ـــ سڏ پنڌ تي ئي تہ ڳوٺ آهي. اسان آئـي هئي حڪيم کي پاڻ ڏيکارڻ. مـان بـہ ساٿس ڪجائي ۾ هلي آيس. سوچيم؛ توسان ملي ڇڏيان. ڪو وقت هو جو هر رات جو اهو پنڌ لتاڙي مونسان ملڻ ايندو هئين. پر هائي ـــ هائي تون بدلجي ويو آهين يوسف!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوسف ـ نہ شهزادي! اها ڳالهہ ناهي۔ در اصل..........
شهزادي- مونکي بهلائڻ جي ڪوشش نہ ڪر يوسف! تون مون کان نظرون ڦيري ويو آهين۔ منهنجي محبت رڻ جي رڃ ۾ ازل جي اُڃ متائڻ لاءِ ڀٽڪي رهي آهي ۽ تـون ماڳر مٿي هليو ٿو وڃين۔
يوسف ـ شهزادي !
شهزادي- مان ڪيڏي نہ پوري هيس۔ تنهنجي مرڪ کي سڪ جي سرڪ سمجهي اندر ۾ اوتي ڇڏيم۔ تنهنجي چاهہ کي ساهہ ۾ سمائي، زندگي کي زنجير پهرائي ڇڏيم- تنهنجي پيار کي سار سمجهي مـن ۾ مڙهي رکيم۔ پر تـون تہ ڪنهن پيءَ مڌ جو متوالو هئين۔ جڏهن نينهن نڀائڻ جي ويل آئي، تڏهن دل ۾ درد سمائي منهن موڙي وئين ـــ!
يوسف ـ شهزادي! مونکي غلط سمجهڻ جـي ڪوشش نہ ڪرـــ منهنجي پريت ڪنهن ريت جي محتاج ناهي۔ نيڻن جي محبت من ۾ ميخون بنجي کپي وئـي آهي۔ مان تو کي وسـارڻ مـوت کان وڌ اذيتناڪ تـو سمجهان۔ منهنجي مجبورين کي بيوفائيءَ جو الزام نہ ڏي شهزادي۔
شهزادي- آخر ڪهڙي مجبوري آهـي يوسف! ڪجهہ مان بہ تہ ٻـڌان ۔ مـان تنهنجي مڱيندي آهيان ـ ڇـا مونکي اهو سيڪجهہ ڄاڻڻ جو ڪوبہ حق ناهي؟
يوسف ـ شهزادي! فرض ڪڏهن پيءُ بنجي پڪاريندو آهي، ڪڏهن ماءُ بنجي مـدد لاءِ سڏيندو آهـي ، ڪڏهن جوت بنجي جرڪندو آهي، ڪڏهن جوالا بنجي جلائيندو آهي۔ توسان منهنجو پيار لازوال آهـي ، منهنجي محبت امـر آهي ، منهنجي چاهت چري آهي ۽ منهنجي پريت پاڳل آهي۔ پرـــ! منهنجي نبل ڪلهن تي ڪي پيا بہ بار آهن۔
شهزادي- پر تو ڪڏهن بہ اڳ اهڙي ڳالهہ ڪانہ ڪئي هئي يوسف!
يوسف ـ ڪلهہ ۽ اڄ ۾ وڏو فـرق هوندو آهـي شهزادي! ڪلهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي سوچ سانيتڪي هئي. اڄ منهنجي من ۾ مهراڻ موجون ماري رهيو آهي. ڪلهه احساس جي آڏام اڌوري ۽ اڻپوري هئي. اڄ چاڻ جا ٻاڻ اونداهين ۾ آڏري هليا آهن.

شهزادي– مونکي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي! تون — تون ايترو ڏاريو ڇو ٿي ويو آهين يوسف! تومان پيار ۽ پنهنجائپ ڪيڏانهن غائب ٿي وئي؟

يوسف – شهزادي! هيءَ ڌرتي منهنجي ماءُ آهي. جنهن مٿيءَ مان آسريا ۽ آپريا آهيون ۽ جنهن مٿيءَ ۾ مرڻ پڇاڙان مونئي ويندا سين؛ سا مهربان ماءُ ڏکن ۾ هجي ۽ اسان خودغرض پنهنجا نيڙا سک ڳوليندا وتون — اهو ڪٿان جو انصاف آهي؟ منهنجي وطن کي منهنجي خدمت ۽ قربانيءَ جي ضرورت آهي. علم جي روشنيءَ مون کي اهو ئي سيکاريو آهي. مون فيصلو ڪيو آهي ته مان هنن مسڪين غريب انسانن جي دکي زندگيءَ ۾ خوشيءَ جي جوت جلائڻ لاءِ زنده رهندس.

شهزادي– پر يوسف منهنجو پيار؟ منهنجي پريت؟ ڇاتون سڀڪجهه ڀلائي ڍينين؟

يوسف – نه شهزادي! مان توکي ڪيئن ڀلائي سگهندس! تون منهنجي سيني ۾ ساهه بنجي رهندينءَ؛ نيڻن ۾ نير بنجي ڇلندينءَ؛ دل ۾ درد بنجي جيئندينءَ— ! مان پنهنجي محبت جي موهه تي مکن، حالتن جون سختيون سهندو رهندس! ۽ پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن اميدن جو سورج اڀري ايندو، تڏهن مان چپ چاپ تنهنجي قدمن ۾ پنهنجو سيس نوائي ڇڏيندس. چئه شهزادي — چئه ته تون منهنجو انتظار ڪندينءَ؟

شهزادي– (روئندي) يوسف! هي توکي ڇا ٿي ويو آهي! تون ايترو بدلجي ڇو ويو آهين؟ منهنجو پنهنجو يوسف ڪاڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦيو ــ؟ ڪاڏي ويو ؟ (سڏڪا).
يوسف ــ مون تي ڀروسو رک شهزادي، مان تنهنجو آهيان؛ تنهنجوئي رهندس. منهنجي حياتيءَ جي پل پل تي تنهنجي يادن جا پاڇولا ڇانيل آهن. مون کي صرف ٿوري مهلت ڏي. مونکي پنهنجي وطن سان ڪيل وچن نڀائڻ ڏي.
شهزادي ــ (سڏڪندي) جيڪڏهن تون منهنجي محبت جو ايڏو سخت امتحان وٺڻ ٿو چاهين ته پوءِ مون کي به ثابت قدم ڏسندين .
يوسف ــ چڱو شهزادي ! هاڻي تون وڃ ، دير ٿي وئي آهي؛ خدا حافظ .
شهزادي ــ خدا حافظ ــــ.

سين چوٿون

[هاشم جو گهر ــ در تي کڙڪو ــ جنت جي پيرن جو آواز ــ در کلڻ جو آواز ــــ]

جنت ــ توهان موٽي آيا ــــ؟ جلدي اندر اچو! گرميءَ ۾ ڪهڙو نه حال ٿيو آهي اوهان جو!
[پنهي ڄڻن جي قدمن جو آواز ويجهو اچي ٿو ــــ]
جنت ــ رئيس وٽان ٿي آيئو ــــ؟
هاشم ــ (اداس لهجي ۾) ها جنت، رئيس وٽان ٿي پيو اچان .
جنت ــ چو خير ته آهي نه ؟ ڇا چيو رئيس؟ توهان ڪجهه ملول پيا ڏسجو!
هاشم ــ (ٿڌو ساهه) ها جنت! جڏهن قسمت ساٿ ڇڏي ڏئي تڏهن پنهنجا به پراوا ٿي بيهندا آهن ! رئيس صفا جواب ڏئي ڇڏيو.
جنت ــ جواب ڏئي ڇڏيو! پر ــــ پر توهان نه چيو هو ته....
هاشم ــ مون غلط چيو هو جنت؛ خبر ناهي ڇو مون سڄي عمر غلط فيصلا ٿي ڪيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنت – اوهان نا اميد نہ ٿيو. خدا مڙني چڱي ڪندو. رئيس آخر ڇا چيو؟

هاشم – رئيس اڳهين ئي ڀريو ويٺو هو. مونکي ڏسي مچرجي ويو! يوسف کي تمام گهڻ وڏ ڳالهايائين. چي، ”يوسف نڪمو آهي، بيروزگار آهي. غندن ۽ بدمعاشن جو ٽولو وٺي وتي ٿو ماڻهن کي گمراه ڪندو“.

جنت – پر توهان کيس سمجهايو ڇو ڪونہ؟

هاشم – مون وسان ڪين گهٽايو. چيم، ”يوسف اڃان ٻار آهي، انگريزي تعليم مٿس خراب اثر ڪيو آهي! جوابدارين جا بار پوندس تہ سيڪجهہ وسري ويندس.“ پر هن هڪ بہ نہ مڃي!

جنت – هڪ بہ نہ مڃي—؟ ڇا چيائين؟

هاشم – چيائين تہ هو شهزاديءَ کي هڪ ڪنگال ۽ ذهني بيمار جي پلئہ سان هرگز ڪونہ ٻڌندو. هو سندس شادي ڪنهن ٻئي هنڌ ڪري ڇڏيندو. مون گهڻوئي ڇيومانس. پر هن کي منهنجي اچي مٿي جو بہ شرم نہ پيو. هو چند خوشامدڙين جي هٿ ۾ رانديڪو بنجي ڪيڏي رهيو آهي.

جنت – پر ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ شهزادي ۽ يوسف هڪٻئي کانسواءِ رهي ڪونہ سگهندا . مان ماءُ آهيان، مون کي ڄاڻ آهي تہ منهنجي يوسف جي نس نس ۾ شهزادي سمايل آهي. هو ڪيڏو بہ ارڏو سهي، پر شهزاديءَ جو پيار هن جي هر فيصلي تي ڇانيل رهندو.

هاشم – اهو تہ مان بہ ڄاڻان ٿو. پر رئيس دولتمند ماڻهو آهي. دولت جو نشو دنيا جا سڀ رشتا ڀلائي ڇڏيندو آهي جنت!

جنت – يوسف کي اها ڄاڻ پوندي تہ هو ڪٿي ڪو غلط ڪم نہ ڪري ويهي ! توهان ڪنهن نموني في الحال يوسف کان اها ڳالهہ لڪايو . منهنجو ٻچڙو اهو غم برداشت ڪري نہ سگهندو. هن جي دل ٽٽي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(يوسف لاڇي ٿو—.)

يوسف – امان! تون ڪو به غم نه ڪر! يوسف پنهنجي پيار جي صدقي هڪ ڇا، هزار شهزادين جي جدائيءَ جو غم به سهي ويندو.

جنت – يوسف! هي تون ڇا چئي رهيو آهين—؟

يوسف – ها امان! منهنجو نئون پيار!

جنت – نئون پيار—؟

يوسف – منهنجو اٿاهه پيار! منهنجي وطن جي پوِنءَ سان! هر مٽيءَ سان؛ جنهن مون کي، تو کي، اسان سڀني کي جنم جنم ڏنو! جا اسان لاءِ سون ورنا سنگ ڪڍي ٿي ۽ ننگ ڍڪي ٿي. جا صدين کان اسان جي جيجل آهي ۽ قيامت تائين پنهنجو جهول پنهنجي ٻچڙن لاءِ پريل رکندي! مون پيار ڪيو آهي امان؛ هن جيجل ماءُ جي ڏتڙيل اولاد انسان سان! مان محبت ڪئي آهي مزدور ۽ محنت ڪش هاريءَ سان! مون پريت ڪئي آهي پيڙهيل طبقي سان! مان دنيا جي هر آسائش ان پيار جي شمشان ۾ اوتي ڇڏيندس.

جنت – يوسف! پٽ تو کي ڇا ٿي ويو آهي—؟ شهزاديءَ جي جدائيءَ جو غم نه اٿئي؟

يوسف – امان! مون شهزاديءَ سان امر ۽ لازوال محبت ڪئي آهي. هوءَ منهنجي روح جي راڻي آهي؛ دنيا جي ڪا به طاقت هن کي مون کان جدا ڪري نه سگهندي. پر فرض جو قرض لاهڻ کانسواءِ مان هن سان لائون ڪيئن ٿو لهي سگهان!

جنت – ٻچا! ڪجهه ته اسان جي عزت جو به خيال ڪر! ماڻهو ڇا چوندا؟ لوڪ آکريون ڪندا! جيترا وات اوتريون ڳالهيون! اسان ته ڪنهن کي به منهن ڏيکارڻ جي قابل نه رهنداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوسف – تون کي به فڪر نه ڪر امان ! هڪ نه هڪ ڏينهن توکي ضرور مونتي فخر ٿيندو. مان توکي يقين ٿو ڏياريان امان، ته منهنجو ڪو به ڪم اهڙو نه هوندو جنهن سان اوهانجي مون ۾ اعتماد کي ٺيس پهچي. مون پنهنجون راهون ۽ منزلون تمام خبرداريءَ سان چونڊيون آهن. منهنجو ڪو به قدم پڇتاءَ جي پيچري ڏانهن نه ويندو امان.

جنت – ابا شل جوانيون ماڻين. شل وار به ونگو نه ٿيئي. مون ماءُ جون دعائون هميشه توسان ساڻ رهنديون. تون جو ڪجهه به چاهين ٿو، شل خدا توکي پنهنجي نيڪ مقصدن ۾ ڪاميابي عطا ڪري.

يوسف – منهنجي مٺڙي امان !

جنت – شل دشمن دفع ٿيني بچا.

هاشم – يوسف نيڪ ٿو چئي جنت! مون سندس خيالن کي پروڙي ورتو آهي. هو ذتڙيل انسان جو واهرو ٿي ميدان ۾ آيو آهي. اسان کي گهرجي ته سندس نيڪ ڪم ۾ ساٿ ڏيون.

يوسف – بابا !

هاشم – ها ! پٽ! پنهنجي پيڙهي ۽ ناتوان پيءُ کي تون هميشه پنهنجو مددگار پسندين. رئيس دولت جي نشي ۾ چور آهي. هن کي اها به چاڻ نه پئجي سگهي آهي ته وقت ڪيترو نه بدلجي چڪو آهي. اڄ جو انسان دولت جو نه، انسانيت جو ڳولائو آهي.

يوسف – بابا ! توهان جون ڳالهيون ٻڌي منهنجو ته روح جهومي اٿيو آهي. مان – مان هي خواب ته نه ڏسي رهيو آهيان!

هاشم – يوسف! پٽ، تو ڳوناڻن کي تعليم ڏئي ، هن قوم جي وڏي خدمت سر انجام ڏني آهي. جنت! يوسف پنهنجي ساٿين جي مدد سان ڪچي وارو رستو ٺاهي راس ڪيو آهي. ان رستي نهڻ ڪري خبر اٿئي ڳوناڻن کي ڪيڏو سک ٿي پيو آهي. هرڪو هٿ کنيون پيو يوسف کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعائون ڏني.

يوسف - اوهان جون دعائون آهن بابا. هي سڀڪجهه اوهان جي آسيس جو نتيجو آهي.

هاشم - ۽ ها پٽ! ڪلهه مان دريا پار ويو هوس. ناڪئي پئي چيو ته هيل درياهه ۾ ڏاڍيو چاڙهه آهي. تي سگهي ٿو ته آٿل اچي.

يوسف - مونکي پڻ درياهه ۾ چاڙهه جي خبر آهي بابا! چون ٿا ته هن سال سخت ٻوڏ اچڻ جو امڪان آهي.

هاشم - اها ته ڏاڍي خراب ڳالهه ٿي. گذريل ڪيترن سالن کان ليٽ نه آئي آهي. جيڪڏهن هن سال آئي ته ڏاڍي تباهي ٿيندي.

يوسف - توهان ڪو به فڪر نه ڪيو بابا! مون فيصلو ڪيو آهي ته پنهنجي ڳوٺ کي ٻوڏ کان بچائڻ خاطر به هڪ مضبوط بند ٻڌو وڃي.

هاشم - پر اهو ڪم تون اڪيلي سر ڪيئن ڪري سگهندين.

يوسف - مان اڪيلو ناهيان بابا! مون پنهنجي دل جو دک درد ڳوٺ جي ٻچي ٻچي کي ورهائي ڏنو آهي. مون کين سمجهايو آهي ته زندگي ٻين خاطر جيئڻ جو نالو آهي. ڪنهن جي غم ۾ شامل ٿيڻ انسانيت جو پهريون شرط آهي. مون هر ڳوٺائي جي دل ۾ محنت، سچائي ۽ خلوص جي شمع جلائي آهي. هو سڀ مونسان شامل آهن. پوءِ ڀلا مان اڪيلو ڪيئن ٿو ٿي سگهان.

هاشم - خدا توهان کي توفيق ڏيندو پٽ.

يوسف - گهڻن ڪنئي چپر ڪجيو وڃي. ڦڙي ڦڙي ملي سمونڊ ناهي ٿي ۽ ذرو ذرو گڏجي صحرا بنائي ٿو. ٻڌي ۽ ايڪي سان هر مصيبت جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو بابا.

هاشم - پر پٽ! رئيس جو ڳوٺ ته درياهه جي بنهه ويجهو آهي. آٿل آئي ته سڀ کان پهريون سندس ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوسف ـ رئيس کي ان جو ڪڏهن به احساس نه ٿيو آهي، ته هو هميشه خوشامدڙين جي گهيري ۾ گهيريل رهندو آهي. هن کي ڪهڙي ضرورت پئي آهي جو ويهي ڳوٺ وارن جي ڳڻتي ڪري.

هاشم ـ جيڪڏهن پوڙ آئي ته رئيس جو فصل تباهه ٿي ويندو! سندس ڪوٺ پڌي ويندو! آخر هو سمجهي ڇو نه ٿو!

يوسف ـ اهڙن ماڻهن جسي اکين تي انڌ جا پردا چڙهيل هوندا آهن. هو صرف حال لاءِ جيئندا آهن. مستقبل هنن جي لاءِ ڪا به معنيٰ نه رکندو آهي! ۽ پوءِ جڏهن ڪا آيڙا اوچتو اچي ڪڙڪندي آهي، تڏهن سندن غرور ڪچي ڪچ جيان چور چور ٿي اچي پٽ پوندو آهي.

هاشم ـ پر تڏهن به پٽ، اسان جو فرض آهي ته رئيس کي ايندڙ خطري کان آگاهه ڪيون ۽ مدد جو هٿ ڊگهيريون.

يوسف ـ مون پاڻ اهوئي سوچيو آهي بابا! مان اڄ ئي رئيس ڏانهن وڃان ٿو. ڏسان ته هو ڇا ٿو چئي!

جنت ـ يوسف پٽ، رئيس اٿئي مڙئي کهرو ماڻهو. ڀلا نرميءَ سان ڳالهائجانس. چوندا آهن ته جي مڙيا سي جڙيا.

يوسف ـ تون ڪو به خيال نه ڪر امان! مان پنهنجي راهه پاڻ کولي ڇڏيان. چڱو امان هاڻي دعا ڪج.

جنت ـ ابا ڀلي خدا ويرون وير وڌائيندئي.

سين پنجون

[رئيس جي اوطاق ـــ]

رئيس ـ هون، ته اها ڳالهه آهي. ڇئبو ته هاشم خان موڪليو اٿئي؟

يوسف ـ چاچا! مان پاڻ تو هان سان ملڻ لاءِ آيو هوس. دراصل مونکي توهان سان ڪي ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن.

رئيس ـ يوسف! مان توکي صاف صاف ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته مون جيڪو فيصلو ڪيو آهي، ان تان هرگز ڪونه هٽندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن تون مون کي مڃائن آيو آهين ته بهتر آهي ته هتان ئي موٽي وڃ.

يوسف — پر چاچا! جيتوڻيڪ في الحال مونکي ان قصي کي ڇيڙڻ جو ڪو به ارادو ڪونهي، تنهن هوندي به مان اهو ضرور چوندس ته شهزادي منهنجي مڱيندي آهي.

رئيس — يوسف! اهو نه وسار ته تون رئيس احمد خان جي سامهون بيٺو آهين. منهنجو فيصلو پٿر تي ليڪ آهي. مان شهزاديءَ جي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي کيس ماري ڇڏيندس، پر تو جهڙي رولوءَ جي پاند سان هرگز ڪين ٻڌندس.

يوسف — چاچا، مان توهانجي نگاهن ۾ برو سهي، بدڪار سهي، نڪمو ۽ بيڪار سهي. پر گستاخي معاف! زندگي شهزاديءَ کي مونسان گڏجي گهارڻي آهي ۽ منهنجي خيال ۾ هوءَ پنهنجو برو ڀلو خود سمجهڻ جي قابل آهي.

رئيس — (رڙ ڪري) يوسف! ان کان اڳ جو مان تنهنجي زبان ڇني ڪيدان، هتان نڪري وڃ. ٽري وڃ منهنجي نگاهن کان! مان تنهنجي صورت ڏسڻ نٿو چاهيان.

يوسف — هليو ويندس چاچا! پر پهريون مونکي چوڻ ڏيو ته توهان تڪڙ ۾ غلط فيصلو ڪري رهيا آهيو! زمانو بدلجي چڪو آهي. زماني جون تقاضائون بدلجي چڪيون آهن. توهان غلاميءَ جي دور جا يادگار آهيو! اسان آزاديءَ جي کليل فضائن ۾ جنم ورتو آهي. توهان نوڪر شاهيءَ جا مات ٿيل مهرا آهيو، اسان بيباڪي ۽ بهادريءَ جا نمونا آهيون. توهان سڄي زندگي ٻين جي ٻل تي ادنيٰ حياتي گذاري آهي! اسان پنهنجي هٿن سان نئين جوت جلائي آهي! توهان ۽ مون ۾ اهوئي فرق آهي، جيڪو ڪلهه ۽ اڄ ۾ آهي. جيڪو غلامي ۽ آزاديءَ ۾ آهي.

رئيس — بيوقوف ڇوڪرا، منهنجي سامهون زبان درازي ڪندي توکي ڪو به خوف نٿو ٿئي—؟ منهنجي ناليءَ کان وڏا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏا رهزن ڪنبندا آهن ۽ تون -- تون بيخوف بيهي مونسان مهاڏو ٿو اٽڪائين! تنهنجي اها همٿ!

يوسف - چاچا! مون پهريون ئي عرض ڪيو هو ته مان شهزاديءَ جي باري ۾ توهان سان ڳالهائڻ نه آيو آهيان.

رئيس - ته پوءِ آخر ڇو آيو آهين هتي--؟

يوسف - ان لاءِ ته توهانکي ايندڙ خطري کان آگاهه ڪيان.

رئيس - خطرو؟ ڪهڙو خطرو--؟

يوسف - خبر ملي آهي ته هن سال دريا چڙهي رهيو آهي! اهو به معلوم ٿيو آهي ته هيل خوفناڪ ٻوڏ ايندي! توهان ۽ اسان ڪچي جا رهاڪو آهيون. اسانجو ڳوٺ ته وري به ڪجهه پريرو آهي، پر توهان ته ذري گهٽ درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آباد آهيو!

رئيس - مطلب جي ڳالهه ڪر يوسف!

يوسف - ٻوڏ جي خطري کي خيال ۾ رکندي، مون ۽ منهنجي سائين فيصلو ڪيو آهي ته بچاءُ بند ٻڌڻ جي حفاظت خاطر ٺاهيو وڃي. اسان ته پنهنجي ڳوٺ جي بچاءَ خاطر اڳ ئي رٿ ٺاهي ڇڏي آهي. جيڪڏهن اوهان به اسان سان سٿ ڏيو ته جيڪر هڪ وڏو ۽ مضبوط بند جوڙيو وڃي ته جيئن پر پاسي وارا ڳوٺ به ٻوڏ کان سلامت رهي سگهن.

رئيس - (ٽهڪ) هه---هه---هه---، ته اها ڳالهه آهي! تون مونکي صلاح ڏيڻ آيو آهين! ائين نه؟ ڪلهوڪو ڇوڪرو ٿو مونکي صلاح ڏئي ته بچاءُ بند ٺهرايو وڃي! يوسف، مون تنهنجي بيوقوفين جون اڳ به گهڻيون ڳالهيون ٻڌيون آهن! پر هاڻي حد ٿي چڪي!

يوسف - چاچا! توهان هڪ نهايت اهم مسئلي کان منهن موڙي رهيا آهيو.

رئيس - ڇوڪرا، بند ٺهرائڻ حڪومت جو ڪم آهي، تو جهڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وات ڳاڙهن چوڪرن کي فڪر ڪرڻ جو ڪو ضرور ناهي.

يوسف ـ وطن جي حفاظت هر شهريءَ جو فرض آهي. آزاد قومون امداد جو انتظار نه ڪنديون آهن چاچا.

رئيس ـ چڱو چڱو، جي سان پڌان ته ڪٿي نـه بچائجانءِ. وڏو آبو آهي بند پڏائڻ وارو. جڏهن اسان اڃا آس تـسي ڪيا آهن، اسانکي پيا ڪم ڪرڪتا آهن جو هاڻي وڏهي سرڪاري ڪم به پاڻ ڪيون! اڙي چورا ـــ او ڪرو ـــ ڪاڏي وئين ـــ؟

ڪرو ـ آيو رئيس، ـــ (ويجهو اچي) حڪم ٿئي سائين.

رئيس ـ اڙي چنڊا! وارو ڪر، وڃي سنگت کي سڏي اچ ته ڪا روح رهاڻ ڪجي.

ڪرو ـ حاضر سائين.

رئيس ـ هونهه! بند ٿا پڌون! سياڻي چوندا ته رسنا به پاڻ ٺاهيو ڪم پڇين نه ڪار! هليا آهن مڙس قوم جي خدمت ڪرڻ. ميان يوسف خان! تنهنجي صلاحن جي مهرباني. مان راڄائتو رئيس آهيان، سان پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ جو عادي آهيان. هاڻي تون وڃي سگهين ٿو.

يوسف ـ جيڪڏهن اوهانجي اها صلاح آهي تـه پوءِ مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ چڱو چاچا خدا حافظ.

رئيس ـ خدا حافظ.

[يوسف جي وڃڻ جو آواز ـــ]

شهزادي ـ يوسف!

يوسف ـ شهزادي تون؟

شهزادي ـ ڏاڍو بي مروت آهين يوسف! منهنجي جيءَ کي جهوري ڏني، چپ چاپ منهنجي زندگيءَ مان نڪري وئين، دل ٽوڙڻي ٿي هئي ته محبت جا سهڻا خواب ته نه ڏيکارين ها.

يوسف ـ شهزادي! فرض ۽ محبت جي هيءَ جنگ شايد منهنجي حياتي وٺي ڇڏي! رئيس جو جواب ته تو ٻڌو ئي هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو منهنجي قربانين کي ڪا به اهميت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي.
پر تون — تون تـه منهنجي روح جي گهراين کان به
واقف آهين، منهنجي اندر جي اڌمن جـي ڄـاڻ اٿئي.
تون به مون کي غلط سمجهڻ لڳينءَ تـه پـوءِ هن هيڏي
ساري سنسار ۾ منهنجو ڪير آهي؟ بڌاءِ شهزادي جواب
ڏي، تون منهنجو ساٿ ڏئي ٿي سگهين نه گهٽ ۾ گهٽ
مونتي اعتبار ڪر.
شهزادي— يوسف، مون تنهنجي هر ڳالهه کـي حڪم ڄاڻـي سر
جهڪايو آهي. مان تنهنجي خاطـر سيڪجهه ڪرڻ لاءِ
تيار آهيان! اهو امتحان به وٺي ڏس يوسف!
يوسف — شهزادي! منهنجي شهزادي! تنهنجي سچائي منهنجي دل
۾ تولاءِ پيار جي پالوت لائـي ڏني آهـي. مونتي يقين
ڪر شهزادي، جڏهن به منهنجي ضمير مون کي خوشيءَ
سان اجازت ڏني! مان توکي هميشه هميشه لاءِ پاڻ سان
وٺي ويندس.
شهزادي— سچ يوسف!
يوسف — ها شهزادي! تون منهنجو انتظار ڪج! مان نئين صبح
جـو ساڪي تـي ايندس! اوندهه جـي اوڙاهه مان جوت
جي جهاتءِ بنجي ايندس. آپ جي اڻاهين مان ابر بنجي
ايندس. تون منهنجو انتظار ڪج شهزادي.
شهزادي— ها يوسف! مـان موت جـي وادين تائين تنهنجو انتظار
ڪندي رهنديس. تـون موٽـي ايندين — تـون ضرور
موٽي ايندين.

سين ڇهون

يوسف — رئيس منهنجي ڪا بـه ڳالهه ٻـڌڻ کان انڪار ڪري
ڇڏيو جانو! مون کيس گهڻوئي سمجهائڻ جـي ڪوشش
ڪئي، پر هو پنهنجي هوڏ تان نه لٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانو ـ هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي يوسف؟

يوسف ـ منهنجو خيال هو ته رئيسُ اسانجو ساٿ ڏئي ها ته سندس اثر رسوخ ۽ راڄ جا ماڻهو به اسان استعمال ڪري سگهون ها ۽ اهڙيءَ طرح ڳنڍيل بنيادن تي سنڌوءَ جي ڪناري سان هڪ مضبوط بند ٺاهي اوسي پاسي جي ڳوٺن کي ٻوڏ جي آفت کان بچائي سگهون ها. چوندا آهن ته ”ٻه ته ٻارنهن“! پر اهو سڀڪجهه تڏهن ممڪن ٿي سگهي ها، جڏهن رئيس منهنجي ڳالهين تي ڌيان ڏئي ها.

جانو ـ رئيس هڪ بيحد مغرور ۽ هٺيلو انسان آهي، تنهن کان سواءِ هو عياش پڻ آهي. هن کي ڪهڙي پئي آهي جو ويٺو ڳوٺ جي بچاءَ جو فڪر ڪري.

يوسف ـ پر جانو! جيڪڏهن فصل تباهه ٿي ويو ته اهو خودُ رئيس جو به نقصان ٿيندو.

جانو ـ ڏاڍو سادو آهين يوسف! رئيس وٽ پئسي جي پرواهه ناهي. پر ان هوندي به جيڪڏهن ڪيس پنهنجي ڏتڙيل هارين سان ايتري همدردي هجي ها ته اهو انتظام گهٽو اڳ ڪري چڪو هجي ها.

حيدر ـ جانو سچ ٿو چئي يوسف! رئيس کي صرف پنهنجي ذات سان همدردي آهي، هو هميشه پنهجو ذاتي فائدو ڳوليندو آهي.

يوسف ـ سندس اهوئي رويو سندس تباهيءَ جو سبب ٿيندو!

حيدر ـ پر سوال آهي ته هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

يوسف ـ اسان کي هڪدم ڪم کي جنبي وڃڻ گهرجي! سيني ڳوٺ وارن کي اطلاع پهچايو ته دريا شاهه ۾ سخت چاڙهه آهي! هن سال ٻوڏ جو سخت خطرو آهي! ٿي سگهي ٿو ته ٿورن ئي ڏينهن ۾ اٿل جو پاڻي ڪچي ۾ ڪاهي اچي! ان ڪري پنهنجون ڪوڏرون ۽ ڏلها سنڀالي پرائي بند تي پهچي وڃو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلن ـ اهو ڪم مان تو ڪيان. توهان پراڻي بند تي پهچي وڃو.
جانو ـ مان باقي بندوبست ڪرڻ تو وڃان! يوسف، تون بند تي پهچ ته مان گهران ڪوڏر ڪنيو تو اچان ٿو.
يوسف ـ اڄ اسان جي محنت ۽ همت جي آزمائش جو ڏينهن آهي. اڄ منهنجي قربانين جي امتحان جو ڏينهن آهي جانو.
جانو ـ تون ڪا به ڳڻتي نه ڪر يوسف! تنهنجي تربيت هر ڳوٺاڻي جي دل ۾ هڪ نئون ولولو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. هو ظالمن مڙسين، ٻارين ٻچين تنهنجي سڏ تي لبيڪ چئي، پنهنجي گهرن کان نڪري ايندا ۽ تون ويهي ڏس ته ڇا ٿو ٿئي!
يوسف ـ ها جانو! منهنجي اصولن جي پرک جو ڏينهن اچي پهتو آهي! هلو ته هلون.

سين ستون

[بند تي ڪم ٿي رهيو آهي. ماڻهن جو گوڙ شور ـــ]

يوسف ـ شاباس جانو، باقي ٿورو ڪم رهجي ويو آهي ۽ همت کان ڪم وٺو، بند جلد ئي پورو ٿيو.
جانو ـ يوسف! اتر کان ڪارا ڪڪر مڙندا ٿا اچن، هو ڏس! چوطرف ڪارنهن ڪارونيار ٿي ويو آهي! شايد سخت مينهن ۽ طوفان اچي رهيو آهي!
يوسف ـ ها جانو! تون سچ ٿو چوين. اسان کي بند جو ڪم برسات اچڻ کان اڳ ختم ڪرڻ گهرجي.
جانو ـ ڪم تيز ٿيڻ گهرجي. يوسف، جيڪڏهن اسان برسات اچڻ تائين بند جو ڪم پورو ڪري نه سگهياسين ته سڄي محنت رائگان ويندي!
يوسف ـ ڪنهن جي به محنت رائگان نه ويندي آهي جانو! اسان کي هميشه چڱي اميد رکڻ گهرجي. (زور سان) شاباس جوانو ـــ هو ڏسو اتر کان ڪارا ڪڪر ڪارونيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو پيا اچن! برسات اچي رهي آهي! ان کان اڳ جو
مينهن اسانجي محنت تي پاڻي ڦيري ڇڏي، اسانکي گهرجي
ته بند کي مڪمل ڪري ڇڏيون.

جانو ــ ساٿيو، همٿ تيز هلايو، قدم تڪڙا کڻو، ڪوڏر هڻو، ڍلها پريو، ڪم ڪريو، باقي ٿوري دير آهي، پوءِ توهانجي ڪاميابي يقيني آهي.

[گجگوڙ جا آواز ــ]

يوسف ــ شاباس دوستو! هيءَ اسانجو پنهنجو ڪم آهي- اسان جي زندگيءَ ۽ خوشحاليءَ جو مدار هن بند تي آهي. لپا هڻو. زور زور سان لپا هڻو-

[گجگوڙ جا آواز ــ]

جانو ــ قدرت اسان کي چتاءُ ڏئي رهي آهي! آسمان بارش پلٽڻ کان اڳ اطلاع ڏئي رهيو آهي! همٿ ڪريو، همٿ ڪريو.

يوسف ــ هر قدم اڳتي قدم!

جانو ــ هر قدم اڳتي قدم!

سيٺي ــ هر قدم اڳتي قدم!

پڙاڏو ــ هر قدم اڳتي قدم ــ هر قدم اڳتي قدم!

[ايلي الا ايسو ــ.]

[گجگوڙ ۽ ماڻهن جو آواز جاري ــ]

يوسف ــ دوستو! ساٿيو! رفيقو ــ! خدا جا لک لک شڪرانا، جو اسانجو ڪم اڄ پورو ٿيو، بند پڪڻجي تيار ٿيو آهي، توهانجي محنتن جو اهو مثال زنده قومن جي علامت آهي.

[گجگوڙ ــ]

يوسف ــ اڄ مان خوش آهيان! بيحد خوش!! اڄ منهنجي اصولن جي جيت ٿي آهي! اڄ منهنجي قربانين جو ثمر منهنجي اکين آڏو آهي! خوشيون ملهايو! جو اڄ محنت جي جيت ٿي آهي! اڄ پورهيت جي فتح ٿي آهي! جشن ملهايو ته انسان جي عظمت جا هي زمين ۽ آسمان قائل ٿي وڃن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[خوشين جا آواز — نعرا —]

[ڪڪڙ ۽ سخت مينهن جو تاثر — ييچ ييچ جا آواز]

جانو — يوسف! سخت مينهن لهي پيو آهي! اسان کي هاڻي موٽي هلڻ گهرجي.

يوسف — ترسو! مونکي مينهوڪيءَ جي پيني خوشبو سنگهڻ تہ ڏيو! آزاديءَ جو احساس منهنجي روح ۾ اترڻ تہ ڏيو!

جانو — برسات وڏندي تي وڃي!

گلڻ — وڏڦڙو وسي رهيو آهي.

حيدر — مولا پنهنجي مهر ڪئي آهي.

[مليل جليل خوشين جا آواز — برسات ۽ گوڙ جو آواز جاري]

ڪڙو — (پري کان) يوسف — يوسف —!

يوسف — ٻڌو! شايد ڪو سڏي رهيو آهي!

جانو — ها —! پريان هڙهيءَ سان ڪو سڏي رهيو آهي! او هو ڪو همراه هيڏانهن ڊوڙندو پيو اچي!

گلڻ — ڪير تي سگهي ٿو —!

حيدر — شايد ڪرو آهي! رئيس احمد خان جو نوڪر.

يوسف — ڪرو —! هن وقت هتي —! ضرور ڪا ڳالهہ آهي!

[ڪرو سهڪندو اچي ٿو —]

ڪرو — سائين غضب تي ويو —! ظلم تي ويو —! بغداد تي ويو!

يوسف — ڇا ڳالهہ آهي ڪرو —؟ تون ايترو پريشان ڇو آهين —؟

ڪرو — ڇا ٻڌايان سائين! اسان سان نسورو ناحق تي ويو.

جانو — همت ڪر ڪرو! ڪجهہ تہ ٻڌاءِ —؟

ڪرو — (روئندي) سائين رئيس جي ڳوٺ ۾ درياهہ پاڻي آيو آهي! سڄو ڳوٺ ٻڏي ويو.

يوسف — هي تون ڇا چئي رهيو آهين ڪرو؟ رئيس ڪٿي آهي؟

ڪرو — سائين رئيس نشي ۾ چور پنهنجي ماڙيءَ ۾ ستو پيو هو جو پاڻي ڳوٺ ۾ ڪاهي آيو! سڀ ڳوٺاڻا ڳوٺ ڇڏي آيا آهن! رئيس جا سڀ خوشامدڙيا دوست بہ کيس اڪيلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏي پنهنجي جان بچائي وٺي ڀڳا ـــ!

يوسف ـ شهزادي ڪٿي آهي ؟

ڪرو ـ آها رئيس ڪانسواءِ هلڻ تي راضي نه ٿي! شهزادي ٻيءَ به رئيس سان گڏ ماڙيءَ ۾ اڪيلي آهي.

يوسف ـ آف ! خدايا هاڻي ڇا ٿيندو ـــ؟

ڪرو ـ سائين! رئيس ماڙيءَ مٿان بيهي مدد لاءِ سڏي رهيو آهي پر ڪنهن کي به ايتري همٿ ناهي جو درياءَ جي موجن جو مقابلو ڪري سگهي.

يوسف ـ رئيس منهنجو چوڻ نه ڪيو، هاڻــي پاڻ سان گڏ بيگناهه شهزاديءَ جي زندگي به خطري ۾ وجهي ڇڏيائين.

ڪرو ـ سائين، وقت نهايت قيمتي آهــي! پلاڻــي ڪري جلدي ڪيو! خبر ناهي هوڏانهن ڇا ٿيو هوندو!

يوسف ـ تون دل نه لاهه ڪرو! مان هر قيمت تي رئيس ۽ شهزاديءَ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندس. آئــو ساٿيو! اسان کي اڄا ڪم ڪرڻو آهي.

[ماڻهن جو آواز ـــ]

سين اٺـــون

{مينهن جو آواز ـــ گوڙ جا ٺڪاءَ ـــ درياءَ جو شور ـــ ماڻهن جا آواز مڪس ـــ]

رئيس ـ (پري کان) يوسف ـــ يوسف ـــ مونکي بچايو ـــ بچايو ـ !

شهزادي ـ (پري کان) يوسف ـــ يوسف ـــ!

يوسف ـ (زور سان) مان اچي رهيو آهيان شهزادي ـــ! مان اچي رهيو آهيان.

جانو ـ سياڻو ٿيءُ يوسف! درياءَ ۾ زور آهي ـــ! طوفان ۽ بارش ويتر پاڻيءَ ۾ جوش پيدا ڪري ڇڏيو آهي ! اهڙي وقت تنهنجو درياءَ ۾ ٽپي پوڻ خطري کان خالي ناهي !

يوسف ـ جانو! منهنجو فرض اڃان پورو ناهي ٿيو! هي ته طوفان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ برسات آهي؛ پر جيڪڏهن مونکي پنهنجي فرض خاطر
آڳ جي درياءَ ۾ ڪڏڻو پيو ته به مان خوشيءَ سان
ٽپي پوندس. تون جيڪڏهن ٽٽو هلڻ چاهين ته توکي زور
ڪونه ڪندس.

جانو - مون کي بزدليءَ جو الزام نه ڏي يوسف. مون هميشه
تنهنجي خاطر سر تريءَ تي جهليو آهي. اڄ به منهنجو
پير پٺتي نه ڏسندين.

يوسف - ته پوءِ دير نه ڪر. ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پئه. ناکٽا! ٻيڙي
پاڻيءَ ۾ لاهه.

ناکٽو - پٽ، دريا مست ٿيو بيٺو آهي. ان ۾ ٽپي پوڻ ناداني آهي.

يوسف - اسان لهرن سان لڙي چاڙون. اسان طوفانن جا تير سيني
تي ساهيندا آهيون. لاهي آ ٻيڙي پاڻي ۾.

ناکٽو - جيڪو تنهنجو راز ٻچا. باقي منهنجي صلاح وٺين........

يوسف - صلاح جو وقت، گذري ويو ناکٽا. هلي آ جانو—

[ٻيڙيءَ جي پاڻيءَ ۾ لهڻ جو تاثر — جانو ۽ يوسف ٻيڙيءَ
۾ چڙهن ٿا—]

[پاڻي — طوفان ۽ برسات جو تاثر جاري—]

شهزادي - (پري کان) يوسف —. يوسف —!

يوسف - (پري کان) مان اچي رهيو آهيان شهزادي! مان اچي
رهيو آهيان—

[پاڻي — طوفان — برسات —]

حيدر - يوسف ڪيڏي نه بهادريءَ سان ٻيڙي هاڪاريندو پيو
وڃي! بيشڪ هو بهادر آهي.

گلڻ - هن جي همت ۽ ڪوشش سان ئي اسان پنهنجي ڳوٺ کي
بند ٻڌي ڇڏيو؛ نه ته جيڪر اسان جو به رئيس جهڙو
حال ٿئي ها!

حيدر - هو ڏس ٻيڙي ڳوٺ ۾ داخل ٿي آهي!

گلڻ - ها ها! رئيس ۽ شهزادي ماڙي تان هيٺ لهي آيا آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪدو ـ ڪٿي آهن؟ ڪٿي آهن ـــ؟ مونکي ته ڏسڻ ڏيو! هـا! برابر هو ٻئي چٽا هاڻي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي رهيا آهن. خدايا خير ڪج.

حيدر ـ يوسف بيخوف نوجوان آهي ڪدو! تنهنجو رئيس جيڪڏهن سندس قدر سڃاڻي ها ته جيڪر هيءَ حال نه ٿيس ها.

ڪدو ـ اڄ رئيس جون اکيون ضرور کليون هونديون! ٻين تي ياڙڻ جو اجهو اهو نتيجو آهي.

گلڻ ـ هو ڏسو! ٻيڙي لهرن ۾ لمندي هيڏانهن اچي رهي آهي.

حيدر ـ طوفان جي تيزي ٻيڙيءَ کي وڏڻ ٺي نٽي ڏني! پر يوسف بهادريءَ سان ٻيڙي هلائي رهيو آهي.

گلڻ ـ شايد ٿڪجي پيو آهي! پر ٿڏهن به زور لڳائي رهيو آهي!

ڪدو ـ ٻيڙي ويجهي ايندي ٿي وڃي.

حيدر ـ ٻيڙي ويجهو اچي پهتي آهي.

[شور ـــ طوفان ـــ گجگوڙ ـــ]

يوسف ـ (سهڪندي) چاچا: ڪنارو اچي ويو!

رئيس ـ ها پٽ! ڪنارو اچي ويو! تون نه هجين هـا ته مونکي ڪير ڪناري لائي ها ـــ؟

يوسف ـ اهو منهنجو فرض هو چاچا.

رئيس ـ يوسف پٽ! مان شرمسار آهيان: مـون توکي نه سڃاتو هو. تون اماهه ماڻڪ آهين يوسف!

يوسف ـ چاچا! هي توهان ڇٽي رهيا آهيو؟

رئيس ـ ها پٽ! اڄ منهنجون اکيون کليون آهن! اڄ مون کي ڄاڻ پئي آهي ته تو جهڙا نوجوان ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪيڏا نـه ضروري آهن. مـون توسان ڏاڍائي ڪئي: ان لاءِ مون کي معاف ڪج پٽ!

يوسف ـ توهان مون کي شرمسار ڪري رهيا آهيو چاچا! مونکي خوشي آهي ته آخر توهان کي منهنجي قربانين جـو قـدر ته ٿيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئيس – مان هاشم خان جو بہ ڏوهاري آهيان! پر چڱو ٿيو جو موقعو مليم! اڄ مان سندس امانت ڪيس هٿن سان هلي پهچائي ايندس.

يوسف – مان ڏوهانجو مطلب نہ سمجهيو چاچا!

رئيس – (ڪلندي) اڃان ننڍو آهين! مطلب ڇا سمجهندين! آئي ڏي، شهزادي تہ چاچا هاشم خان جن وٽ هلون!

شهزادي– جي بابا!

يوسف – شهزادي!

شهزادي– مان توسان نہ ڳالهائيندس.

يوسف – ڇو؟

شهزادي– بابا ڪان پڇ!

يوسف – اڇا! تہ اها ڳالهہ آهي!

رئيس – (ڪلندي) اڙي! توهان تہ هاڻي ٺي ٺا وڙهو! سڄي زندگي ڪيئن گڏ گذاريندؤ –؟

(ٺهڪ).

[موسيقي اوچي ٿئي ٿي — ۽ ٺهڪ ان ۾ گم ٿي ٺا وڃن—]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري

سين پهريون

[رئيس جي اوطاق — گهڻن ماڻهن جي کلڻ، ڳالهائڻ جو آواز—
ڪتن جي ڀونڪار وغيره —]

رجو – خوش رهه ڙي جاڙا تنهنجي ويڙهه. هٿي وڏيري ڀنهل جي ڪڪڙ جا ٻاڙداڻا ٿي ڪڍي وڌئي.

مجو – بابا، بادشاهي ڪڪڙ آهي! ڪو چرچو آهي ڇا؟

رجو – چرچو ته ڀنهل خان سمجهيو هو. هاڻي پتو پيو هوندس! جڏهن اڌ مئو ڪڪڙ رات ڪُهي ٻوڙ کائيندو!

[سڀ کلن ٿا —]

خانو – اڙي! اسان جي موتيءَ کي شاباس نتا ڏيو!

رجو – ڪتا هجن ته اهڙا! اصل هٿ ٻري!

خانو – اڙي ڪتو ٿو چوينس! رئيس جون اٿس ٻنهي دليون. لڳ ته ڏسينس! جهڙوڪ رئيس پاڻ وېٺو آهي!

رئيس – (ڪجهه ڪاوڙ ۾) چپ ڪر ڙي خانو! ڳالهائڻ اچئي ڪونه، رڳو ٻيو ڳٽ ڪرين!

خانو – بابا ڪاوڙ نه ڪر رئيس! مون ته رڳو ائين ٿي......

رئيس – (کلندي) چڱو چڱو، گهڻو ٿيو. وڃ، وڃي موتيءَ کي آرام ڪراءِ، ٿڪجي پيو هوندو.

خانو – حڪم سائين! ٻانهو آهيان! مڙئي مهرجي نظر ڪجانءِ ڀوتار.

رئيس – هان وٺ پنهنجي خرچي! لاهه لُڙ! ها رجو! تون ڪر

واچوڙن ۾ لاٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر! آيو ڪو مزو ميل ۾ــ؟
رجو – رئيس، بس ڳالھ نئي نہ پڇ! رڳ رڳ ٺري پئي! اصل بھاريون ٿي ويون! وہ واہ — ھٺ ھٺ!
رئيس – پنھل خان ڪـي بہ ڪتـي ڪنيون ٻيـئي ھـئي! جھل ٿي نہ پيو ڏئـي! ھاڻـي لڳس منھن پٽ سان! ڪھڙو منھن ڪٿي گھمندو راڄ ۾ــ؟
مجو –. اي سائين ڪمال ٿو ڪرين! اھو ھرماہ ڪو ڦڪو ٿيلھ جو آھي؟ لوسڻ جو آھيس نڪ، جيترو ڪپ اوترو وڌي.
رئيس – اڙي توھان سمجھيو ڇا آھي؟ اسان سان ڪلھوھڻ وارن جو اڄھو اھو حال ٿيندو اٿو.
مجو – بروبر رئيس! سچو آھين بابا.
رئيس – ڦوٽو ڪونہ آيو؟ ڇٽي ويو ھو نہ اڄھو تو موٽان.
مجو – سائين ڦوٽو آھـي اڌ چري! وري اڇـي ويـو ھوندس ڪو ريڇڪ.
رئيس – رڳو پھچي نہ سمورو ريڇڪ تو لاھيانس.
مجو – نہ منھنجا بابلا! ائين نہ ڪجانء، ماڻھو ڪم وارو اٿئي.
رئيس – اڙي ڪھڙو ڪم وارو آھـي! مھينا ٽيما جو ھڪ ڪم چيو ھوھانس! اڃا تائين سُر سار ۾ ئي ڪونہ آيو آھي.
رجو – رئيس! مرڻـي مـال پيـو ڇتائينس! وانـر ڪونہ ويندء! ڪڏھن نہ ڪڏھن مھل وھي ويندو!
رئيس – ڏوڙ پئي اٿس منھن ۾! اھـڙا نياڳا بہ ڪنھن جي ڪم آيا آھن! اھي اٿئي پلا ڍڳا، وينو پال.
رجو – رئيس ڇپائين پئي تہ رئيس جي لاء سو ڪڙي ڳولي اٿم.
رئيس – جاني تو چوين—؟ ڪير آھي؟
رجو – مونکي تہ ڪونہ ھڏايائين. باقي ايترو سو چيائين تہ رئيس بہ ڇا ياد ڪندو تہ ڦوٽي سان ڪم پيو ھو.
رئيس – ابولـــ مري ويس. ويو ڪيڏانھن؟
مجو – سائين اڄھو ھو پيو اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ڦوڏو اچي ٿو —]

ڦوڏو — سلاماليڪم.

رئيس — ڀلي ڪري آئين. ڀريون احوال ڪر.

ڦوڏو — ساهي ته پٽيان رئيس! ويهڻ ته ڏينم.

رئيس — ڀريون تڪڙ ۾ ڪا خير جي خبر ٻڌاءِ.

ڦوڏو — خبرون به پيون ٿينديون. ڀڳهر ته سڪايان.

رئيس — ڇيوماڻ ته بڪ.

ڦوڏو — ڇا بڪان؟

رئيس — هي رجو ڇا ٿو چوي؟

ڦوڏو — ڇا ٿو چوي؟

رجو — چوين ڪونه پيو ته رئيس لاءِ سوکڙي کولي اٿم.

ڦوڏو — اهي ڳالهيون ڪي راڄن ۾ ڪبيون آهن ڇا —؟ وائڪا تيون ته پاڻهي ٿا ڳُلون.

رئيس — اڙي آتو هتان، هلو ٻاهر. وڃي ڪتن جي سار سنڀار لهو!

[سيني جي وڃڻ جو آواز —]

رئيس — ها ڦوڏا، هاڻي ٻڌاءِ.

ڦوڏو — احوال خير جا!

رئيس — اڙي ڦات به ڪٿي، يا ڏياڻه ڪتن ڪي؟

ڦوڏو — منهنجي لاءِ ته پوتار تون ئي ڪوڙ آهين!

رئيس — ڪير آهي؟

ڦوڏو — جڙيل جي ڏيءُ.

رئيس — نالو ڇاهيس؟

ڦوڏو — جنت.

رئيس — پرٽيل آهي؟

ڦوڏو — مڱيل آهي.

رئيس — ڪنهن سان؟

ڦوڏو — جانوءَ سان.

رئيس — جانو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦوڪو – پنهنجو ڪڙمي! واهه واري زمين تي.
رئيس – ڇا تي ڇوي؟
ڦوڪو – رکو جواب!
رئيس – ڇـــو؟
ڦوڪو – نياڳ جي نشاني!
رئيس – ٻيو ڪجهه؟
ڦوڪو – جانوءَ جي ليڪ اٿس.
رئيس – هـــون!
ڦوڪو – ماٺهو ناهوڪو آهي!
رئيس – ٿل ڪر!
ڦوڪو – اهو ڪم مون تي.
رئيس – دير نه پوي.
ڦوڪو – ٽڪڙ ڪم شيطان جو.
رئيس – نصيحتون ڇڏ.
ڦوڪو – (ڪلندي) رک مولا تي رئيس! پراڻا پاپي آهيون! ڪو کهاٽ کهڙي وٺنداسين.
رئيس – شاباس —!

[موسيقي جو آواز—]

سين ٻيو

[رات جو وقت — ڪتن جو ڀونڪڻ— جڙيل جو اچڻ—]

جنت – توهان اچي ويا بابا! اڄ ته ڏاڍي دير ڪيو. مونکي ته اڪيلي ۾ ڏاڍو ڊپ پيو ٿئي.
جڙيل– چري آهين! تو کي ڪيترو چيو اٿم ته پريشان نه ٿيندي ڪر! دنيا جا ڪم ڪار آهن. ڪڏهن اوير ته ڪڏهن سوير!
جنت – پوءِ به بابا! خبر ناهي مونکي ڇو خوف ٿيندو آهـي! توهان ويهو ته مان ماني کڻي ٿي اچان. (وڃي ٿي—)
جڙيل– وڏيري جي ڇيڙ تي ويو هوس! ڇا ڪيون ڏيءَ، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اجهي ۾ ويٺا آهيون، تنهن جو حڪم به لساري نٿا سگهون! ڪجهه گذري آهي ، ڪجهه گــذري ويندي .
ٻچاڙيءَ جي پهر ۾ ڪهڙا ويهي ڪندا ڪيون.

جنت – (اپندي) هان، هي وٺ ماني. صبح کان بکيا هوندا .

جڙيل – هري ويا آهيون ڌيءَ؛ ملي تہ گرهہ کاڌو، نہ تہ فڪر ناهي. بسم الله.

جنت، – بابا، سوچيان ٿي، الله مونکي ياءُ ڏني ها تہ اڄ جهڪر توهان کي هن عمر ۾ پورهيو ڪرڻو نہ پوي ها.

جڙيل – امڙ، تون ٿي ڌيءَ آهين، پٽ بہ تون ئي آهين.

جنت – پيءُ جا بار تہ پٽ ئي کڻندا آهن؛ ڌيئر تہ ويچاريون ـــ

جڙيل – مون تہ تو کي ماءُ بنجي بہ پاليو آهي ڌيءَ؛ تـون ساڻ آهين تہ مون کي ڪهڙو فڪر؟

جنت – ڌيئر پٽن جون سڪون ڪٿي ٿيون لاهن بابا .

جڙيل – چري آهين، مـون تہ اهڙا ڳالهہ ڪڏهن سوچي بہ ناهي. تون پٽن کان گهٽ آهين ڪيئن ؟

جنت – پوءِ بہ بابا؛ توهان سڄو ڏينهن رت ولوڙيو ۽ مان ـــ

جڙيل – اهڙيون ڳالهيون نہ ڪبيون آهن ڌيءَ ، محنت تہ مڙسن جو ڏاج آهي. جيسين دم تيسين ڪم.

جنت – توهان ماني کائي وٺو تہ تيل سان مالش ٿي ڪيان پنهنجي ابي کي. ڏاڍو ٿڪجي پيا هوندا .

جڙيل – بس ڌيءَ، دم گذر ڪرڻو آهي. اسان جا وڏا ويچارا بہ ائين پورهيو ڪندي ويا. سڄ ٿيندو تہ اسان بہ دير نہ لائيندا سين .

جنت – ائين نہ چئہ بابا ، تو کان سواءِ منهنجو ڪير آهي ؟

جڙيل – ڌيئر تہ پرائي امانت هونديون آهن، پنهنجا گهر وسائينديون آهن. (کلندي) ڪرو لهي تہ ان جو بہ بلو ڪري وٺنس.

جنت – (شرمائيندي) بابا .

جڙيل – (کلي ٿوـــ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[پرڀان ڪان حاڪمزاديءَ جو آواز ٿئي ٿو]

حاڪمزادي ـ ادا جڙيل خان، اڙي امڙ جنت، آهي ڪا ڀرڪهر ڀر؟

جنت ـ ماسي حاڪمزادي پئي اچي.

جڙيل ـ ادي حاڪمِ آهين ڇا؟ اچ مائي اچ؛ ڀلي ڪري آئينءَ.

جنت ـ ماسي ڀلي ڪري آئينءَ.

حاڪمزادي ـ امڙ خير هوندءِ. (چنگهندي) هڪ ته مئي نظر ڪانه ٿي پوي؛ پيو سنڌن جي سور وڃائي ڇڏيو آهي. وڃان ته ڪاڏي وڃان؛ ڪيان ته ڇا ڪيان؟ ان مئي نوري مان ته ڪي ٽيڻو ئي ناهي.

جڙيل ـ ڪر خبر مائي؛ نورو ته خوش آهي نه ـــ؟

حاڪمزادي ـ باهه ڏئي ساڙيانس ڪپڙن سودو؛ مئو نه ڪم جو نه ڪار جو، ڪاٺ جو ڪرڳل؛ چوي ته آنءُ ۽ آنءُ؛ پرجهڻ جو ئي ناهي نياڳو.

جڙيل ـ ڪلمو پڙ مائي ڪلمو پڙ، ڪاوڙ چڱي ناهي.

حاڪمزادي ـ چريءَ ڪي چوري، پوءِ تنو ڪلمان پڙائين؛ پيلا ٿهيو؛ هڻ ٻليءَ کي موچڙو؛ ڇا پئي چيم ـــ؟ ها؛ آئي هيس ٽانڊو ڪڻ؛ چيم ته ٻه ڦوڪون چلم جون ٻه پريون وڃان. ويڙهو ته خوش آن نه ـــ؟

جڙيل ـ شڪر آ مائي- پئي خير جي گذري. هيڏانهن ٿي ويهه.

حاڪمزادي ـ (ڪنجهندي وهي ٿي) مئو ابو سنلس؛ سنڌن جي سور پُٺجائي رکيو آهي. (ڦوڪ پريندي) اڙي هاءِ هاءِ؛ هنيانءَ ئي ڦري پيو؛ کهڙيون پئي ڳالهيون ڪيون پيءُ ڏيءَ پاڻ ڀر ـــ؟

جڙيل ـ بس مائي؛ ٻه ڄڻا آهيون اڪيلا؛ پئي دنيا جا ڏک سور اورياسين. امڙ جنت؛ مائيءَ کي چانهه چڪي ڪونه پيارينديئنءَ؟

جنت ـ اجهو ٿي ٿاهي وڻان بابا.

حاڪمزادي ـ اڙي امان ڇو ٿي اجائي تڪليف ڪرين؛ ڪنڊ چپٽي مڙئي سڃيهه وجهجانس، هڪ ٻه ڦولو ٻه ڪٿي وجهجانس؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شابس امڙ ڪي. (جنت وجهي ٿي ــــ).

حاڪمزادي ـ هاڻو ادا! اوري وٺو دل جا حال. نياڻيون تہ آهن پرائي امانت ، اڄ ڪي سڀاڻ ، نيٺ تہ وڃي پهنجي گهر وسائينديون.

جڙيل ـ ان ڳالهہ تہ ڪاري وڏو اٿر پيڻ !

حاڪمزادي ـــ ڳالهہ وري ڇا جي؟ ڇوڪر تہ جانوءَ جي ناڻ ڪيل آهي. گهرائي مولويءَ کي نڪاح پڙهائي ڇڏ.

جڙيل ـ ائين ٿي سوچيو اٿم. پر جنت جي جدائي منهنجي لاءِ قيامت کان گهٽ ڏکوئيندڙ نہ ٿيندي.

حاڪمزادي ـ ائي ها سچي، ٻڌم تہ رئيس پاڻ وارو بہ انهيءَ ڳانهن لاءِ ساهہ پيو ڪڍي.

جڙيل ـ رئيس ــــ؟ (ڪلندي) ڀلي هوندينءَ مائي! رئيسن جو پورهيتن سان ڪهڙو ڪم.

حاڪمزادي ـ مون نہ ائين ٻڌو آهي : پر ادا جڙيل خان ؛ جي آهي ڳالهہ سچي تہ پوءِ منهنجي تہ صلاح اٿئي تہ دير نہ ڪر. جانوءَ وٽ رکيو ٿي ڇا آهي! رئيس تہ وري بہ رئيس آهي .

جڙيل ـ تنهنجي صلاح جي وڏي مهرباني ڀيڻ! اسان مارو ماڻهو، سون پويان سيڻ ڪونہ مٽيندا آهيون. جهڙو آهي تهڙو. حق حلال جي ڪمائي ٿو. جنت لاءِ اهوئي گنج آهي.

حاڪمزادي ـ مون تہ ائين ٿي ڳالهہ ٻڌي ڪئي! دل ۾ نہ ڪجانءِ ادا ! ٻڌو اٿم تہ.... پر ڇهيو ڇڏ ڪٿي ان ڳالهہ کــي ! سچ چوندي مچ آهي! ڪٿي ڏک نہ ٿيئي.

جڙيل ڇا ٻڌو اٿئي مائي ــــ؟

حاڪمزادي ـ ڪوٺ وارا ڳالهيون ٿــا ڪن! مون بہ ائين ڪنان ٻڌي آهي! چون ٿا تہ........ هاڻي مان ڪيئن چــوان ! پاڻ سياڻو آهين! پــلا شاديءَ کان اڳ جانوءَ ۾ جنت جو اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ڪو سئو تہ ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙيل ـ اهو ڪوڙ آهي. راڄ وارن ڪي ٻڌائي ڇڏ مائـي، تـہ سهنجي جنت اهڙي ناهي.
حاڪمزادي ـ ڇڱو ڀلا ادا! مان هاڻي هلان ٿي.
جنت ـ (ڀريءَ ڪان) ڇانهہ نہ پيندي وڃ مائي!
حاڪمزادي ـ نہ اسان! دير ٿـي وئي آهـي. وري ٻئي دفعي. هڻ هڻ ڏڪا تي ڪاوان: مٿي نظر بہ صفا جواب ڏئـي ويٺي آهي.

ڇهين ڏيون

[جڙيل جي اندر اچڻ جو آواز—]

جڙيل ـ رئيس جي سر بخت جو خير.
رئيس ـ آ جڙيل خان! ڀلي ڪري آئين. ويهہ ويهہ-- اڙي اتي پٽ تي نہ! مٿي ڪرسيءَ تي تي ويهہ.
جڙيل ـ نہ سائين! مان هت ئي ٺيڪ آهيان.
ڦوٺو ـ جڙيل خان، رئيس جو راز آهي تہ تون سنڌس ڀرم تي ويهہ.
جڙيل ـ ابن ڏاڏن کان هـيءَ زمين ئي اسانجي مرڪ رهي آهي ڦـوٺا خـان! غريب مـاڻهو آهيون! امير جـي برابـري ڪيئن ڪنداسين!
ڦوٺو ـ اهي پراڻيون ڳالهيون آهـن جڙيل خان! اسانجو رئيس نون خيالن جو آهي.
جڙيل ـ ريتيون ڪيتريون بہ پراڻيون ڇو نہ هجن: اسان لاءِ امر جو درجو رکن ٿيون. زمين آسمان جي وچولي، وقت بہ پري نہ سگهيو آهي.
رئيس ـ پر اسان اهو فاصلو مٽائڻ ٿا چاهيون!
جڙيل ـ مون توهانجو مطلب نہ سمجهيو رئيس!
ڦوٺو ـ مطلب اهڙو ڏکيو تـہ ناهي چاچا جڙيـل خان! رئيس تو کي زمين تان آٿاري ڪرسيءَ تي ويهارڻ ٿو چاهي!
(ڪلندي) اڃان بہ نہ سمجهين--؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئيس – تون چپ رهه قوتا ! مون کي ڳالهائڻ ڏي! دراصل ڳالهه هن ريت آهي جڙيل خان ته—— ته پڪل بير کي پٿر نه لڳندا آهن! جوان جماڻ نياڻيءَ جو پيءُ آهين، زمانو ڏٺو اٿئي. وڏيڪ پاڻ سياڻو آهين!

قوتو – اسانجي رئيس ۾ ڪا ڪمي تہ ناهي. سهڻو موچارو آهي، زر زمين وارو آهي، راڄن ڪاڄن وارو آهي! ۽ تنهن ڪانسواءِ! (کلي ٿو).

جڙيل – نياڻين جا پيءُ ويچارا وڳهي ٿي مرندا آهن قوتا خان!

قوتو – مرن تنهنجا دشمن! تنهنجا تہ پاڪ ڪليا آهن پاڪ!

رئيس – اسان فيصلو ڪيو آهي تہ جنت کي پنهنجي حويليءَ ۾ سينگار ڪري سانديون!

جڙيل – غريبن جي قسمت جو فيصلو امير نہ ڪندو تہ ٻيو ڪير ڪندو رئيس! پر ....؟

قوتو – پر چا——؟

جڙيل – جنت جو مڱڻو جانوءَ سان ٿيل آهي

رئيس – مڱڻا ٽٽي بہ ويندا آهن جڙيل خان.

جڙيل – غريب جي ميراث صرف غيرت هوندي آهي رئيس—— اسان ان رشتي کي اڄ تائين نہ ٽوڙيو آهي.

رئيس – جانو ڪنگال آهي

جڙيل – هو پورهيت آهي، ۽ پورهيت جي ملڪيت سندس ٻانهون هوندا آهن.

رئيس – هو مٽيءَ مٽ آهي.

جڙيل – ان ٿي مٽيءَ مان سڄو جنسار جڙيل آهي رئيس.

رئيس – مان جانوءَ کان مات کائڻ لاءِ تيار ناهيان.

جڙيل – ۽ مان دولت کان هارائڻ لاءِ تيار ناهيان. خدا حافظ.

قوتو – هي تون چڱو نٿو ڪرين جڙيل خان! پڇتائيندين.

جڙيل – پيلو آهين قوتا خان. سچ جا پانديئڙا پڇتائيندا ناهن.

رئيس – تو مونکي رکو جواب ڏئي منهنجي بي عزتي ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جرنيل – عزت ۽ ذلت خدا جي هٿ آهي رئيس.

رئيس – تنهنجي ڳالهين مان ارڏائي جي بو اچي رهي آهي! مان اهو برداشت ڪري نٿو سگهان.

ڦوٽو – تڏهن ٿيءُ رئيس! هن ڪراڙي جو عقل ڪانئس موڪلائي ويو آهي. عمر سان گڏ سندس سمجهه به سراپجي وئي آهي! غيرت جي دعويدار ڪي اها به خبر ناهي ته سندس ئي اکين آڏو بي غيرتيءَ جو ناٽڪ ٿي رهيو آهي!

جرنيل – ڇا ٿو چوڻ چاهين–؟ کولي چئه!

ڦوٽو – ته پوءِ ڪن کولي ٻڌ! تنهنجي ڌيءَ جنت! تنهنجو ۽ تنهنجي خاندان جو نالو روشن ڪرڻ خاطر جانوءَ سان هر رات محفلون مچائيندي ٿي وتي! هائي ٻُڏءِ–

جرنيل – اهو ڪوڙ آهي! جنت اهڙي ناهي!

ڦوٽو – هر پيءُ پنهنجي ڌيءَ لاءِ ائين ئي چوندو آهي.

جرنيل – جنت منهنجي عزت جو اهڃاڻ آهي.

ڦوٽو – جنت آهي اهڃاڻ ڪڏهوڪو مٽائي ميساري ڇڏيا پوڙها! اکيون پٽي ڏس ته توکي پنهنجي عزت پنهنجي ئي در تي نيلام ٿيندي نظر ايندي! (ڪلي ٿو–)

سين چوٿون

[رات جو ٽائم–]

جنت – ڇا ٿو سوچين جانو؟

جانو – اهو ئي ته سرنهن ڪڏهن ڦولاربي!

جنت – ڇو–؟

جانو – اهو به نٿي سمجهين چري –!

جنت – اونهون!

جانو – جڏهن سرنهن ڦولاربي، تڏهن اسان جي اندر ۾ اميدن جا گل ٽڙندا.

جنت – پوءِ ڇا ٿيندو–؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانو — پوءِ وستيءَ ۾ شرنايــون وڄنديون ؛ خوشيون ٿينديون ، جهمريون پونديون، ڇيڇ ٿيندا ۽ سريلا سهرا ڳونجندا.

جنت — ڇو ڀلا—؟

جانو — ان لاءِ جو تون ڪنهبو اوڏيندينءَ ۽ مان موڙ ٻڌي تو ڪي ڪنوار بنائي پنهنجي گهر وٺي ويندس.

جنت — (شرمائي) هل مان توسان نٿي ڳالهايان !

جانو — نه ڳالهاءِ؛ مري ٿوروئي ويندس.

جنت — تون وڏو بي ايمان آهين! اڇا تورو اڳ ٿي ته ڇوين پيو تـــ ....

جانو — (کٿينديءَ) ته مـــان تو ريءَ مرجهائجي مري ويندس ! ائين نه ـــ؟

جنت — پيو ڇا ـــ؟

جانو — ڪوڙ پئي ڪيم ! ڀلا ڪنهن ڪان سواءِ ڪو مري ٿوروئي ويندو آهي ؟

جنت — نـــ !

جانو — نـــ !

جنت — وڏو مڪريل آهين ؛ مان وڃان ٿي .

جانو — ايترو سولو نه ڪونه ڇڏيندو مانءِ!

جنت — ته پوءِ ويهي جک مار، مان چپ ڪري ويهي ٿي رهان.

جانو — رسي وئينءَ ـــ؟

جنت — مان ڪير ٿيندي آهيان رسڻ واري ـــ؟

جانو — تون ته منهنجو ساهه پساهه آهين چري !

جنت — اهي پٽيون ڪنهن ٻئي کي پڙهاءِ.

جانو — تون منهنجي زندگي آهين ! اعتبار نـــ اچئي ته منهنجي اکين ۾ جهاتي پائي ڏس!

جنت — اونهون.

جانو — سچ ٿو چوانءِ جنت، منهنجي دل ۾ تو سواءِ ٻي ڪا به مورت ناهي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنت ـ سچ جانو؟

جانو ـ تنهنجي سر جو سنهن.

(خاموشي).

جنت ـ جانو.

جانو ـ جي.

جنت ـ مون کي ڊپ ٿو ٿئي جانو!

جانو ـ ڪنهن کان؟

جنت ـ رئيس کان! اڄ بابا کي پاڻ گهرايو هئائين! پر بابا کيس رکو جواب ڏئي ڇڏيو.

جانو ـ ٿورو انتظار ڪر جنت. باقي ٿورا ڏينهن. پوءِ تون ۽ مان هميشه هميشه جي لاءِ هڪ ٻئي جا ٿي ويندا سين.

جنت ـ وڏيرو ظالم آهي جانو.

جانو ـ مان ظالم تي قهر بنجي ڪڙڪندس.

جنت ـ هو وڏو مڪار آهي.

جانو ـ مان مڪار جو موت ٿي ورندس.

جنت ـ هو ڏاڍو آهي.

جانو ـ مان ڏاڍي کي ڏاري ڇڏيندس.

جنت ـ جانو!

جانو ـ ها جنت! اسان ٻئي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪنداسين.

[رئيس جو ٺهڪ گونجي ٿو! جنت ۽ جانوءَ جي ڇرڪڻ جو تاثر]

جانو ـ رئيس تون!

رئيس ـ ها، مان. مان پنهنجي بي عزتيءَ جو بدلو وٺڻ آيو آهيان! موت لاءِ تيار ٿي جانو.

جانو ـ اڳتي نه وڌجانءِ رئيس!

رئيس ـ رئيس جو چاهيندو آهي سو ضرور حاصل ڪندو آهي؛ جنت جي پانهن منهنجي حوالي ڪر.

جانو ـ اهو ناممڪن آهي.

رئيس ـ ته پوءِ ٻڌي ڇڏ. تون ڪارو آهين! ڏسو ڇا ٿا شڪاري؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهاڻيو ڪهاڙي.

جنت — نه نه! ائين نه ڪيو، ائين نه ڪيو! تون هڪ ذليل وحشي ڪتو آهين رئيس.

رئيس — تون زبان بند رک ڪاري! شڪاري مهل اِهـا اٿـو، ڪڙڪايو ڪهاڙي.

[ڪهاڙين هڻڻ جو تاثر. جنت جون دانهون. جانوءَ جي آخري دانهن. رئيس جا ٽهڪ!]

رئيس — شاباس جوانو. موزي ماريو اٿو، جنت ڪيڏانهن وئي؟ ڦـوڻا، جنت ڪيڏانهن وئي ـــ؟ جـواب ڏي ڪاري ڪيڏانهن وئي ـــ؟

ڦوڏو — پڇي وئي رئيس.

رئيس — خاموش! هوءَ منهنجي چنبي ڪان بچي ڪيڏانهن ويندي؟ ڪيڏانهن ويندي ـــ؟ ڪيڏانهن ويندي ـــ؟

سين پنجون

جڙيل — (دانهن ڪري) اِهو ڪوڙ آهي.

رئيس — اهو سچ آهي،

جڙيل — منهنجي جنت اهڙي ٿي نٿي سگهي.

رئيس — هوءَ ڪاري آهي.

جڙيل — وڏيـرا، زبـان سنڀالي ڳالهاءِ. حسد، سـاڙ ۽ ناڪاميءَ تنهنجي زبان ۾ زهر ڀري ڇڏيو آهي.

رئيس — پـيءُ جـو پيار ۽ پيڊاپي جـي ضعيفيءَ توکي ڪمزور، بزدل ۽ ڪانئر بڻائي ڇڏيو آهي.

جڙيل — ٺراڙ وهائي ڪيڏ رئيس، طعنو نه ڏجانءِ.

رئيس — مهڻو مڙس کي ميار ٿي لڳندو آهي جڙيل خان!

جڙيل — غريب ضرور آهيان رئيس، بي غيرت ناهيان.

رئيس — (ٺوڪ مان) غيرت ـــ؟ غيرت جا ڳالهاءِ سهڻ جو تـو ۾ تاب ڪٿي ـــ؟ عزت جو احساس انهن کي هوندو جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزت وارا هوندا !

جڙيل – رئيس ــــ !

رئيس – دانهن سان بي عزتيءَ جا داغ نه لهندا آهن جڙيل خان ! تنهنجي ڌيءَ رات جي اونداهيءَ ۾ جانورَ سان اڪيلي ڏني وئي ! ڪارو تڏي تي مارجي ويو. پر ڪاري ٻچي نڪتي، ڪيس مارڻ تنهنجو ڪم آهي.

جڙيل – نه نه. ائين نه ٿيندو ! مون ڪيس ماءُ بنجي پاليو آهي سان ايڏو ظالم ٿي نه سگهندس !

رئيس – تنهنجو خون سفيد ٿي چڪو آهي ڪراڙا ! تنهنجي عزت موڪلائي وئي آهي. تنهنجي غيرت مري چڪي آهي ! اقرار ڪر ته تون بزدل آهين !

جڙيل – وڏيــــرا ــــ!

رئيس – ٺيڪ آهي جو ڪم تون نٿو ڪري سگهين، اهو اسانکي ڪرڻو پوندو ! تنهنجا هٿ ايترا ته ڪمزور ٿي چڪا آهن جو ڪهاڙي کڻڻ جي قابل نه رهيا آهن.

جڙيل – منهنجي جسم ۾ خانداني خون آهي رئيس! منهنجي غيرت ڪي نه للڪار ! چئه، ڇا ٿو چئين ــــ؟

رئيس – جنت ڪاري آهي !

جڙيل – ها جنت ڪاري اهي ! منهنجي ڌيءَ ڪاري آهي ! مان ڪيس زنده نه ڇڏيندس ! مــان ڪيس زنده نه ڇڏيندس !! مان ڪيس زنده نه ڇڏيندســــ!!!

[رئيس جا ٽهڪ ٿيندا رهن ٿا ــــ]

سين ڇهون

[ڏينهن جو تاثر ــــ ڪتر جي مشين هلڻ جو آواز ــــ ڪڪڙين وغيره جو شور ــــ]

ربو – جٌود ڪري وٺ جانل، هڪ ٻه ڏکڙي هٿي ڏينم ته وڃي ڪرت سان لڳان. رات به وڏيري جا ماڻهو آيــا هئا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيڙ تي وجهنو اٿم.

جانل — ان مٽي جي ته چيڙ ڪٿي ئي ڪانه ٿـي! چـار ڏوڪڙ هڙان خرچيندي تپ تو چڙهيس، چوي ته اهـو به سو پراون هڏن تان نڪري ته چڱو!

ربو — آهستي ڳالهاء چري! زمانو خراب آهي! ڪو ٻڌي نه وٺي!

جانل — جُوء تي چرانس ڪمِنء؟ ٻڌي وٺندو ته چا ڪندو ـــ؟

ربـو — وري به راڄ جو وڏو آهـي. زورآور ڪان ڪن ڪجي ته چڱو!

جانل — جـو ڪرڻو هوس سـو ڪڏهوڪو ڪري چڪو. باقي چڏيو چا اٿائين ـــ؟

ربـو — (آداس) اهـي ڪهڙيـون ڳالهيون ڪٿي ويٺينء جانل! گذريء کي گذري ڪجي. وِيل ويل جي ڪهڙي ٻ تات ڪهڙي پچار!

جانل — اندر ۾ اٿم رت جون مانيون! زال ذات نه هجان ها ته جيڪر ....

ربـو — مهڻو نه ڏي جانل، ائين چو نه ٿي چوين ته مان پيرسن تي ويو آهيان. جوانيء ۾ ڪنهن جي مجال هئي جـو ربوء ڏي اک کڻي به ڏسي؛ ڳوٺ آن جي ڪلهي تي ڪڻي پريء بـازار ۾ ڊوڙندو هوس؛ هـڏ ڳسي ويا اٿم؛ ڪراڙو ٿي ويو آهيان تڏهن ته ....

جانل — چڏ ميان انهن ڳالهين کي؛ ڪجهه گذري آهي، باقي به گذري وينديءَ؛ رهندو نانءُ الله جو. اسان جو صبر آهي؛ صبر جي مار ڏاڍي ٻري ٿيندي آهي.

ربـو — سچ ٿي چوين؛ چڱو پلا، نيرن ڪرائينم ته وڃي پورهيو ڪيان.

جانل — اڄ ته سيڌو سامان به اڇي ڪنو آهي؛ موٽنديءَ عيدن جيءِ دوڪان تان اٿو پاڻ وٺندو اڇجانءِ. ها سچيـــ (خاموشي)

ربـو — چا پئي چيئيـــ؟ چپ چو ٿي وٺينءــ؟

جانل — هيءُ ڪير آهي ـــ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ربـو -- ڪير آهي ـــ؟
جانل -- ڪا اوپري ڇوڪري ٿي ڏسجي.
ربـو - ڪٿي آهيــ؟ مان به نه ڏسان.
جانل -- اٿي هوءَ سامهون ٺهيءَ وڻ ڪونه بيٺي آهي، سدا ملوڪ،
ڪپڙي لٽي مان نه ڪا سگر گهر جي ٿي ڏسجي.
ربـو -- هاٿو بيلي، ساٿي ٿي ڏسجي، اٿ جانل ڏس نه سهي،
ڪير آهي ـــ؟
جنت - مونکي نـه ماريـو، مـونکي نه ماريو، خـدا جـي واسطي
مونکي نه ماريو.
ربـو - تون ڪير آهين ڏيءَ ـــ؟
جنت - مان ڪير آهيان ــــ؟ مان ڪير آهيان ـــ؟
جانل - ها ها امڙ، ڏس نه سهي تون ڪير آهين ـــ؟
جنت - مان ڪاري ناهيان، مان ڪاري ناهيان، نـه نـه، مان
ڪاري ناهيان، مونکي نه ماريو، مونکي نه ماريو.
ربـو - امان تو کي ڪوئي نٿو ماري، سلامت ۾ نه آءُ ٻچڙي،
آءُ، اندر آءُ.
جنت - نه، توهان مونکي ڪهي ڇڏيندءُ، مونکي ڪهاڙين سان
ماري ڇڏيندءُ، مان مرڻ نٿي چاهيان!
ربـو - ڏاڍي ڏکي ٿــي معلوم ٿين ڏيءَ، امان تي ڀروسو ڪر
امان، مان تنهنجي پيءُ جي آچار آهيان.
جنت - پيءُــ؟ منهنجو پيءُ نه منهنجي خون جـو پياسي هوندو
(ڊپ مان) هو منهنجي پٺيان اچــي رهيا آهن، هنن جي
هٿن ۾ چمڪندڙ تيز ڪهاڙيون آهن، هنن جي اکين ۾
خون آهي، بچايو، بچايو، مونکي بچايو، خدا جي واسطي
مون کي بچايو.
[اوچتو رمونءَ جا چرين جهڙا ٽهڪ گونجن ٿا،
جنت خوف ۾ دانهن ڪري ٿي ـــ]
رمون - اچي وئي، اچي وئــي، منهنجي ساران اچي وئي، هــوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽي آٿي آهي اسان، (ٽهڪ) هـوءَ مون ڏانهن موٽي آئي آهي، هوءَ مون ڏانهن موٽي آئي آهي، پر نه، هو توکي نه ڇڏيندا، هو توکي ٻيهر ڳولي لهندا، ۽ پوءِ ٽي ٽڪر ٽڪر ڪري درياهه ۾ اڇلي ڇڏيندا. (ٽهڪ)

ربـو – (سختيءَ سان) رمون، چپ ڪري ويهه چريا.

رمون – اڳي چپ ڪئي هئم بابا، تڏهن هو آيا هئا ۽ساران کي ڪٺي ويا هئا، پر اڄ هو ڪاٺئن پڇي آئي آهي، ٻس بابا، ساڳي آهي نـ ــ؟ هوبهو ساڳي آهي. (ٽهڪ) تـون وري مري ويندينءَ، هو توکي وري ماري ڇڏيندا، تون ڪاري آهين نـــ؟ ۽ ڪاريءَ جي سزا موت آهي.

جانل – رمـــون.

رمون – رئيس اها سزا ڏيندو آهي ، سنڌس پڻ ڪاري آهي، پر هو ڪيس ڪجهه به نه چوندو. سنڌس پڻ آهي نه (ٽهڪ).

ربـو – تون هن جي دل ۾ نه ڪر ڏيءَ، هيءَ ويچارو نه پنهنجي وس ۾ ٿي ناهي.

رمون – مان چريو آهيان؟ مان توکان پوءِ چريو ٿــي پيو آهيان ساران ، مان چريو آهيان، مان چريو آهيان، هي سڀ ٿا چون نه مان چريو آهيان.

جانل – هان ڏيءَ، پاڻي ڇڪو پيءُ، هنيانءَ جهل ٿينديُ.

ربـو – تون ڪو به ڊپ ڊاءُ نه ڪر ڏيءَ ؛ اسان مسڪين برابر آهيون، پر مهل پئي مرن جـا سودا ڪندي به ڪو نه گسندا آهيون! اچ، اندر اچي ويهه .

رمون – اندر نه وڃجانءَ! هن گهر ۾ ٻک رهندي اٿئي ۽ ٻک ماڻهوءَ کي ”هئو“ ڪري ڪائي ويندي آهي! ”هئو! هئوا“ـــ (ٽهڪ) ٻِک نه هجي ها ته اسان غريب نـــ هجون ها، غريب نه هجون ها ته ساران نه مري ها. ساران نه مري ها ته رمون چريو نه ٿئي ها، سمجهينءَـــ؟ (ٽهڪ)

ربـو – رمون، وڃ هتان. وڃي پنهنجو ڪم ڪر. هل، هل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمون ـ وڃان ٿو بابا، مار نہ نہ. وڃان ٿو، وڃان ٿو. (ٿهڪ)
[وڃي ٿو ــ]

ربو ـ مون دنيا ڏٺي آهي ڌيءَ، ڇاڪاڻ تہ تہ جوان نياڻين جي اکين ۾ خوف جا پاڇا ڪڏهن ڪڏهن پر ڦهلائيندا آهن. اِهو بہ ڇاڪاڻ تہ پيءُ جو نالو بدي ڌيءَ ڪڏهن ڇرڪي اٿندي آهي.

جنت ـ اهو ڪوڙ آهي، سراسر بهتان آهي. مان ـــ مان ـــ مان ڪاري ناهيان بابا. مان ڪاري ناهيان، ڪاري ناهيان. مون ڪو ڏوهہ نہ ڪيو آهي. مون ڪوبہ گناهہ نہ ڪيو آهي.

جانل ـ دلجاءِ ڪر امڙ، دلجاءِ ڪر.

جنت ـ مان ڪاري ناهيان.

ربو ـ مونکي تو تي ويساهہ آهي ڌيءَ. (ڏکاري آواز ۾) اسان جي بہ گهر تي اهڙا آپدا آئي هئي. رئيس منهنجي مومل جهڙي ننهن کي ڪاري ڪرائي مارائي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ اڄ تائين منهنجو رمون پيهر سنئين نہ ٿيو آهي.

جانل ـ زال جي ڏک ڪيس ڇريو ڪري وڌو. منهنجو سڪيلڌو ٻچڙو ڇريو ٿي پيو آهي (سڏڪا).

ربو ـ ساران ٻي ڏوهي هئي، پر اسان ڪيس بچائي نہ سگهياسين. ۽ هوءَ مري وئي.

جنت ـ ائين ڇو آهي بابا. ائين ڇو آهي ـــ؟

ربو ـ صدين جا پرم آهن ڌيءَ. ريتين رسمن ۽ رواجن جا نانگ آهن. پاليا اٿئون تہ ڏنگ سهڻا بہ پوندا. ڪوڙي عزت، غيرت ۽ ناموس خاطر پنهنجي جان سان کيڏڻ اسان وٽ بهادري سڏي ويندي آهي، ۽ ڪمزور عورت هر بهادر جو شڪار ٿيندي رهي آهي ڌي...، تون آرام ڪر، ڏاڍي ٿڪل هوندينءَ، آرام ڪر ڌيءَ. آرام ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيون ستون

[مجري جي موسيقي — رئيس جي اوطاق تي محفل جو تاثر]

مجو — وه واه! رنگ لڳي ويا رنگ.

رجو — رئيس وٽ هوندين ته اهڙيون موجون ڪندين ڇورا!

مجو — بس بابا، مولا ڏينهن ڏئيس. پوکڻ جهڙو آ پوکڻ جهڙو.

ڦوڱو — اڙي بس ڪر ڇورا، مزو ته وڃائين. هه هه! صدقي.

رئيس — ڦوڱا.

ڦوڱو — جي سائين، حڪم ڪر سائين.

رئيس — بند ڪراءِ هي گوڙ گهمسان. ڪڍ ٻاهر هنن سڀني کي.

ڦوڱو — ڇا ڳالهه آ رئيس —؟

رئيس — دل اداس آهي.

ڦوڱو — (زور سان) اڙي بند ڪيو اهي طبلا سارنگيون. ڪٺو ڦيڙ، هلو هتان. ڏسو نٿا رئيس جي دل اداس آهي.

[سڀني جي وڃڻ جو تاثر —]

ڦوڱو — سربخت جر خير هجني. رئيس ڳالهه ڇا آهي —؟

رئيس — بي عزتيءَ جي بار هيٺان دٻجندو ٿو وڃان، جنت واري خبر هرهنڌ پکڙجي وئي آهي. يار دوست طعنا ٿا ڏين. مان ڇا ڪيان ڦوڱا —؟ مان ڇا ڪيان —؟

ڦوڱو — رئيس هڪ دشمن ته وڃي پهتو پنهنجي رب کي.

رئيس — ڪهڙو —؟

ڦوڱو — جانـــو.

رئيس — ڪارو چڱو؛ پتين کي به ڪن اٿئي!

ڦوڱو — رئيس جون ديوارون اوچيون ۽ مضبوط آهن. هتان مظلوم جي دانهن به ٻاهر نه ويندي آهي.

رئيس — ڪم جي ڳالهه ڪر.

ڦوڱو — ماڻهو ڪوچ ۾ لڳل آهن. اجهو ڏٺي ڪتان نه ڪتان ڪرڙڪ پوي، ۽ تنهن ڪانسواءِ (ڪلندي) جڙيل خان به ته ڏيءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيون ستون

[مجري جي موسيقي — رئيس جي اوطاق تي محفل جو تاثر]

مجو – وه واه! رنگ لڳي ويا رنگ.

رجو – رئيس وٽ هوندين ته اهڙيون موجون ڪندين ڇورا!

مجو – بس بابا، مولا ڏينهن ڏئيس. پوکڻ جهڙو آ پوکڻ جهڙو.

ڦوٽو – اڙي بس ڪر ڇورا، مزو تو وڃائين. هڻ هڻ! صدقي.

رئيس – ڦوٽا.

ڦوٽو – جي سائين، حڪم ڪر سائين.

رئيس – بند ڪراءِ هي گوڙ گهمسان. ڪڍ ٻاهر هنن سڀني کي.

ڦوٽو – ڇا ڳالهه آ رئيس—؟

رئيس – دل اداس آهي.

ڦوٽو – (زور سان) اڙي بند ڪيو اهي طبلا سارنگيون. ڪٿو لپڙ، هلو هتان. ڏسو نٿا رئيس جي دل اداس آهي.

[سڀني جي وڃڻ جو تاثر —]

ڦوٽو – سربخت جر خير هجني. رئيس ڳالهه ڇا آهي—؟

رئيس – بي عزتيءَ جي بار هيٺان دٻجندو ٿو وڃان، جنت واري خبر هرهنڌ پکڙجي وئي آهي. يار دوست طعنا ٿا ڏين. مان ڇا ڪيان ڦوٽا—؟ مان ڇا ڪيان —؟

ڦوٽو – رئيس هڪ دشمن نه وڃي پهتو پنهنجي رب کي.

رئيس – ڪهڙو—؟

ڦوٽو – جانــو.

رئيس – ڪارو ڇڏ؛ پتين کي به ڪن اٿئي!

ڦوٽو – رئيس جون ديوارون اوچيون ۽ مضبوط آهن. هتان مظلوم جي دانهن به ٻاهر نه ويندي آهي.

رئيس – ڪم جي ڳالهه ڪر.

ڦوٽو – ماڻهو ڪوچ ۾ لڳل آهن. اڄهو ڏٺي ڪتان نه ڪتان ڪڙڪ پوي، ۽ تنهن ڪانسواءِ (ڪلندي) جڙيل خان به نه ڏيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تلاش ۾ پريشان آهي. اِجهو هو اچي ويو.

[جڙيل اندر اچي ٿو— آهستي آهستي ٽڪل قدمن سان]

رئيس — ڪر خبر جڙيل خان. ڪاريءَ جو پتو پيو—؟

جڙيل — نه رئيس.

رئيس — تو ڪيس کوليو—؟

جڙيل — مون سڄو ٽر آٿلائي ڏٺو آهي.

رئيس — (ٽوڪ) ڏيءَ سان ڏاڍو پيار اٿئي جڙيل خان—؟

جڙيل — ڪاري چئه رئيس.

رئيس — اوهه! غيرت مند به آهين—!

جڙيل — مُڏيءَ چريءَ سان نـ ڪُهه پوتار! مارڻو ئي اٿئي، ته دونالي وهائي ڪيد.

رئيس — جو مهڻي سان نـ مئو! تنهن کي دونالي ڇا ڪندي جڙيل خان!

جڙيل — لوڪ ته پوڪ آهي وڏيرا! اندر جو ڦٽ ڪنهن ڦولهي ڏٺو آهي—؟

رئيس — پيريءَ ٽڪائي وڌو اٿئي؛ نه ته ماڻهو مندو ناهين.

ڦوڱو — جڙيل خان آڻ مڃي رئيس.

جڙيل — وڏيرا........!

رئيس — اهو ڪم اسان کي ئي ڪرڻو پوندو ڦوڱا!

ڦوڱو — جو حڪم رئيس!

رئيس — ته پوءِ وارو ڪر. ٽر پار جي ڪنڌ ڪڙڇ کولي ڦولي ڪاري هٿ ڪرا اسان جي عزت جو سوال آهي.

ڦوڱو — ائين ئي ٿيندو رئيس، اڄ رات ماڻهو توهانجي در تي هوندو.

سين اڏسون

[جنت جي سڏڪن جو آواز—]

جانل — نه روءَ ڏيءَ نه رو! روئڻ سان ڇا ورندو—؟

[جنت جا سڏڪا—]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانل ـ ڪي داغ ڳوڙهن سان به ڌوئي نه سگهبا آهن ڏيءَ!
جنت ـ امان؛ سان بي قصور آهيان؛ سان بي ڏوهي آهيان.
رمون ـ (ٽهڪ) هوءَ به بيڏوهي هئي. پر وئي.... وئي .... رئيس
ڪيس ماري وڌو! (ٽهڪ) ڪاري هئي ڪاري! مري وئي
مان ڪارو ناهيان! رئيس ڪارو ناهي! امان پڻ جيئرا
آهيون ـــ! (ٽهڪ)
ربـو ـ رمون؛ هوش ڪر پٽ!
رمون ـ هوش ـــ؟ (ٽهڪ) هوش وارا مـري ويندا آهن بابا ـــ!
ساران سياڻي هئي! وئي ـــ وئي ـــ!
جانل ـ اهي ڳالهيون دل سان نه لاءِ چريا!
رمون ـ مان چريو ناهيان ـــ مان چريو ناهيان! هي سڀ چريا
آهن ـــ! (ٽهڪ).
ربـو ـ وڃ وڃي سمهي رهه، رات لڙي وئي آهي.
رمون ـ نه سمهندس! اڄ نه سمهندس بـابـا، اڄوڪي رات ڏاڍي
خطرناڪ آهي بابا. ٻاهر اونداهي آهي؛ ٻاٽ اونداهي ـــ.
اڄ رات سڀ گڏجي جاڳنداسين، ڏاڍو مزو ايندو ـــ (ٽهڪ)
جنت ـ رمون ـــ
رمون ـ مونکي ڪنهن سڏ ڪيو ـــ؟ تو سڏيو ساران؟ مون کي
تو سڏيو ـــ؟
جنت ـ مان جنت آهيان ادا.
رمون ـ نه نه، تون ساران آهين، تون ساران آهين.
جنت ـ ساران ته مري وئي ادا.
[گهوڙن جي هڪار ـــ]
رمون ـ ته پوءِ تون به مري وينديءَ، تون به مري وينديءَ ـــ
(ٽهڪ) ٻڌئي، ٻڌئي ـــ؟ تو ٻڌو بابا ـــ؟ تو ٻڌو امان ـــ؟
ڪنهن ٻڌو ـــ؟
ربـو ـ ڇا آهي پٽ ـــ؟
[گهوڙن جي هڪل ۽ اچڻ جو آواز ـــ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمون – گھوڙن جو آواز –- هو پڌو –- پنج سال اڳ هوبهو
اهڙو آواز آيو هو –- ۽ پوءِ هو آيا هئا ۽ ساران کي کڻي
ويا هئا –-!
ربو – جنت ڏيءَ جلدي ڪر! ٻئي ڪونيءَ ۾ هل !
[در کي لت لڳڻ جو آواز – در کلي ٿو– چار پنج ماڻهن
جي اندر اچڻ جو آواز –]
رمون – (ٺهڪ) اچي ويا، اچي ويا ! پڇ چريا مست اچي ويا –!
ڦوٽو – پري هٽ چريا ! جنت ڪٿي آهي–؟
ربو – ڪير جنت ڦوٽا خان –؟
ڦوٽو – چالاڪ ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪر ڪراڙا ! ٻانهن پيدا ڪر.
رمون – ٻانهن پئدا ڪر (ٺهڪ) ڪراڙا ٻانهن پئدا ڪر !
ربو – مون تنهنجي ڳالهه نه سمجهي ڦوٽا خان !
ڦوٽو – مون وٽ هر ڳالهه سمجهائڻ جو بندوبست آهي ربو !
هيءَ ڪهاڙي ڏسين ٿو–؟
رمون – (ٺهڪ) کڻي ويندا ؛ کڻي ويندا ! وري ساران کي کڻي
ويندا . (ٺهڪ).
ڦوٽو – (زور سان) بڪواس بند ڪر.
رمون – بند ڪيم بڪواس، تون ڪر ، تون ڪر ؛ (ٺهڪ)
تون ڪر ڪهڙيءَ وارا .
ڦوٽو – ڪاري پئدا ڪر پوڙها، نه ته ڪنڌ ڪوري ڇڏيندومانءِ.
ربو – نه نه، ايڏو ڪيس نه ڪيو، خدا جي قهر کان ڊڄو. الله
جو انصاف ڏاڍو ڏکيو اٿئي ڦوٽا.
ڦوٽو – هيءَ وعظ جو وقت ناهي، هتي پري ٿيءُ ؛ اسان تلاشي
وٺنداسين .
ربو – نه نه، ائين نه ڪر ڦوٽا خان.
ڦوٽو – هتي پري ٿيءُ .
جانل – ابا ڦوٽا، هيءَ جهولي ٿي جهليانءِ ، ٻوهي ٿي وجهانءِ؛
اڳتي نه وڌجانءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦوٽو – اڙي وڏوس چوٽيءَ کان، ڏسو ڇا ٿا؟
رجو ۽ مجو – پري ٿي مائي.
[جنت جي ڇيخ]
رمون – (ٿهڪ) ملي وئي، ملي وئي! ڪاري ملي وئي، ڪهاڙي واري کي ڪاري ملي وئي.
جنت – ڇڏيو مونکي، ڇڏيو، خدا جي واسطي ڇڏيو!
رمون – ڪاري ملي وئي، هاڻي بس ”نـا“ ۽ پوءِ ساران مري ويندي! (ٿهڪ) مري ويندي —!
ڦوٽو – (ڇمات هڻندي) دور تـي وڃ منهنجي نظرن کان، پيهر ڏنومانءِ ته لاش ڪتا ڪائيندئي، وڃي هلو هن رن کي.
جانل – ابا واسطو اٿئي خدا جو! پلاند اٿئي پير جو! اهڙو قهر نه ڪر —!
ربو – قيامت ۾ مري منهن ڏيکارڻو اٿئي ڦوٽا.
ڦوٽو – سڀ پري ٿي بيهو نه ته ڦقڙ ڦاڙي ڇڏيندومانو.
[جنت جون ڇيخون – سيڻي جي ٻاهر وڃڻ جو آواز – گهوڙن جي پري وڃڻ جو تاثر –]
[ٿوري دير جي خاموشي – رمون جي هلڪن سڏڪن جو آواز–]
رمون – ويا هليا! ساران کي وٺي ويا هليا! گهوڙي تـي چاڙهي وٺي ويا هليا! هو ڪيس پيهر ماري وجهندا امان! هـو ظالم آهن، هو ڏاڍا ظالم آهن.
نه نه! ساران نه مرندي! منهنجي ساران پيهر نه مرندي! (ٿهڪ) پيهر نه مرندي! پيهر نه مرندي! نـه مرندي! (ٿهڪ).

سين نائـون

[رات جو تاثر – پري کان گهوڙن جي اچڻ جو آواز –]
رئيس – شايد هو اچي ويا، مونکي پڪ آهي جڙيل خان ته ڦوٽي ضرور جنت کي ڳولي هٿ ڪيو هوندو – تنهنجو ڇا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال آهي –؟

جڙيل – مونکي ڪاري گهرجي.

رئيس – ۽ هوءَ هٿ نه آئي ته پوءِ –؟

جڙيل – مان ڪيس پاڻهي ڳولهي هٿ ڪندس.

رئيس – ۽ پوءِ –؟

جڙيل – سندس رت سان پنهنجي پيشانيءَ تان بي عزتيءَ جو داغ ڌوئيندس.

رئيس – (ڪلي تو–)

[گهوڙن جو آواز ويجهو اچي بند ٿي وڃي ٿو–]

ها، اهي ٿي آهن، ڪاري ماڻي وٺي جڙيل خان!

جڙيل – (بيچينيءَ مان) ڪٿي آهي –؟

رئيس – اُهي نه ٿي جهونا! هو هيڏانهن ٿي اچي رهيا آهن.

[ڦوڏي ۽ ساٿين جي اندر اچڻ جو آواز–]

ڦوڏو – هيءَ وٺ ڪاري رئيس.

رئيس – شاباس ڦوڏا.

جنت – بابا!

جڙيل – خاموش رهه.

جنت – بابا! مان تنهنجي ڌيءَ آهيان بابا، مان تنهنجي جنت آهيان!

جڙيل – تون ڪاري آهين ۽ ڪاريءَ جو ڪو به رشتو ناتو نه هوندو آهي.

جنت – بابا.

جڙيل – مون ۾ وڌيڪ صبر جي طاقت ناهي، منهنجي ڪهاڙي منهنجي عزت جيان آجايل آهي:

رئيس – ترس جڙيل خان.

جڙيل – مونکي نه روڪ رئيس، واسينگ مارڻ ڏي.

رئيس – نه هيءَ نه مرندي!

جڙيل – چو –؟

رئيس – هيءَ منهنجي سام آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙيل ـ هيءَ ڪاري آهي.
رئيس ـ هوندي!
جڙيل ـ هي ڇا ٿو چوين رئيس ـــ؟
رئيس ـ اهو ئي جو هميشه چوندو آهيان.
جڙيل ـ ڇا مطلب ـــ؟
رئيس ـ منهنجي ڪوٽ ۾ ڪيترئي ٺـئي ڪاريـون سام جهلي ويٺيون آهن، مان راڄ جو وڏو آهيان جڙيل خان، جنت اڄ کان منهنجي ڪوٽ ۾ رهندي.
جڙيل ـ تون مڪار آهين، ڪوڙو دغاباز آهين.
رئيس ـ بس، ٻيو ڪجهه ـــ؟
جڙيل ـ تو منهنجي نياڻيءَ تـي ڪوڙو الزام هڻي ڪيس ڪاري ڪيو ۽ هاڻي پناهه جي بهاني منهنجي عزت سان کيڏڻ ٿو چاهين ـــ؟
رئيس ـ سام ڏيڻ اسان جي ريت آهي.
جڙيل ـ مان توسان گڏ ان ريت کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندس.
قوڙو ـ خبردار جڙيل، متان اڳتي وڌيو آهين.
جنت ـ بابا.
جڙيل ـ منهنجي ڌيءَ، منهنجي جنت.
جنت ـ بابا، مان بي ڏوهي آهيان بابا.
جڙيل ـ مان تنهنجي آڏو ڪنڌ ڪٽي نٿو سگهان ڌيءَ، مان گنهگار آهيان ٻچا! پر ترس، مان هن شيطان کي نه ڇڏيندس.
رئيس ـ قوڙا، ڏسين ڇا ٿو؟ ڪڍينس ٻاهر!
جڙيل ـ ڇڏي ڏيو مون کي! مان چوان ٿو ڇڏيو مون کي.
(آواز پري وڃي ٿو).
جنت ـ بابا ـــ بابا!
رئيس ـ تون ڪيڏانهن ٿي وڃين منهنجي بلبل! مس مس ته هٿ آئي آهين.
جنت ـ مونکي هٿ نه لاءِ! مان چوان ٿي منهنجي ويجهو نه آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئيس – (ٽهڪ) اوه –! ايڏو غرور–! هاڻي تو کي هت، منهنجي حويليءَ ۾ منهنجي دل جي راڻي ٿي رهڻو پوندو.
جنت – پري رهه مون کان! مان چوان ٿي پري رهه مون کان؛ ظالم؛ مڪار؛ منهنجي ويجهو نه اچجانءِ.
رئيس – ڏسان ته مون کي ڪير ٿو روڪي.
جنت – اهو ئي جنهن مارئيءَ جو ست سيل بچايو هو. جنهن سسئيءَ جي صدا تي ڏرتي به اڌ ڪئي هئي؛ جنهن لهرن وچ ۾ سهڻيءَ کي ميهر ملايو هو!
رئيس – (ٽهڪ) بڪواس بند ڪر.
جنت – خبردار رئيس؛ هڪ قدم اڳتي نه وڌجانءِ.
رئيس – (چرڪي!) پستول–؟ منهنجو پستول!
جنت – هڪ قدم اڳتي وڌايو اٿئي ته مان گولي هلائي پاڻ کي ماري ڇڏيندس.
رئيس – (ٽهڪ) اهي ڌمڪيون مون اڳ به ٻڌيون آهن! پاڻ کي مارڻ ايترو آسان ناهي!
جنت – مان چوان ٿي بيهي رهه!
رئيس – (ٽهڪ).
[گوليءَ جو آواز – جنت جي رڙ ۽ ڪرڻ جو آواز–]
رئيس – جنت! جنت! تو هي ڇا ڪيو– تو هي ڇا ڪيو جنت.
رمون – (ٽهڪ).
رئيس – (خوف) تون–؟
رمون – ها– مان– چريو! (ٽهڪ)
رئيس – تون هت ڇو آيو آهين–؟
رمون – آيو آهيان؛ پنهنجيءَ مرضيءَ سان! (ٽهڪ) مري وئي–؟ ساران پيهر مري وئي–؟ تو– تو ڪيس ماري ڇڏيو! (ٽهڪ).
رئيس – نڪري وڃ هتان.
رمون – تو ڪيس ماري ڇڏيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئيس — ڪو آهي—.؟

رمون — مان تو کي نه ڇڏيندس ! (ٺهڪ) مان تو کي ماري ڇڏيندس هيءَ ڪهاڙي ڏسين ٿو—؟ سٺي آهي نه —؟ (ٺهڪ).

رئيس — نه نه—! تون ائين نه ڪندين—! ڏس رمون مان تو کان معافي ٿو وٺان؛ هٿ ٿو ٻڌان ؛ پيرين ٿو پوان؛ مون کي نه مار—!

رمون — ڪوڙو، ڪوڙو ! (ٺهڪ) تون ڪوڙو آهين؛ تون هميشه ڪوڙ ڳالهائيندو آهين —! هميشه خون ڪندو آهين—! هميشه معافي وٺندو آهين—!

رئيس — رمون ....

رمون — تيار ٿي؛ اچئي ٿو؛ هيءُ وٺ، هيءُ وٺ هيءُ وٺ —.!

[ڌڪن جا آواز— رئيس جون دانهون— پوءِ خاموشي—]

ويو، ويو؛ ويو (ٺهڪ) ويو هليو! اڃان به آهين —! اڃان به گهٽا آهين—! نه بچندا ؛ مون کان بچي ڪاڏي ويندا—! (ٺهڪ) ويو، ويو؛ ويو—! ساران موذي مري ويو—. (ٺهڪ).

رمون — (ڏکاري آواز ۾) تون ڪاري ناهين، تون ڪاري ناهين، ڪارو مري ويو—! ڪارو مري ويو ساران ....! ڪارو مرى ويو........ !

—*—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرض مرض فرض

سين پهريون

[رات جو وقت ـ آچر ۽ عيدو جي کونگهرن جا آواز___]

آچر ـ عيدو ـ او عيدو !

عيدو ـ چاهي___؟

آچر ـ جاڳين ٿو___؟

عيدو ـ جاڳان ته ڪونه ٿو، ننڊ پيو هوس.

آچر ـ ننڊ پيو هُئين ته جواب ڪيئن ڏنئي سوالي___؟ استادن سان به استادي ٿو ڪرين___؟

عيدو ـ يار ننڊ نه ڦٽاءِ، چپ ڪري سمهي رهه.

آچر ـ ننڊ نٿي اچي.

عيدو ـ نٿي اچئي ته ڏيانءِ معجون ذري! او هتي پئي اٿئي منهنجي صدريءَ جي کيسي ۾، کڻي کائي ڇڏ، منٽن ۾ پرستان جا سير ڪندي پرستان جا، نور جو سنهن.

آچر ـ آهين نه چرسي، اڙي اُٺ، هيڏانهن نهار.

عيدو ـ ايڏانهن نهاري ڇا ڪندس، تنهنجو واڳڻ جهڙو بوٿ ڏسي ڏسي ته حياتي گذري وئي، نه شادي ٿي ۽ نه گهرگهاٽ ٿي نهيو.

آچر ـ شادي وري ڏوڙ تي ٿيندئي؟ سچا ٽوڪي کهڙو چڱو مڙس ڌيءَ ڏيندو___؟

عيدو ـ اڙي جڏهن جوان هئاسين تڏهن وڏا وڏا پئسي وارا عيدوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪڏهن ڦرندا هئا، ڇوڪرين جي ته ڳالهه ئي نه پڇ!
ڪجل جي ڌار اکين ۾ پائي، پرت جو پهراڻ پائي
جڏهن ٻانهن لوڏي لڪي در تان لنگهندو هوس ته ڏهه ڏهه
ڇٽيون پتنگن جيان ڪرنديون هيون، پتنگن جيان ـــ!

آچر ــ ابا پنڪيءَ ۾ ته خبر ناهي ڇا ڇا ڏسندو هوندين! اڃين
آني جي آفيم سان پاڻ کي شهزادو سمجهندو هوندين ـــ!

عيدو ــ بي عزتي خراب نه ڪر آچــر! عيدو اڄ به جوانن کان
وڌيڪ جوان آهــي؛ اڄ به نئين ٻئيهي وڄهايان ۽ مٿي
تي ٿورا وار هجنم ته جيڪر تنهنجا فلمي ائڪٽر منهنجو
پاڻي ڀرن، هاـــ!

آچر ــ نهيو نهيو، گهٽو ٿيو.

عيدو ــ گهٽو ٿيو ته ماڻ ڪري سمهي رهه، اجائي ننڊ نه ڦٽاءِ،
ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان.

آچر ــ ٿڪجي ته يار مان به ڏاڍو پيو آهيان، پر ڇا ڪجي ؟
ڪم ته ڪرڻو آهي نه ـــ؟

عيدو ــ ها ڀائو، سڄي عمر گذري وئي پــرائــي ڀيلهپي ۾، باقــي
ڏينهن به گذري ويندا.

آچر ــ مائي آهي ڇتي! اصل آرام ڪرڻ ئــي نٿي ڏئي، سڄو
ڏينهن پٺي تي ڪرڪر ڪري. هي ڪيو هــو ڪيو،
هيڏانهن وڃو، هوڏانهن وڃو! اصل توبهه! جزا آهي جزا.

عيدو ــ يار، منهنجي وٺي نسوار ڪپي، سوچيم ته به منٽ لنوائي
وڃي وٺي اچان. پر مــار پوليس آفت آهي آفت! ڪٿي
تي ڇڏي! مون به گهٽي ئــي بهانــا بنايا پــر اڳيان به
افلاطون سان ڪم پيو هو.

آچر ــ بابا ماڻ ڪيو ويٺو هج؛ اهي اسانجا جگر آهن جو هن
گهر ۾ ايترا سال گذاريا اٿئون؛ ٻيا نوڪر هجن ها ته
جيڪر ڪنن تي هٿ رکي ڀڄي وڃن ها ـــ!

عيدو ــ پيو نه ته ويچاري مڙس سان ڪهڙيون حالتون ڪيائين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعي ڪن ۾ جو چڪ هنياڻينس ته راڄ اچي ڪٺا ٿيا، مجال آ جو چڪ ڪڍي! آخرڪار ننڊ اچي ويس، تڏهن وڃي ويچاري جي جان ڇٽي!

آچر — ۽ هو ياد اٿئي جڏهن صاحب جي ٽپڻ تي ٽانڊو رکيو هئائين؟

عيدو — اڙون نه—؟ توبهه: مڙس جي رڙو رڙ پئي پوي—! ايلاز، منٿون، آزيون، نيزاريون، گيسيون، جانا—! پر مائي مڙي چا—!

آچر — سائين ان ويچاري جا جگر ها جو سهندو هو: آفرين آهي سندس صبر کي—!

عيدو — ادا، انسان آخر ڪيستائين صبر ڪندو—؟ نيٺ ڪوهه ۾ ٽپو ڏئي جان ڇڏايائين! خدا جنت نصيب ڪريس! ماڻهو ڀلو هو، مڙني فقيرن تي مهر جي نظر ڪندو رهندو هو.

آچر — بس ويچارو پاڻ ته ويو: پويان اها ڦڪڙي اسانجي لاءِ ڇڏي ويو.

عيدو — الله ڪندو ته اها به آڌي بيٺي آهي! نه اٿس ڏٿي نه سائين نه آل نه اولاد! ٽيڙ ٽاڙي، مال ملڪيت ايندي اسان ٻنهي جي هٿ—! مان ته ڀيلي ڪوليندوسانءِ گتو! ڪمائي جي ڪمائي، شوق جو شوق! ويٺا هونداسين پيالا ڀري ڪيو دوڪان تي!

آچر — اڙي آهستي ڳالهاءِ ته پيٽي نه مٺڪو! خبر پئجي ويس ته اندا ڪڍي ڇڏيندءِ.

عيدو — ڪري ڏسي اسان مولاين سان ڪيچل! هڪ پاراتي سان سر نه وڃايانس ته منهنجو نالو به عيدو ناهي.

آچر — ڀيلي عيدو....

عيدو — جي آچر.

آچر — يار عيدو، اڄ صاحب جي پهرين ورسي هئي، بيگم صاحب، صاحب جي فوٽوءَ کي ڪٽي ڪوڙ دير تائين روئندي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيدو — ڪوڙي.
آچر — نہ پيلي، مون ڪيس پاڻ روئندو ڏٺو!
عيدو — تون چوين ٿو تہ هوندو؛ جهيڙي لاء ماڻهو نہ ملندو هوندس، تڏهن روئندي هوندي ـــ!
آچر — ڇا بہ هجي، اڇا تہ جوان ٻيٺي آهي! هاڻي بہ شادي ڪري تہ جيڪر.......
عيدو — نہ ابا؛ ڪنهن کي ڪُتي ء ڪنيو آهي جو هن عزرائيل سان شادي ڪندو؟ سچو ملڪ ٿو هن جي ناليءَ ڪان ڪنبي ـــ! ڪيترن ماڻهن تہ پڻ ڪان هي رستوئي ڇڏي ڏنو آهي ـــ!
آچر — مهينو کن ٿيو تہ وڏيري جانوءَ جي ٿي ڦيٿي! سو ٿو هن گهٽيءَ مان لنگهئي؛ بيگر صاحب ڪٽي جو ڪتو پٺيان ڇڏيس، تہ همراه جي اڇي اڇي پٽي پوي! ٿي ميل يڪ ساهيءَ ڊوڙندو ويو؛ ڪڏون ڪوبہ دڙا دڪيون، ناليون نارا سڀ ائين ٽپي ويو؛ ڄڻ چوڏهن سالن جو جوان هجي.
عيدو — ۽ هن شاهوڪ پساريءَ کي جو ڏندو مغز وارو هنيو هٿائين.
آچر توبهہ سائين توبهہ؛ الله پناهہ ڏيندو دشمن کي بہ.
عيدو — يار ڳالهہ بڌ.
آچر — ڇئہ.
عيدو — بابا ڪهڙي هچا جون ڳالهيون ڪٽي ويٺو آهين؛ اڌ رات جو؛ ڇڏ تہ ٿوري دير آرام ڪيون؛ ڇاڻ صبح ٿيو.
آچر (اوٻاسي ڏيندي) چوين سچ ٿو. آچر خان هاڻي سمهي رهہ پيلي.

سين ٻيو

[آچر ۽ عيدو گهر جي صفائي ڪري رهيا آهن ـــ]

آچر — عيدو؛ او عيدو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيدو — ڇاهي؟ بيگم صاحب پڻي تي گهر ۾ ڦري، مارائيندين ڇا—؟
آچر — اڙي ڳالهه ته ٻڌ ....
عيدو — ٻيلي ڳالهيون هلي ڪوارٽر ۾ ڪجانءِ، هت پٽڪو ٻه ٻڌي ورتائين ته پنهي جو خير ڪونهي. (بيگم جي اچڻ جو آواز) اڙي مري وياسين، اچئي پئي.
[بيگم اندر اچي ٿي—]
بيگم — هان اچئي پئي! ڇا پئي اچي—؟ جواب ڏي، ڳالهاءِ، ڪُل— (زور سان) ڳالهائين ڇو نٿو—؟
عيدو — (ڇرڪي) جي— جي— جي— بيگم صاحب—!
بيگم — جي جي جا سڪا، اڳتي چئه!
عيدو — اڳتي ڇا چوان بيگم صاحب—؟
بيگم — اُهو ٿي جيڪو هن مٺي تاريل ڪسي پئي چيئي منهنجي لاءِ—! تون ڇا ٿو ڏسين ٻيئو ڏائڻ—؟ ساه ڪڍندين ڇا—؟
آچر — بيگم صاحب، مون ته ڪجهه چيو ئي ڪونه، مان ته ....
بيگم — تو ته ڪجهه چيو ئي ڪونه، تون ته الهه لوڪ آهين. ڪجهه چائين ئي ڪونه ٿو. بي سمجهه، معصوم، گگدام آهين. چور ڪنهن جاءِ جا، مان تو کي چڱي طرح سڃاڻان.
آچر — پر بيگم صاحب....
بيگم — اڙي وري جواب ٿو ڏين ڏندرا؟ اهي ڏند انبوريءَ سان نه ڪڍايامانءِ ته منهنجو به نالو ناهي. منهنجون گلائون ٿا ڪيو، نمڪ حرام.
عيدو — مون کي ته قسم آهي بيگم صاحب ....
بيگم — زبان بند رک مٺا موالي، پيو ٻنگ جو ڪونڊو وتين ٿو جهوٽا کائيندو سڄي گهر ۾. ڪلهه وڃي چِلهه ۾ دون هنئي هيئي، اڄ وڃي فرش تي ڪياڙي لڳئي. پاڻ نٿو سنڀالي سگهين ته مٺا وڃي ڪنهن مقام ۾ مجاور ٿي ويهه. هتي ڇو مٿو پيو آهين—؟ تون ڙي ڇو چپ ڪيو ٻيٺو آهين—؟ گهر جو ڪم ڇاڇهين ڪندو—؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آچر — ڪم پئي ڪيم بيگم صاحبه.

بيگم — هان، ڪم پئي ڪيئي. مان آهيان تماشو، سو مون کي ڏسڻ بيهي رهيو آهين. ڪڻ پوچو، هڻ فرش کي ته ڏيانءِ نه مغز وارو سرونئو. نڪما ڪنهن جاءِ جا. ۽ تون چو چپ ڪيو بيٺو آهين مٿا چرسي—؟

عيدو — مون ته ڪپڙي کي ٽيبل سان پئي چنڊيو. نه نه، چنڊٽي سان ڪپڙي کي— نه نه— ٽيبل سان.

بيگم — ڏوڙ پئي اٿئي منهن ۾. تون اٿين نه سڌرندين. اڙي ڪيڏانهن ويو اهو ڏنڊو؟

[بيل وڄي ٿي—]

بيگم- ڪهڙي مئي جو اٿو ڪٿو صبح مردان سلڻ—؟

آچر — بيگم صاحبه، ڪير وارو آيو هوندو بل وٺڻ.

بيگم — اهو مئو اچا جيئرو آهي—؟ ڪلهه جو پيٽ ۾ لڦتي هنئي مانس.

عيدو — بيگم صاحبه ڪير وارو ته اسپتال داخل آهي، هي ته پڪ جعفر ڪاسائي هوندو.

بيگم — چڱو چڱو، ڏسندين ٻه وڃي در تي يا اتي بيٺو جهوٽا کائيندين پيا طوطا.

عيدو — وڃان ٿو، بس اِجهو ٿو وڃان. (وڃي ٿو—)

[بيل ٻيهر ٿي وڄي—]

بيگم — اڙي وڃ ٻه ڪٿي جڏا، هن مئي جو ساهه ٿو وڃي. ٻه منٽ صبر سان بيهي به نٿو سگهي. اڙي وٺين موالي؟ انهي عيدوءَ مان ٻه اچي ڦاٽي آهيان. ڪنهن ڏينهن ڏئي زهر ذرو هلائي ڇڏيانس ته چڱو. اڙي ٻڌين ٿو ڇا چوها ؟

آچر — نه بيگم صاحبه، مون ته ڪجهه به ڪونه ٻڌو، ان پٽاري.

بيگم — اڙي جي ٻڌندين ته ٻه چاهي، چوڏا نه لاهي ڇڏيانءِ ته بي ڳالهه آهي.

[عيدو اندر اچي ٿو—]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيدو — بيگم صاحبہ ....

بيگم — ڇا ٿيئي؟ ڪير آهي در تي —؟

عيدو — بيگم صاحبہ، ڪو ماڻهو آهي، توهان سان ملڻ ٿو چاهي.

بيگم — چوينس تہ مان گهر ۾ ناهيان.

عيدو — چوي ٿو تہ هن توهانجو آواز ٻن ميلن تي ٻڌو هو.

بيگم — چوينس تہ سمهي پئي.

عيدو — چيومانس، پر چوي ٿو تہ هي وقت سمهڻ جو ناهي.

بيگم — چوينس تہ مري وئي.

عيدو — چيومانس پر........

بيگم — ڇا چيئي—؟

عيدو — ڪجهہ بہ نہ بيگم صاحبہ؛ ڪجهہ بہ نہ —!

بيگم — چوينس تہ مان ڪنهن سان بہ ملڻ پسند نہ ڪندي آهيان هليو وڃي.

عيدو — مون تہ گهڻو ئي چيومانس پر هو ماڻهو تہ صفا چچڙ ٿي لڳو آهي! چوي ٿو تہ مــان ڪنهن بہ صورت ۾ بيگم فاروق سان ضرور ملندس؛ ضروري ڪم آهي.

بيگم — مون چيو تہ مان ساڻس هرگز نہ ملندس. وڃي ڪڏ ۾ پوي.

آچر — اڙي اڙي؛ ڪاڏي ٿو اچين—؟ مان چوان ٿو اتي بيهہ، بيگم صاحبہ گهر ۾ ناهي.

راجا — تون چپ ڪر ٽيڙوا! مونکي اندر اچڻ ڏي.

آچر — پر سائين هيءَ گهر آهي —!

راحا — مون ڪٿي چيو تہ هي وٿاڻ آهي؟ هتي پري ٿي منهنجي رستي تان! لڪڻ وهائي ڪيندومانءِ —!

عيدو — پوتار ڪجهہ خيال تہ ڪيو —!

راجا — خاموش! گستاخ پوڙها، ڪٿي آهي تنهنجي مالڪياڻي—؟

بيگم — ڪير آهي هيءَ اڌ مغزي؟ هت ڇو آيو آهي؟ ڪيئن ڇو تتا ڏڪا ڏئي—؟

راجا — اوهو تہ هيءَ آهي اها محترمہ جنهن جي تعريف مون سڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوهن نٿي پڌي ھئي.

عيدو – ۽ توهان ڪيس سؤ ڪوهه تي به ڪولي لڌو آهي!

بيگم – (غصي ۾) عيدو، تون بڪ بڪ بند ڪر! ھيءَ ڪير آهي–؟

راجا – ٽيڙو، پنهنجي مالڪيائيءَ ڪي ٻڌاءِ ته منهنجو نالو راجا آهي. مان سائس ملڻ آيو آهيان.

بيگم – هن کي چئه ته هڪدم هتان نڪري وڃي نه ته ميچالو ڦيهي ڇڏيندي مانس.

راجا – ٽيڙو، پنهنجي مالڪيائيءَ کي ٻڌاءِ ته مان ضروري ڪم سان آيو آهيان.

بيگم – آچر ڪڍ مٿي کي ٻاهر.

راجا – محترمه، معاف ڪجانءِ، مان خدا نخواسته تنهنجو مڱيندو يا مڙس ناهيان جو مونتي هٿ کڻين. مان تو سان ملڻ آيو آهيان.

بيگم – مون وٽ ڪنهن سان به ملڻ جو وقت ناهي.

راجا – تو کي مونسان ملڻو ئي پوندو.

بيگم – هرگز نه–!

راجا – ته پوءِ مان گهر مان ٻاهر نه ويندس!

بيگم – منهنجا نوڪر توکي ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا.

راجا – تنهنجا ھهڙا چار مردار نوڪر به منهنجو ڪجهه بگاڙي نه سگهندا–!

بيگم – مان پوليس کي گهرائيندس.

راجا – اهو ته مان به چاهيان ٿو–!

بيگم – ڇا مطلب–؟

راجا – آئينءَ نه مطلب جي ڳالهه تي–!

بيگم – مان چوان ٿي نڪري وڃ هتان–!

آچر- راجا صاحب، هتان هليا وڃو! توهان کي خبر ناهي بيگم صاحبه ڏاڍي چٽي آهي!

راجا – مون پيٽ ۾ تيرنهن سيون اڪوات لڳائي ڇڏيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگم – چا ٿو چوين؟ جو ڪجهه چوڻـو اٿئي جلدي چئه ۽ پير ڏاهه، مون وٽ وقت ناهي.
راجا – چوڻ اِهو آهي ته محترم تنهنجي مڙس فاروق خان، مرڻ کان اڳ مون کان ٽي هزار روپيا قرض ورتو هو.
بيگم – قرض ورتو هوــ؟
راجا – جي ها! ۽ قرض وڏو مرض آهي.
عيدو – ۽ قرض موٽائڻ فرض آهي.
راجا – تون ته بس ڪر سياڻا.
بيگم – پر منهنجي مڙس ايترا پئسا ورتا ڇاجي لاءِــــ؟
راجا – مون کان ڪنڌي ٽي گاهه ڪٽندو هو.
بيگم – گاههــــ! گاهه ڪنهن لاءِ وٺندو هوــــ؟
راجا – پاڻ کائيندو هوندو؛ يا گهر آڻيندو هوندو! يا وري گهوڙي کي کارائيندو هوندوــــ!
بيگم – جيڪڏهن منهنجي مڙس تو کان قرض ڪنيو آهي ته اهي سڀ پئسا مان تو کي جلد موٽائي ڏيندس، هاڻي تون وڃي سگهين ٿو.
راجا – واهه! ايترو جلد وڃي سگهان ٿـو! نه محترم! ڳالهه در اصل هن ريت آهي تـه مون کي سڀاڻي صبح جو اهي پئسا بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻا آهن! آخري تاريخ آهي.
بيگم – پر هن وقت ته مون وٽ پائي به ڪونهي! هفتي ڪن اندر پئسا ملندم، پوءِ اچجانءِ.
راجا – مون چيو تـه مـون کي پئسا صبح ساڻ بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻا آهن! ٻيءَ حالت ۾ پوليس مون کي ٻڌي ويندي.
بيگم – اهو ته وڏيڪ سٺو ٿيندو.
راجا – مان مشورو وٺڻ نه پئسا وٺڻ آيو آهيان.
بيگم – پئسا ڪونهن؛ مونکي افسوس آهي.
راجا – مونکي به افسوس آهي؛ پر مان هفتو ترسي نٿو سگهان.
بيگم – پر مون وٽ پئسو ناهي ته مان ڇا ڪيان؟ مٿو ڏاريانــــ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا - تنهن جو مطلب اِهو ٿيو ته مونکي هينئر پئسا نه ڏيندينءَ---؟

بيگم - جي نه!

راجا - هون.... ته اِهو تنهنجو آخري فيصلو آهي---؟

بيگم - جي ها---!

راجا - بلڪل آخري فيصلو---؟

بيگم - هڪ دفعو چيم نه ها! ها، ها، ها! هائي، ٻڌءِ---؟

راجا - جيڪڏهن اِها ڳالهه آهي ته منهنجو آخري فيصلو به ٻڌي ڇڏ! مون کي جيستائين پنهنجا پئسا نه ملندا، مان هن گهر مان هڪ قدم به ٻاهر نه ڪيندس! اڙي ٽيڙو، وڃ، وڃي منهنجا سامان کڻي اچ ۽ هڪ ڪمرو صاف ڪري ان ۾ لڳائي ڇڏ!

بيگم - مونکي اها بدتميزي پسند ناهي! توکي شايد منهنجي خبر ناهي---؟

راجا - توکي به شايد منهنجي خبر ناهي! راجا نالو اٿم راجا، راجا ڳاهه وارو.

بيگم - آچر، عيدو ڪيڏو مٿي کي ٻاهر.

راجا - ڪو ويجهو نه اچي ڏسي، ڪٽر ڪري ڇڏيندوسانس. هل ڙي ٽيڙو، ٽپڙ کڻي آءُ. وڏا آيا آهن اوڏر نه ڏيڻ وارا وڃ ڙي ڪڳا، منهنجي ڪاڏي پيتي جو انتظام ڪر. ڏسين ڇا ٿو، قد ٻت چڱي طرح ڏسي ڇڏ. ۽ ها محترمه جيڪڏهن منهنجي پئسن جو انتظام هفتي اندر به نه ٿي سگهيو ته پوءِ مونکي هن گهر ۾ مستقل مهمان سمجهجانءِ.

سين ٽيون

عيدو - آچر.

آچر - جي عيدو.

عيدو - پيلي هن مهمان مان چڱو ڦاٿاسين، تن ماڻهن جي ته ماني ٽو ڪائي، ان کان پوءِ حڪم ٽي حڪم. چانهه کڻي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير ڪٿي آ، پاڻي ڪٿي آ. ماني نہ کائيندس ۽ برياني
پچايو، هاضمو خراب آهي جيلي ٺاهيو، حلوو تيار ڪيو.
جن حڪم ٿي سندس ٿو هلي.

آچر – سچو ڏينهن ٿو ڪاٽي ڪمبخت، ڪجھ موري بہ نٿو ڇڏي
گھر ۾، خدا غارت ڪريس، ڏاڍو تنگ ڪيو اٿس.

عيدو – آچر ....!

آچر – ڇاهي موالي—؟

عيدو – مون کي هڪ صلاح آئي آهي ذهن ۾.

آچر – اهاٿي نہ تہ بيگم صاحبہ جي مرڻ ڪانپوءِ تون ڪٿي تي
ويهي جهوٽا کائيندين—!

عيدو – اڙي نہ! اها تہ پوءِ جي ڳالھ آهي، پهريون هن مصيبت
مان تہ جان ڇڏايون! هيڏي آ، ويجهو اچ—! هان، هاڻي
ٻڌ، تون هينءَ ڪر جو مانيءَ ۾ زهر ملائي ڏينس، پاڻهي
راتو رات مري ويندو—!

آچر – نہ بابا نہ! مون کان اِهو ڪم نہ ٿيندو، ٻي ڪا صلاح ڏي.

عيدو – ٻي ڪهڙي صلاح ڏيانءِ؟ ماڻهو مارڻو ٿي آهي تہ پوءِ
ڪيس زهر ڏيڻو ئي پوندو.

آچر – ماڻهو مارڻ جا ٻيا بہ طريقا ٿي سگهن ٿا....!

عيدو – ٻيا وري ڪهڙا طريقا ٿيندا —؟ مان بہ تہ ٻڌان!

آچر – مثلا ڪوئي ٿان ڌڪو ڏجيس، ڏيڇاري هانءَ ڦاڙجيس، درياهَ
۾ لوڙهي ڇڏجيس، کوهہ ۾ ڌڪو—! کوهہ ۾ ڌڪو—!
اچي وئي! واهہ جي صلاح اچي وئي....!

عيدو – کوهہ ۾ ڌڪو ڏيونس—؟

آچر – نہ، هرگز نہ، ياد اٿئي عيدو، پنهنجو صاحب ڪيئن مٿو هو؟

عيدو – ها، کوهہ ۾ ٽپو ڏنو هئائين! ٻيو ڪيئن....؟

آچر کوهہ ۾ ٽپو ڇو ڏنو هئائين—؟

عيدو – هن مصيبت جهڙي زال کان تنگ ٿي ٽپو ڏنو هئائين،
ٻيو ڇو ڏنو هئائين—؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آچر - تہ پوءِ ٺيڪ آهي.
عيدو - ڇا ٺيڪ آهي-؟
آچر - ٺيڪ اِهو آهي تہ اسان هن ماڻهوءَ کي رستي تان هٽائڻ لاءِ سندس شادي بيگم صاحبہ سان ڪرائينداسين، اڪيلي کوه ۾ ٽپو ڏيڻ سندس ڪم آهي! ڇا خيال آهي-؟
عيدو - خيال تہ سٺو آهي، پر جي کوه ۾ ٽپو نہ ڏنائين تہ پوءِ ڇا ٿيندو-؟
آچر- ڦاهو کائي مرندو.
عيدو - پر جي اهو بہ نہ ڪيائين تہ پوءِ--؟
آچر - تہ پوءِ دنيا ۾ ئي دوزخ ڏسي وٺندو ! اشراف هوندو تہ پاڻ کي ماريندو ضرور.
عيدو - پر اِها شادي ڪرائينديين ڪيئن-؟
آچر - اهو ڪم سولو آهي، ٿوري عقل ۽ عمل جي ضرورت آهي ۽ پوءِ........
عيدو - (ڪلنديي) وه واه ڏاڍو مزو ايندو! اصل زهر کي زهر ماريندو!
[پري کان راجا جو آواز اچي ٿو-]
راجا - اڙي ٽيڙو، ٽيڙو- ڪاٿي مري وئين-؟
آچر - وري الائي ڇا ٿيس !
عيدو - لڳي هوندس بک، ٻيو ڇا ٿيو هوندس. هفتيءَ ۾ لکن هزارن جي تہ ماني کائي ويندو. ان کان تہ چڱو هو پئسا ڏئي جان ڇڏائجي ها-!
راجا - (پري کان) اڙي ڪو آهي يا سڀ جا سڀ ويا هليا-؟
آچر - آيو سائين (آهستي) مان وڃي ٿو پنهنجي ڪم سان لڳان! تون بہ اچي لاڳ وٺائجانءِ.
[آچر جي وڃڻ جو آواز-]
جي سائين حڪم ڪيو-؟
راجا - اڙي هيءُ گهر آهي يا وٿاڻ آهي-؟
آچر - سائين في الحال تہ وٿاڻ ٿو لڳي. توهان هليا ويندا تہ پوءِ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا — ڇا ٿو چوين؟
آچر — منهنجو مطلب آهي ته توهان هليا وينداته پوءِ هيءَ گهر وٺاڻ لڳندو.
راجا — نهيو نهيو! بڪ بند ڪر. ڪاٿن لاءِ به ڪجهه آهي گهر ۾ يا سيٺي روزو رکيو آهي؟
آچر — سائين اڃان توري دير اڳ ته توهان ٻوڙ ماني........
راجا — اڙي آهو ته ڪلاڪ اڳ جي ڳالهه هئي، بک ماريندو ڇا؟
آچر — نه سائين، بک مرن توهانجا دشمن، توهان لاءِ ته بيگم صاحبه وڏا حڪم ڏئي ڇڏيا آهن.
راجا — ڇا حڪم ڏنا آهن تنهنجي انهيءَ بيگم صاحبه؟ گوليءَ سان اڏائڻ جو حڪم ڏنو آهي يا ڪهاڙيءَ سان ڪنڌ ڪپڻ جو حڪم ڏنو آهي يا شينهن آڏو اڇلائڻ جو حڪم ڏنو آهي؟
آچر — ائين نه چئو سائين، بيگم صاحبه ته چئي ڇڏيو آهي ته توهانجي ڪاڌي پيتي جو هر وقت خيال رکيو وڃي ته جيئن توهانکي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ٿئي.
راجا — ڇا؟ ڇا؟ ڇا؟ ڇيو آهي تنهنجي بيگم صاحبه؟
آچر — گهڻو ڪجهه ڇيو اٿائين سائين! (شرمائيندي) پر مان ڇو ٻڌايان؟
راجا — اڙي ڪجهه ته ٻڌاءِ!
آچر — نه سائين! مونکي شرم ٿو اچي. پاڻ وڏن سان اهڙيون ڳالهيون نه ڪبيون آهن.
راجا — ٺيڙو، مان چوانءِ ٿو ٻڌاءِ ڇا ڳالهه آهي؟
آچر — بيگم صاحبه پئي چوي ته پئسا ته مون وٽ آهن، پر مان راجا صاحب کي پئسا ان ڪري نه ڏيندس ته جيئن هو هميشه هت رهيو پيو هجي ۽ هرگز هرگز هتان نه وڃي.
راجا — سچ ٿو چوين؟ پيو ڇا پئي چوي؟
آچر — پيو چوي پئي ته توهان ماني سني نٿا ڪارايو مهمان کي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئنده مان پاڻ ڌاهينديس ماني پنهنجن هٿن سان.

راجا – هان؟ ڀلا ڀيو ڇا پئي چوي—؟

آچر – سائين چوي ته گهڻو ڪجهه پئي! پر توهان ڇا ڪندؤ انهن ڳالهين کي—؟ توهان پرديسي ماڻهو، ٻه ٽي ڏينهن رهي پنهنجو قرض وٺي هليا ويندا. خواه مخواه ڳالهه کي وڌائڻ مان ڪهڙو فائدو—؟

راجا – ها، فائدو ته برابر ڪونهي، پر ٿيڙو....

آچر – چئو سائين.

راجا – آچر خان ڳالهه ته ٻڌ....

آچر – جيءَ سائين.

راجا – تنهنجي صاحب کي مئي گهڻو عرصو ٿيو آهي—؟

آچر – سائين، ڪالهه هڪ سال پورو ٿيس.

راجا – تنهنجي بيگم صاحبه ته اڃا جوان بيٺي آهي، آهي به شڪل صورت جي سهڻي؛ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي به ايتري خراب ته ناهي.

آچر– نه سائين. مجال آ جو ڪو ڏکيو اکر زبان مان ڪڍي، ويچاري ڳالهائيندي ته بلڪل ناهي؛ ڪڏهن ڪڏهن مڙني هڪ اڌ لفظ چئي وٺندي آهي، نه ته ڪنهن جي ٻن ۾ نه ٽن ۾.

راجا – (خوش ٿيندي) هائو ڀلي—؟ ڀلا ڀيو ڇا ٿي چوي منهنجي لاءِ—؟

آچر – ٻي خبر سموري عيدوءَ کي اٿو؛ اِجهو هو اچي پيو، پاڻ ئي پڇي وٺوس نه—!

[عيدوءَ جي اچڻ جو آواز—]

عيدو – سائين هي وٺو کيرٽي، بيگم صاحبه توهان لاءِ موڪلي آهي! سلام به ڏنا اٿائين ۽ پڇيو اٿائين ته ڪا تڪليف ته ناهي—؟

راجا – کيرٽي ڏني اٿائين؟ وه واه! ڀيو ڇا پئي چيائين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيدو – سائين چوي پئي ته راجا صاحب ماڻهو ڏاڍو سٺو آهي.
راجا – سچي—؟
عيدو – اڙون نه ته سائين، سڄو ڏينهن توهانجي تعريف ۾ گذاريو اٿائين، نور جو سنهن!
راجا – هه هه! مان ته مري ويندس. ڀلا ٻيو ڇا پئي چيائين—؟
عيدو – گهڻو ڪجهه پئي چيائين. توهان پاڻ چو نٿا پڇوس—؟
راجا – ها، اها ڳالهه به ٺيڪ آهي! مان پاڻ ئي پڇندومانس.
[بيگم جو پري کان آواز—]
بيگم – عيدو— او عيدو موالي—!
عيدو – بيگم صاحبه سڏي پئي! (زور سان) اچان ٿو بيگم صاحبه—!
[وڃي ٿو— وڃڻ جو آواز—]
عيدو – جيءُ حڪم ڪيو بيگم صاحبه.
بيگم – اڙي چنبا، سڄو ڏينهن ان ٻـي سري مهمان وٽ وينـا ڪهڙا قصا ٿا ڪُٽيو؟ مونکي ته اِهو ڏائڻ ٻنهه وٺي ئي نٿو—! خدا ماريس، هاڻ تي ٻار ٿي اچي ڪريو آهي. مان سياڻي ئي ٿي هزار روپيا منهن تي هڻي گهر مان ٿي ڪيدانس. ۽ هڪ ٺاهوڪي مار به ڏئي ڇڏيندي مانس.
عيدو – بيگم صاحبه—!
بيگم – چاهي—؟
عيدو – بيگم صاحبه، هڪ طرف توهان هـن ويچاري تـي ايترو ڪاوڙيل آهيو ۽ ٻئي طرف هو ته توهان جي ساراهه مان ئي نٿو ڌاپي—!
بيگم – ڇا ٿو چوين موالي—؟ هوش ڪر ته پيچاڻ نه دون.
عيدو – مان سچ ٿـو چوان بيگم صاحبه؛ چوي پيو ته توهان جي مالڪياڻي ڪيڏي نه سٺي آهي.
بيگم – ڪوڙ ٿو ڳالهائين موڳا—!
عيدو – نه بيگم صاحبه، ڪوڙ چو ڳالهائيندس؛ مونکي ڪو گهران تو ڪارائي چا—؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگم – هان— ته پيو چا پيو چوي اهو ڊور—؟

عيدو – چوي پيو ته مون اهڙي خوبصورت عورت زندگيءَ ۾ ڪٿي نه ڏٺي آهي.

بيگم – الا—؟ ائين پيو چوي اهو بي شرم—؟

عيدو – نور پتاري، بلڪل ائين پيو چوي اهو بي حيا!

بيگم – اڙي مٺا مهمان کي گهٽ وڌ ته نه ڳالهاءِ! پلا پيو چا پيو چوي؟

عيدو – بس بيگم صاحبه، رڳو تو تعريف ڪري توهان جي—! مون کي ته اهڙي ٿي ڪاوڙ لڳي، اهڙي ٿي ڪاوڙ لڳي جو جيڪر رت پي ڇڏيانس.

بيگم – نهيو نهيو، گهٽو ڳالهائيءَ، رت تو پئيس، (شرمائيندي) پلا پيو چا پيو چوي؟

عيدو – بيگم صاحبه، توهان ته خواه مخواه مون تي ناراض ٿيون ٿيو، مان نه ٻڌائيندس.

بيگم – مان چوان ٿي ٻڌاءِ.

عيدو – نه بيگم صاحبه، توهان ڪاوڙ ڪندا!

بيگم – (خوشامدائي انداز ۾) ٻڌاءِ عيدو!

عيدو – چوي پيو ته توهان جي مالڪياڻي ڏاڍي خوبصورت آهي! هونهه، گوريلو ڪنهن جاءِ جو! مونکي ته اهڙي پئي ڪاوڙ اچي جو........

بيگم – شرم ڪر عيدو، ويچارو مهمان آهي. هونئن به ايترو برو ته ناهي جيترو تون سمجهين تو! ڏسڻ وائسڻ جو به چڱو آهي.

عيدو – چڱو وري ڏوڙ آهي! چار مڻ ته وزن آهيس، منهن اٿس گهوڙي جهڙو! ڳالهائي تو ڄڻ پاڏو ٿو رڙي....

بيگم – وڏبڪ بڪ نه ڪر، وڃ وڃي مهمان لاءِ مانيءَ جو بندوبست ڪر! هل.

[آچر جي اچڻ جو آواز—]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آچر – بيگم صاحبہ.
بيگم – تون وري ڇو آيو آهين–؟
آچر – بيگم صاحبہ هو مهمان .آهي نہ........!
بيگم – ها ها؛ ڇا ٿيو هن کي–؟
آچر – ٿيندس وري ڇا ! هو توهان سان ملڻ ٿو چاهي–!
بيگم – ماڻ ٿو چاهي–! پر .... پر .... منهنجا تہ لٽا ڪپڙا بہ ٺيڪ ناهن. حال بہ فقيرن جهڙا لڳا پيا اٿم! هاڻي ڇا ڪيان–؟ چئينس تہ ڪلاڪ کن رکي پوءِ اچي مونسان گڏ چانهہ پيئي.
آچر – جو حڪم.
بيگم – ۽ ها چئجانس تہ.... پر خير.... مان پاڻ ئي چئي ڇڏيندي مانس ! تون وڃ.

سين چوٿون

[پري ڪان بيگم ۽ راجا جي کلڻ ڳالهائڻ
۽ چانهہ جي ڪوپن جو آواز–]

آچر – عيدو....
عيدو – ڇاهي آچر–؟
آچر – ڪجهہ ٻڌين ٿو–؟
عيدو – ٻڌان ٿو!
آچر – ڇا ٿو ٻڌين موالي–؟
عيدو – شادي۽ جون شرنايون ٿو ٻڌان–! پنهنجي مالڪياڻي ۽ مهمان راجا جي شادي !
آچر – ڪا تبديلي ڏٺئي ٻنهي ۾–؟
عيدو – ٻئي ماڻهو تـي پيا آهن؛ ٻنهي جـي ڳالهائڻ ۾ ڏاڍي نرمي اچي وئي آهي؛ ڳالهہ ڳالهہ تي کاڻڻ ٽٽا اچن!
بيگم – (نرم آواز ۾ پري کاڻ) آچر.... او آچر....!
عيدو – سڏئي ٿي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آچر – خدا ڪري سچي عمر اٿين ٿي سڏيندي رهي.
عيدو – آچر؛ مونکي هڪ ڏيپ ٿو ٿئي ....!
آچر – ڏيپ وري ڇا جو—؟
عيدو – ڏيپ اِهو ته ڪٿي هي ٻئي شادي ڪري پاڻ ٻنهي کي
نوڪريءَ مان ٿي جواب نه ڏئي ڇڏين—!
بيگم – (بيگم جو آواز بيحد پيار ڀريو) آچر .... او مٺا آچر.
آچر – آيو بيگم صاحبه (وڃڻ جو آواز—) جي بيگم صاحبه؛
حڪم ڪريو.
بيگم – آچر ٿوري چانهه ٻي ته ناهي وٺ؛ ۽ ها! اڄ رات جي
جي ماني راجا صاحب هتي ئي کائيندو!
آچر – جو حڪم بيگم صاحبه.
راجا – (پيار مان) آچر خان!
آچر – جي سائين....
راجا – منهنجي لاءِ ڪاڏي ۾ ڪجهه مٺو به ضرور ڪجانءِ!
بيگم – اهو ته مان تنهنجي لاءِ پنهنجي هٿن سان ٺاهينديس.
تون وڃ آچر؛ جو چيم سو وڃي ڪر!
آچر – جي بيگم صاحبه! (وڃي ٿو–).
بيگم – (ڪلنديءَ) هي ٻئي اسان جا پراڻا نوڪر آهن. بيحد
نيڪ حلال، محنتي ۽ ايماندار! مون ڪڏهن به ڪين
سخت لفظ نه چيو آهي!
راجا – چونه، چو نه؛ خانداني ملازم جو ٿيا؛ مون وٽ به هڪ
اهڙو نوڪر آهي!
بيگم – چڱو هاڻي ڇڏ نوڪر جي ڳالهه! ٻي ڪا ڳالهه ٻڌاءِ.
راجا – ڇا ٻڌايان؟ دل ٿي چوي ته مان تنهنجي آڏو زندگي ڀر
اٿين ڳالهائيندو رهان ۽ تون چپ چپ مونکي ٻڌندي
رهين ۽ اهڙي طرح صديون گذري وڃن.
بيگم – سچ—!
راجا – سچ—! مون تہ توکي پهرينءَ ٿي نظر ڏسڻ ڪان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محسوس ڪيو هو تہ تون ئي منهنجي خوابن جي راڻي آهين! جنهن جو مونکي ورهن کان انتظار هو.

بيگم — هل ڪوڙا—!

راجا — مونکي تنهنجي سونهن جو قسم.

بيگم — ڳالهيون ناهن تہ ڪو توکان سکي!

راجا — اکيون پيار جي زبان هونديون آهن؛ اعتبار نہ اچئي تہ منهنجي نگاهن ۾ پيار جو پيغام پڙهي وٺ.

بيگم — ڇڏ نہ؛ تنگ نہ ڪر—!

راجا — شادي ٿي وڃڻ ڏي؛ پوءِ ڏسجانءِ ويهي تماشا.

بيگم — شادي—! ڪنهن جي شادي—؟

راجا—پاڻ ٻنهي جي شادي! محبت جو آخري انجام شادي ئي تہ هوندو آهي رشيده—!

بيگم — ڪوڙ تہ نٿو ڳالهائين راجا—؟

راجا — نہ چري! پنهنجي ضمير سان بہ ڪوڙ ڳالهائبو آهي—؟

بيگم — شاديءَ کانپوءِ اسان هن جاءِ ۾ ملڪيت وڪڻي هليا ويندا سين! ڪنهن ٻئي هنڌ نئين دنيا آباد ڪندا سين!

راجا — ها رشيده؛ پر هنن نوڪرن جو ڇا ٿيندو....؟ اهي تہ تنهنجا خانداني ملازم آهن!

بيگم — اهي ٻئي وڃي ڪو ٻيو بندوبست ڪندا؛ اسان ٻڌل تہ ناهيون هنن سان!

راجا — اِهو بہ ٺيڪ آهي؛ مان بہ پنهنجو نوڪر ڪڍي ڇڏيندس! اسان ٻئي هڪ جدا ۽ اڪيلي زندگي گذاريندا سين.

[ٻئي ڪلن ٿا ....]

[ڪال بيل جو آواز اچي ٿو—]

بيگم — آچر.... او آچر .... ڏس در تي ڪير آهي—؟

آچر — (پري کان) ڏسان ٿو بيگم صاحبہ .

بيگم — خبر ناهي ڪير آيو آهي؟ اسان وٽ تہ ڪيتري عرصي کان ڪو بہ ماڻهو نہ آيو آهي—!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا – هوندو ڪير جي ٻل وارو !

بيگم – ويچارو ڪير وارو تہ اسپتال ۾ پيو آهي! مسڪين ڪـي منهنجو ڏک لڳي ويو هـو!

[ٻاهر ڪان راڻيءَ جي رڙين جو آواز ۽ آچر ۽ عيدو جا آواز اچن ٿا-]

راڻي – ڇڏيو مونکي، پري ٿيو مون ڪان مٿا ماريا ! آهيو ڪير؟

آچر – ماڻي ترس تہ سهي! بيهہ تہ سهي! اندر ڪاڏي ٿي وڃين؟

عيدو – اڙي جهلينس نتوا! گهر ۾ گهرندي ٿي وڃي!

راڻي – ڇڏ مونکي! هٽ نہ لاءِ! ڏک هٽي ميچالو ڦيهي ڇڏيندي مانءِ! (اندر ايندي) ڪاڏي ويو اهو چور؟

راجا – مري ويس! هيءَ تہ راڻيءَ جو آواز آهي!

بيگم – راڻي؟ اِها راڻي وري ڪير آهي؟

راجا – منهنجي شامت آهي، لڪاءِ! مون کي وارو ڪر لڪاءِ رشيده!

راڻي – ڪاڏي ٿو لڪين مٿا نڳ؟ سڌو ٿي بيهہ! متان ڀڳو آهين!

راجا – ڪونہ ٿو ڀڄان! ڪونہ ٿو ڀڄان! پر تون هت آئين ڪيئن؟

راڻي – ڇو نہ ايندس؟ خود بہ ايندس! تن ڏينهن ڪان وني گهران غائب آهين. مان بہ چوان تہ ڪاڏي ويو؟

بيگم – ڪير آهين مائي؟

راڻي – تون ڪير آهين؟

بيگم – مان هن گهر جي مالڪياڻي آهيان.

راڻي – مان هن مٿي جي مالڪياڻي آهيان.

بيگم – ڇا مطلب....؟

راڻي – مطلب اِهو تہ هي منهنجو مڙس آهي.

بيگم – مڙس آهي....؟ راجا هي.......

راجا – مري ويو راجا.... آفت مري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڻي - مرنديئن تہ تون گھر هلي، هت نہ رکو مغز ڦاڙينديءَ مانءَ،
گھران آيو هئين قرض وٺڻ، ۽ هتي هن ڏاڏي سان
ويٺو ٿو ڪچهريون ڪرين .
بيگم - پر هن چيو تہ هن جي زال مري وئي آهي .
راڻي - هئہ هئہ، مونکي جيئري ئي ماري ڇڏيو اٿائين، بيهہ تہ
نياڻا تہ تنهنجي خبر وٺان ......
راجا - اڙي ترس! نہ هڻجانءِ اٰ— متان—! اڙي گهوڙا ڙي!
راڻي - تو کي ڇڏي ڏيندس مٺا! (ٺانون ڪرڻ جا آواز) اچئي تو!
[راجا ۽ راڻيءَ جا آواز — راجا جون رڙيون،—
راڻي جي ڏڪڻ هڻڻ جا آواز—]
راجا - اڙي مون توبهہ ڪئي! معافي ڏي؛ راڻي، مونکي معافي
ڏي—! وري اهڙو ڪم نہ ڪندس!
راڻي - ڪڻ ٿيڙ، رک مٿي تي، سڌو سڌو گھر هل، اٿي....
راجا - (ڪنجهندي) هلان ٿو، هلان ٿو، مار تہ نہ، هلان ٿو ....
راڻي - (ٽوڪ مان) خدا حافظ، اسان وڃون ٿا، قرض جا پئسا
تو کي معاف آهن.
[وڃڻ جا آواز —]
بيگم - (سخت غصي ۾) آچر، عيدو، هيڏي اچو ٻئي ڄڻا ....
آچر - آيو بيگم صاحب ....
بيگم - بيگم صاحب جا ٻچا، صبح کان گھر جي صفائي نہ ٿي آهي
ماني نہ پڪي آهي، ٻاهر جو ڪم ڪار نہ ٿيو آهي—!
۽ تون.... تون چو وات ڦاڙيو بيٺو آهين موالي .... هلي
ڪم ڪر تہ پيچانءِ نہ دون!
عيدو - حاضر بيگم صاحب.
بيگم - نمڪ حرام ڪنهن جاءِ جا، ويٺي ويٺي سنڌ ٿي سُڪي
ويا اٿو، نہ ڪم جا نہ ڪار جا.
[بيل جو آواز—]
اڙي ڏسو، اهو وري ڪير آيو آهي نياڳو هن وقت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيدو - بيگم صاحب، ڪير وارو آيو هوندو ٻل وٺڻ.

بيگم - اهو مئو ته اسپتال ۾ پيو آهي؛ پيٽ ۾ لٺلي جـو هنئي هئي مانس.

عيدو - ته پوءِ جعفر ڪاسائي هوندو.

بيگم - ڪاٺـي ضرورت ناهي در کولڻ جـي، توهان گهر جـو ڪم ڪيـو؛ جـي پـاڻ ۾ ڳالهايو اٿـو تـه تنگون ڀڃي ڇڏينديءَ ماڙيءَ سمجهيو.

ٻئي - جي بيگم صاحب.

سين پنجون

[عيدو گهر جو ڪم ڪندي ڳالهائي رهيو آهي--
ڪير وارو آهستي ڪمن سڏي ٿو--]

ڪير وارو- عيدو.... او عيدو....

عـيـدو - اڙي ڪهڙو آهين--؟

ڪير وارو- هيڏي ڏس عيدو، مان آهيان جانو ڪير وارو--!

عـيـدو - جانو تون؟ اڙي تون ته اسپتال ۾ هئين ! هت ڪيئن آيو آهين--؟

ڪير وارو- مان اسپتال مـان ڀڄي نڪتو آهيان! هيڏي ڏس، هي ڇا آهي--؟

عـيـدو - خنجر--!

ڪير وارو- هـا خنجر! ڏس! هن جي ڌار ڪيڏي نه تيز آهي--! هن جو هڪ ئي وار ڪنهن به ماڻهوءَ جو گلو ڪٽڻ لاءِ ڪافي آهي. آهي نـ--؟ (کلي ٿو).

عيدو - جانو ڪير وارا، تنهنجو پڪ مٿو خراب ٿي ويو آهي--!

ڪير وارو- ها منهنجو مٿو خراب ٿي ويو آهي.

عيدو - پر جانو پاڻ تـه ٻئي يار آهيون نـ--؟ تون مونکي نه نه مارينديـن--؟

ڪير وارو- توکي نه مارينديس! تنهنجي انهيءَ مغرور بيگم صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو خاتمو آڻيندس!
عيدو - پر ڇو؟
ڪير وارو- پڇين ٿو نه ڇو! (ڪلندي) تو کي سڀ خبر آهي!
هن لڦتي هٿي منهنجو پيٽ ڦاڙي وڌو هو! مان ڪيس هرگز نه ڇڏيندس! منهنجو هڪ ئي وار ڪيس هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيندو!
عيدو - ائين نه ڪر جانو؛ خون ڪرڻ گناه جو ڪم آهي.
ڪير وارو- اها نصيحت پنهنجي بيگم صاحبه کي ڇو نٿو ڏين؟
هن ذري گهٽ مونکي ماريو هو! پر.... پر هاڻي به ڪجهه نه ويو آهي، مان پنهنجو بدلو وٺي آيو آهيان!
خبردار! جيڪڏهن ڪنهن مان به ڳالهه ڪئي اٿئي ته مان تنهنجو به ساهه ڪڍي ڇڏيندس....! خاموشيءَ سان اتي بيٺو رهه!
جعفر - خبردار!
ڪير وارو- (ڇرڪندي) هان....! ڪير آهين تون؟
جعفر - مان جعفر ڪاسائي آهيان! مون تنهنجي سڄي گفتگو ٻڌي آهي.
ڪير وارو- تو....؟ تو منهنجي........
جعفر - گهٻرائڻ جي ڪا ضرورت ناهي! هي ڏس! مون وٽ ڇا آهي....؟
ڪير وارو- پستول!
جعفر - (ڪلندي) پستول آهي! خبر اٿئي ڇا جي لاءِ کنيو اٿم؟
ڪير وارو- ڇا جي لاءِ؟
جعفر - انهيءَ بيگم صاحبه کي قتل ڪرڻ جي لاءِ....! خبر اٿئي هن منهنجي مٿي ۾ ڏنبو هنيو هو!
عيدو - اڙي؛ توهان ته ٻئي خوني آهيو!
ڪير وارو- چپ ڪر، هڪ لفظ ڪڍيو اٿئي ته ساهه ڪڍي ڇڏيندا سونءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جعفر – هي پستول ڏسين ٿو؟ هن ۾ ويهه گوليون آهن.
عيدو – ويهه گوليون....!
جعفر – ويهه نه هونديون ته ڏهه هونديون؛ آهن ته سهي ؟ اڄ ۽ جانو ڪير واراءِ شڪار اسانجي انتظار ۾ آهي.
ڪير وارو– هاءِ اسانکي دير نه ڪرڻ گهرجي! اهڙي ڇيڙاڪ عورت جو دنيا ۾ وڌيڪ رهڻ ٺيڪ ناهي، هلي آ....
[بيگم اچي ٿي—]
بيگم – ترسو....!
ڪير وارو– ڪيرا؟ بيگم صاحبه...(ڏڇندي) توهان....؟
جعفر – اڙي مري وياسين! هيءَ ته هتي به پهچي وئي....!
عيدو – بيگم، هي ٻئي توهان کي خون ڪرڻ ....
بيگم – مون سڀڪجهه ٻڌو آهي عيدو—!
عيدو – ته پوءِ سڏي وٺان پوليس کي؟
ڪير وارو– اڙي متان اهڙو ڪم ڪيو اٿئي، ٻچڙيوال آهيان.
جعفر – مان ته يتيم آهيان.
بيگم – هينئر ٻنهي کي ڇڏي ڏي عيدو.
عيدو – ڇڏي ڏيان....؟
بيگم – ها عيدو! هنن ويچارن جو ڪوبه ڏوهه ڪونهي؛ مونکي هنن سان سٺي نموني هلڻ کپندو هو.
ڪير وارو– بيگم صاحبه هي توهان....؟ مان خواب ته نٿو ڏسان—؟
بيگم – مان توهان ٻنهي کان معافي ٿي گهران! مون کان برابر غلطي ٿي! عيدو.......
عيدو – جي بيگم صاحبه .
بيگم – هنن ٻنهي کي ڇانهه پياري عزت سان روانو ڪر، ۽ کين چئه ته سياڻي اچي پنهنجا پئسا وٺي وڃن.
عيدو – (غير يقيني حالت ۾) جي بيگم صاحبه—!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رشتا

سين پهريون

[خيرو کنگهندو اچي ٿو— موسو حقو پي رهيو آهي—]

يرو – موسيٰ خان، ادا ويٺو آهين—؟ هاڻو ٻيلي حقي جو گڙڪاٽ ٻيو ٿو پوي، مان به چوان ته پوڙهو مڙس سانجهيءَ کان پوءِ ويندو ڪيڏانهن—؟

موسو – خير محمد آهين—؟ هليو آ، مان پاڻ ٿوپي سائي ڪري ويٺو چوان ته ٻيلي اڄ الائي ڇو يار ڪونه آيو—؟ هونئن ته سج لٿي ساڻ اچي سلام وراڻيندو آهي.

خيرو – اوير ته هاڻي به ڪونه ٿي آهي، ويو هوس عيسيٰ جي گهر ماڻي سنڌس مس آهي چاڪ ڪاس، چيم تہ وڃي ٻچي اچانس ۽ چار چونڪ ڳالهين جا به ڪري اچان.

موسو – ماڻي آهي ته پڙ نه—؟

خيرو – ها، ٻچي ويندي، پر پيريءَ جو پنڌ آهي، نيٺ ته ماڻهو ڪرندو. باقي واه ڙي عيسيٰ واه تنهنجي سچائي. ٻانهن ڏيئي ٻيٺو ٿي بيٺو آهي. ماڻيءَ جي اها سار لڌي اٿئين جو جيڪر سڳو پٽ به نه لهيس.

موسو – ادا چوندا آهن ته ”جن ادب تن نصيب“؛ مولا پوءِ ڀاڳ به اهڙو ئي ڪيو اٿس؛ مٽيءَ ۾ ٿو هٿ وجهي ته سون ٿيو پوي! فصل پلئون پلا پيا ٿينس—! ٻين ڪي ماڪڙ مهلو ڇڏي ئي ڪونه؛ هن همراه جي ٻـذل به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تريو وڃي.

خيرو – هائو پائو! سچ ٿو چوين. مـڙس آهي ٻه زبـرو . جهڙي تهڙي تي فلاڪ ٿي ڪونه آئي.

موسو – جواني شيء ٿي اهڙي آهي خير محمد خان! اوچ ۾ پنهنجو ٻه پير پٽيء تي ڪونه هوندو هئو؛ جهڙو تهڙو ملهه ته موشو ڪري ويندو هو—! (تڏو ساهه) اهي ڏينهن اهي ٿينهن—! ماڻڪ ماءُ اکيون پوريون ته جـڻ هـر شيء خواب ٿي ويئي—! ڪاڏي ويـا جويـن، ڪاڏي ويئي جواني—! پيريءَ اچي پاسو ڏنو.

خيرو – بس موسي خان! هو جو چوندا آهـن ته ”جڙيءَ ڪـي جس آهي“ تنهن چوائي آهن ڏينهن پورا ڪرڻا.

موسو – تون وري ٻه ماڻهن ۾ تـه آهين؛ رب منهنجي سيوڪي ڏنو اٿئي، پٽ، نياٽيون، پوٽا، ڏوهٽا؛ گهر پريو پيو اٿيئي مون وٽ ڇاهي—؟ اڪيلو سر ۽ هي ڪکائين جهوپڙي! سال ٿي ويا جو هن گهر ۾ ڪوئي ڪليو هئو! هاڻي ته ڇئني پاسي چپ چاپ آهي—!

خيرو – خير گهر موسي، شڪرانا ڪر! خـدا ماڻڪ جهڙو پٽڙو ڏنو اٿئي . ان ڪان وڏيڪ ٻيو ڇا گهرجئي—؟

موسو – هاءِ اٿين ٻه آهـي—! ماڻڪ جـي اوسيئڙي ۾ ته جيئرو آهيان. شل ڪيس ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي—! هي هڏا هي ماهه هاڻي ان جي امانت آهي.

خيرو – ڪو خط پٽ لکيو اٿائين—؟

موسو – ٻه مهنا ٿيا جو ڇني آئـي هيس ، توکي ٻڌايو ته هوم، لکيو هئائين ته جلدي امتحان پورا ٿيندا ۽ پـوءِ مـان گهوٽ موٽي ايندس. ان ڪانپوءِ ته وري سندس ڪو حال احوال ڪونه آيو آهي. ٿي سگهي ٿو پڙهائي ۾ رڌل هجي!

خيرو – چار سال ڪيئن نه گذري ويا موسي—! ڪالهه ڪالهوڪو ڏينهن هو جو سپيئي گڏجي ٽيشڻ تي ڇڏي آيا هئاسونس!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچيءَ جي خوشيءَ ۾ ڳالهه ئي نه پئي وڻيس! همراه ڪپڙن ۾ ئي نه پيو ماپي.

موسو – مون ڪان موڪلايائين ته دل ڦسي پئي هيس؛ سڏڪا پيري رنو هو منهنجو پٽ—!

خيرو – همت ته تو به وڏي ڪئي آهي موسي؛ ڏک ڏاڪڙا سهي نيث پڙهائيس— وچي پار پئينس. پـلا هاڻي جـو موٽي ايندو ته ڪهڙي نوڪري ملندس—؟

موسو – ڊپٽي ٿيندو منهنجو ماڻڪ؛ اچڻ ته ڏينس. ڏس ته ڪيئن تو وڏيرو پاڻ سان گڏ ڪٽ تي ويهاريس. چڱا چڱا آتي جاءِ ڏيندس. مون سچو رت انهيءَ گهڙيءَ لاءِ ته نچوڙيو آهي خيرمحمد، ۽ اها گهڙي بس هاڻي اچڻ واري آهـي. ڪجهه خبر اٿئي —؟

خيرو – ڇا —؟

موسو – تـورن ڏينهن کان منهنجي دل ۾ عجيب عجيب خيال ٿا اچن. لڳندو آهي، دل ٻيهي ويندم. ٻڌاءِ اهو ڪهڙو ڪارڻ آهي—؟

خيرو – پيءُ جي دل آهي، اولاد جي ڇڪ ته ضرور ٿيندي.

موسو – ها، پر خيرو، ماڻڪ بدلجي ته نه ويو هوندو—؟ چون ٿا شهر جي هوا ڏاڍي خراب آهي، ماءُ پيءُ جـي سڪ دل تان ميساري ڇڏيندي آهـي. ڪٿي ماڻڪ مون کي وساري ته نه ڇڏيو هوندو—؟

خيرو – ماڻڪ جهڙا اِملهه انسان ڏاڍا ڏکيـا ماندا آهـن موسي، هو اهڙو ناهي، هن جهڙن نوسان ٻنهي دليون آهن.

موسو – اڙي شال خوش هوندين يادو، اندر ئي ٺاري ڇڏيئه. پر، پر شهر مان موٽڻ تي پنهنجا هـي غريباڻا جهوپڙا ڏسي ڏک ته نه ٿيندس—! پيءُ جا ليڙون لٽا ڏسي ڪيس تڪليف ته نه ٿيندي—!

خيرو – تون ته اجايو وهمن ۾ ڦاسي ويو آهين موسي—! ماڻڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مٽيءَ جو ڄائو آهي، هنن کهٽين ۾ کيڏيو آهي؛ هنن ٻنين ۾ وڏو ٿيو آهي؛ هتان جي هر شيءِ هن جي پنهنجي آهي؛ هو هن ڳوٺ کان ڌار ناهي؛ هنن وڻن ٽڻن ڇنن ڇپرن جو هڪ حصو آهي——!

موسو – ها ها؛ اٿين ته آهي! مان ٻه اجايون ڳالهيون پيو ٿو ڪيان! مون کي ته اهو خيال ٻه نه ڪرڻ گهرجي خيرو——! ماڻڪ کي اچڻ ڏي، وڏي ڌام ڌوم سان سندس شادي ڪرائيندس، راڄ ڪارائيندس راڄ——!

خيرو – الله لايا سڄايا ڪندئي موسي، خدا ڪندو ته هن گهر ۾ پيهر خوشيون موٽي ايندي.

موسو – انهن خوشين کي موٽائڻ لاءِ مون زندگيءَ جا گذريل پنجويهه سال ڳهه رکي ڇڏيا خيرو——! نه ڪاڏهن نه پيتم، نه چوڙيم، نه ماٺيم——! هڪ هڪ گهڙي ساري سنڀاري گروي رکندو ويس صرف ان لاءِ ته هڪ ڏينهن ماڻڪ کي منهنجي حياتيءَ جي هڪ هڪ ساعت ڪم ايندي. منهنجا ٿڪ هن جي منهن تي سهڻا لڳندا، منهنجي خوشي هن جي اکين ۾ کهٽي سونهندي.

سين پيو

[موسي جي پڻ پڻ—— حقي جي گڙگڙ—— موسي ۽ خيروءَ جا هلڪا هلڪا ٽهڪ—— پارو ٽپاليءَ جي سائيڪل جي گهنٽي رکي رکي وڄي ٿي——]

پارو – آ مستري قادر بخش هي وٺ پنهنجو خط، ڪمبخت مان آيو اٿئي پاڻي وٺڻ؛ وري ڪٿو هوندو؛ وري گهريا هوندائين پيسا! نه بس چانهه ڪونه ٿو پيان، خط ورهائڻا پيا اٿم جام——! (گهنٽي——)

ماٺي ايمان— اوماڻي ماٺي ايمان، اڄي وٺ پنهنجو ڪارڊ حج وارن موڪليو اٿئي، بس هاڻي تياري ڪر پلي پلر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي. دعا ڪر امڙ دعا ڪر.... دعا ڪر ته اسان گنهگارن
کي به نصيب ٿئي.
(گهنٽي ــــ)
بابا، ماشو موالي آهي گهر ۾، ننڊ پيو آ ـــ؟ هان اڇي
هيءَ خط ضرور ڏجوس. ماڻهو آهي قدُئي ته ڪٿي وڃهي
نه جهيڙو ڪجيءَ ۾.
(گهنٽي ــــ)
چاچا موسيٰ وينو آهين دونهين دکايو ـــ؟ اڇسي هيءَ
تنهنجو لفافو. شايد چاچا، پڪ ئي پڪ ماڻڪ جو آهي،
هٿ اکر نٿو ڏسينس ـــ؟ پڙهي ڏيانءِ پر پهلي مونکي
ٿي ٿئي دير.... ماستر سچڻ ڪان ڪهي.......
چڱو چاچا چڱو، ڪاوڙ ڇو ٿو ڪرين، تنهنجي سر کي
انڪار ڪبو....؟ ڏي ته پڙهي ڏيانءِ. (خط کولڻ جو آواز)
لکيو اٿس ته :
پيارا بابا سائين، مون امتحان پاس ڪري ورتو آهيءَ
اوهان کي مبارڪ هجي، اهو سڀڪجهه توهانجي محبت
۽ محنت جو نتيجو آهي . اوهان سڄي زندگي پورهيو
ڪري مون کي تعليم ڏياري آهيءَ ڏک ڏسي مونکي
سک ڏنا آهن. پنهنجون خوشيون تياڳي مونکي آسائش
ڏني آهي. هاڻي منهنجو وارو آهي بابا ! مان هڪ هڪ
ڪري اوهان جي پيرن جا ڪنڊا پنهنجن پنبڻين سان
ڪڍندس، رڳو مون کي هڪ دفعو اتي پهچڻ ڏيو بابا !
مان توهان جي قدمن ۾ ويهي خوشيءَ جا ڳوڙها ڳاڙڻ
ٿو چاهيان....!
مان اميد ته اينڊڙ سومر ڏينهن اتي پهچي ويندس.
اميد اٿم ته اوهان خوش هوندا.
توهانجو ماڻڪ ــ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسو ـ مائٽ اچي رهيو آهي، منهنجو مائٽ ڪامياب ٿي اچي رهيو آهي ! ٻڌين ٿو ٻارو! منهنجو مائٽ ! منهنجو مائٽ، منهنجو مائٽ !

(Music up)

ماستر سچل، تنهنجي شاگــرد شهر ۾ امتحان پاس ڪيو آهي. خير مبارڪ، خير مبارڪ ـــ! هو اچي رهيو آهي، ڳوٺ اچي رهيو آهي، سومر ڏينهن.

(Music up)

مائي ايمنان، او مائــي ايمنان ! مائٽ پيو اچي، منهنجو مائٽ، منهنجو ٻچڙو، منهنجو آسرو مائٽ ! ها ها ! چونه، چونه ـــ! وڏو عملدار ٿيندو منهنجو پٽ ! اچڻ ته ڏينس.

(Music up)

خيرمحمد خان! خيرمحمد خان، ڪٿي آهين ـــ؟ ٻائو، تو ٻڌو! ڪونه ٻڌئي ـــ؟ مائٽ، ها ها مائٽ پيو اچي ـ! هـيءَ ڏس، هي خط آيو آهي ـــ! يارو ٽپالي پڙهي ٻڌايم، ها، سومر ڏينهن! پر سومر ڪڏهن آهي؟ خيرمحمد خان، اڄ ته آچر آهي نه، سڀاڻي ـــ؟ هاڻي ڇا ڪيان ـــ؟ شهر ۾ به ته پهچڻو اٿم ـــ! ڇهن سالن کانپوءِ ٿو اچي ـــ! ڇن پٺي ٿي وهي، ڇا چوندو دل ۾ ـــ! پهريون ته ان کي ته ٿاهي وڏان وڏو اسر ڏيٺي نڪرندس بيل گاڏيءَ تي، گاڏي ڪهڙي وقت ايندي آهي خيرمحمد خـان ـــ؟ اڙي ها، ها ـــ! ممو ٽانگو هلائيندو آهي نه شهر ۾، ان کي سموري خبر هوندي لهندس ٿي وڃي آن وٽ، هاڻي وڃان، وڃي تياري ڪيان ٻاءَ وڃان ـــ! (وڃڻ جو آواز)

(T.O.M)

سين ٽيون

[بيل گاڏيءَ جو آواز ويجهو اچي ختم ٿي ٿو وڃي ـــ موسيٰ جي ٽپي ڏيڻ جو آواز ـــ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسو – ممون، او ممون — ممون —!

(در زور سان کڙڪائڻ جو آواز)

اڙي ممون ڏس ته سهي! مان موسو آهيو آهيان! تنهنجو پراڻو يار—

(در کلڻ)

ممون – اڙي موسيا تون—؟

موسو – ها ها، ممون، مان آهيان.

ممون – اڙي ته پوءِ ڏسين ڇا ٿو بيٺو چريا، هليو آ اندر.

موسو – بس اِجهو آيس، رکو ڏاند ڇوڙي وٺان، ڪجي پيا هوندا پٺارا، ست ڪوهه به آخر ته ڪو پنڌ آهي.

ممون – بيهه ته مان به ٿو مدد ڪرايانءِ.

موسو – تون ممون، آهين ته خوش نه—؟

ممون – خوشيون کهڙيون آهن موسيا—! مڙئي دم گذر آهي، وقت پيو گذري.

موسو – نه نه، ائين نه چئه؛ تون ته سدائين کلندو رهندو هئين؛ ڪڏهين به شڪايت زبان تي نه آندئي.

ممون – اڙي اهو ممون مري ويو موسيا؛ ڪالهه اسانجي هئي، اڄ اسان جي اولاد جي آهي؛ سياڻي وري ڪو پيو سندن جاءِ والاريندو. دنيا جو چرخو اِجهو ائين پيو هلي! پر....

موسو – ڏنڊو ڏاڙي ڪيئن پيو هلئي—؟

ممون – بس چار ڏوڪڙ پيٽ گذر لاءِ ملي ويندا آهن، وڏيڪ جي تانگهه مونکي ڪانهي.

موسو – پُٽهين جانو به ته گڏ اٿئي.

ممون – اهي ڦٽ نه ڦولهه موسيا—! جانوءَ کي قرض کڻي بگي گهوڙو وٺي ڏنم، شادي ڪرائي مانس؛ پنهنجن پرن وارو ٿيو ته آڏامي ويو.

موسو – ڪاڏي ويو—؟

ممون – پنهنجو آکيرو وڃي ڌار اڏيائين، زال جو ٻار وٺي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ۾ رهيو، هيءَ ڪوٺي ۾ مان، ٻراٽو ٻڪي ۾ گهوڙو
اٿم، صبح جو جولي وچي ٽيشڻ تي بيهندو آهيان.
نياڳي ٽيشڻ آهي. گاڏي اچي ڏينهن ۾ هڪڙي، سا به
ڪڏهن ڪڏهن ته ٻڪو ٻئي ڏهاڙي اچي—! پاسينڪر
ڪڏهن لهي ته ڪڏهن هفتا ٿيو وڃن! ٻلا هن پينگ
۾ اچي سو اچي ڪير—؟

موسو – (خوشيءَ مان) اچڻ وارا ايندا ممون—! اچڻ وارا ته ضرور ايندا.

ممون – ڏاڍو خوش ٿو ڏسجين موسي، ڇا ڳالهه آهي—؟

موسو – منهنجو خيال آهي ته هي جناور پلي ڪجهه دير هِت آرام ڪن، پاڻ هلون اندر.

ممون – ها ها، هليو آ، خيال ڪجانءِ، اونده اٿيي، مٿو بچائجانءِ. مڙيئي غريباڻو حال آهي. هيڏانهن ويهه موڙي تي، ڪچهري به تا ڪيون ۽ چانهه چڪو به ٺاهي ٿا وٺون. ها، ڇا پئي چيئي—؟

موسو – ماڻڪ موٽي رهيو آهي ممون—!

ممون – سچ—! اڙي واهه ڙي ڇوڪر واهه؛ امتحان پاس ڪري ڇڏيائين، ڇنبو ته....!

موسو – منهنجو پٽ ڪراچيءَ مان پڙهيو پيو سو ٽي ممون—! امتحان ته پهرئين ڌڪ ۾ پاس ڪري ڇڏيائين؛ پهچڻ ڏينس رڳو هتي؛ سرڪار پاڻ گهرائي نوڪريءَ تي لڳائيندس—!

ممون – ڪلهوڪو ڏينهن آهي تون ڪيس ٽيشڻ تي ڇڏڻ آيو هئين؛ ڏاڍو خوش هئين ۽ پوءِ جڏهن ريل ڇٽي ويئي هئي تڏهن روئي روئي ڪٺي اکيون سڄايون هيئي—!

موسو – چار سال ٿي ويا ان ڳالهه کي ۽ اهي چار ئي سال مون اکين ۾ ڪاٽيا آهن ممون؛ هڪ هڪ گهڙي هڪ هڪ ساعت ماڻڪ لاءِ دعائون گهرندي گذاري اٿم. هاڻي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو سمورو وجود عبادت ٿي پيو آهي.

ممون – پٽ سان ڏاڍو پيار اٿئي موسيٰ ــــ؟

موسيٰ – (اداس ٿي) نه منهنجو ساڻس پيار ڪونهي، عشق آهي عشق ــــ! مون سچي حياتيءَ ۾ هڪ ٿي عشق ڪيو هو؛ هاجران سان، سندس ماڻٽن ناڪار ڪئي هئي ته ڪهاڙي آڻي ڪري بيٺو هو مان مٿان! ۽ پوءِ مالڪ جڏهن ۽ هاجران مري وئي! ان ڏينهن کان مون پنهنجو سمورو پيار مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو. هوبهو هاجران جي مورت آهي منهنجو مالڪ.ممون ــــ

ممون – جي ــــ

موسو – بي خبر اٿئي ــــ؟ ڪڏهن ڪڏهن مالڪ ۾ مان پنهنجو پاڻ پسندو آهيان! ائين لڳندو اٿم ڄڻ مان ٻيهر ڄاڻو آهيان! ائين ڇو آهي ممون ــــ؟

ممون – اڇي ڄاڻ پيءُ.

موسو – مون ڏاڍا ڏک ڏٺا ها ننڍپڻ ۾. ماتيلي ماءُ جي مار، موالي پيءُ جي ڌڪار، ماڻهن جا دڙڪا، طعنا، ٽنڪا! ڇوندو هوس ته جيڪر ننڍپڻ ٻيهر مليم، ماءُ پيءُ پيا هجن، مان به اسڪول وڃان، پڙهان لکان؛ ۽ پوءِ ٿيلهو ڪتابن جو لڙڪائي منجهند جو گهر موٽان ــــ!

ممون – ڪنڊ پوري اٿئي؟ بي گهرجيئي ته هي وٺ.

موسو – مان ٻيهر ننڍپڻ ته ماڻي نه سگهيس ممون، پر مون اهو سڀڪجهه مالڪ کي ڏنو، جنهن جي دل ۾ تمنا هئم! ۽ پوءِ جڏهن هو ڪراچيءَ ويو تڏهن مون کي ائين لڳو ڄڻ مان خود ئي ان ريل ۾ روانو ٿي ويس! ائين ڇو ٿيندو آهي ممون ــــ؟

ممون – پر ڪڏهين تو موٽي مالڪ ــــ؟

موسو – اڄ – اڄ ممون! هي ڏس – هي ڏس! هي خط، هي سندس هٿ اکر اٿيئي! پر – پر! تون ته پڙهي نه ڄاڻين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون وانگر، اسانکي ڪهڙي خبر ته هن ۾ ڇا لکيل آهي.

ممون – گاڏي ۾ ڪلاڪ کن دير آهي موسيٰ، تون توري دير آرام ڪري وٺ، مان تيسين ٻڪي جوڙي وٺان.

موسو – آرام—؟ ڪٿي آهي آرام—؟ اندر ۾ آنڌ مانڌ آهي ممون، اهڙي آنڌ مانڌ جهڙي ڪي سال اڳ ٿي هئي. جڏهن- جڏهن هاجران ڪنوار ٿي منهنجي گهر ۾ آئي هئي ممون!

ممون – ڇا آهي—؟

موسو – آهي زمانا ياد ايندا اٿئي—؟

ممون – ڪڏهن ڪو پاڻ کي ٻه وساري سگهيو آهي موسيٰ—! ڪلهه اج جي سڃاڻ هوندي آهي؛ ۽ اج ڪلهه جي محتاج! چڱو تون هاڻي آرام ڪر، مان اچي ٿو جاڳايانءِ.

موسو – ممون—!

ممون – ڇا آهي—؟

موسو – پڪ اٿئي ريل ٽائم تي ايندي—؟ ليٽ ته نه ٿيندي—؟

ممون – اهو ته ٽيشن تي هلي پتو پوندو.

موسو – تو پئي چيو ته، ڪڏهن ڪڏهن ....

ممون – اجايا سوداءَ نه پچاءِ موسيٰ؛ جتي چار سال گذاريا اٿئي، اُتي ڪلاڪ ڏيڍ ٻه صبر ڪري ڏس.

موسو – مان ڏاڍو سخت دل آهيان ممون؛ مون هاجران جي موت تي ڳوڙها نه ڳاڙيا هئا؛ پر ماڻڪ جي وڃڻ ڪانپوءِ سڏڪي پيو هوس. چار سال مون انتظار جي سوريءَ تي ٽڪندي گذاريا آهن؛ پر.... پر.... پر.... (پريل آواز ۾) پر هاڻي مون کان صبر نٿو ٿئي—! نٿو ٿئي؛ نٿو ٿئي.......!

(Sad Music up)

سين چوٿون

ممون – ٽيشن ماستر صاحب، اسلام عليڪم.

ا ـ م – آ ڙي ممون ڪهڙا حال اٿئي—؟ ڪر خبر—؟ اڄ وڃڻ ڇڏي ڏنو اٿئي—؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممون – بس سائين مڙني پيا حياتيءَ جسي گاڏي گهليون، ريل
اچي تي ڏينهن ۾ هڪڙي، سا به نه جهڙي؛ ڪو هڪ
ماڻهو لٿو چڙهيو ته وڏو ڇيهه، نه ته ڪاريءَ وارا ڪک
آخرڪار سائين پيٽ ته پالڻو آهي نه –! پاڻ سان گڏ
جناور به ساڻ اٿر –! پرائو ساهه آهي، داڻو ته ان کي
به گهرجي.
ا – م – پٽهين ڪٽي آهي –؟ اڄڪلهه ساڻ ڪونه رهندو اٿئي
ڇا –؟ گينگ مين حمير پٽي ڇيو ته....
ممون – زماني جو دستور آهي صاحب، جهڙڪي ٻچڙن کي ڇهنب
سان داڻو چڳائيندي آهي بختاور! جڏهن پر نڪرندا اٿن
ته آڏارثي هڪڙي ڪندا آهن، وري موٽي به نه نهاريندا آهن.
موسو – انسان ۽ جانور ۾ وڏو فرق آهي ممون –!
ا – م – هي ڪير آندو اٿئي –؟
ممون – صاحب موسو آهي؛ منهنجو اصل نندپڻ جو يار آهي،
ساڳئي ڳوٺ جا آهيون سائين. منهنجي ماءُ مري ويئي
ته تيج به هن جي ماءُ مرهيات مائٽي صاحب ڪاتونءَ
ڏني هئس. ان حساب سان ته ماءُ ٽئير. ڪيئن موسيا –؟
موسو – انساني رشتا ٽيج جا محتاج نه هوندا آهن ممون؛ گهر ته
گهرانءِ وارو قصو آهي. پيار ڏي، پساه وٺ.
ممون – پنهنجي پٽ لاءِ آيو آهي، هن جو پٽ اڇوڪيءَ ريل ۾
ڪراچيءَ کان اچي رهيو آهي. وڏو امتحان پاس ڪيو
پيو موٽي ڇوڪرو. الله ڏينهن ڏئيس، ڏاڍو هوشيار
بار آهي.
ا – م – هون! ڇا پڙهايو اٿئي پٽ کي ميان؟ ڏسڻ ۾ ته صفا
مسڪين ٿو اڇين –! پر، ابا پٽسو توهان وٽ نه هوندو
ته پيو ڪنهن وٽ هوندو! اسان جي پگهار ته آهي
پوڙ پاڇيءَ جي ٻلي –!
ممون – نه سائين، ائين ته نه ڇٺو، توهان حاڪم آهيو! اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غريب ڪو توهان سان ڪُلهي ڳس ڪري سگهنداسين ،
اڪيلو اولاد اٿس ، ڏاڍي پيار سان پاليو اٿائين پٽ ڪي.

موسو – مالڪ منهنجو جسم سو ناهي صاحب، پيو سيڪجهه اٿم! پر هاڻي ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو اٿم ته سوين ڪوهه پري هن کي تڪليف، مونکي هت ايذاءُ ڏيندي آهي!

ا – م – ڏاڍو پيار اٿئي پٽ سان —!

موسو – پيار جو ڪو ملھ هجي ها سائين ته تنهنجي سموري ڌرتي هوند منهنجي پيار لاءِ پوري نه پوي ها —! گاڏي دير ڪئي آهي صاحب —!

ا – م – دير مدار ته آهي ئي آهي پريا مڙس! ريلوي وارن کي کهڙي خبر ته اڄ تنهنجو پٽ تو اچي ان ڪري گاڏي ضرور وقت تي پهچڻ گهرجي.

موسو – ناراض نه ٿيو سائين —! مون ته ائين پئي پڇيو.

ممون – هلي آ موسي، ٻاهر هلي ٿـا ويهون. معاف ڪجو سائين اوهان کي تڪليف ڏني سون. اڄ ٻائو. (وڃڻ جو تاثر).
تون هت ويهه ته مان تو حمير کان پڇي اچان، هن کي ريل جي سموري، خبر هوندي آهي . وڃجانءِ نه ڪيڏانهن!

موسو – ڪيڏانهن ويندس —؟ هتي ته سُڄ پيئي تي واڪا ڪري پر جلدي اچجانءِ؛ مون کي اباڻڪائي ٿيندي.

ممون – بس اِجهو آيس —! (وڃي ٿو).

موسو – ٿاٿيم ته ٿي ويو هوندو! الائي ڇـو دير ٿـي اٿس —؟ (ٿڌو ساهه) جيئن دير ٿيئن خيرا پنهنجي منهن‌ٿو ڳالهايان سوداڻي ٿي پيو آهيان ڇا —؟ (هلڪو کلي ٿو) ماڻهو چريا به ائين ئي ٿيندا آهن —! (کلڻ).

[رمون پري کان هوڪو ڏيندو اچي ٿو —]

رمون – مگ مساليدار؛ چٽا گرم، مگ مساليدار، چٽا گـرم —!
(ويجهو اچي ٿو) ڏاڍا مگ مساليدار.

موسو – نه پٽ، ممونءَ پيٽ پري ماني کارائي اٿم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمون — ممون ٽانگي وارو—؟
موسو — تون سچائينس چوڪرا—؟
رمون — ها ڏاڏا، ممون ڪي تہ سڀ سچائن. ننڍڙي ليشڻ آهي، هتي هرڪو هڪ ٻئي کي سچائندو آهي. پر تون تہ اوپرو ٿو ڏسجين ڏاڏا —!
موسو — ها پٽ، مان پري کان آيو آهيان.
رمون — ڪاڏي وڃڻو اٿئي ڏاڏا —؟
موسو — نہ.
رمون — تہ پوءِ ڇو آيو آهين ڏاڏا —؟
موسو — ڪو اچڻو اٿم.
رمون — هتي ڪير ٿو اچئي ڏاڏا— ؟
موسو — منهنجو پٽ ماڻڪ، ڪراچي کان ٿو اچي منهنجو ماڻڪ. چوڪرا تو ڪراچي ڏٺي آهي—؟
رمون — نہ ڏاڏا، اسان غريب ماڻهو ڪراچي ڪٿان ڏسنداسين—!
موسو — ڪراچي تمام وڏو شهر اٿئي چوڪرا—! وڏيون وڏيون جايون، ڊگهيون ڊگهيون، وڏا وڏا رستا! ڇون ٿا تہ آتان جا ماڻهو سال ۾ رڳو هڪ دفعو سج ڏسندا آهن !
رمون — هڪ دفعو، هان —! هڪ دفعو! ڇو ڏاڏا—؟
موسو — وڏيون جايون آهن؛ ڊگهيون جايون سج کي ڪاٿي چڙهنديون.هونديون ۽ ها آتي بي انتها موٽرون، لاريون، لوڊنگ ۽ پيو الائي ڇا ڇا آهي—؛
رمون — تو ڪڏهن ڪراچي ڏٺي آهي ڏاڏا—؟
موسو — نہ پٽ.
رمون — تہ پوءِ توکي ڪيئن خبر پيئي—؟
موسو — مونکي خبر آهي؛ منهنجو ساهہ آتي چار سال اٽڪيل هو پٽ—!
رمون — ساهہ ڪراچيءَ ۾ اٽڪيل هيئي ڏاڏا—! ڀلا ساهہ ڪيئن اٽڪندو آهي—؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسو – (کلندي) اڇا نسنديو آهين، بي سمجهه آهين، وڏو ٺيندين
ته پاڻهي سمجهي ويندين .
رمون – ٽورا چٽا نه ڪاءِ ڏاڏا.
موسو – نه پٽ نه، تنهنجا لڪ ٽورا.
رمون – ته پوءِ وڃان—؟
موسو – نالو ڇا اٿئي—؟
رمون – رمون.
موسو – پڙهندو ڪونه آهين—؟
رمون – پڙهندو آهيان.
موسو – پوءِ ڪُهرَ ڇو ٿو وڪڻين—؟
رمون – ڪائيندس ڪٿان ڏاڏا—؟
موسو – پيءُ ڇا ڪندو اٿئي رمون—؟
رمون – منهنجو پيءُ—؟ منهنجو ته هن دنيا ۾ ڪوئي ناهي ڏاڏا !
مان يتيم آهيان. ننڍي هوندي پيءُ گذاري ويو، ٽانگو
وهائيندو هو ممون سان گڏ. گهوڙي ۾ چاڪ هيٺان اچي
ويو، مري ويو—! امڙ سندس ڏک ۾ مري وئي.
موسو – ڀاءُ، ڀيڻ، چاچو، ماسون، ڪو ته هوندءِ—؟
رمون – نه ڏاڏا، مائٽ مٽ ٻيلي جا هوندا آهن، ڪِرئي جو
الله ! چڱو ڀلا مان هلان ٿو! (هوڪو ڏيندي) مڱ مسالي‌دار
چٽان گرم، مڱ مسالي‌دار، چٽان گرم، مڱ مسالي‌دار.
[آواز پري ٿيندو ختم ٿي وڃي ٿو—]
ممون – موسي، موسي —!
موسو – (ڇرڪ) هون—!
ممون – موسي، ڪهڙن پورن ۾ پئجي ويو آهين—؟
موسو – ڪجهه به نه، ڪجهه به نه. بس ائين ئي - ريل !
ممون – ريل اچي پئي ! حمير گهنٽي وڄائي ويو آهي.
(گهنٽي جو آواز) ٻڌئي —؟
موسو – ممون، منهنجي دل ٿي ٻڌي ممون! جنهن گهڙيءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئن سالن کان انتظار ڪيم آهيا جڏهن چانڊن تائين
پهتي آهي تڏهن الائي چو ؟ ممون الائي چو—؟
ممون — بس باقي ٿوري دير آهي. هو ڏس—! گاڏيءَ منهن ڪڍيو آهي.
موسو — (بيچينيءَ مان) ڪٿي آهي؟ ڪٿي آهي—؟ (خوشيءَ وچان) ها، ها، آها ٿي اچي. مان ڏاڍو ڪراڙو ته نه ٿي ويو آهيان ممون—؟ ڀلا هي ڪپڙا ڏس! پٽڪي جون ليڙون ته نٿيون ڏيکارجن؟ جُتي ڪيڏانهن ڪيم—!
(گاڏيءَ جو آواز ويجهو ايندو تو وڃي—)
ڪهڙي گاڏي ۾ هوندو مانڪ؟ الائي ڪهڙي گاڏيءَ ۾ هوندو! دريءَ مان ته ضرور ڏسندو. مونکي سڃاڻندو—؟ خبر ناهي سڃاڻندو به الائي نه—!
[گاڏيءَ جو آواز ويجهو اچي بيهي تو وڃي—
مڪمل خاموشي، صرف گاڏيءَ جي انجڻ جو آواز—]
ممون — تون اِتي ويهه موسي، مان تو ڏسي اچانس.
موسو — نه نه، مان به تو توسان گڏ هلان! مان به ڏسندس مانڪ کي! مان ڪيس پهريون ڏسڻ تو چاهيان.
[رمونءَ جو چئن وڪڻ جو آواز بيڪ گرائونڊ ۾ جاري تو رهي—]
ممون — نه پوءِ اُت جلدي ڪر.
موسو — ڪو پاسينگر لٿو سهي—؟
ممون — اچا تائين ته ڪو ڪونه لٿو آهي—!
موسو — مانڪ هميشه آرام سان لهندو آهي، تڪڙ نه ڪندو آهي. يا وري — يا وري اسانجو انتظار نه ڪندو هجي گاڏيءَ ۾!
ممون — شايد هو اڄ نه آيو—!
موسو — نه نه، هو ضرور آيو آهي! هي ڏس سندس خط، پنهنجن هٿن سان لکيو اٿائين.
ممون — ٿي سگهي ٿو ٻي گاڏيءَ ۾ اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسو ـ ممون، هن ڪي ڪنهن به صورت ۾ اچڻو آهي، هــو ضرور آيو هوندو، تون ڏس تــه سهي، تون چڱي طــرح ڏس ته سهي ـــ!

[رمون جو آواز ويجهو اچي ٿوـــ]

رمون ـ مگ مساليدار، چڻا گرم، ڪر خبر ڏاڏا، تنهنجو پٽ نه ڪونہ لٿوـــ!

موسو ـ تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين! تــوهان سڀ ڪوڙ ٿا ڳالهايو! سڙو ٿا منهنجي پٽ سان. اڙي ڪيس ڳوليو ته سهي.

رمون ـ ريل مان ڪو ماڻهون ئي ڪونہ لٿو! ڳوليون ڪنهن کي؟ (گاڏي ڇٽڻ جو آوازـــ گاڏي آهستي آهستي تکي ٿي وڃــي ٿــي) اجهو تــي رواني. هاڻي ڏس، آهــي ڪو ماڻهوــ.؟

موسو ـ ڪاڏي ويـوـــ؟ ڪاڏي ويــوـ منهنجو مــاڻڪـــ؟ ڪاڏي ويوـــ؟

ممون ـ دل نہ لاهي موسيا، پڪ ئي پڪ گاڏي ڇٽي ويٺي اٿس، سياڻي واري گاڏيءَ ۾ ايندو.

موسو ـ سياڻي! پر سياڻي ته گهڻو پري آهي ممون ـــ!

ممون ـ ڪلهه ۽ سياڻي جي وچ ۾ اڄ نه هجي تــه جيڪر ڪابہ دوري نہ ٿئي.

رمون ـ ترسي پيو هوندو يارن سان.

موسو ـ ماڻڪ اهڙو ناهي ڇوڪرا، هن جون مونسان پڪيهہ دليون آهــن. هــو قولين ڪوڙو ناهي. ڇــونہ آيوـــ؟ آخر ڇو نہ آيوـــ؟

ممون ـ هو ضرور ايندو موسيا! هو ضرور ايندو.

رمون ـ هــا ڏاڏا، تنهنجو پٽ ضرور ايندو. اڄ نــہ سڀان پر ايندو ضرور.

موسو ـ ڪيس ڪهڙي خبر ته مونتي ڪهڙي قيامت گذري وئــي ٿوري دير ۾. هن کي اهو ته سوچڻ گهربو هو ممون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استيشن ماستر- ڇا ٿيو ڪراڙا؟ پٽهين نه آيو ڇا ـــ؟

موسو - خبر ناهي صاحب! ريل ته خالي آئي، خالي وئي.

ا ـ م - اهو روز جو ڪم آهي، ڪا مجبوري هوندس، تي سڀاڻي ته سڀاڻي اچي.

موسو - ها تي سڀاڻي ته سڀاڻي اچي. مان سندس انتظار ڪندس صاحب. مان هت ئي سندس انتظار ڪندس.

ممون - چريو نه ٿي موسي، تنهنجي هت ويهڻ مان ڪهڙو فائدو؟ گاڏي ته پنهنجي سُداءِ تي ايندي. اسان وري سڀاڻي ڪيس ڏسڻ ايندا سين.

موسو - نه ممون! تون وڃ! وڃي پنهنجي روزگار جي ڪر ـــ! مونکي ڇڏي ڏي. مان هت ئي رهندس.

ا ـ م - هت اس ۾ جهولي ۾ ويهي ڇا ڪندين پريا مڙس ـــ؟ پاڻيءَ ڦڙيءَ لاءِ به سڪندين، وڃ، وڃي آرام ڪر، صبح جو اچجانءِ.

موسو - هت ويهي مان سندس راهه تڪيندس صاحب! هي پٽا سدا منهنجي ماڻڪ تائين ويندا هوندا. مان ڪين ڏسندو رهندس! هنن ڪي ڏسي مونکي آٿت تو ملي نه منهنجو ماڻڪ دور ناهي؛ هو ويجهو آهي ـــ!

ا ـ م - اڙي بابا ڪٿي اس ۾ وار اچا ڪيا اٿئي ڇا ـــ؟ ياڻئجي تو عمر جهنگ ۾ گذاري اٿئي! نه ته جيڪر اهڙيون جاهلاڻيون ڳالهيون ڇو ڪرين ـــ!

موسو - جهنگ ته هر انسان جي اندر ۾ وسي ٿو صاحب! تنهنجي دل ۾ به ته پيلو آهي! ڪڏهن ان ڪان ٻاهر نڪتو آهين؟ ڪڏهن قرب جو سڄهندو ڏٺو اٿيئي ـــ؟ پر تو ڪڏهن ڪنهن سان ايترو پيار به ته ڪيو هجي! تنهنجي لاءِ ريل گاڏيءَ جا ٿيهه ڦيرا مهني جي پڇاڙي آهي صاحب. ۽ هر نئون مهنو نئين پگهار آڻيندو هوندو ـــ! منهنجي لاءِ هيءَ ريل گاڏي پنجويهه سالن جي پورهئي جو ناڻو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوسيئڙي ۽ انتظار جي علامت آهي. منهنجي بي انتها
پيار جو اِهڃاڻ آهي هي رِيل گاڏي ـــ!

ممون ـ پر تنهنجا ڍڳا ته بگ مري ويندا موسي.

موسو ـ جناور پنهنجي مالڪ جو ڏک سک سولائيءَ سان سمجهي
ويندو آهي ممون! انهن جي ڳڻتي نه ڪر، تون وچ
ڪرت ڪي لڳ! وڃو، سڀ وڃو. مونکي اڪيلو ڇڏي
ڏيو، اڪيلو ڇڏي ڏيو.

[ڪافي دير تائين ڏکايل ميوزڪ]

آهستي آهستي ان ۾ طوفان جو تاثر به شامل ٿي وڃي ٿو
۽ پوءِ رات جو تاثر پڻ ـــ]

رمون ـ ڏاڏا ـــ!

موسو ـ رمون آهين ـــ؟

رمون ـ ها ڏاڏا.

موسو ـ ڇو آيو آهين ـــ؟

رمون ـ ڪاڏي وڃان ـــ؟

موسو ـ پنهنجي گهر.

رمون ـ مونکي ڪو گهر ڪونهي ڏاڏا.

موسو ـ ڪٿي سمهندو آهين ـــ؟

رمون ـ اتي ٿي ٽيشن جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾. (خاموشي)
بک لڳي اٿئي ڏاڏا ـــ؟ ڏس، مون تنهنجي لاءِ ماني آندي
آهي! هان، وٺ، کاءُ.

موسو ـ مونکي بک ناهي رمون.

رمون ـ سچو ڏينهن نه ڪجهه کاڌو اٿئي نه پيتو اٿئي! هڪ ٻي
هنڌ ويٺي ويٺي رات ٿي وئي اٿئي! ڪجهه ته کاءُ.

موسو ـ نه رمون، مونکي بک ناهي.

رمون ـ هڪڙي ڳالهه پڇان ڏاڏا ـــ؟

موسو ـ پڇ ـــ!

رمون ـ سيٺي ماءُ پيءُ جو پنهنجي اولاد سان ايترو پيار هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ڏاڏا ــ؟

موسو ــ تون ڇا ٿو سمجهين ـــ؟

رمون ــ مان .... مان ته يتيم آهيان !

موسو ــ توکي ڪجهه به ياد ناهي ــ؟

رمون ــ نــه .

موسو ــ ڪڏهن ڪنهن توکي پيار ڪيو آهي رمون ـــ؟

رمون ــ نــه.

موسو ــ ڪڏهين به نـــه؟

رمون ــ ڪڏهن به نه !

موسو ــ ڪنهن به نــــه؟

رمون ــ ڪنهن به نه.

موسو ــ ته پوءِ توکي ڪهڙي خبر ته پيار ڇا ٿيندو آهي ــــ؟

رمون ــ تون پڌاءِ ڏاڏا !

موسو ــ مون ڏانهن نهــار پٽ، منهنجي گهنجيل منهـن ۾ ڏس، هتن اڇن وارن کي تڪ، منهنجي پوڙهين اکين ۾ گهور رمون، ڪجهه نظر اچئي ٿو ـــ؟

رمون ــ هاـــ!

موسو ــ ڇــا ـــ؟

رمون ــ تڪ، انتظار، اوسيئڙو ــ!

موسو ــ ان کي پيار چوندا آهن پٽ ـــ!

رمون ــ ته پوءِ.... ته پوءِ منهنجي لاءِ ڪو انتظار ڇو نٿو ڪري ڏاڏا ـــ؟ منهنجو تــه اڄ تائين ڪنهن اوسيئڙو نــه ڪيو آهي ڏاڏا ــ!

موسو ــ ڪيو هونــدو، ضرور ڪيو هونــدو، توکي ياد نه رهيو آهي شايد.

رمون ــ شايد مونکي ياد نه آهي.

موسو ــ ها اُئين ئي هوندو، اُئين ئـي هوندو! تــون به ڪنهن جو مائٽ هوندين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمون – خبر ناهي، شايد، شايد—!

[هلڪي ڏکايل ميوزڪ— طوفان جاري —
ڪجھ دير ڪانپوءِ—]

رمون – ڏاڏا.

موسو – هون —!

رمون – تون اڃا جاڳين پيو ڏاڏا —؟

موسو – ننڊ مون کان رسي وئي آهي پٽ—!

رمون – ڪوشش ڪر ڏاڏا.

موسو – نه، مان خود جاڳڻ ٿو چاهيان رمون—! مان هي رات اکين وچان ڪڍڻ ٿو چاهيان—! مان پنهنجي گذريل حياتيءَ جي هڪ هڪ گهڙيءَ بابت سوچڻ ٿو چاهيان. خبر اٿئي جوانيءَ ۾ مان ڪيڏو زوراور مڙس هوندو هوس—! راڄ ڏڪندا هئا منهنجي نالي کان! شادي ڪانپوءِ سڀ ارڏايون ڇڏي ڏنم، هاجران جي پيار دل ۾ ديرو ڪيو ته سڀڪجھ وڃندو رهيو—! پيار ڏاڍو سگهارو ٿيندو آهي پٽ.

رمون – هاجران ڪير هئي ڏاڏا—؟

موسو – منهنجي گهر واري هئي، سڪ مان ساٿس لائون لڌيون هئم. هن جو به مونسان ڏاڍو پيار هوندو هو—! منهنجي قدم تان قربان ٿيندي هئي—! ۽ پوءِ ڪنهن جي نظر لڳي وئي اسانجي پيار کي—!

رمون – ڇا ٿيو ڏاڏا—؟

موسو – ماڻڪ ڄائو، پر هوءَ گذاري وئي. منهنجو روح ڄڻ ڪنهن نپوڙي ڇڏيو. منهنجي جيءَ ۾ ڪنهن اونهي ترار لاهي ڇڏي! مون سوچيو مان جي ڪونه سگهندس ۽ ٿڪي ٿڪي مري ويندس. پر پوءِ مون جيئڻ جو فيصلو ڪيو. ماڻڪ لاءِ، پنهنجي سڪيلڌي پٽ لاءِ، هاجران جي نشانيءَ لاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمون – پوءِ ڇا ٿيو ڏاڏا___؟

موسو – مون مالڪ تي پنهنجي روح جو سمورو پيار اوتي ڇڏيو. ڪيس اڻميو پيار ۽ پاڻ ڏنم پٽ؛ سندس هر انگل منهنجي لاءِ حڪم هوندو هو! سندس هرهڪ مرڪ منهنجو جياپو هئي ۽ هر لڙڪ موت ڪان وڌيڪ ڏکوئيندڙ هو.

رمون – تو کيس پڙهايو ڏاڏا___؟

موسو – مون کيس پڙهايو، پاليو، نپايو، وڏو ڪيو ۽ پوءِ کيس شهر موڪلي ڏنم. سندس ڀلائيءَ لاءِ، سندس خوشيءَ لاءِ ۽ سندس مرضيءَ موجب.

رمون – هو ٻه توسان پيار ڪندو هوندو ڏاڏا___؟

موسو – هن جو مونسان بيحد پيار آهي پٽ! اسانجي محبت جو ڪو نالو ناهي؛ ڪو ماڻ ڪو ماپو ناهي؛ بي حساب قرب آهي ٻيءَ پٽ ٻم!

رمون – تہ پوءِ هو ضرور ايندو ڏاڏا؛ صبح ٿيڻ ڏي، هو ضرور ايندو.

(Sad Music ڪجھ دير)

موسو – رمون.

رمون – جيءَ.

موسو – جاڳين ٿو رمون___؟

رمون – ها ڏاڏا.

موسو – ڇو___؟

رمون – ننڊ نٿي اچي.

موسو – ڪجھ سوچيندو هوندين___؟

رمون – نہ ائين ئي.

موسو – تون ضرور ڪجھ سوچيندو هوندين___؟

رمون – ها ڏاڏا.

موسو – ڇا ٿو سوچين رمون___؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمون — اِهو ئي ڏاڏا ته ڪان مائهن جي نصيب ۾ ايترو پيار ڇو لکيل هوندو آهي ۽ ڪن جي قسمت ۾.... (خاموشي)
موسو — مان تنهنجي ڏک کي سمجهان ٿو رمون.
رمون — مونکي ڪو ڏک ناهي.
موسو — اها تنهنجي ڀل آهي —! محرومي کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڏک ٿي سگهي ٿو —؟
رمون — مون ڇيو مون کي ڪو ڏک نهي؛ شڪايت آهي.
موسو — ڪنهن کان —؟
رمون — خبر ناهي —! شايد سڄي دنيا کان، پر ان ۾ دنيا جو ڪهڙو ڏوهه —! منهنجي يتيم ٿيڻ ۾ ٻئي ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهه —؟
موسو — پٽ —!
رمون — مونسان همدردي نه ڪر ڏاڏا .
موسو — هيءَ همدردي ناهي رمون.
رمون — مونکي همدرديءَ کان نفرت آهي —! مونکي دلداريءَ کان چڙ آهي —! جيڪڏهن مان يتيم آهيان ته آهيان .
تون مونکي منهنجو ماءُ پيءُ موٽائي ڏيئي نه سگهندين مونکي منهنجون خوشيون ورائي نه سگهندين .
موسو — رمون! رمون —!
رمون — تون پنهنجي مائٽ جو انتظار ڪر ڏاڏا ، مونکي مائٽ ڇوڻ وارا مري ويا — مري ويا —! هو موٽي نه ايندا — ڏاڏا ، هو موٽي نه ايندا (سڏڪا)
موسو — رمون .
رمون — مري ويا ، هو مري ويا (سڏڪا)
موسو — رمون ! رمون —!
(Sad Music up)
رمون — موسيٰ؛ موسيٰ ! تون سڄي رات اتي ئي ويٺو هئين —؟ تو ننڊ نه ڪئي آهي —؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسو – ممون آهين—؟
ممون – ڪجهه ڪاڏو پيتو اٿئي—؟
موسو – هي رمون ڪيڏانهن ويو—؟ هتي ئي هيو!
ممون – هتي ته ڪو به ڪونهي! منهنجي ڳالهه جو جواب نه ڏنئي موسيا—؟
موسو – بس اِجهو ماڻڪ اچڻ وارو ئي هوندو! ڇا ٽائيم ٿيو آهي—؟
ممون – تو ته پنهنجي الائي ڪهڙي حالت ڪئي ناهي آهي موسيا نه اٿئي ڏينهن جو هوش نه رات جي خبر! اولاد ڪي پيار اسان به ڏنو، پر ههڙو حال ته ڪنهنجو ڪونه ڏٺوسين—!
موسو – ريل اچڻ واري آهي ممون—؟
ممون – او هوءَ سامهون پئي اچي، هجين هن جهان ۾ ته خبر به پويئي نه—؟ ٽيشن ماستر ويچارو تنهنجي ڪري ڏاڍو پريشان آهي، ڳهڙي ڳهڙي تنهنجي پڇا پيو ڪري.
موسو – ان ويچاري سان مون ڪهرو ڳالهايو هو، ماڻڪ اچي ته پوءِ معافي تو وٺان.
ممون – ڇا جيون معافيون بعافيون؟ ماڻهو آهي لاڪيٽو، تنهنجي ته دل ۾ ئي ڪونه ڪيائين، ويتر خيريت پئي پڇيائين تنهنجي—!
[گاڏيءَ جو آواز پري کان ويجهو اچڻ شروع ٿو ٿئي—]
رمون – (پري کان) مڱ مساليدار، گرم چڻا.
موسو – اهو اٿئي رمون.
ممون – مان سڃاڻانس، ويچارو يتيم ٻار آهي.
موسو – ڏاڍو ڏکويل ڇوڪرو آهي.
رمون – (ويجهو ايندي) ڏاڏا، گاڏي اچي ويئي اٿئي، پنهنجو ماڻڪ مونکي ٻـ ڏيکارجانءِ! (ويندي) مڱ مساليدار گرم چڻا.
[ٽرين اچي رڪي ٿي– ڪجهه ماڻهن جا آواز— رمون جا هوڪا]
ممون – گاڏي اچي وئي موسيا! هو ڏس ڪجهه ماڻهو لٿا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد مالڪ انهن ۾ نئي هجي—!

موسو – ها ها؛ اٿين نئي هوندو اڄ، اڄ نه ڏسون.

ممون – (ويجهو اچي) هي نه ڪي پيا آهن! متان هوڏانهن لٽو هجي پٺي پاسي.

موسو – هل ممون هل؛ جلدي ڪر؛ هل—!

ممون – هِت ٻه ڪوئي ڪونهي—!

موسو – ڪوئي ڪونهي—؟ مالڪ اڄ ٻه نه آيو—؟

ممون – خبر ناهي ڇو—؟ متان سياڻي اچي!

موسو – سياڻي ڪڏهن ايندي ممون؟ سياڻي ڪڏهن ايندي—؟

ممون – سياڻي ضرور ايندي موسي! سياڻي ضرور ايندي.

[گاڏي جي وڃڻ جو آواز — آهستي آهستي دور وڃي ٿو ۽ پوءِ ختم ٿي وڃي ٿو—]

موسو – ويئي هلي؛ گاڏي ويئي هلي—! مالڪ اڄ ٻه نه آيو—!

ممون – منهنجي خيال ۾ ٽيشڻ ماستر سان صلاح ڪرڻ گهرجي.

موسو – هن ڪي کهڙي ڪل.

ممون – هن وٽ فون آهي؛ هو جاچ لهي ڏيندو. تون اِتي ترس، مان اجهو ٿو اچان.

(ممون جا هوڪا ويجها پوندا ٿا وڃن— ممون جي وڃڻ جو آواز—)

ا–م – اچي ويو توهانجو ڇوڪرو ممون—؟

ممون – نه صاحب! موسي ويچاري جي ڏاڍي حالت خراب آهي.

ا–م – ڇوڪرائي پوتي ڪنهن نه ڏوتي! ٻـار آهي، ترسي پيو هوندو! ان ۾ پريشان ٿيڻ جـي کهڙي ڳالهه آهي—!
پيرمرد ڪي ڇو نه وڃي ڳوٺ ويهي رهـي. پاڻهي هڪ نه هڪ ڏينهن ڇوڪرو موٽي ايندس.

ممون – هو مري ويندو صاحب!

ا–م – ان ۾ مرڻ جي کهڙي ڳالهه آهي؛ ضروري آهي ڇا نه سڀ ماڻهو هرو ڀرو ان ئي ڏينهن پهچن، جنهن ڏينهن اچڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجين. دبر مدار ته دنيا ۾ آهي ٿي آهي.

ممون – توهان هن‌جي دل کي سمجهي نه سگهندا سائين. هو ڏاڍو اُداس آهي. توهان خدا جي واسطي کنهن کان پڇائي ڏيو.

ا. م – کنهن کان پڇائي ڏيان.

ممون – کنهن کان به پڇائي وٺو صاحب، رڳو اِها خبر پوي ته هو خيريت سان آهي.

ا. م – ڪو ڏس پتو.

ممون – نه سائين.

ا. م – عجيب ڳالهه آهي، ڏس پتو به ڪونهي، پڇائي به ڏيو. ممون هوش ۾ ته آهين؟

ممون – موسي جي ڪٽنيءَ ڳاري چٺيو اٿم سائين. مون کان هن جو اوسيئڙو ڏٺو نٿو ٿئي.

ا. م – پر ان جو ڪو علاج مون وٽ ته ناهي.

ممون – توهان حاڪم آهيو، توهان جا هٿ وڏا آهن سائين. توهان سڀڪجهه ڪري سگهو ٿا. (فون وڄي ٿي)

ا. م – ڇگو ترس، ڏسان ڪير آهي؟ (فون کڻي ٿو) هلو، هلو؛ ڪراچي؟ فريد صاحب ٿا ڳالهايو؟ (ممون کي) ڪراچي کان فون آهي؛ (زور سان) جي جي سائين؛ حڪم ٿئي؛ ڪهڙي ٽرين تي اچي؟ اسپيشل؟ جي سائين؛ لائين ڪليئر رکندا سين. سائين.جي سائين؛ ٻيو سڀ ٺيڪ ٺاڪ آهي. اوهان جي مهرباني آهي. سائين هڪ عرض ڪرڻو آهي. مون سان هٿ هڪ عجيب اُلجهن آهي؛ ها ها. ٻيو خير آهي، ڪو ڳوٺاڻو آهي، جنهن جو پٽ ڪلهه ڪراچي کان هٿ پهچڻو هو. نالو –؟ (ممون کي) نالو ڇا اٿس–؟

ممون – ماڻڪ، سائين، ماڻڪ پٽ محمد موسي.

ا. م – (فون ۾) نالو ماڻڪ ٿا چون. ڪاليج ۾ پڙهندو آهي، جي، جي (ممون کي) رنگ جو سانورو آهي–؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممون – جي، جي ها سائين.
ا . م – (فون ۾) ها سائين سانورو آهي (ممون کي) مٿي تي زخم جو نشان اٿس—؟
ممون – ها سائين هـــا. ننڍي هوندي ڪِري پيو هو ڪٽ تان.
ا . م – جي ها، اهي ڏي پار پتا اٿس – جي؟ (آداس) جي – جي ڪڏهين—؟ ڪلهه—؟ يس سر، يس سر آءِ انڊر اسٽئنڊ سر ٿينڪ يو سر. (فون رکي ٿو)
ممون – ڇا ٿا چون سائين، ڪجهه پتو پيو سائين—؟ اوهان ڇپ ڇو ٿي ويا؟ ڇا ڳالهه آهي سائين—؟
ا . م – ممون، ڏاڍي خراب خبر آهي.
ممون – مولا خير ڪجانءِ.
ا . م – ماڻڪ ڪلهه تڪڙ ۾ ٽرين ۾ چڙهندي گاڏي هيٺان اچي ويو—ئي....
ممون – سائين....
ا . م – ڪٽجي مري ويو.
ممون – يا خدا.
ا . م – هنن سندس وارثن جي ڳولا ڪئي، پر پوءِ نا اميد ٿــي ڪيس دفن ڪري ڇڏيائون.
ممون – دفن ڪري ڇڏيائون—؟
ا . م – ها ممون —
ممون – هائي ڇا ٿيندو صاحب! موسيٰ ته بي موت مري ويندو؛ سندس هنيانءُ ڦاٽي پوندو.
ا . م – ڪيس اِها خبر جلديءَ ۾ نه ٻڌائجانءِ.
ممون – مان ڪيئن ٻڌائيانس ته سندس ماڻڪ مــري ويو؛ ڪيئن چوانس ته سندس سڄي عمر جو پورهيو برباد ٿــي ويو. سندس پيار دفن ٿي ويــو. سندس عبادت ڪانءُ اگهاڻــي صاحب! سندس عبادت ڪانءُ اگهاڻي—!
ا . م – همٿ ڪر ممون؛ اِهو سڀ ڪرم توکي ڪرڻو آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ئي دل هاري ويٺين ته پوءِ هو پيرمرد صدمون سهي نه سگهندو. مون کي افسوس آهي ممون؛ مون کي بيحد افسوس آهي.

ممون — منهنجو يار جي نه سگهندو سائين، مان ڪيئن ٻڌايانس؛ (ڇرڪي) موسيٰ تون ۽ اسان ٻه تنهنجي ئي ڳالهه پٺيان ڪٺي، اسان پي چيو ته....

موسيٰ — مون سڀڪجهه ٻڌو آهي ممون؛ مون سڀڪجهه ٻڌو آهي تون سمجهين ٿو ته مان مري ويندس—؟ هاجران جي موت تي ٻه ماڻهن اٿين ئي چيو هو. هنن جو خيال هو ته منهنجو هاڻ ڦاٽي پوندو؛ دل ٻيهي ويندي. پر ٿيو ڪجهه ئي ڪونه. مان اڃا تائين جيئرو آهيان؛ ڏس مان اڃا تائين جيئرو آهيان.

ممون — موسيٰ؛ موسيٰ.

موسو — مون هاجران جو پيار ماڻڪ ڏانهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ پوءِ ماڻڪ ئي منهنجي زندگيءَ جو مقصد ٿي پيو. اڄ ماڻڪ مري ويو. هو منهنجو هو؛ مون ڏانهن ايندي ٿي مئو آهي. اڄ هو مري ويو. پر مان نه مرندس؛ مان هرگز نه مرندس! رڳو اِهو سمورو پيار بدلائي مان رمون کي ڏيندس —!

رمون — ڏاڏا —!

موسو — ها پٽ! اڄ اسان ٻئي يتيم آهيون ۽ اسان کي هڪ ٻئي جي سهاري جي ضرورت آهي. مان تو کي ماڻڪ جو پيار ڏيندس ۽ تون مون کي اولاد جي آسيس ڏجانءِ. ڏيندين نه—؟

رمون — ڏاڏا! ڏاڏا—! (سڏڪي ٿو)

موسو — نه رو پٽ، نه رو. ڏس مان رهان ٿو—؟ مان نٿو روئان نه—؟ مان نٿو روئان — مان نٿو روئان —!
(روئڻ جو تاثر) اڄ ٻچا هلون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمون ـ ڪيڏانهن___؟

موسو ـ پنهنجي گهر___!

رمون ـ منهنجو ته ڪوئي گهر ناهي.

موسو ـ تنهنجو گهر آهي پٽ! منهنجي جهوپڙي تنهنجوگهر آهي
ڳوٺ وارا اسان جي انتظار ۾ هوندا، مان ڪين ٻڌائيندس
ته ماڻڪ اچي ويو_! ماڻڪ اچي ويو___! هي ڏسو___!
منهنجو ماڻڪ موٽي آيو آهي___!!

—Sad Music—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ

سين پهريون

[پکين جا آواز — پهاڙي موسيقي فيڊ اِن ٿئي ٿي — موسيقي فيڊ آئوٽ ٿيڻ کانپوءِ مالهيءَ جي ڇپر ڪٽڻ جو آواز اچي ٿو — چوڪيدار جي لٺ زمين تي لڳڻ جو آواز پري کان ويجهو اچي بيهي ٿو رهي —]

مالهي – چوڪيدار اڄ هن وقت هت ڇيو ڏسجين—؟

چوڪيدار – ها مالهي، اڄ ڊاڪ بنگلي ۾ ڪجهه مهمان آيا آهن.

مالهي – مهمان—!؟

چوڪيدار – حيران ٿي وئين مالهي —؟ (ٿڌو ساهه ڀري) تنهنجي حيرت به بجا آهي! ڪافي عرصي کان هيءُ ڊاڪ بنگلو ويران جو پيو آهي—.!

مالهي – ويـران تـو چئين چـوڪيدار—.؟ مون کي ته هاڻي هن اڪيلائي کان وحشت ٿيڻ لڳي آهي. ڪو وقت هـو جو هتي زندگي جهومندي ڳائيندي هئي؛ بهارون خوشبوئن جا خزانا لٽائينديون هيون؛ ڪارا ڪڪر دل کولي وسندا هئا؛ ۽ پوءِ سخت ڌرتيءَ جي سيني مان ننڍڙا، نازڪ، رنگبرنگي گل ڪرموڙي جاڳي اٿندا هئا! هن پهاڙ جي دامن ۾ سرتيون سينگار ڪري بهار جا گيت ڳائينديون هيون ۽ محبت ڀـريون دليون ڌڙڪي اٿنديون هيـون! پر.... پر پوءِ .... پر پوءِ....

واچوڙن ۾ لاٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪيدار– مونکي ياد آهي مالهي، مونکي سڀڪجهه يـاد آهي! سون جهڙن بنگلي جـي چاليهن سالن کان رکوالي ڪئي آهي، پنهنجي اولاد جيان ڪيس هردم اکين آڏو رکيو اٿم.

مالهي – شايد اسان هاڻي ڪراڙا ٿي ويا آهيون. ان ڪري بهارن ۾ آها ٻوه نه رهي آهي، يـا وري بهارون ئي اسان کان منهن موڙي ويون آهن! ڪڏهن ڪڏهن ته اُئين ڀائيندو آهيان، جڻ حياتي هلندي هلندي ٿڪجي چُور ٿي پئي آهي ۽ هاڻي سمهي رهندي ته ٻيهر ڪڏهن به نه اٿندي؛ ڪڏهن به نه اٿندي ــــ!

چوڪيدار– ملول نه ٿي مالهي، تنهنجي اُداسيءَ جو ڪارڻ تنهنجي اڪيلائي آهي. سيزن آئي آهي، ٻـــ ئي مهمان ٻيا اچڻ ڏي، توري رونق ٿيندي ته دل خود بخود وندرجي ويندي.

مالهي – ها، شايـد تـون سچ ٿـو چئين ، مونکي مايوس ٿيڻ نه گهرجي. بهار آئي آهي ، هي ڏس چوڪيدارا هي ڏس–! گونچ ڦُٽا آهن، تورن ڏينهن ۾ گل ٽڙندا، سندن سڳند سڄي وستيءَ ڪـي واسي ڇڏيندو ۽ پـوءِ مـان پنهنجي اڪيلائي وساري وهندس! موتئي، مکري ۽ گلاب جـي مهڪار منهنجي روح کي ٻيهر جيئاري ڇڏيندي–! يـاد اٿئي چوڪيدار–؟ گذريل سال هن بنگلي ۾ هڪ شهري بابو اچي رهيو هو–؟

چوڪيدار– ها ها، آهـو خوبصورت جانٺو جوان ، نالو به چڱو هـوس ــ!

مالهي – سجاد .

چوڪيدار– هاڻي ياد آيم. آهو ئي نه، جنهن سان اڪثر هڪ سهڻي ڇوڪري ساڻ رهندي هئي !

مالهي – ها ها، بلڪل آهو، ڪيڏو نه ڪلمڪ ۽ حسين هونـدو هو . مونکي اڪثر چوندو هو چاچا، زندگي کان مايوسي انساني عظمت جي توهين آهي. خلقڻهار جيڪي ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ڪيو آهي، انسان کي شرف حاصل آهي تہ ان ۾ واڌارو ڪري. وڻ ٽڻ ٻوٽا، گل ۽ گاهہ آپائڻ بہ تخليق جي تڪميل ڏانهن اڳتي قدم آهي . هن کي موتيو ڏاڍو وڻندو هــو. هــو هر روز موتئي جو هڪ هار مون کان نهرائي سيما کي سوکڙي ڏيندو هو.

چوڪيدار— ها، ان ڇوڪريءَ جو نالو سيما هو.

مالهي — ۽ هو ساڻس بي انتها محبت ڪندو هو. ڪيڏي نہ پياري جوڙي هئي انهن ٻنهي جي، جهڙا اڇي آجري پاڻيءَ ۾ ترندڙ بہ نيل ڪنول ! هو راتين جــون راتيون سامهين پهاڙ تي چنڊ کي گهورينديگذاريندا هئا. چانديءَ جهڙي چانڊوڪيءَ ۾ هو بہ يڪتڪيل روح لڳندا هئا.

چوڪيدار— پوءِ سجاد هليو ويو.

مالهي — ها، هڪ رات هو اوچتو هليو ويو: ۽ وري نـہ موٽيو ! هن مونکي خدا حافظ بہ نہ چيو چوڪيدار !

چوڪيدار— ڇريو آهين مالهي—! هت مسافر ايندا آهــن ۽ هليا ويندا آهن . ڪٿين آيا ۽ ڪٿين ويا . تــون ڪنهن جو ڪنهن جو ڏک ڪندين—؟

مالهي — هو اهڙو نہ هــو: هن جي منهن تي هميشه مرڪ رهندي هئي: ۽ ان مرڪ ۾ زندگيءَ سان پيار جي انتها لڪل هئي : هــن جو حياتيءَ سان ڀرپور پيار هو. اهڙا ماڻهو پٿر دل نہ ٿيندا آهن چوڪيدار !

چوڪيدار— سيما بہ تہ ان کان پوءِ نظر نہ آئي !

مالهي — ها: هوءِ بہ پنهنجي ماڻٽن سان گڏ پنهنجي شهري زندگيءَ ۾ موٽي وئي ! (چرڪ ڀري) اڙي ! —ان بہ ڪهڙو نہ چريو آهيان ! صبح مردان سان بيوقوفيءَ جا قصا ڪڍي ويهي رهيس ! تــون ٻڌاءِ ؟ ڪهڙا مسافر آيا آهن—؟

چوڪيدار— ڪو پادري آهــي، پنج ڇهہ ننڍڙيون ڇوڪريون بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻ اٿس ! ڪنهن اسڪول جا ٻار آهن. موڪلن ۾ جبلن جو سير ڪرڻ آيا آهن.

مالهي – (ٿڌو ساهه ڀري) ها چوڪيدار! موڪلن ۾ هرڪو سيرتي ايندو آهي، ۽ پوءِ جڏهن پهاڙن تي برف ڄمندي آهي ۽ سرد هوائون سرڀـر ڪي ڏنگينديون گذرنديون آهن، تڏهن ڪوئي به اسانجو حال پڇڻ وارو نه رهندو آهي.

چوڪيدار– چڱو مالهي، تون گلدستو ٺاهي ڪٺي هل تہ مان چانهه جو بندوبست ڪري وٺان .

مالهي – (ٿڌو ساهه) ها چوڪيدار، نئين سيزن شروع ٿي چڪي آهي.

سين پهـريو

[رات جو ٽائم — پري ڪان ڪار جي اچڻ جو آواز ويجهو اچي بيهي ٿي — در کلي ٿو — بند ٿئي ٿو — چوڪيدار جي ڊوڙي ويجهو اچڻ جو آواز — در تي زور زور سان ڪڙڪو —]

چوڪيدار– مالهي–! مالهي—! در کول مالهي—! ٻاهر ڏس ڪير آيو آهي ! جاڳ مالهي—! (در تي ڪڙڪو).

مالهي – (ننڊ ڪڙي آواز ۾) ڇو اچي ننڊ ڦٽائي اٿئي چوڪيدار—؟

چوڪيدار– تون در تہ کول، ڏس تہ سهي ڪير آيو آهي—!

مالهي – (در کولي) ڪير آيو آهي—؟

چوڪيدار– بابو آيو آهي مالهي ! بابو آيو آهي، سجاد بابو—!

مالهي – سجاد —!! ڪٿي آهي–؟

چوڪيدار– او هو سامهون بيٺو آهي، ڪار جي پرسان .

مالهي – سجاد بابو–! اڙي، هي تہ سچ پچ سجاد ئي آهي —! اڄ صبح تہ ياد پئي ڪيوسين ! تون اتي ڇا بيٺو ڪرين چوڪيدار—؟ هل، هلي سامان لهراءِ، اچ.

چوڪيدار– مان تہ تو کي ٻڌائڻ آيو هوس!

مالهي – ڳالهين ۾ وقت نہ وڃاءِ، اچ مونسان .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[وڄڻ جو آواز—]

سجاد صاحب توهان، ڇگو ٿيو جو توهان اچي ويا، مون اڄ صبح ئي توهان کي ياد پئي ڪيو. بهار جا گونچ ڏسي مونکي توهان جي ياد اچي وئي (وقفو) توهان خاموش ڇو آهيو—؟ (ڇرڪ پري) هي توهان پنهنجي حالت ڇا بنائي رکي آهي—؟ ڇا ڳالهه آهي بابو—؟ توهان جو رنگ، روپ، خوشي ۽ ٽهڪ ڪيڏانهن غائب ٿي ويا—؟

سجاد — منهنجو سامان ڪنهن ڪمري ۾ رکائي ڇڏ چاچا، مان ڏاڍو ٿڪل آهيان.

مالهي — ها، ڇونه، ڇو نه. چوڪيدار پاڻهي سامان کڻي ايندو. توهان هلو، توهان اندر هلو.

[قدمن جو آواز— ڪمري ۾ سجاد جو ڪرسي تي ليٽڻ]

سجاد — هتي ڪيڏو نه سڪون آهي چاچا—! ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ مان صدين کان پيرين اگهاڙو ٻاٻريءَ ڪنڊ تي هلندو رهيو آهيان ۽ تانڊن تي ٽلندو رهيو آهيان—! وک وک تي وهه وٺو پيئندو رهيو آهيان—! هت اچي منهنجا سڀ غم سمهي رهيا آهن! سڀ درد دور ٿي ويا آهن—!

مالهي — سجاد بابو.

سجاد — ڇئو چاچا—؟

مالهي — سجاد پٽ، تنهنجي ڪلهه ۽ اڄ ۾ درد جو درياهه ڏسي مان ڏکي ويو آهيان—!

سجاد — منهنجي ماضي ۽ حال ۾ يادن جون واديون حائل آهن چاچا.

مالهي — پر تون نه زندگيءَ جو پيو نالو هئين سجاد.

سجاد — اڄ موت منهنجو مهمان آهي چاچا—!

مالهي — ائين نه چئو پٽ! تنهنجو غم مون کان ڏٺو نٿو ٿئي، ڇا ڳالهه آهي—؟ ڪجهه ته چئو—؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد – ڪي انسان زندگيءَ ۾ ٿـي سري ويندا آهـن چاچا___!
هو حياتيءَ جي صليب ڪلهن تي کڻي جيئندا آهن، ۽
پوءِ هوا جي جهوٽي جيان هـِن دنيا مان هليا ويندا آهن.
مان به هوا جـو جهوٽو آهيان، جـر جو ڦوٽو آهيان؛
منهنجا زخـم نـه ڪـول چاچا، منهنجا گهـاو گهرا ۽
گهاٽا آهن.

مالهي – جڏهن تـون خوشيءَ جـي علامت بنجي هت آيو هئين
پٽ، تڏهن مـون پيهر جيئڻ جي تمنا ڪئي هئي، دل
ٽان درد جي دز ڊوئي مون روح کي آس جو واس ڏنو
هو، ۽ پوءِ جڏهن تون اوچتو هليو ويو هئين تـه مون
هر ساعت توکي مسيحا سمجهي تنهنجي وات تڪي هئي،
راهه نهاري هـئي، تـون ڪهڙو مسيحا آهين پٽ ___
جو خود روح جي گهراين تائين گهايل آهين___! تـون
ڪهڙو ويڄ آهين___؟ ڪهڙو طبيب آهين___؟

سجاد – مان پرهه جو پاڇو آهيان، بيوس بادل آهيان ___!

مالهي – تنهنجي اکين مان لڙڪ لڙندا ڏسي منهنجو روح رهڙجي
پيو آهي پٽ ___!

سجاد – هي بي زبان لڙڪ منهنجي مـن جـي ماجرا ٻڌائي نـه
سگهندا چاچا.

مالهي – تون ٿڪل آهين، آرام ڪر.

سجاد – آرام....؟

مالهي – ساوڻ جي تيز آس ۽ سياري جو پارو نازڪ ٻوٽن کي
لهسائي ڇڏيندو آهي، ائين لڳندو آهـي، ڄڻ پيهر ڪو
سلو نه آيرندو، ڪا مکڙي نه ڦٽندي، ڪو گل نه ٽڙندو،
پر ائين نه آهي، بهار موٽندي آهي ته ....

سجاد – بهار ڪڏهن ڪونه موٽندي___!

مالهي – اهو تنهنجو وهم آهي پٽ، بهار ضـرور موٽندي، صدين
کان قدرت جو اِهو قانون هلندو پيو اچي_! وري گل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڙندا، وري ڦوڪ ڦلاربا، هي ڏس! هــن دريءَ مــان
هيٺ جهاتي پائي ڏس! هو پادري ۽ ساڻس گڏ چار پنج
ٻارڙيون ڏسين ٿو؟ ڪيڏي نه لا پرواهيءَ سان چانڊوڪيءَ
جي درياءَ ۾ تــرنديون، نچنديون، ٽپنديون پيون وڃــن.
پادريءَ جي حياتيءَ جو سڄ ٻڏڻ وارو آهي. پر ننڍڙين
نينگرين لاءِ اڄوڪي رات ايندڙ بهار جو پيغام آهي.

سجاد – مالهي! اهــا ڇوڪري ڏسين ٿــو! سونهري وارن واري
ننڍڙي گڏي، جا سيني ڪان پويان آهيـــ؟

مالهي – ها، ڏسان ٿو!

سجاد – هن جــي شڪل هوبهو سيما جهڙي آهــي. سندس وار
سونهري هئا، اکيون اٿاهه ساگر ۽ مرڪ ملڪوتي هئي!
ياد اٿئي مالهي! ڪجهه ياد اٿئيـــ؟

مالهي – ها پڪ، پر........

سجاد – مون کان ڪو به سوال نه پــڇ مالهي! هي ٻارڙي ڏسي
منهنجي ذهن ۾ سيما جو تصور اڀري آيو آهي! سيما....
جا منهنجي زندگي هئي.... منهنجي حياتيءَ جــو حاصل
هئي.... منهنجي آسائتين اکين جي روشني ۽ صدين جي
عبادت جو صلو هئي ـــــ!

مالهي – چوندا آهن ته ڏسڻ سان غمن جو بار هلڪو ٿي ويندو
آهي. ٻڌاءِ، اڳتي ٻڌاءِ....!

سجاد – هن جي مــرڪ معصوم ۽ ڳالهيون ماکيءَ جيان مٺيون
هيون....! مان لا پرواهه ۽ بيخوف هوس! اڻ ڇاڻ، اُچاترو
۽ اڙٻنگ هــوس. ڪاليج ۾ مــون جهڙو زنده دل ملڻ
مشڪل هــو! ڪسرتي جسم، رانديگرن واري مــوج ۽
مستي پري ڇــال . ڳالهه ڳالهه تــي ٽهڪن جــا ٽانڊاٽا
آڏائيندو وتندو هوس! هيءَ گذريل سال جــي تــه ڳالهه
آهي. گذريل سال.... هنن ئي ڏينهن ۾ جڏهن بهار جــا
پهريان گل ٽڙيا.

(FLASH BACK)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سين نيون

[سجاد ڊوڙندو گهر ۾ اچي ٿو ــــ]

سجاد ـ ممي، پياري ممي! تون ڪٿي آهين ـــ؟

ممي ـ اِجهو هتي آهيان، لان تي.

سجاد ـ اڙي ممي تون به ڪمال آهين! ڊاڪٽر ٻاهر نڪرڻ کان منع ڪئي اٿئي ۽ تون آهين جو....!

ممي ـ (کلندي) منهنجو ڪو به خيال نه ڪر پٽ! ڊاڪٽرن کي چاهي: هوندو ڪجهه به ڪونه، ڊپ اهڙو ڏيندا جو خدا جي پناهه ـــ!

سجاد ـ اوهو ممي! تون ته بلڪل باغي ٿي ڏسجين! ڏسجانءِ ڪٿي اِها بغاوت ڊيڊيءَ جي خلاف نه ڪري ڪري ڏين ـــ! ويچارو اڳيئي توکان ڊنل آهي: گهر ۾ گهڙندو آهي ته ٿالهه مٿي ٿي رکيءِ، ته ڪٿي لٽ نه وهائي ڪڍينس ـــ!

ممي ـ هوش ڪر ڇوڪرا: وڏن لاءِ اهڙا لفظ نه ڪڍبا آهن.

سجاد ـ مان ٺوروئي ٿو چوان! ڊيڊي پاڻ دوستن کي ٻڌائيندو آهي.

ممي ـ ڇا ڪندينس! هو ته شروع کان ئي پوڳائي آهي ـــ.

سجاد ـ پر پاڻ ته چوندو آهي ته مان زال جو مڄو آهيان ـــ.

ممي ـ (کلندي) پاڻهئي خبر پوندءِ جڏهن شادي ڪندين ـــ.

سجاد ـ مان ته مڄو ٿيندس ـــ.

ممي ـ زال جو ـــ؟

سجاد ـ هرگز نه، زال جي ماءُ جو! بلڪ سندس سڄي خاندان جو، ڊيڊيءَ وانگر ـــ!

ڊيڊي ـ (اندر ايندي) هي ماءُ پٽ پاڻ ۾ ڪهڙا وينا ڳالهيون ڪهڙيو؟

سجاد ـ ڪجهه ناهي ڊيڊي: بس اٿين ممي ۽ مان چرچا پئي ڪيم.

ڊيڊي ـ هون! سجاد، ٻڌو اٿم ته تنهنجي ٽيم ٽورنامينٽ کٽي ورتي آهي ـــ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد – اِڙي ها، اها ڳالهه ته توهان کي ٻڌائڻ ئي وسري ويم.
اڄ اسان چئمپن شپ کٽي ورتي آهي. هيڏي وڏي ٽرافي
ملي آهي.

ڊيڊي – مون کي خوشي آهي پٽ.

سجاد – توهان ته اڃا پوري ڳالهه به نه ٻڌي آهي ڊيڊي؛ هن
سال مون ڊرامي ۾ ڪنگ ليئر جو رول ڪيو هو نه—؟

ممي – ها ها پٽ.

سجاد – ان تي به انعام مليو اٿم؛ جيڪڏهن وچ ڊراميءَ منهنجي
ڏاڙهي نه ڪري ها ته پهرين انعام پڪا به ضرور ملن ها.

ڊيڊي – (ٽهڪ ڏيندي) ڏاڍو شرير آهين.

سجاد – اوهانجو پٽ آهيان.

ممي – تو سان پڇڻ محال آهي.

سجاد – ان ڪري ته چوان ٿو ته جلدي مون مان جند ڇڏايو—!

ڊيڊي – ڇا مطلب —؟

سجاد – مطلب اِهو ته ٻه هزار روپيا ڏيو ته ڪجهه وقت پهاڙ
تي گذاري اچان.

ممي – پر تنهنجا امتحان—؟

سجاد – امتحان جا پرچا ته مان ڪاپي هٿ سان لکندو آهيان
ممي! ساڄي ۾ ڪتاب جهليندو آهيان.

ڊيڊي – (کلندي) ڇوڪرو شڪل ۾ تو تي ويو آهي، باقي ذهن
هوبهو مون جهڙو اٿس بيگم!

ممي – شڪر ڪيو جو اٿين ٿيو؛ جي ان جي اَبتڙ ٿئي ها ته—!

ڊيڊي – تو وري اڻ وڻندڙ ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون بيگم!

سجاد – ترسو، ترسو—! فيِ الحال جنگ بندي ڪيو. ٻئي ٽريون
هزار رپيا ڪيو؛ پوءِ باقاعده هوائي حملا شروع
ڪري ڏجو—.

ڊيڊي – ڪڏهن وڃڻ جو ارادو ڪيو اٿئي—؟

سجاد – اڄ، بلڪ هينئر ئي (خوشامد ڪندي) ڊيڊي! توهان ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪيلن وارا سوال نہ پڇو—.

ڊيڊي – نہ نہ، بلڪل نہ، بلڪل نہ، توکي پيسا ملن ٿا، وڃي گهمين اڄ.

سجاد – او ٿينڪ يو ڊيڊي، ٿينڪ يو ممي. ممي پپا زنده باد.

سين چوٿون

[پهاڙي موسيقي— پکين جا آواز وغيره—]

سجاد – هي پهاڙ ڪيترا نہ حسين آهن؛ ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ مون سڄي زندگي هن منظر جي تصور ۾ ئي گذاري ڇڏي هئي! ۽ هي باغ ڪيڏو نہ پيارو آهي. مون کي موتئي جا گل ڏاڍا وڻندا آهن مالهي—!

مالهي – حڪم ٿئي تہ روز صبح جو ڏئي ويندو ڪيان.

سجاد – ها مالهي؛ اها تنهنجي وڏي مهرباني ٿيندي. هي ماڻري بہ ڪيڏي نہ وڻندڙ آهي!

مالهي – ها سائين! هن ماڻريءَ جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ جيڪڏهن توهان زور سان آواز ڏيندو تہ پوري هڪ منٽ کانپوءِ توهانجو آواز پڙاڏو بنجي موٽي ايندو.

سجاد – اِها وري ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي مالهي! اسان جي شهر ۾ سان روز رات جو سمهڻ وقت زور سان چئي ڇڏيندو آهيان: ”سڄ اُپيري چڪو آهي سجاد؛ هاڻي سجاڳ ٿيءُ!“

ٻئي ڏينهن صبح جو اهو ساڳيو آواز مونکي ننڊ مان اٿي آٿاريندو آهي.

مالهي – هي آبشار ڏسو؛ پهاڙن ۾ ههڙا آبشار اڪثر توهان کي وهندا نظر ايندا.

سجاد – ڏاڍو سٺو آبشار آهي! اڄر ڏينهن بہ وهندو آهي—؟

مالهي – جي سائين —؟

سجاد – ڪجهہ بہ نہ، مهنجي نظر ذرا ڪمزور آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالهي ــ هن عمر ۾ــ؟

سجاد ــ ها مالهي! ڳالهه در اصل هيءَ آهــي ته مان ڇوڪرين جي هاسٽل جي سامهون رهندو آهيان نه! انڪري....!

مالهي ــ توهان جون ڳالهيون به عجيب آهن ــ!

سجاد ــ ڪت جڻ ته ڪونه ٿيندا آهن ــ؟

مالهي ــ مون هڪ دفعي هڪ جڻ ڏٺو هو ــ.

سجاد ــ ڪيئن هئو ــ؟

مالهي ــ ڪارو، ٿلهو، ڳڙهه جهڙو ــ!

سجاد ــ پنهنجو پاڇو ڏٺو هونديءِ مالهي ــ.

[خانبهادر جو آواز اچي ٿو ــ پوءِ هن جي قدمن جو ويجهو اچي ٿو ــ]

خانبهادر ــ مالهي ــ! مالهي ــ!

مالهي ــ خانبهادر صاحب جن اچي ويا.

سجاد ــ ڊاڪ بنگلي ۾ رهيل آهن ــ؟

مالهي ــ نه سائين؛ پنهنجو بنگلو اٿن؛ روز تفريح لاءِ ايندا آهن.

خانبهادر ــ اوــ! ته تون هت بيٺو آهين ــ اڄ تو اسان کي گل ڪونه ڏنا مالهي ــ؟

مالهي ــ سلام صاحب؛ مان اِجهو گل پٽي حاضر ٿيس.

[وڃي ٿو ــ]

خانبهادر ــ تهان شايد هت نوان ٿا ڏسجو ــ؟

سجاد ــ جي ها؛ مان اڄ ئي ڪراچيءَ کان هت پهتو آهيان.

خانبهادر ــ ڪراچيءَ کان؟ ڪنهن جو پٽ آهين نوجوان ــ؟

سجاد ــ جي مان سيٺ عبدالله جو پٽ سجاد آهيان.

خانبهادر ــ اڙي تــون ته اسانجو ڀائٽيو آهين....! سيٺ صاحب ته منهنجو ننڍي هوندي جو يار آهي؛ ڪٿي رهيل آهين ــ؟

سجاد ــ جي هتي ئي ڊاڪ بنگلي ۾.

خانبهادر ــ اِها به ڪا ڳالهه آهــي ــ؟ پنهنجي گهر هوندي تون هت رهين! ناممڪن! هينئر جــو هينئر سامان کڻي هلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ رهه.

سجاد - اوهانجي وڏي مهرباني خانبهادر صاحب؛ ٻان هت بلڪل نيڪ آهيان.

خانبهادر- پٺهين ڏوراپو ته نه ڏيندو-؟ خير رات جي ماني اسان سان کائجانءِ.

سجاد - جي ضرور کائيندس.

[مالهي اچي ٿو--]

مالهي - خانبهادر صاحب، توهان جا گل.

خانبهادر- شاباس مالهي. (ڪلندي) سيما کي موتيو ڏاڍو وڻندو آهي. رات ضرور اچجانءِ.

سين پنجون

خانبهادر- اچ پٽ! اچ هتي اچي ويهه! بيگم هي آهي سجاد! هي نوجوان اسان کان لڪي ڊاڪ بنگلي ۾ وڃي رهيو آهي! پٽس سيڪاريو هوندس.

بيگم - پٽ! هي به پنهنجو گهر اٿئي؛ اسان هر سال گرميون گذارڻ لاءِ هت ئي ايندا آهيون.

سجاد - اوهان جي مهرباني آنٽي؛ بس مان آتي ئي نيڪ آهيان.

خانبهادر- هيءَ آهي منهنجي ڌيءَ سيما.

سجاد - اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي.

سيما - ٿينڪ يو؛ اوهان پڙهندا آهيو--؟

سجاد - جي ها؛ مان ايم- اي جي آخري سال ۾ آهيان.

سيما - مون کي خبر. آهي.

سجاد - جي--؟ توهان کي خبر آهي--؟ مون ڳالهه نه سمجهي؟

سيما - سجاد صاحب؛ توهان ته ڪمر نفسيءَ کان ڪم وٺي رهيا آهيو--! پلا توهان کي ڪير نه سڃاڻي--! اوهانجي تعريفن سان ته اخبارن جا صفحا ڪارا هوندا آهن--!

سجاد - او--!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيما – جـــي !

[نثار جي کنگھڻ جو آواز ـــ]

خانبهادر – اڄ طبيعت ڪيئن اٿس بيگم ـــ ؟

بيگم – تڪليف ڪجھ وڌي ويئي اٿس.

خانبهادر – ڊاڪٽر کي گھرائي وٺو.

بيگم – ڊاڪٽر انجيڪشن لڳائي ويو اٿس.

خانبهادر – پيو ڇا چيائين ـــ ؟

بيگم – چيائين ڪيس هرطرح خوش رکڻ جي ڪوشش ڪريو !

خانبهادر – خوشي خزاني سان خريدي سگھجي، ها نه جيڪر مان سندس زندگيءَ جي هر ساعت سون ۾ توري وٺان ها ـ !

(سجاد سان) توهان پريشان نه ٿيو، سيما جو مگيندو آهي.

نثار، ٠نهنجو پاڻتيو ٿئي، ٽي. بيءَ جي موذي مرض اهڙو سوگهو ڪيو اٿس جو....

سيما – بابا ....!

خانبهادر – سيما، سجاد به پنهنجي ئي گھر جو ڀاتي آهي ـــ !

سيما – اسان ڪيس خوش رکڻ ۾ وسان ڪونه گھٽايو آهي.

[نثار کنگھندو اچي ٿو ـــ]

خانبهادر – اڄ نثار پٽ، اسان تنهنجي ئي انتظار ۾ هئاسين، سجاد سان مل.

نثار – خوش نصيبن سان ملي مونکي به خوشي ٿيندي آهي.

سجاد – اڄ مون خوش نصيبيءَ جو پراڻو تصور پڄي پور ڪري ڇڏيو آهي ـــ !

نثار – تصور ٿيندا ئي پڄڻ ڪاڻ آهن سجاد صاحب ـــ ! هر نئون تصور گذريل تخليق جو موت هوندو آهي.

سجاد – موت خود هڪ حسين تصور آهي نثار صاحب ـــ ! پر زندگي ان کان به وڌيڪ حسين آهي.

نثار – ڪن جي لاءِ ـــ ! جن زندگيءَ جا زخم نه ڏنا آهن. مون ته موت کي هر پل پنهنجي پـويان پاڇولي جيان ايندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو آهي ــــ!

بيگم ــ توکي اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ گهرجن پٽ.

نثار ــ چاچي، روح جي رڙ چپن تي اچي ويندي آهي؛ منهنجي بيماري........

خانبهادر ــ توکي ڊاڪٽر خوش رهڻ لاءِ چيو آهي.

نثار ــ خوشي ــــ؟ هڪ بي معنيٰ؛ بي مقصد لفظ آهي چاچا ــــ! منهنجي جهوليءَ ۾ قسمت ڪنڊا ٺي وڌا آهن ــــ! چپنڊڙ تيز، نوڪدار ڪنڊا....

خانبهادر ــ سيما سان ڪاوڙيو آهين ڇا ــــ؟

نثار ــ سيما ــــ! سيما سان ڪيئن ڪاوڙبس چاچا ــــ؟ هن جي سهاري ئي ته زندگيءَ جو زهر مرڪي پيئان پيو.

سيما ــ گهڻو ڳالهائڻ تنهنجي لاءِ نقصانڪار آهي نثار؛ گهر ۾ مهمان به آهي.

سجاد ــ مونکي افسوس آهي جو منهنجي ڪري اوهانکي پريشاني ٿي رهي آهي؛ اجازت ڏيو ته بهتر....!

نثار ــ مان بيمار ۽ معذور آهيان سجاد صاحب؛ زندگيءَ جي سوري تلخي ڪڏهن ڪڏهن زبان تي اچي ويندي آهي. منهنجي ڳالهين جو دل ۾ نه ڪجو.

سجاد ــ مان سياڻي ڌري ايندس.

خانبهادر ــ ضرور ضرور پٽ، ويچاري سيما به سڄو ڏينهن گهر ۾ ويهي بور ٿي ٿئي. ڪڏجي سير تي نڪرندءُ ته دل وندرجي پوندؤ.

سجاد ــ اِها منهنجي خوش قسمتي چئبي ــــ! خدا حافظ.

سين ڇهون

سيما ــ توهان اڄ بحث ۾ عورت متعلق پنهنجي راءِ نه ڏني ــــ؟

سجاد ــ ان ڪري ته مان ان ميدان ۾ اڃا اناڙي آهيان ــــ.

سيما ــ اِهو ڪو دليل ڪونهي ــــ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد – ان جو ڇا دليل آهي ته توهان اڄان تائين مونکي ڏاريو ٿا سمجهو–؟

سيما – مون کان غلطي ٿي.

سجاد – توهان مون کي "توهان" چئي مونکي ڌاريائپ جو احساس ڏياري رهيا آهيو–!

سيما – ۽ توهان–؟ (ٻئي کلن ٿا)

سيما – منهنجي سوال جو جواب....؟

سجاد – تنهنجي هر ڳالهه لا جواب آهي! هونئن مون کي وڏيءَ ڪڙيءَ واريون سئنڌل پسند ڪندڙ عورتون پسند ناهن.

سيما – اِهو هر مرد جو الميو آهي–!

سجاد – مرد گگدام آهي.

سيما – ۽ عورت–؟

سجاد – عورت هڪ اهڙي اليڪٽرڪ گهنٽيءَ مثل آهي جا مسلسل وڄندي رهي....

سيما – عورت پيڙ به آهي، ماءُ بہ زال بہ آهي.

سجاد – زنجير به....!

سيما – مان سنجيده آهيان سجاد–! عورت جيڪڏهن آهه ڪري ته ڪوٽ ڪيرائي وجهي، ڏونگر ڏاري ڇڏي–! سچ جي لاٽ جلائي تہ وات ڳولهي لهي؛ فرض تي محبت قربان ڪري ته فرشتا رشڪ ڪن–!

سجاد – تو کي هنن پهاڙن سان پيار آهي سيما–؟

سيما – بي انتها–!

سجاد – خوش قسمت چنبا–!

ٽيون سين

[سيما ۽ سجاد جي کلڻ جو آواز–]

سيما – ماڻهو دلچسپ آهين.

سجاد – اڙي اڄان تو ڏٺو ئي ڇا آهي–؟ مان پنهنجي ڪاليج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان، ايٿليٽڪس ۾ چئمپئن، سوئمنگ ۾ رڪارڊ هولڊر، اسٽيج جو بادشاهه آهيان——!
تو سان ڪلي تو ڳالهايان ته بس——؟

سيما — چڱو بابا مڃيوسين؛ پلا هوءِ جن واري ڳالهه ته ٻڌاءِ!

سجاد — ڪهڙي جِن واري ——؟ منهنجو ته چوويهه ڪلاڪ واسطو ئي جِنن سان آهي——! عينڪ به هڪ جنڙي سامهون بيٺي آهي——!

سيما — اوهو——! لنواءِ نه؛ پئي آهيان جِن واري ڳالهه، جا ڪلهه ٻڌائي هيئي——!

سجاد — هون——! اڇا؛ هاڻي ياد آئي! قصو هيئن ٿيو جو هڪ جِن موئنسان رکي دوستي. مان آٿان ته هو به آٿي، مان ويهان ته هو به ويهي. مان شيو ڪيان ته هو به ڪري! ۽ جي مان سمهان ته هو به سمهي رهي——! ڳالهائي ٻولهائي ڪجهه ڪونه؛ ڏاڍو تنگ ڪيائين——! آخر هڪ ڏينهن چا ڪيم جو به توا آڻي گهر ۾ رکيم. هڪ کي چلهي تي خوب تپايم. جڏهن ڳاڙهو ٿي ويو ته ٽپ ڏئي پئي ٿڌي تي ويهي رهيس. جِن گرم ٿڌي تي وڃي ويٺو——! پوءِ چا هو! آهو ڏينهن اچوڪو ڏينهن وري نه موليو——!

سيما — (کلندي) ڳالهيون ناهڻ ته ڪو تو کان سکي——!

سجاد — اها ڳالهه آهي——؟ ڏسجان متان ڪٿي منهنجي ڳالهين ۾ نه اچي وڃين——!

سيما — واه! مان ڪا بيوقوف آهيان جو مون کي بنائي ويندين!

سجاد — جيڪو اڳئي بنيل هجي تنهن تي اسان محنت نه ڪندا آهيون——!

سيما — آف الله؛ هيءُ ماڻهو آهي يا ڳالهائڻ جي مشين——! ڳائيندو به آهين——؟

سجاد — پنهنجي ڪاليج جو بهترين سنگر آهيان——!

سيما — آواز به سنگر مشين جهڙو ئي هوندو——؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد – واه واه—! جواب ناهي حاضر جوابيءَ جو—!
سيما – سائينجن جي صحبت جو اثر آهي—.
سجاد – اڙي اسان سان هوندينءَ ته اهي عيش ڪندينءَ.
سيما – ڪافي دير ٿي وئي آهي، هاڻي اسان ڪي واپس هلڻ گهرجي، نثار جي دوا جو وقت ٿي ويو آهي.
سجاد – نثار—!
سيما – هو همدرديءَ جو مستحق آهي.
سجاد – خبر ناهي ڇو مونکي هن سان حسد ٿيندو ٿو وڃي—.
سيما – چڱا ماڻهو ائين نه سوچيندا آهن.
[نثار جي کنگهڻ جو آواز—]
سيما – نثار، تون هتي—؟
نثار – مون سوچيو ته ڇو نه مان به ٻاهر نڪري ڏسان! کليل فضائن ۾ آزاديءَ جو احساس وڌي ويندو آهي.
سيما – پر نثار توکي بستري کان ٻاهر نڪرڻ نه گهربو هو—.
نثار – مان ٺيڪ آهيان سيما، مان بلڪل ٺيڪ آهيان—! ڏس مان آسانيءَ سان هلي سگهان ٿو. ڪيئن سجاد صاحب—؟
سيما – خيال ڪر نثار! تنهنجا قدم ٿڙڪي رهيا آهن—!
نثار – نه نه، مان بلڪل ٺيڪ آهيان—!!
سيما – ڪري پوندين! سجاد نثار کي سهارو ڏي—!
نثار – مون کي ڪنهن جي سهاري جي ضرورت ناهي—! مان.... مان (کنگهي ٿو—).
سجاد – ضد نه ڪر نثار—. موٽي هل.
نثار – (کنگهي ٿو—).

سين اٺون

سجاد – سيما، تنهنجي ويڇوڙائي منهنجي پاند ۾ مسرتون ميڙي وڌيون آهن، هن ڪان اڳ به سچ لهندو هو ۽ چنڊ چڙهندو هو، بادل ايندا هئا ۽ برسي ويندا هئا—! پر تنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿ جي سرهاڻ منهنجو تن من واسي ڇڏيو آهي-.
سيما - منهنجي اُڇايل روح کي تنهنجي پيار ٺئين راهه، ٺئين چاهه ڏيکاري آهي سجاد. مان ڪجهه به نه هئس، تو مون کي سڀڪجهه بڻايو، مان بوند هيس، تون ساگر ٿي آئين، منهنجو من تنهنجي پيار جو پاڇولو آهي.
سجاد - سچ سيما -؟
سيما - ها سجاد، تون منهنجي من جو آدرشي انسان آهين.
سجاد - هو گيت ٻڌاءِ سيما، جو تون اڪثر ڳائيندي آهين: "مان پرين جي راڻي".
سيما - تو تان ته سر ساهه به صدقي آهي، ٻڌ (ڳائي ٿي-)

هوا جي رٿ تي سوار
ڳاڙهي لال ڪنوار
مان پرين جي راڻي
مان پرين جي راڻي
ڌرتي منهنجي سر تي آهي
آپ سان منهنجو پيار
مان پرين جي راڻي
نيٺ ته اَڏري اينِدس
پريتم تنهنجي دوار
مان پرين جي راڻي

[نثار جي کنگهڻ جو آواز ڳاني تيOver lap ٿئي ٿو-]
سجاد - تون جاڳين پيو نثار-؟
نثار - ننڊ نٿي آئي، ان ڪري هت ٻاهر اچي ويٺس.
سيما - تنهنجي صحت اڳ ئي خراب آهي، ويتر....!
نثار - مون کي تنهنجو انتظار ٿي پيئو هو! مان به ڇريو آهيان. يلا سجاد سان گڏ هوندي توکي ڪهڙو خوف ٿي سگهي ٿو-!؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيما — مان ڪجهه دير لاءِ سجاد سان گڏ وئي هيس؛ اُن ۾.......

نثار — نه نه، اِها ڳالهه ناهي سيما، مان ائين ئي تنهنجي واٽ تڪڻ ويهي رهيس، تون ناراض نه ٿيءُ—! تنهنجي هر خوشيءَ ۾ ئي منهنجي خوشي آهي، مان توکي اُداس ڏسڻ نٿو چاهيان سيما—! تنهنجي چپن تي سدا مرڪ ٽڙندي رهي! منهنجو خيال نه ڪندي ڪر! منهنجو ڪو به خيال نه ڪندي ڪر—! مان.... مان.... مان نيڪ آهيان، بلڪل نيڪ آهيان. (کنگهي ٿو—).

سيما — آف خدايا، هن ڪي ته سخت بخار آهي—! سجاد هن ڪي اندر وٺي هل، جلدي ڪر ڊاڪٽر کي گهراءِ....

سين نائون

[سجاد پنهنجي ڪمري ۾ ٽهلي رهيو آهي —
نثار جي کنگهڻ جو آواز— ۽ پوءِ نثار جي قدمن جو آواز ويجهو اچي ٿو—]

سجاد — ڪير—؟ نثار تون؟ تون هتي ڪيئن پهتين—؟

نثار — مونکي تو سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي سجاد.

سجاد — پر تون سخت بيمار آهين. رات جي هن وقت توکي گهر کان ٻاهر نڪرڻ نه گهربو هو.

نثار — زندگي ۽ موت ۾ ترِ جو فاصلو آهي سجاد. منهنجي حياتي چند پلڪن جي مهمان آهي.

سجاد — ائين نه چئه نثار، تون هائي نيڪ ٿيندو ته وڃين، جلد ئي تندرست ٿي ويندين.

نثار — منهنجي جهوليءَ ۾ چٽڪون پري اميدن جا ڏيئا روشن نه ڪر سجاد—! مان ڄاڻان ٿو، تون مون کي ٻهلائي رهيو آهين—!

سجاد — مون کي غلط نه سمجهه نثار—.

نثار — ڪاش! مان توکي غلط ئي سمجهان ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد – تون چوڻ ڇا ٿو چاهين___؟
نشار – حقيقت___!
سجاد – حقيقت تنهنجي سامهون آهي.
نشار – ٻڌڻ ٿو چاهيان ___.
سجاد – ٻڌي سگهندين___؟
نشار – ٻڌڻ جو ٻل سيني ۾ سانديو اٿم؛ تڏهن تو وٽ آيو آهيان.
سجاد – ته پوءِ ٻڌ، سيما منهنجي آهي.
نشار – مان ڄاڻان ٿو....!
سجاد – ته پوءِ ڇو آيو آهين___؟
نشار – سوچيو هوم، تنهنجي واتان اهي لفظ ٻڌي تڙپي اٿندس....!
سجاد – ڇا محسوس ڪيئي___؟
نشار – ساهه سڪرات جو سڏڪو بنجي سيني ۾ اٽڪي پيو آهي. پيار جي پيڙا ڏاڍي ڏکي آهي سجاد.
سجاد – مان ڄاڻان ٿو، مون جگر جي ڄڀي ڏني آهي.
نشار – تون ڪوڙو آهين، مڪار، فريبي، موقعي پرست آهين. تون سيما کي دوکو ڏني رهيو آهين، منهنجي مجبوريءَ کي پنهنجي ڪاميابيءَ جو ڪارڻ بنائي، تون مون کان منهنجي اکين جي جوت کسڻ آيو آهين___! سيما منهنجي نيڻن جو نور آهي؛ مان هن کان سواءِ جي نه سگهندس___! منهنجو روح تڙپي تڙپي اجهامي ويندو___! (کنگهي ٿو___.)
سجاد – توکي سيما جي خوشي عزيز آهي___؟
نشار – هن جي هر مرڪ تي سو وار مرڻ ۾ عار نه ڪندس___!
سجاد – ته پوءِ ٻڌي ڇڏ ته هوءَ مون کي چاهي ٿي، دل جي اٿاهه گهراين سان مونکي چاهي ٿي. هن جي خوشي ان ۾ ئي آهي ته هو هميشه هميشه لاءِ منهنجي ٿي وڃي. ۽ ائين ڪرڻ لاءِ توکي سندس راهه تان هٽڻو ئي پوندو. پنهنجي نامڪمل، بي رنگ، بي رس خواهش سميت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي هنجي زندگيءَ مان نڪرڻو ئي پوندو. سيما خاطر، سندس خوشين خاطر، سندس مستقبل خاطر.

نثار – بس ڪر سجاد، بس ڪر، خدا را بس ڪر . محبت ڏاڍي خود غرض هوندي آهي. مان به پتڪي ويو هوس. ٿوريءَ دير لاءِ اميدن جي ايوانن ۾ پري پري تائين هليو ويو هوس. پيهر ائين نه ٿيندو، پيهر ائين نه ٿيندو.
(ڪنگڻ جو آواز دور ٿيندو ٿو وڃي ٿو—)

سين ڏهون

سيما – خاموش ڇو آهين سجاد —؟

سجاد – هون—؟

سيما – ڪجهه ڳالهاءِ، تنهنجي خاموشي آبشارن جو موت آهي.

سجاد – سوچيان ٿو.

سيما – ڇا —؟

سجاد – اهو ته ڇا سوچيان.

سيما – تون ڪجهه پريشان آهين.

سجاد – ها سيما ، منزل تي رسي جيڪڏهن مسافر ماڳ ماڻي نه سگهي ته ان کي ڇا چئجي—؟

سيما – ڪجهارتن ۾ نه ڳالهاءِ —!

سجاد – جڏهن زبان ساٿ ڇڏي ڏئي، تڏهن لڙڪ زبان بنجي ڳالهائيندا آهن . پر جتي آنسو وهائڻ سان سوين الزام اچيا ٿي وڃن ته پوءِ ڇا ڪجي—؟

سيما – تون چوڻ ڇاٿو چاهين—؟

سجاد – توکي اهو گيت ڏاڍو وڻندو آهي نه سيما، اهو ئي :
”مان پرين جي راڻي—!“

سيما – ها سجاد، ائين لڳندو آهي ڄڻ منهنجي آرزو لفظن جو روپ اوڍي منهنجي اڏو اچي بيهندي آهي ۽ پوءِ مان فضائن ۾ پري پري تائين ڦهلجي ويندي آهيان—!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد – ۽ تو کي عورت جي عظمت تي بہ ايمان آهي—؟
سيما – تون منهنجي خيالن کي چڱيءَ ريت ڄاڻين ٿو.
سجاد – تہ پوءِ وعدو ڪر سيما؛ سيما وعدو ڪر تہ منهنجي هر ڳالهہ مڃيندينءَ—!
سيما – تنهنجي خاطر تہ مان جوڳ وٺي روڳ پرائي سگهان ٿي تون چئہ تہ سهي.
سجاد – تون نثار سان شادي ڪري ڇڏ—!
سيما – سجاد—!
سجاد – ها سيما—! اڄ خبر پيم تہ دل چيري پنهنجيءَ ئي خون سان هٿ رنگڻ ڪيڏو نہ اذيت ناڪ آهي؛ پر....!
سيما – هائي اهو ناممڪن آهي—!
سجاد – هو بيمار آهي؛ هن کي تنهنجي ضرورت آهي سيما—!
سيما – پر منهنجون خوشيون؛ منهنجي تمنا؛ منهنجي محبت....!
سجاد – تو ئي چيو هو سيما تہ عورت عظيم آهي—! جيڪڏهن هوءَ لاٽ جلائي تہ واٽ ڳولهي لهي—! فرض تي محبت قربان ڪري تہ فرشتا بہ رشڪ ڪن—! ياد ڪر؛ اهي تنهنجا ئي لفظ آهن نہ—؟
سيما – پر سجاد....!
سجاد – هن جي زندگي تنهنجي ساٿ جي منتظر آهي؛ ڪيس سهارو نہ ڏيندينءَ تہ هو تڙپي تڙپي مري ويندو—!
سيما – پر منهنجا خواب....؟
سجاد – خوابن جي دنيا ۾ گم ٿي حقيقتن کي وساري ويهڻ ڏاڍو آسان آهي سيما—. هوا جي رٿ تي سوار ٿي لال ڪنوار ٿيڻ جا تصور بہ سولا ۽ سهنجا آهن. پر ڪنهن جي ٻڏندڙ دل کي سهارو ڏيڻ بيحد اوکو ڪم آهي. هڪ انسان نا اميديءَ جي ڪُن ۾ اميد جي سهاري لاءِ واجهائي رهيو آهي؛ ڇا تون ايتري خودغرض ٿينديءَ جو ڪيس ڪناري تان صرف ٻڏندو ئي ڏسندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهنديئن ـــ؟ تـون جا عورت جي عظمت جـي دعويدار آهين ـــ! تون جا روشن خيال ۽ اوچا آدرش رکندڙ آهين! تون........

سيما ــ بس ڪر سجاد ! خدا را بس ڪر ـــ! جيڪڏهن محبت قربانيءَ جو بيو نالو آهي؛ ته پوءِ ائين ئي ٿيندو ـــ!

سجاد ــ سيما؛ منهنجي سيما ـــ! منهنجي روح ۾ جهاتي پائي ڏس؛ توکي درد جا درياهه نظر ايندا؛ تنهنجي يـاد جا قـافلا منهنجي روح جي رڃ ۾ صدين تائين ڀٽڪندا رهندا ـــ! چاهت جي چڻنگ منهنجي ڏيل کي زندگي ڀر ڏنگيندي رهندي. مان هتان هليو ويندس؛ مان اڄ ئي هتان هليو ويندس ـــ! ان ڪان اڳ، جو پيار خود غرضي بڻجي وڃي مان هتان هليو ويندس ـــ!

سيما ــ سجاد ....!

تو مونکي محبت جي مقدس نانءَ ۾ چڻنگن جي چِتا تي اچلائي ڇڏيو آهي؛ پـر جتي به هجين اهو نه وسارجانءِ ته مان تنهنجي آهيان.

سجاد ــ سيما .... (سڏڪي ٿو ـــ)

سين يارهون

[سجاد سامان بند ڪري رهيو آهي ـــ]

(نثار کنگهندو اچي ٿو ـــ)

نثار ــ سجاد؛ تون وڃي رهيو آهين ـــ؟

سجاد ــ مون کي وڃڻ ئي گهرجي نثار.

نثار ــ ترسي نٿو سگهين ـــ؟

سجاد ــ دل جا زخم ڪوڙڻ مان ڇا حاصل ـــ؟ ان ڪان اڳ جو پيار پيڙا بڻجي وڃي، مونکي هتان هليو وڃڻ گهرجي.

نثار ــ تون ڪيڏو نه عظيم انسان آهين سجاد ـــ!

سجاد ــ مان درد جو مسافر آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشار ــ تون فرشتو آهين ـــ! تو مونکي نئين زندگي عطا ڪئي آهي؛ مان تنهنجو احسان نه لاهي سگهندس دوستـــ!
(سڏڪا ....)

سجاد ــ مون آهو ئي ڪيو جو مونکي ڪرڻ گهربو هو. سيما تنهنجي امانت هئي. مون کي تنهنجي دنيا ۾ اچڻ جو ڪو به حق نه هو.

نشار ــ مـان ڏاڍو حقير انسان آهيان سجاد ـــ! ڪک آهيان، تچ آهيان، ڪجهه ناهيان! تنهنجي قربانيءَ آڏو منهنجي خود غرضي هميشه شرمسار رهندي.

سجاد ــ خدا شل توهان ٻنهي کي سکي رکي. منهنجي اها ئـي دعا آهي. خدا حافظ. (وڃي ٿو ــ)

نشار ــ سجاد .... سجاد .... سجاد ....
(ڪنبڪهي ٿو ــ)

سين ٻارهون

سجاد ــ هن مونکي فرشتو ڪوٺيو هو چاچا ـــ! پـر هن فرشتي گهرا گهاءَ نه ڏٺا ، آرزوئن اميدن جو آخري سڏڪو ، نه ٻڌو؛ روح جي رڙ نه سٺيءَ مان هليو ويس. سيما جـي محبت کان دور، گهڻو دور، ايترو دور جو پنهنجي ڇانُ به نه رهيمـ ـــ! يادن جـا انبوهه ساڻ کڻي مـان هلندو رهيس، هلندو رهيس ....!

يادون ـــ! جـي بـي چين روح جيان اونداهـي راتين ۾ مونکي ڏنگڻ لڳنديون آهن. دکي من ۾ گهائل دل کڻي لڙڪ لڪائي، گمنام گهمندو رهيو آهيان ....!

اج نيڪ هڪ سال بعد مان هت موٽي آيو آهيان چاچا! پنهنجي آجڙيل ماضيءَ جـا يـادگار ڏسڻ خاطر ؛ پنهنجي بيچين روح کي لولي ڏئي سمهارڻ خاطر ـــ! هـو ڏس؛ چند آڪاس ۾ چڙهي آيو آهي چاچاـــ! سيما کي هيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منظر ڏاڍو وڻندڙ هو.

(ڇوڪريءَ جي آواز ۾ گيت گونجي ٿو ــ)

هوا جي، رٿ تي سوار

ڳاڙهي لال ڪنوار

سان پرين جي راڻي

سان پرين جي راڻي

سجاد ــ هيءَ آوازــ! هيءَ آواز ڪنهنجو آهي چاچاــ؟

مالهي ــ سامهون پهاڙ تي آهائي سونهري وارن واري ٻارڙي ڳائي رهي آهي.

سجاد ــ سونهري وارن واري ٻارڙي! نه چاچا، هيءَ منهنجي سيما جو آواز آهيــ! ٻڌ، غور سان ٻڌــ! هيءَ منهنجي ماضيءَ جو پڙلاءُ آهيــ!

مالهي ــ سجاد پٽ....!

سجاد ــ منهنجي دل ويجهي رهي آهي چاچاــ! تون ان معصوم ڇوڪريءَ کي ڄاڻين ٿو ــ؟ ڪيس صاف صاف ٻڌائي ڇڏ ته نديون جيسا سپنا ڪڏهن به ساٿيان نه ٿيندا آهنــ! ڪيس چئه ته دنيا ايتري حسين نه آهي جيتري تنهنجي نظرن ڏني آهي. اِهي گيت اڌورائي رهڻ ڏي، مرڪ جن جي ابتدا ۽ لڙڪ جن جي انتها آهي.

پر.... هيءَ هٿ ڪنهن جو آهيــ؟ هيءَ هٿ ڪنهن جو آهي، جنهن منهنجا چپ بند ڪري ڇڏيا آهن. مونکي ڳالهائڻ چو نٿي ڏين سيماــ؟ مون کي ڳالهائڻ ڇونٿي ڏين سيماــ؟

[گيت جو آواز وري اڀري ٿوــ]

پري ڪر پنهنجو هٿ، مون کي چوڻ ڏي سيما، اڄ مونکي سڀڪجهه چوڻ ڏي.

مالهي ــ سجاد، سجاد پٽ.

سجاد ــ مون اڄ اهو هٿ پنهنجي چپن تان دور ڌڪي ڇڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي چاچا، اڄ مان آزاد آهيان، مان وڃي رهيو آهيان چاچا.

مالهي ـ سجاد....

[سجاد جي ڊوڙڻ جو آواز ـــ]

[گيت جو آواز ويجهو پوندو تو وڃي ـــ]

سجاد ـ (سهڪندي) بس ڪر، بس ڪر، خدارا بس ڪر اهو گيت. مون کي حيرت مان نه ڏس ڇوڪري، مان ديوانو ناهيان.

مالهي ـ سجاد....!

سجاد ـ تون اڃا معصوم آهين ـــ! تون پرين جي راتي تي نه سگهنديئن ـــ! نه نه، تون اڻ ڄاڻ آهين، زندگيءَ جي زهر کان بيخبر ـــ!

حياتيءَ جي ڪَنڊن کان نا آشنا، تنهنجون حسرتون، تنهنجون تمنائون، تنهنجون آشائون ڪڏهن به پوريون نه ٿينديون ـ! ڪڏهن به نه ! ڪڏهن به نه ـــ! ڇو ته تون قرباني آهين ! تون بليدان آهين ـــ! تنهنجا خواب ڪڏهن به سچا تي نه سگهندا ـــ! ڇو ته تون سيما آهين....! تون عورت آهين....! (سڏڪا، سڏڪا....).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ۽ منهنجو ساٿي

[ساموندي لهرن جو آواز ـ پري کان بحري جهاز Hoot ڪري ٿو ۽ لهرن جو آواز Up ٿئي ٿو. ساڳئي طرح جهاز جو هوٽ پڻ ويجهو کان ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. لهرن جي آواز سان گڏ ڊانس ميوزڪ Mix ٿئي ٿو ۽ آهستي آهستي لهرن جو آواز Back ground ۾ هليو وڃي ٿو ۽ ڊانس ميوزڪ Fore ground ۾ اچي ٿو. ڊانس ميوزڪ Cut . تاڙيون]

سجاد ـ ٿينڪ يو ويري مچ ليڊيز ۽ جينٽلمين. ٿينڪ يو اِنڊيڊ ، مونکي يقين آهي ته اسان جي اڄوڪي پروگرام کي اوهان ضرور پسند ڪيو هوندو. جيئن ته اوهان کي ڄاڻ آهي ته "هوائي" پهچڻ تائين پهچڻ ۾ اسان کي اڃان به هڪ هفتو لڳندو، ان ڪري هن جهاز جي ڪپتان هٿان جي ناتي اوهان جي تفريح جو انتظام منهنجي ذمي آهي. مان اوهان سان وعدو ٿو ڪيان ته ايندڙ هر رات پاڻ سان گڏ موسيقي، ڊانس ۽ ڊنر جي نئين دنيا کڻي ايندي.

(تاڙيون)

خواتين ۽ حضرات، اوهان ضرور منتظر هوندا، اڄ جي حسين ترين جوڙي جي اعلان لاءِ. ته اچو، انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون. ججن جي يڪراءِ فيصلي موجب اڄوڪي رات جو خوبصورت ترين جوڙو آهي مسٽر ۽ مسز آصف علي ـ Give them a big hand please (تاڙيون ـ تاڙين سان گڏ لهرن ۽ طوفان جو تاثر اڀري ٿو). معلوم ٿو ٿئي ته قدرت پڻ ججن جي ان فيصلي سان ...

واچوڙن ۾ لاٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسرت جو اظهار ڪري رهي آهي. بهترين ڪنواري جو انعام حاصل ڪرڻ وارو خوش نصيب آهي، اسي سالن جو نواب خداداد خان.

[تاڙيون، طوفان سان گڏ وچ جو تاثر به شامل ٿئي ٿو].

پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي خواتين ۽ حضرات، سمنڊ جي هن حصي ۾ اڪثر طوفاني هوائون هلنديون رهنديون آهن. اوهان آرام سان پنهنجين جاين تي ويٺا رهو. ها ته اڄ جي بهترين ڪنجوس جو انعام مليو آهي سيٺ دمڙيمل کي. هن پنهنجي گهر واريءَ کي ڪائونٽر تان هڪ پيسٽري خريدي ڏني، پر ٽي دفعا چپن تي آڻڻ جي باوجود کيس کائڻ نه ڏنائين ۽ آخرڪار پيسٽري واپس ڪري پئسا موٽائي ورتائين. Keep it up Seth Damrimal.

[تاڙيون — وچ جو ٺڪاءُ — لهرن جو شور — ٽانون ڪرڻ جا آواز — عورتن ۽ مردن جون رڙيون].

خواتين ۽ حضرات، تحمل کان ڪم وٺو — معمولي طوفان آهي. اوهان پنهنجين جاين تي ويٺا رهو. مهرباني ڪري پنهنجين جاين تي ويٺا رهو.

[سجاد جو آواز وچ، سمنڊ ۽ ماڻهن جي گوڙ ۾ دٻجي ٿو وڃي].

انجنيئر— صاحب طوفان تمام تيز آهي، توهان جلدي برج تي هلو.

سجاد — جهاز جو رخ بدلايو، انجڻيون بند ڪري ڇڏيو، ڪو به مسافر ٻاهر نه نڪري.

[طوفان، لهرن ۽ ماڻهن جو شور].

انجنيئر— انجڻ روم ۾ پاڻي ڀرجي ويو آهي، جهاز ٻڏي رهيو آهي.

سجاد — فورن پاڻي ڪڍڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

انجنيئر— اهو ممڪن ناهي سر. تري جا سوراخ وڏا ٿي چڪا آهن، جهاز ٻڏي رهيو آهي.

مسافر ١ — جهاز ٻڏي رهيو آهي!

مسافر ٢— بچايو، اڙي بچايو. جهاز ٻڏي رهيو آهي.

مسافر ١ — يا خدا مدد ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت — منهنجو ٻار ڪيڏانهن ويو؟ منهنجو آنو- آنو- آنو- آنو- آنو.
مسافر ١— بچايو— بچايو.
مسافر ٢— جهاز ٻڏي رهيو آهي.
عورت — انو— انو— انو.

[تيز گجگوڙ — لهرون — چيخون — جهاز ٽٽڻ جو آواز — اهو تاثر ڪجهه دير تائين جاري رهي ٿو، پوءِ آهستي آهستي هلڪي موسيقي Mix ٿئي ٿي.
هلڪيون لهرون ڪناري سان ٽڪرائڻ جو تاثر — ساموندي پکين جا آواز Beach music].

سجاد — (ڪنجهندي) آ— آه — هون —آ— انجڻ بند ڪيو — جهاز جو رخ موڙيو، تيهه ڊگريون اولهه، سڀ ويٺا رهو، سڀ پنهنجين جاين تي — (چرڪ ڀري) مان — مان ڪٿي آهيان؟ واري؟ هي ڪٿان آئي؟ منهنجو جهاز-؟ منهنجو جهاز ڪٿي آهي؟ هان — جهاز ڪٿي آهي؟ مسافر ڪيڏانهن ويا؟ هتي ته پري پري تائين ڪو به نظر نٿو اچي! ڪٿي- ڪٿي؟ نه نه ائين نٿو ٿي سگهي. اهو ناممڪن آهي — اهو ناممڪن آهي — يا خدا — ائين ٿيڻ نه گهرجي، ائين نه ڪجانءِ منهنجا خدا — ائين نه ڪجانءِ —

[سمنڊ Up — سجاد اٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.
ساموندي پکين جا آواز Up]

مونکي ڳولڻ گهرجي. هو ضرور هتي ڪٿي ڪناري تي ئي هوندا. ها، هو ضرور هتي ئي هوندا. (ڪنجهندي) اوه — مان ته هلي به نٿو سگهان — پر نه، مونکي ڳولڻ گهرجي، ها — هو ضرور هتي ئي هوندا. ڪوئي ته هوندو، سڀ جا سڀ ته- نه نه، مونکي ائين سوچڻ نه گهرجي. ڪين ڳولڻ گهرجي.

[تڪليف سان اٿڻ ۽ پوءِ واريءَ تي هلڻ جو تاثر].

(سهڪندي) هتي ته پري پري تائين وارياسو ڪنارو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو بہ انسان، ڪو بہ جاندار نظر نٿو اچي. پر مان مايوس نہ ٿيندس، مان ڪين گهوليءَ ٿي لهندس ــ گهوليءَ ٿي لهندس.

(زور سان سڏ ڪندي) ڪو آهي؟

(پڙاڏو گونجي ٿو)

مان پڇان ٿو ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

مان ڪپتان سجاد آهيان. جواب ڏيو، ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

جواب ڇو نٿا ڏيو؟ مان توهان جو ڪپتان آهيان، ٻڌو ٿا؟ مان ڪپتان سجاد آهيان.

(پڙاڏو)

آهي ڪو؟ هن ويران جزيري ۾ ڪو، آهي جو منهنجو سڏ ورائي؟

(پڙاڏو)

(خوفزده آواز ۾) ڪوئي ناهي؟ سڏ پڙاڏو بنجي موٽي رهيو آهي. ڪوئي ناهي؟ سچ پچ ڪوئي ناهي؟ اڪيلو آهيان؟ اڪيلو آهيان؟ اڪيلو آهيان؟

[آواز پري ٿي Dissolve ٿئي ٿو.
سمنڊ جو تاثر Up، پکين جو آواز Up].

(سڏڪندي) اڪيلو آهيان. مان واقعي اڪيلو آهيان. هاڻي ڇا ٿيندو؟ (سوچيندي) هاڻي ڇا ٿيندو؟ (خوفزده) هاڻي ڇا ٿيندو؟ مان ڪيستائين هن ويران بيابان ٻيٽ تي زندگيءَ جو انتظار ڪندو رهندس؟ ڪيستائين رڃ ۾ رائي. جي پويان ڊوڙندي گذاريندس؟ ڪيستائين انساني آواز ٻڌڻ لاءِ ترسندو رهندس؟ تڙپندو رهندس؟ ڦٿڪندو رهندس؟ لڇندو رهندس؟ اونداهين راتين ۾ جڏهن ڪتي بہ ڪا روشني نہ جهلڪندي تڏهين منهنجي دل اجهامي نہ ويندي؟ خاموشيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي روح کي رتوڇاڻ ڪري ڇڏيندا، تڏهن ڪير منهنجي دلجوئي ڪندو؟ سمنڊ ۾ ترڙپندڙ لهرون جڏهن منهنجي ذهن کي جهنجهوڙي ڇڏينديون، تڏهين مان ڪنهن کي پڪاريندس؟ ڪهڙي ساٿيءَ کي آواز ڏيندس؟ ڪنهن سان دل جا سور سليندس؟ ڪنهن کي من جي ماجرا ٻڌائيندس؟ شام جا پاڇا جڏهن پنهنجن جي ياد ڏياريندا، تڏهين منهنجون اکڙيون ڪنهن لئي واجهائينديون؟

(زور سان) ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

(وڌيڪ زور سان) ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

(اڃان به وڌيڪ زور سان) ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

(سڏ ڪندي) ڪو آهي؟ ڪو آهي؟ ڪو آهي؟

ساٿي ـ (ماٺي آواز ۾) مان آهيان.

سڄاد ـ (ڇرڪي) ڪير؟ تون ڪير؟ ڪٿي آهين؟ مون هينئر ڪو آواز ٻڌو؟

ساٿي ـ مان تنهنجي سامهون آهيان ڪيپٽن سڄاد.

سڄاد ـ ڪيپٽن سڄاد؟ منهنجو نالو! تو کي منهنجو نالو ڪنهن ٻڌايو؟

ساٿي ـ مان تو کي سڃاڻان ٿو.

سڄاد ـ پر ـ پر ـ پر ـ مان تو کي ڏسي ڇو نٿو سگهان؟

ساٿي ـ مان ته تو کي ڏسي سگهان ٿو دوست.

سڄاد ـ دوست؟

ساٿي ـ ها، مان تنهنجو دوست آهيان، ساٿي آهيان.

سڄاد ـ پر تون منهنجي سامهون ڇو نٿو اچين؟

ساٿي ـ مان تنهنجي سامهون ئي آهيان.

سڄاد ـ ڪير آهين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي ــ تنهنجو پاڇو.
سجاد ــ اوندهہ ۾ ڇڏي ويندين؟
ساٿي ــ نہ، مان اوندهہ ۾ بہ توسان گڏ ئي رهندو آهيان. تو مونکي ڪڏهن ڳولڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي.
سجاد ــ تون هتي ڪيئن آئين؟
ساٿي ــ مان توکان ڌار ئي ڪڏهن ٿيو آهيان؟ زندگيءَ جي هر گهڙي توسان گڏ گهاري اٿم.
سجاد ــ توکي منهنجي متعلق ڪيتري ڄاڻ آهي؟
ساٿي ــ هڪ هڪ پل جي.
سجاد ــ هن کان اڳ ڇو نہ آيو هئين؟
ساٿي ــ هن کان اڳ تو مونکي ڪڏهين پڪاريو بہ تہ نہ هو.
سجاد ــ مون سان گڏ رهندين؟
ساٿي ــ هر گهڙي.
سجاد ــ ڇڏي تہ نہ ويندين؟
ساٿي ــ نہ، مان انسان ناهيان.
سجاد ــ پاڇا.
ساٿي ــ جي.
سجاد ــ مان توکي ڪهڙي نالي سان پڪاريان؟
ساٿي ــ ٽون مونکي ساٿي چئو.
سجاد ــ ۽ تون؟
ساٿي ــ مان توکي دوست چوندس.
سجاد ــ ٺيڪ آهي، اٿين وقت آسانيءَ سان ڪٽجي ويندو. جيستائين ڪا مدد پهچي، تيستائين پاڻ گڏ رهنداسين، ڳالهائيندا ٻولهائيندا سين، ڪجهريون ڪنداسين. ڪيئن ساٿي؟
ساٿي ــ ها دوست.
سجاد ــ ڪاش مان توکي ڏسي سگهان ها.
ساٿي ــ سمنڊ جي ڇولين ۾ پنهنجو چهرو ڏسي ڇڏ، تلاءَ جي پاڻيءَ ۾ پنهنجي صورت پسي ڇڏ، اهوئي مان آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد ــ ساتي.
ساتي ــ جي.
سجاد ــ مان هتي ڪيترو وقت اڪيلو رهندس؟
ساتي ــ مان توسان آهيان.
سجاد ــ ڇا کائيندس؟ ڇا پيئندس؟
ساتي ــ ڪناري تي بيشمار ميوي جا وڻ آهن، پاڇيون آهن، مڇيون آهن، مٺي پاڻيءَ جو چشمو آهي، بيٺل پاڻيءَ جو تلاءُ آهي، هو سامهون پهاڙ ۾ غار آهي، تون ان کي صاف ڪري ان ۾ رهي سگهين ٿو، توکي ڪابه تڪليف نه ٿيندي دوست.
سجاد ــ مان ڏاڍو ڪمزور ٿي چڪو آهيان، مون ۾ همت ناهي، مان ٿڪجي چڪو آهيان.
ساتي ــ تون ٿورو آرام ڪر دوست، شام جو پاڻ غار ڏانهن هلنداسين. سمهي پئو، آرام سان سمهي پئو.

(Music)

(بن پٿرن کي رگڙڻ جو تاثر).

سجاد ــ ساتي ڏس مون باهه ٻاري آهي. هن ٽي رکبو هي خرگوش، ۽ جڏهين پچي ويندو، تڏهين ڏاڍي آرام سان ويهي کائبو. سڄي گوشت تون کائيندين ساتي؟
ساتي ــ نه.
سجاد ــ لاچار آ، مونکي اڪيلو ئي کائڻو پوندو.
ساتي ــ اهو تنهنجي زندگيءَ لاءِ ضروري آهي دوست.
سجاد ــ اهو ٻڌاءِ ته تون مونکي ڪيترو قريب کان سڃاڻين؟
ساتي ــ آئيني جيان، صاف ۽ اُجرو.
سجاد ــ اهي ڪم جي مون لڪي ڪيا آهن؟
ساتي ــ اهي به.
سجاد ــ مثلاً؟
ساتي ــ مثلاً تنهنجي پٽونءَ ۾ تنهنجي زال جي فوٽوءَ هيٺان تنهنجي محبوبه جو فوٽو رکيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد ـ اهو تہ ـــ
ساٿي ـ اهو هن تو کي تنهنجي ڪئبن ۾ جهاز هلڻ واري رات ڏنو هو.
سجاد ـ ٺيڪ آهي پر هوءَ منهنجي دوست ـ
ساٿي ـ (ڪٽيندي) تو سائس شاديءَ جو وعدو ڪيو هو.
سجاد ـ پرــ
ساٿي ـ اهوئي سبب آهي جو تون ڪيس سفر تي ساڻ وٺي ويو هئين.
سجاد ـ خبر ناهي هوءَ زندهہ بہ هوندي يا نہ؟
ساٿي ـ لنوائين ٿو؟
سجاد ـ نہ، ائين خيال اچي ويم .
ساٿي ـ پنهنجي گهر واريءَ جي ياد اچئي ٿي؟ پنهنجن ٻارن جي؟
سجاد ـ تمام گهڻي .
ساٿي ـ ڇا ٿو محسوس ڪرين؟
سجاد ـ مان سندن ڏوهاري آهيان، ڏاڍا ڏک ڏنا اٿم کين، سوچيان ٿو....
ساٿي ـ ڇا ٿو سوچين؟
سجاد ـ کين جڏهين جهاز ٻڏڻ جي خبر پوندي تہ مٿن ڇا گذرندي. ثريا جو مون سان بيحد پيار آهي، اهو غم سهي نہ سگهندي ۽ هوءَ مري ويندي .
ساٿي ـ اڳ ڪڏهين پيار جو احساس نہ ٿيئي؟
سجاد ـ نہ، اڳ ڪڏهين مون پري ويهي سوچيو بہ تہ نہ هو.
ساٿي ـ ۽ هاڻي؟
سجاد ـ هاڻي مان دنيا کان جيترو پري آهيان، اوترو هر شيءَ کي قريب کان ڏسي سگهان ٿو ، پرکي سگهان ٿو ، سوچي سگهان ٿو ، سمجهي سگهان ٿو.
ساٿي ـ ان ڪري چئبو تہ دنيا کي پرکڻ لاءِ ڪائنس پري رهڻ ضروري آهي؟
سجاد ـ جي ها، اهوئي سبب آهي شايد جو دنيا جا تقريباً سڀ عظيم انسان پنهنجي زندگيءَ جو ڪجهہ حصو ايڪانت ۾ گذاريندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي ــ مان فلاسافر ناهيان، دوست!

سجاد ــ فلاسافر مان بہ نہ آهيان. اڪيلائيءَ ۾ ڪجهہ سوچڻ تي دل ٿيندي آهي.

ساٿي ــ مثلاً؟

سجاد ــ مثلاً ڪجهہ بہ نہ بس ائين ئي.

ساٿي ــ مثلاً ان ٻتونءَ واري تصوير؟

سجاد ــ (ڪلندي) ڏاڍو خطرناڪ ٻاچو آهين. جي منهنجي زال سامهون هجي ها تہ جيڪر وڏي خرابي ٿي پوي ها.

ساٿي ــ هوندو تہ مان اتي بہ هوس، پر خاموش رهندو هوس.

سجاد ــ سو ڇو؟

ساٿي ــ ان لاءِ جو ٻاچا ڳالهائيندا ناهن، صرف ڏسندا آهن، ٻڌندا آهن ۽ چپ رهندا آهن.

سجاد ــ تہ پوءِ هتي ڇو ٿو ڳالهائين؟

ساٿي ــ تون اڪيلو آهين، ان ڪري.

سجاد ــ مان واقعي اڪيلو آهيان، ساٿي!

ساٿي ــ ايترو اڪيلو بہ ناهين، مان توسان گڏ آهيان.

سجاد ــ ڇڏي تہ نہ ويندين؟

ساٿي ــ هرگز نہ.

سجاد ــ مان بہ توکي نہ ڇڏيندس.

ساٿي ــ پنهنجا لفظ ياد رکجانءِ.

سجاد ــ ياد رهندا.

ساٿي ــ پڪ؟

سجاد ــ پڪ.

ساٿي ــ تہ پوءِ تون تيار ڪر پنهنجو خرگوش تہ مان ويهي ٿو ڏسان تنهنجي محنت.

سجاد ــ (خوشيءَ ۾) ٺيڪ آ ــ T.O.M

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[سمنڊ جو هلڪو ٺاٺر ـ ساموڊي پکين جا آواز]

سجاد ـ (ننڊ مان اٿي، اوٻاسي ڏيئي ۽ آرس ڀڃي جو ٺاٺر) گڊ مارننگ ساٿي.

ساٿي ـ گڊ مارننگ.

سجاد ـ اهو نه پڇيئي ته صبح صبح انگريزي ڇو ڳالهايم؟

ساٿي ـ ڇو ڳالهائيءِ؟

سجاد ـ ان لاءِ جو ٿوري دير اڳ انگريزيءَ ۾ خواب ڏسي رهيو هوس.

ساٿي ـ ڇا ڏٺئي خواب ۾؟

سجاد ـ ڏٺم ته انگلنڊ پهچي ويو آهيان.

ساٿي ـ سچي؟

سجاد ـ ها، ۽ اهو به ڏٺم ته منهنجي جهاز جا سمورا پئسينجر به انگلنڊ ۾ مون سان گڏ آهن.

ساٿي ـ هوءَ فوٽوءَ واري ڇوڪري به.

سجاد ـ اها به.

ساٿي ـ ڇا نالو آهي سندس؟

سجاد ـ راز جي ڳالهه آهي. پر، خير! توکي ٻڌايان ٿو، نالو اٿس فرزانه. مان کيس فري سڏيندو آهيان.

ساٿي ـ ڪير آهي؟

سجاد ـ ڪجهه ناهي، بس معمولي ملاقات آهي.

ساٿي ـ اها ته مونکي ڄاڻ آهي.

سجاد ـ توکان ڪهڙي ڳالهه ڳجهي هوندي، گهر جو ڀيدي جو آهين.

ساٿي ـ اڄ جو ڇا پروگرام آهي؟

سجاد ـ سڀ کان پهرين ناشتو ڪبو، ان کان پوءِ آفيس هلبو، پوءِ لنچ، ان کان پوءِ ڪجهه آرام، شام جو ڪلفٽن، رات جو ڪلب ۾ ڊنر ۽ ڪچهري ۽ اڌ رات جو پيهر هن غار ۾ 'بيڪ ٽو پيويلين.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي ــ بزي شيڊيول ڇٽيو.

سجاد ــ بلڪل بزي، پر ائين نه، جيئن مون ڇيو. بلڪ هاڻي جو هاڻي سمنڊ جي ڪناري تي هلبو، خبر ناهي ڇو موڪي هر وقت ائين ٿو لڳي ته ڪنهن به وقت سمنڊ جي تهه مان منهنجو جهاز صحي سلامت ڪناري تي موٽي ايندو، ۽ پوءِ مان پيهر ان جهاز تي سوار ٿي موٽي ماڳ ويندس. تنهنجو ڇا خيال آهي؟

ساٿي ــ خيال وٽندڙ آهي، پر اهو ممڪن ناهي.

سجاد ــ ڇو؟

ساٿي ــ ڇو جو جهاز ٻڏي چڪو آهي ۽ سڀ مسافر عملي سميت گهري سمنڊ ۾ غرق ٿي چڪا آهن. تنهنجو صحي سلامت بچي نڪرڻ معجزي کان گهٽ ناهي!

سجاد ــ سو ته نيڪ آهي، پر تڏهين به منهنجي دل چوي ٿي ته ان اونهي سمنڊ ۾ منهنجي لاءِ ڪا نه ڪا خوشخبري ضرور ڇپيل آهي.

ساٿي ــ سمنڊ ۾ خوشخبري هجي يا نه هجي، البت هن غار ۾ تنهنجي لاءِ هڪ خوشخبري ضرور ڇپيل آهي.

سجاد ــ غار ۾ خوشخبري؟ ڪهڙي ؟

ساٿي ــ ٻڌندين ته ٽڙي پوندين دوست.

سجاد ــ ٻڌاءِ ساٿي، جلد ٻڌاءِ، ڪجهه ته ٻڌاءِ!

ساٿي ــ تون جڏهين ننڊ پيو هئين، تڏهين مون غار جو جائزو ورتو هو. هن وڏي پٿر هيٺان تمام وڏو خزانو دفن ٿيل آهي.

سجاد ــ خزانو، ڪهڙو خزانو ؟

ساٿي ــ هيرا جواهر ــ سون چاندي.

سجاد ــ ڪٿان آيو اهو خزانو ,

ساٿي ــ خبر ناهي، لڳي ٿو ته ڪئي سوين سال اڳ ڪي ماڻهو اهو خزانو اتي دفن ڪري ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد ـ ڪهڙ هتا اهي ماڻهو؟

ساتي ـ تي سگهي ٿو ته اهي به ڪنهن ٻڏل جهاز جا مسافر هجن.

سجاد ـ ها، ها، ائين ٿي هوندو. پر پوءِ دير ڇا جي؟ مونکي ان پٿر کي هٽائڻ گهرجي. تون ساٿ نه ڏيندين ساتي؟

ساتي ـ مان ته صرف پاڇو آهيان.

سجاد ـ ته پوءِ اهو ڪم مونکي اڪيلي سر ڪرڻو پوندو.

(پٿر کي زور ڏيڻي هٽائڻ جو تاثر)

سجاد ـ ڏاڍو وزني پٿر آهي، ٿڪائي وڌائين.

(وري زور لڳائڻ جو تاثر)

سجاد ـ ڇـريو آهي.ها، باقي ٿورو ـ هٽي ويو ـ (تعجب ۾) يا خدا! هيترا سارا هيرا جواهر! ۽ هي سونيون اشرفيون! ۽ هي هار ـ مان تـه مالامال ٿي ويس دوستـ. مان امير ٿي ويس، مان ڪروڙ پتيءَ نه ارب پتي ٿي ويس. هن خزاني سان ته مان ڪيئي جهاز خريدي سگهان ٿو. ٿينڪ يو ساتي ـ ٿينڪ يو ـ يـو آر گريٽ (اداس لهجي ۾) پـر....پر....هيءَ سيڪجهه ڪهڙي ڪم جو؟ هن ويـراني ۾ هي آبـدار موتي، واريءَ جـي ذرڙي کان وڌيڪ قيمتي ناهيـ. هي چمڪندڙ هيرو، پٿـر کان وڌيڪ وٽندڙ ضرور آهي پـر مهانگو ناهي. ڇـا ڪندس؟ ڇا ڪندس مان هي هيرا، هي جواهر، هي خزانا، هن ويرانيءَ ۾ ڇا ڪندس ساتي؟ ٻڌاءِ ساتي؟

ساتي ـ جذباتي نه ٿيءُ دوست، هل ته ٻاهر گهمڻ هلون.

سجاد ـ ۽ هي خزانو؟

ساتي ـ (کلندي) ان کي اتي ئي رهڻ ڏي، ڪير ڪو بـ چوري ڪري نه سگهندو. تون اچ ـ هلي آءُ.

(Music—Waves-Birde)

[گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ]

ساتي ـ چپ ڇو آهين دوست؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد ـ اداس آهيان.
ساٿي ـ اداس ارب پتي!
سجاد ـ نه، ڪنگال ارب پتي.
ساٿي ـ هڪ ڪم ڪر دوست.
سجاد ـ ڇا ساٿي؟
ساٿي ـ ناشتي تي هڪ هيرو کائي ڇڏيندو ڪر، منجهند جو به موتي ۽ رات جو ٿالهه اشرفين جو. پيٽ ڀريل رهندئي.
سجاد ـ مذاق نه ڪر.
ساٿي ـ دنيا ۾ هر انسان ٻئي انسان جو گلو ان لاءِ ڪاٽيندو آهي، ڀاءُ ڀاءُ جو دشمن ان دولت لاءِ ٿيندو آهي، پيءُ اولاد جو ۽ اولاد پيءُ جو ويري به ان ملڪيت لاءِ ٿيندو آهي.
سجاد ـ دنيا جي ٻي ڳالهه آهي.
ساٿي ـ دنيا ۽ دولت مان توکي ڪا به هڪ شيءِ چونڊڻ لاءِ چيو وڃي ته تون ڇا چونڊيندين؟
سجاد ـ پنهنجو گهر ـ پنهنجا ٻار.
ساٿي ـ ۽ هي خزانو؟
سجاد ـ مٽيءَ مٺ آهي.

[Music- waves- Birds-
گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ
Time Lapse]

ساٿي ـ ڇا ٿو سوچين دوست؟
سجاد ـ ٿي مهينا ٿي ويا آهن. هاڻي ته ڪين يقين ٿي ويو هوندو.
ساٿي ـ ڇا جو؟
سجاد ـ منهنجي موت جو.
ساٿي ـ اها ته پاڻ سٺي ڳالهه ٿي.
سجاد ـ ڪيئن؟
ساٿي ـ ان لاءِ جو تون جڏهين اوچتو ٻيهر سندن سامهون ويندين ته هو حيران ٿي ويندا.
سجاد ـ (ٿڌو ساهه) خبر ناهي اهو ڏينهن ڪڏهين ايندو؟ ايندو به يا نه؟
ساٿي ـ اهو ڏينهن ضرور ايندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد ـ ان ڏينهن ڪي سائن لاءِ مونکي انتظار جي ڪيترين سورين تي چڙهڻو پوندو؟ ڏهاڳ جا ڪيترا ڏنگ سهڻا پوندا؟ غم جا ڪيترا پهاڙ پار ڪرڻا پوندا؟ ساٿي اهو ڏينهن ڪڏهين ايندو؟ اهو ڏينهن ڪڏهين ايندو ساٿي؟ (سڏڪا) اهو ڏينهن ڪڏهين ايندو؟

(ڏينهن جو تاثر) Sad music

سجاد ـ ساٿي.

ساٿي ـ جي دوست.

سجاد ـ اڄ جو راشن خلاص. نه پاڻي نه ماني. اڄ پيٽ جي خاطر جهنگل ۾ هلڻو پوندو، تيار آهين؟

ساٿي ـ بلڪل تيار آهيان.

سجاد ـ ته پوءِ هل، منجهند تائين ڪونه ڪو بندوبست ٿيڻ گهرجي.

ساٿي ـ ٺيڪ آهي.

(غار مان ٻاهر نڪرڻ جو تاثر.)

سجاد ـ ٻاهر اُس ڏاڍي تيز آهي. هوا به گهٽ آهي، سمنڊ خاموش آهي. (تعجب ۽ خوشيءَ مان) ساٿي.

ساٿي ـ جي.

سجاد ـ سمنڊ ۾ ڪجهه ڏسين ٿو؟

ساٿي ـ نه، ڇا آهي؟

سجاد ـ ڪو ننڍڙو جهاز آهي.

ساٿي ـ جهاز؟

سجاد ـ ها، هو ڏس ـ هو ڏس، هن پهاڙ جي ساڄي طرف. نظر اچيئي ٿو؟

ساٿي ـ شايد ـ شايد ڪو جهاز آهي.

سجاد ـ شايد نه، پڪ ئي پڪ جهاز آهي. اسانکي ڪيس روڪڻ گهرجي.

ساٿي ـ اسان ڪي ڏسي سگهندا؟

سجاد ـ ضرور ڏسندا. شايد هتان نڪرڻ جو اهو پهريون ۽ آخري موقعو آهي. اچ ساٿي، اچ. دير نه ڪر. هلها نه وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ٻوڙڻ جو تاثر)

سجاد ـ (زور سان) ٽرسو ـ ٽرسو ـ جهاز وارؤ ـ ٻيهو ـ هيڏانهن ڏسو : خدا جي واسطي هيڏانهن نهاريو. منهنجو آواز ٻڌو، روڪيو، جهاز کي روڪيو. (ساٿي کي) ننتا ٻڌن ـ نه ٻڌندا ـ شايد نه ٻڌندا. (زور سان) ٻڌو ـ منهنجو آواز ٻڌو ـ خدارا منهنجو آواز ٻڌو. (جهاز جي هوٽ ڪرڻ جو آواز).

سجاد ـ (خوشيءَ مان) ٻڌي ورتائون. ڏس هنن ٻڌي ورتو. ساٿي هنن مونکي ڏسي ورتو آهي. (جهاز ٻيهر هوٽ ڪري ٿو). ٻڌئي ـ هنن مونکي ڏسي ورتو آهي. مان ڪيڏو نه خوش آهيان ساٿي. اڄ مان ڪيڏو نه خوش آهيان. ڏس ـ هنن جهاز جو رخ ڦيرائي ڇڏيو آهي. هو اسان ڏانهن اچي رهيا آهن. هو مون ڏانهن اچي رهيا آهن.

(سجاد جا ٽهڪ)

[Music Continues—
Birds—Waves-Ship hoots —
Happy music]

(ڪپتان، دارا، روزي ۽ سجاد جا ٽهڪ Mix).

ڪپتان ـ (کلندي) سچيءَ زندگيءَ ۾ ان کان وڌيڪ دلچسپ واقعو نه اڳ ڏٺم ۽ نه ٻڌم. چاليهه سال ٿيا اٿم هن سمنڊ ۾ جهاز هلائيندي. هتان جي چپي چپي جتو واقف آهيان. ڪهڙيءَ لهر هيٺان ڪيتريون ساموندي بلائون ڇُپيل آهن، سڀ ڳڻيل اٿم. ڪمال آ، هن ويران ٻيٽ تي ڪو اڪيلو انسان به زنده هوندو، ان لاءِ ته مان سوچي به نٿو سگهان.

سجاد ـ سڀ زندگيءَ جا کيل آهن ڪپتان صاحب. دائو پاڻي لکيل هو جو بچي پيس. ورنه هيترن سارن مسافرن ۽ عملي مان ڪو به نه بچيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دارا — اسان جهاز جي پڌڻ جي خبر برابر ڪجهه مهينا اڳ اخبار ۾ پڙهي هئي. ڪهڙي خبر هئي ته هتي هن ريت ملاقات ٿي ويندي.

ڪپتان — هيءُ دارا صاحب آهي، منهنجي جهاز جو مالڪ. هيءَ سندس ڌيءَ روزي آهي. ڪاليج ۾ پڙهندي آهي!

روزي — اوهان سان هن ويراني ۾ ملي ڏاڍي خوشي ٿي.

سجاد — منهنجو نالو سجاد آهي.

روزي — سٺو نالو آهي.

سجاد — مهرباني.

دارا — تعجب آهي. توهان آخر زنده ڪيئن رهيا؟ نه ڪو ڳالهائڻ وارو نه ٻولهائڻ وارو، نه ساٿي نه سنگتي.

سجاد — ساٿي؟ (سوچيندي) ساٿي ته مون سان هميشه گڏ هو.

دارا — ڇا مطلب؟

سجاد — جي ڪجهه به نه. ايترا ڏينهن مون پاڻ کي اڪيلو تيئن ئي نه ڏٺو. پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندو رهندو هوس، سوچيندو رهندو هوس.

دارا — اوه! مون سمجهيو.

روزي — اوهان کائيندا ڇا هئا ۽ پيئندا ڇا هئا؟

سجاد — کائيندو هوس سمنڊ جي تازي صحت بخش هوا ۽ پيئندو هوس پنهنجي اکين جو کارو پاڻي.

روزي — خوب! پوءِ ته اسان کي توهان جي خوب خدمت ڪرڻي پوندي. ڪپتان صاحب، بورچيخاني مان ڪجهه گرما گرم کاڌو ته گهرائي وٺو.

ڪپتان — اجهو ٿو انتظام ڪيان مس روزي.

سجاد — ڪپتان.

ڪپتان — جي سجاد صاحب.

سجاد — سڀ کان پهرين مان شيو ڪري وهنجي سهنجي صاف ڪپڙا پهرڻ ٿو چاهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپتان ـ جيڪا اوهانجي مرضي. اوهانجي ماپ جا ڪپڙا آسانيءَ
سان ملي ويندا. اسان جي عملي ۾ هڪ به نوجوان بلڪل
اوهان جي قد ڪاٺ جا آهن.

روزي ـ ويري گڊ ـ ۽ پلا هتان هلڻ جو ڇا پروگرام آهي؟

ڪپتان ـ اچڻ پنهنجي وس هوندو آهي مس روزي ـ پر موٽي واپس
ورڻ پرائي وس هوندو آهي.

روزي ـ ڇا مطلب؟

ڪپتان ـ هن ڪناري تي سمنڊ ايترو اونهو ڪونهي جو جهاز پيهر
اونهي ۾ وڃي سگهي. ان لاءِ اسان کي ويہر جي انتظار
ڪرڻو پوندو.

روزي ـ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اسان هتان جلديءَ نڪري نہ
سگهنداسين.

دارا ـ روزي. ڊيئر، ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪا بہ ڳالهہ ناهي.
جهاز ۾ ڪاڊو، پاڻي ۽ تيل جام آهي. جيستائين سڀائي وير
اچي، تيستائين اسان هن بيٽ جو سير ڪنداسين. هونءَ
بہ مونکي ڪجهہ ڏينهن آرام جي سخت ضرورت آهي. هن
ريت ٿي سهي. ڪجهہ سڪون تہ ملي ويندو.

روزي ـ او ڪي ـ نو پرابلم.

دارا ـ (کلندي) ديٽ از اي گڊ گرل.

(Music)

ساٿي ـ دوست.

سجاد ـ (ڇرڪي) هون؟ ڪير؟ تون؟

ساٿي ـ ڇو؟ ايتري ۾ ئي وساري ويٺين؟

سجاد ـ نہ اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ناهي.

ساٿي ـ خبر ناهي ـ شايد نوان ساٿي ڏسي پراڻو ساٿي دل تان لهي
ويو هجيئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد ـ توکي ڪيئن وساريندس دوست. تون نہ هجين ها تہ جيڪر مان ڪڏهوڪو ڪومائجي مري وڃان ها. توئي تہ مون کي نئين زندگي ڏني. مان تنهنجو احسان لاهي نہ سگهندس.

ساٿي ـ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪيون آهن. يلا اهو ٻڌاء تہ ڪير ڪير آهن ان جهاز ۾؟

سجاد ـ هو توکي ڏسي نٿا سگهن، تون تہ ڪين ڏسي سگهين ٿو.

ساٿي ـ تنهنجي زباني ٻڌڻ ٿو چاهيان.

سجاد ـ جهاز جو مالڪ دارا آهي. سندس نوجوان ڌيء روزي آهي. جهاز جو ڪپتان آهي ۽ سندس ٨-١٠ خلاصي آهن.

ساٿي ـ روزي ڪيئن آهي؟

سجاد ـ خوبصورت آهي.

ساٿي ـ ۽ توکي پسند آهي.

سجاد ـ مون ائين تہ نہ چيو.

ساٿي ـ مان ٿـو چوان. جڏهين تون سانس ڳالهائي رهيو هئين، تـڏهين مان توهان جي بلڪل وچ ۾ موجود هوس. مون تنهنجي اکين ۾ آيل چمڪ چڱيء ريت ڏسي ورتي هئي.

سجاد ـ (شرمائيندي) شٽ آپ.

(Music)

(روزي ۽ سجاد جي ڪلڻ جو آواز)

روزي ـ نہ چئبو تہ جناب ناريل جو ٻاڻي پي ۽ کوپرو کائي پورا چار مهينا زندهہ رهيو آهي.

سجاد ـ اوهان بلڪل ٺيڪ سوچيو آهي.

روزي ـ ۽ اهو بہ تہ هن بيابان ۾ ڪو هڪڙو بدنصيب اهڙو بہ باندر نہ هو جيڪو توهان جو ساٿ ڏئي سگهي.

سجاد ـ مان اڪيلو ڇا خوبصورت نٿو لڳان ڪنهن ناريل جي وڻ تي؟

روزي ـ اهو تہ ڏسڻ ڪان پوء ئي ٻڌائي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد – سچ پچين روزي تہ اهو سورو عرصو مون هڪ پيانڪ خواب جيان گذاريو آهي. سج روز اڀرندو هو، روز لهندو هو. چنڊ روز چڙهندو هو، روز غائب ٿيندو هو. ستارن جا ديپ ٻرندا هئا، اجهامي ويندا هئا. پر مان هن گهري اجهاڳ سمنڊ کي گهوريندو رهندو هوس. ان آس تي تہ ڪو آسرو، ڪا مدد، ڪو سهارو، ڪنهن ٽمڪندڙ ستاري جيان، ڪٿان نہ ڪٿان، ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ضرور اُڀري ايندو. پر اهو سهارو ايڏو مضبوط هوندو، اهو ستارو ايترو خوبصورت هوندو، اهو تہ مون ڪڏهين خواب ۾ بہ نہ سوچيو هو.

روزي – مون بہ تہ ڪڏهين ائين نہ سوچيو هو تہ منهنجي خوابن جو شهزادو هيترو دور، اڪيلو ۽ تنها ملندو.

سجاد – اچ، مان توکي هيءُ جزيرو گهمايان. ڏس، هيءَ آهي اها جاءِ جتي مون هوش ۾ اچڻ کان پوءِ اک کولي هئي. هتي ئي ويهي مان ڪنهن مدد جو انتظار ڪندو هوس. هو سامهون مٿي پاڻيءَ جو تلاءُ آهي، جنهن کي مان "سوئمنگ پول" سڏيندو آهيان. ۽ هو مٿي اها غار آهي، جيڪا منهنجي ڊرائنگ روم، بيڊ روم ۽ ڊائننگ روم جو ڪم ڏيندي آهي (ياد ڪندي) ۽ ها، هڪ ڳالهہ تہ توکي ٻڌائڻ وسري ويم.

روزي – ڪهڙي ڳالهہ؟

سجاد – اچ مون سان ــــ

روزي – ڪيڏانهن؟

سجاد – منهنجي ڊرائنگ روم ۾.

روزي – پر ڇو؟

سجاد – آهي ڪا ڳالهہ.

روزي – ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد – پنهنجي اکين سان ڏس. اڇ، اڇ، اندر اڇ، هتي هن ڪنڊ ۾ نهار، هن پٿر جي پويان.

روزي – آف! خدايا، هي ڇا آهي؟

سجاد – (ڪلندي) خزانو، دولت، هيرا جواهر، سون چاندي. ايترو خزانو ته دنيا جي امير ترين انسان وٽ به نه هوندو.

روزي – ڪٿان آندئي ايترو خزانو؟

سجاد – ملي ودو. منهنجي صبر جو ڦل. تڪليفن، عذابن، ڏکن ڏوجهرن جو انعام.

روزي – سجاد هيءَ ته تمام گهڻي دولت آهي.

سجاد – ها، بي انتها دولت آهي. پاڻ ٻئي ان جا اڪيلا مالڪ آهيون. اسان هتان نڪرڻ کانپوءِ شادي ڪري ڇڏينداسين.

روزي – پر تنهنجي ته شادي ٿيل آهي.

سجاد – تون ان جو فڪر نه ڪر.

روزي – يا خدا، ايتري دولت!

سجاد – (ڪلندي) پر تنهنجي مقابلي ۾ ڪجهه به ناهي.

(ساموندي پکيءَ جي تيز رڙ – Music Mix)

ساٿي – هي تو ڇا ڪيو دوست؟

سجاد – ڇا ڪيم؟

ساٿي – خزاني جو راز روزيءَ کي ڇو ٻڌايئي؟

سجاد – ان ۾ ڪهڙي برائي آهي؟

ساٿي – برائي آهي.

سجاد – ڪهڙي؟

ساٿي – تون نه سمجهندين دوست.

سجاد – آخر ته مون کي انسانن ۾ موٽي وڃڻو آهي، زندگي پر ته هن بيٽ تي اڪيلو نه گذاريندس.

ساٿي – تون جن جي ڳالهه ٿو ڪرين، اهي تنهنجا پنهنجا ناهن.

سجاد – روزيءَ متعلق ڇا خيال اٿيئي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٽي — هوءَ اجنبي اهي.
سجاد — هوءَ مونکي پسند آهي.
ساٽي — هر وڻندڙ شيءِ اعتماد جي قابل نہ هوندي آهي دوست.
سجاد — مان فلاسفر ناهيان.
ساٽي — زندگي هڪ سادي سودي حقيقت آهي.
سجاد — روزيءَ لاءِ منهنجو چاهہ هڪ حقيقت آهي.
ساٽي — ڪي حقيقتون بيحد تڪليف ڏيندڙ هونديون آهن دوست.

(Music)

دارا — خزانو.
روزي — جي ها ڊيڊي. ڌرتيءَ جي سيني ۾ دفن وڏو خزانو.
دارا — شايد تقدير اسان کي وڏيڪ امير ڏسڻ ٿي چاهي.
روزي — شايد نہ، يقيناً. او ڊيڊي، هيرن جواهرن جي چمڪ ڏسي مان تہ دنگ رهجي ويس. اٿين لڳو چڻ مان ڪو خوبصورت خواب ڏسي رهي هجان.
دارا — دارا کي خواب سائيان ۾ بدلڻ بہ ايندا آهن ڌيءَ. تون اُن احمق سجاد کي پنهنجي قبضي ۾ قابو رک. باقي ڪم مون تي ڇڏي ڏي.
روزي — هن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي ڊيڊي؟
دارا — سياڻا ماڻهو پنهنجو ڪفن پاڻ سان گڏ کڻي نہ گهمندا آهن ڌيءَ. کيس ڇڏي ڏي تہ هن اڪيلائيءَ ۾ بوسائجي مري وڃي. ۽ ها کيس ڪنهن بہ قسم جو شڪ پوڻ نہ ڏجانءِ.
روزي — هرگز نہ ڊيڊي، پر پاڻ هلنداسين ڪڏهن؟
دارا — ڪنهن بہ وقت. جڏهين بہ وير چڙهي، اسان چُپ چاپ هتان روانا ٿي ويندا سين ۽ پوءِ دارا دنيا جو امير ترين انسان هوندو. (ڪلپ ٿو)

(Happy Music)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد — چا ڳالهه آهي روزي، اج ڏاڍي خوش پئي نظر اچين.

روزي — شايد هاڻي تنهنجي آزمائش جو وقت ختم ٿيڻ وارو آهي. ڪپتان پئي چيو تہ ڏينهن ٻن ۾ اسان هتان روانا ٿي سگهنداسين.

سجاد — سچ؟

روزي — ۽ پوءِ تون پيهر سٽريل دنيا ۾ موٽي سگهندين.

سجاد — او ٿينڪ يو، ٿينڪ يو روزي.

روزي — واپس ورڻ ڪان پوءِ وساري تہ نہ ڇڏيندين؟

سجاد — چري آهين. تون تہ منهنجي تقدير آهين، توکان ڌار ٿيڻ جو تہ مان تصور بہ نٿو ڪري سگهان.

روزي — سچ؟

سجاد — سچ.

روزي — منهنجو خيال آهي تہ هاڻي تون پنهنجو سامان وغيره ڪٺي جهاز تي هليو اچ. جڏهين بہ موقعو مليو هليا هلنداسين.

سجاد — مون وٽ ڪهڙو سامان رکيو آهي؟

روزي — خزانو؟

سجاد — اڙي ها، اهو تہ وسري ويم. اهو تہ اج ئي ڪٺائي جهاز تي رکائي ٿا ڇڏيون.

روزي — منهنجو بہ اهو ئي خيال آهي.

سجاد — نيڪ ڪم ۾ دير چا جي؟

روزي — دير نہ، احتياط. جهاز جي ڪپتان ۽ عملي کي ان ڳالهہ جي ڪڙڪ بہ پوڻ نہ گهرجي. اهو ڪم ڊيڊي ۽ اسان ٻنهي کي رازداريءَ ۾ ڪرڻو پوندو. زمانو خراب آهي ڊيئر.

سجاد — تون نيڪ ٿي چوين. اهو ڪم اسان کي رات جي اونداهيءَ ۾ ڪرڻو پوندو. جلدي۔ اج ئي.

روزي — (کلندي) نيڪ آهي، اج ئي.

(Happy Music)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي — هي تون ڇا ڪري رهيو آهين دوست؟
سجاد — وڃڻ جي تياري.
ساٿي — تون پنهنجو هوش ۽ حواس وڃائي ويٺو آهين.
سجاد — مان جو ڪجهه ڪري رهيو آهيان، نهايت سوچي سمجهي ڪري رهيو آهيان.
ساٿي — سوچ ۽ سمجهه توکان موڪلائي وئي آهي.
سجاد — ڇا تو چون چاهين؟
ساٿي — اهوئي جو تون سمجهڻ نٿو چاهين. روزي هڪ خوبصورت ڇار آهي.
سجاد — (ڪاوڙ ۾) ساٿي.
ساٿي — سچ ڏاڍو ڪوڙو هوندو آهي دوست.
سجاد — تون منهنجي خوشيءَ کان جلي ويو آهين.
ساٿي — مون تنهنجو غم پنهنجي جهوليءَ ۾ پاتو هو.
سجاد — توکي خوف آهي ته مان توکان ڌار ٿي ويندس، دور ٿي ويندس.
ساٿي — پر مان ته تنهنجي قريب رهندس.
سجاد — تون نٿو چاهين ته مان ٻيهر موٽي انساني آباديءَ ۾ وڃان.
ساٿي — مان توکي برباد ٿيندي ڏسي نٿو سگهان.
سجاد — تون ڪوڙو آهين، مڪار آهين، فريبي آهين.
ساٿي — مان تنهنجو ساٿي آهيان، بيغرض آهيان، مخلص آهيان.
سجاد — اهو تنهنجو ڍونگ آهي. مون توکي تنهنجي اصلي روپ ۾ ڏسي ورتو آهي. هاڻي پري ٿي وڃ منهنجي وجود کان.
ساٿي — دوست.
سجاد — مون کي دوست نه چئو.
ساٿي — پر دوست ـــــ
سجاد — خاموش. مان وڌيڪ ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيان. مونکي اڪيلو ڇڏي ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي — ها —
سجاد — (زور سان) مونکي اڪيلو ڇڏي ڏي.

(ميوزڪ)

دارا — (ٽهڪ) اڄ رات اسان هن پيوانٽي جزيري کان دور هليا ويندا سين، ڇا خيال آهي ڪپتان؟
ڪپتان — جي ها، اڄ رات موسم بلڪل موافق آهي.
دارا — سڀ تياري مڪمل ڪئي وڃي.
ڪپتان — تياري ٿي چڪي آهي.
دارا — سجاد صاحب، ڇا خيال آهي، ان خوشيءَ جي موقعي تي ٿي وڃي محفل گرم؟
سجاد — واقعي، اڄوڪي رات بيحد خوشين ڀري خوبصورت رات آهي.
دارا — روزي، ڇا رپورٽ آهي.
روزي — جي ڊيڊي، سامان سمورو جهاز تي اچي ويو.
دارا — ته پوءِ دير ڇا جي؟ ٿي وڃي هڪ هڪ جام خوبصورت مستقبل جي نالي تي - چيئرز.
سجاد — چيئرز.

(ٽنهي جي گلاسن جو آواز، سجاد جي ڳل آهستي آهستي جهڪي ۽ اڪيلي رهجي ٿي وڃي، ۽ پوءِ خاموشي ڇانئجي ٿي وڃي).

(صبح جو تاثر - سمنڊ جون لهرون - پکي).

سجاد — (ننڊ ۾) اڄوڪي رات نهايت خوبصورت رات آهي روزي - نهايت خوبصورت. ان ڪانپوءِ، ان ڪانپوءِ، (ڇرڪ ڀري جاڳي) اوه، متي ۾ سور، صبح ٿي ويو آهي شايد. روزي روزي. پر هي ڇا؟ جهاز ڪٿي آهي؟ مان ڪناري تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن آيس. هت نه هر طرف واري ٿي واري آهي. روزي ڪاڏي ويئي؟ (زور سان) روزي — روزي — روزي — هي سڀ ڇا ٿي ويو؟ هي سڀ ڪيڏانهن ويا ؟ (زور سان) ڪو آهي؟ ڪو آهي؟ ڪو آهي؟ (پڙاڏو اچي ٿو). ويا هليا؟ سڀ ويا هليا؟ منهنجو سڀڪجهه لٽي ويا هليا؟ پر روزي نه اهڙي نه هئي؟ هوءَ بيوفا نه هئي. نه نه، اهو ناممڪن آهي. اهو ڪوڙ آهي، اهو ڪوڙ آهي. ڇا ڪيان؟ هاڻي مان ڇا ڪيان؟ ڪير آهي منهنجو هن ويرانيءَ ۾؟ (سوچيندي) ساٿي - ها - ساٿي - ها ها ساٿي - (زور سان) ساٿي — ساٿي — ساٿي — نه هو هاڻي موٽي نه ايندو. هو هرگز هرگز موٽي نه ايندو. مون سندس قدر نه ڪيو. مان ڏوهاري آهيان، پاپي آهيان، مان نفرت جي قابل آهيان (روئندي) مان نفرت جي قابل آهيان ساٿي! مون توکي وڃائي ڇڏيو- مون توکي وڃائي ڇڏيو. (سڏڪا).

ساٿي — دوست.

سجاد — (ڇرڪ پري) ساٿي، تون؟

ساٿي — ها، مان.

سجاد — تون، ساٿي تون؟

ساٿي — ها دوست، مان. پلا توکي ڇڏي ڪيڏانهن ٿو وڃي سگهان؟ مان ته تنهنجو پاڇو آهيان، ساٿي آهيان.

سجاد — مون کي معاف ڪر ساٿي، مون کي معاف ڪر، مون کي معاف ڪر.

(سجاد جا سڏڪا — موسيقي ابري ٿي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهون جُدا جُدا

ڪالمه	هدايتون
	سين پهريون
	رات جو وقت :- پاشا اڪيلي رستي تي ڪار ۾ اچي رهيو آهي، رستي جون روشنيون تيزيءَ سان پٺتي ڊوڙي رهيون آهن.
	اوچتو هڪ ڪراڙو، هڪ هٿ ۾ لٺ، ٻئي سان سلميٰ جو سهارو وٺي، رستو ٽپڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.
	سلميٰ جي ٻئي هٿ ۾ دوا جي شيشي آهي ۽ ڪراڙو زور زور سان کنگهي رهيو آهي.
	سلميٰ ڪار کي ايندو ڏسي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي؛ پر هو بيخبريءَ ۾ تيزيءَ سان رستو ٽپڻ لاءِ وڌي ٿو.
سلميٰ جي ڇرڪ!	پاشا ڪار کي بريڪ هڻي ٿو.
	.Crash
	ڪئميرا ڪراڙي تي اچي ٿي؛ جيڪو آخري هڏڪي ڀري مري ٿو وڃي.
	سلميٰ جو هيٺيون ڌڙ گاڏيءَ هيٺان دٻيل آهي. هوءَ پيءُ جي لاش ڏانهن پهچڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿي . پر سندس آڱريون پيءُ تائين پهچي نٿيون سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمہ	هدايتون
سلميٰ- بابا! بابا !	هو سڏڪي سڏڪي روئي ٿي .
	ايمبولنس جو سائرن Over lap ٿئي ٿو.
	Cut.
	سين پيو
	رات :-
	اسپتال جو آپريشن ٿئيٽر -
	ڊاڪٽر سلميٰ جو آپريشن ڪري رهيا آهن.
	پاشا بيچينيءَ وچان ورانڊي ۾ انتظار ڪري رهيو آهي، ڪيس مٿي ۽ هٿن وغيره تي پٽيون ٻڌل آهن.
	ڊاڪٽر آپريشن ٿئيٽر جو در کولي مايوس ٻاهر نڪري ٿو. پاشا اتاوليءَ مان ڏانهس وڌي ٿو. پر ڊاڪٽر نا اميديءَ وچان ڪنڌ ڌوڻي ناڪار ٿو ڪري.
	پاشا ڏکاري انداز ۾ ڏانهس نهاري ٿو.
غمگين موسيقي اڀري ٿي.	Titles ڏيکارجن ٿا.
	ٽائيٽلز ڪانپوء Dissolve.
	سين ڏهون
	رات :-
	فيشنبل هوٽل جي سامهون ڪنڌ ۾ بيڪگرائونڊ ۾ هلڪي

واچوڙن ۾ لاٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

مڪالمو

غمگين موسقي، ٻاهر وڄ ۽ برسات ۽ دريءَ تان پاڻي هيٺ وهي رهيو آهي.
پاشا جي گفتگو دريءَ تي پوندڙ برسات ۽ رڪي رڪي وڄ جي چمڪي تي O/L ٿئي ٿي -

پاشا— اهڙيءَ طرح سلميٰ اپاهج ٿي وئي . هن جو هن دنيا ۾ ڪو سهارو نه رهيو هو، هوءَ اڪيلي هئي، بي سهاري هئي، معذور هئي .

مون هڪ لمحي ۾ سندس سڀ اميدون ، آشائون ۽ آمنگ ڪسي، سندس دامن ۾ ڪنڊا پري ڇڏيا هئا.... احساس جي اٿاه بار هيٺان منهنجو بيچين روح تڙپي اٿيو، ضمير جي زنجير منهنجي سوچ تي سنگهر وجهي ڇڏيا، منهنجو من ماندو ٿي اٿيو ۽ تڏهن.... ۽ تڏهن ذهن تان گناه جي دز ڌوئڻ لاءِ مون سائس شادي ڪري ڇڏي.

پاشا منهن ڦيري شاهـده ڏي نهاري ٿو. جا پيار، پنهنجائپ، همدردي ۽ ڏک جي ملبل جليل تاثر سان ڪيس گهوري رهي آهي.

ان ڳالهه کي ڏهه سال گذري چڪا آهن. مون سندس جيءَ تان محروميءَ جو احساس نه ميٽي ڇڏيو، پر پاڻ کي اڻ ڇاتي اونداهي آئيندي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه
	حوالي ڪري ڇڏيم، منهنجو سمورو وجود پرزا پرزا ٿي پيجي پري پيو.
	شاهده- اهو فيصلو ته تو هان خود ئي ڪيو هو.
	پاشا- ها شاهده؛ وقتي جذبات جي رؤ ۾ وهي مون ئي پنهنجو صليب پنهنجن هٿن سان جوڙيو هو؛ ۽ ان ڪانپوءِ هر اينڌڙ صبح اها سوري منهنجي سيج ٿيندي رهي!
	شاهده- پر آخر ان ۾ سلمي جو ڪهڙو قصور-؟
تلخ مرڪ-	پاشا- قصور ڪنهن جو آهي-؟ ان گهڙيءَ جو، جا گهاءُ بڻجي منهنجي جيءَ کي جهوري وڌي. ان احساس جو، جو واسينگ بڻجي منهنجي ذات ڏنگي ويو. يا هن وقت جو، جنهن تو کي منهنجي روح جي رڻ بڻائي سامهون آڻي بيهاريو آهي.
	شاهده- منهنجي ڪهاڻي نه ته تو کان مختلف ناهي پاشا؛ شايد اسان ٻئي هڪ ئي راهه جا راهي آهيون؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاشــا ـ تقدير تـہ صرف تير هلائي ڇاڏي. ڪير وڃيو، ڪير ڪِريو، ڪير ڪٿي؟ قسمت جا انڌا ديوتا ڇا ڄاڻن ـــ؟

شاهده ـ انسان ايترو مجبور ڇو آهي پاشا؟ ايترو بيوس، جو پنهنجي مختصر حياتي بہ سنواري نـہ سگهي اکڙين ۾ مکڙيون سجائي نہ سگهي، ساهن ۾ سرهاڻ سمائي نہ سگهيـــ؟ ائين ڇو آهيـــ؟

پاشــا ـ ڪي درد انسان ڪي اڪيلي سر سهڻا پوندا آهن! ڪي روڳ روح ۾ پالي مسڪرائڻــو پونــدو آهي؛ ڪي گهاءُ سيني ۾ سمائي جيئڻو پوندو آهــي؛ ۽ شايد اسان ٻئي بہ انهن انسانن مان ٿي آهيون جي جيئري ٿي مري ويندا آهن.

شاهده ـ ائين نہ چئو. اسان نئين دور جا نوان انسان آهيون؛ اسان پنهنجين خوشين ڪــي ٻين جــي خوشين تي قربان ٿيڻ نہ ڏينداسين .

پــاشا ـ ڪي انسان صرف ٻين لاءِ ٿي جيئندا آهن شاهده! هنن ڪي پنهنجو ڪوبہ وجود نہ هوندو آهي.

شاهده ـ پر مان باغي آهيان.

پــاشا ـ چري آهين.

شاهده ـ منهنجي سرڪش روح ۾ ايتري قــوت آهــي جو ماضيءَ جون زنجيرون ٽوڙي ڇڏي؛

پــاشا ـ اسان ڪري بہ ڇا ٿا سگهون؟ هي چار اسانجا پنهنجا اٽيل آهن.

شاهده ـ مون فيصلو ڪيو آهي تـہ وحيد سان شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏينديس .

پــاشا ـ هو تنهنجو مڱيندو آهي شاهده.

شاهده ـ اسانجي سوچ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
پاشا ـ پر هو توکي بيحد چاهي ٿو.	
شاهده ـ هن ڪڏهن بہ منهنجي روح کي سڃاڻڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي! منهنجي احساسن، اُمنگن ۽ خيالن جي هن وٽ ڪابہ اهميت ناهي هو مونکي خوشي ڏئي نہ سگهندو.	
پاشا ـ خوشي تہ هڪ پاڇي جو نالو آهي؛ هڪ خواب، هڪ خيال آهي.	
شاهده ـ وحيد منهنجو سوڻ برابر آهي، پر روحن جا رشتا ڏرتيءَ کان گهڻو دور طئہ ٿيندا آهن.	
پاشا ـ شايد مان تو جيان بيباڪ ۽ بيخوف نہ هوس شاهده! بزدل، ڪمزور ۽ ڪانئر هوس، ۽ پنهنجي ڪانئرتا کي ضمير جو آواز سمجهي گذريل ڏهن سالن کان پاڻ کي دوکو ڏيندو پئي آيو آهيان! مان چاهان ٿو تہ منهنجو هن سان پيار ناهي؛ مون ڪڏهن بہ هن سان محبت نہ ڪئي آهي.	
شاهده ـ توهان هن کي صاف صاف ٻڌائي ڇو نہ ڇڏيو؟	
پاشا ـ ايڏو ڏکوئيندڙ سچ چوڻ جي مون ۾ همت ناهي؛ هن جي دل ٽٽي پوندي.	
شاهده ـ هن جو توهان سان ڏاڍو پيار آهي ــــ؟	
پاشا ـ هوءَ منهنجي ئي سهاري زنده آهي.	ڪجھ دير برسات ڏي تڪيندي
وقت انسان جو ازل کان ويري آهي؛ ڪاش! تون مون کي گهڻو اڳ ملين هاــــ!	
شاهده ـ وقت جي واڳ ورائي سگهجي ٿي.	
پاشا ـ ان لاءِ احساس جي نڙيءَ تي ننهن ڏيڻو پوندو ضمير جي خون سان هٿ رڱڻا پوندا ۽ مان اهو سڀڪجھ ڪري نٿو سگهان.	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

مڪالمہ

شاهده ـ توهان کي ائين ڪرڻو ئي پوندو.

پاشا ـ اِهو ناممڪن آهي.

شاهده ـ مان چاٽسان ٿي اوهانجو موذسان بي انتها پيار آهي.

پاشا ـ تون منهنجي خوابن جي تعبير آهين .

شاهده ـ مونکي حاصل ڪرڻ لاءِ توهان کي سامهون کي ڇڏڻو ئي پوندو.

پاشا ـ شاهده ـــ!

شاهده ـ نيڪ اهڙيءَ طرح، جهڙيءَ ربت مان وحيد کي هميشه لاءِ پنهنجي دنيا مان رخصت ڪري ڇڏينديس ـــ! انهيءَ ۾ ئي اسان ٻنهي جي ڀلائي آهي.

Cut

سين چوٿون

رات :

شاهده جو گهر ـ ڊرائنگ روم سٺي نموني سينگاريل ـ ڪشميرا گهڙيال تي ڪلي ٿي ـ گهڙيال ۾ ڏهه لڳا آهن .

بيگم مراد بي چينيءَ مان ٽهلندي چوي ٿي ـ

بيگمـ ڏهه ٿي ويا ; شاهده اڃا نه آئي ـــ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

مراد ڪو ڪتاب پڙهي رهيو آهي، ڪتاب تان نظرون هٽائڻ ڪانسواءِ چوي ٿو-

بيگم مراد جي پرسان اچي ٿي-

ڪتاب تان نظرون هٽائيندي -

بيگم صوفي تي ويهي ٿي-

رڳ تي مختلف قسم جي ايواردن ۽ ٽرافين ڏانهن اشارو ڪندي-

مڪالمو

مراد- ڇياٺين پٺي تہ ڪاليج ۾ ڪو فنڪشن آهي.

بيگم- جوانجماڻ ڏيءُ جوگهر کان ايتري دير ٻاهر رهڻ مون کي پسند ناهي.

مراد- يلا ان ۾ ايترو بيچين رهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي-؟ اِجهو اچڻ واري ٿي هوندي.

بيگم- توهانجي بيجا پيار تہ ڪيس مٿي تي چاڙهي ڇڏيو آهي. يلا اشراف گهرن جون ڇوڪريون وڃي اسٽيج تي ناڏڪ ڪن. ماڻهو ڇا چوندا؟

مراد- مونکي ماڻهن جي پرواه ناهي بيگم! مونکي پنهنجي شاهده تي پورو پروسو آهي. ماشاءالله بيحد ذهين ڇوڪري آهي! ڏس، ڪيترا نہ انعام آڻي گڏ ڪيا اٿائين ـــــ!

بيگم- بس ، توهان تہ انعام ئي ڏسندا رهجو! ڪجهہ ڏيءُ جو بہ فڪر اٿوَ ــــ؟

مراد- شاهده تمام حساس ڇوڪري آهي. مان هن جي مرضيءَ خلاف ڪو ڪم نہ ڪندس-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمه	هدايتون
بيگم- مگيندو ته گهر ۾ موجود آهي، باقي دير چا جي؟	
مراد - وحيد ته منهنجو به پيائٽيو آهي، پر.... مان ڪجهه عرصي کان محسوس ڪري رهيو آهيان ته هو ٻئي ذهني طور هڪ ٻئي کان پري ٿيندا ٿا وڃن.	
بيگم- شادي تي وڃين، پوءِ ڏسجو ته ڪيئن ٿا ڪير ڪنڊ ٿين.	
مراد- وحيد لا پرواه، خود غرض ۽ ضدي آهي! ۽ شاهده نرم دل سباجهي پر سرڪش آهي.	
بيگم- اجهو وحيد به اچي ويو.	وحيد لاپرواهيءَ سان اندر اچي ٿو- ٻنهي کي ڏسي شاهده لاءِ واجهائي ٿو-
وحيد - شاهده ڪٿي آهي؟	
مراد - ڪاليج ۾ ڪو فنڪشن هوس اوڏانهن وئي آهي پٽ !	
وحيد- فنڪشن ؟	ٽوڪ واري انداز ۾-
فن جي اوٽ ۾ ٿيندڙ هي ڊرامــا مونکي بلڪل پسند ناهن چاچا ! تــوهان ڪيس روڪي ڇڏيو.	
مراد - جذباتي نه ٿيءُ پٽ ! شاهده ته	
وحيد- مونکي شاهده جي ڪردار تي شڪ ناهي چاچا!- پر مان	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه
	حاسد آهيان. هن لاءِ منهنجي چاهت جو ڪو انت ناهي! مون سڄي زندگي سندس تمنا ۾ گذاري ڇڏي آهي، پر مونکي ايتري آزادي پسند ناهي! اها منهنجي بيعزتي آهي.
شاهده داخل ٿئي ٿي، سندس هٿن ۾ ايوارڊ جي مورتي آهي-	بيگم- شاهده؛ تون هيتري دير....
	شاهده- ترس امان؛ مونکي وحيد جي سوال جو جواب ڏيڻ ڏي.
	مراد- نه ڏيءَ؛ وحيد نه ائين نُسي تنهنجي لاءِ پريشان ٿي رهيو هو--!
	شاهده- فن منهنجي زندگي آهي، مان ان ڪان الڳ ٿي نٿي سگهان وحيد صاحب!
	وحيد- پر مونکي اِهو ناپسند آهي.
	شاهده- ان لاءِ جو هي مردن جي دنيا آهي....؟
	وحيد- عورت بنيادي طور ڪمزور آهي.
	شاهده- عورت کي ڪمزور چوڻ وارا پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسن ته ڪين پنهنجي بزدليءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نظر نه ايندو.
	وحيد- چاچي هيءَ منهنجي سراسر بي عزتي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

مڪالمو

شاهده- بس! اهو آهي تنهنجي عزت ۽ غيرت جو معيار—؟

بيگم- شاهده، تون پنهنجي ڪمري ۾ وڃ.

شاهده نفرت جي نگاه سان وحيد ڏانهن ڏسي ٿي ۽ پوءِ ٻاهر نڪري وڃي ٿي.

Cut

سين پنجون

رات جو ٽائم

Indoor

شاهده جو بيڊ روم، شاهده پنهنجي وهاڻي ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀري پئي.

وحيد آهستگيءَ سان ڪمري ۾ اچي ٿو، هوريان سڏ ڪري ٿو.

وحيد- شاهده، مون جو ڪجهه چيو آهي، ان لاءِ شرمسار آهيان.

شاهده- مهرباني ڪري منهنجي ڪمري مان هليو وڃ.

وحيد- منهنجو توسان بي انتها پيار آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪندو آهيان ته تون مونکان دور ٿيندي ٿي وڃين ۽ مان اها دوري برداشت ڪري نٿو سگهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمہ	هدايتون
شاهده۔ مان چوان ٿي منهنجي ڪمري مان نڪري وڃ.	
وحيد۔ تنهنجو ڏک منهنجوئي ڏک آهي شاهده.	
شاهده۔ پيار ايترو خودغرض نہ ٿيندو آهي وحيد صاحب.	
وحيد۔ پيار بيحد خود غرض ٿيندو آهي شاهده، ڪنهن کي پنهنجو بنائڻ جي آرزو سڀ کان وڏي خودغرضي آهي.	
شاهده۔ خدا جي واسطي مون کي اڪيلو ڇڏي ڏيو، مون کي تنهائي گهرجي.	
وحيد۔ وڃان ٿو، پر اهو نہ وسارجانءِ تہ تون منهنجي ۽ صرف منهنجي آهين.	
شاهده۔ وحيد پليز!	
وحيد۔ وڃان ٿو، وڃان ٿو.	وحيد ٻاهر وڃي ٿو. شاهده بيهر وهاڻي ۾ منهن لڪائي سڏڪي ٿي.
	Cut.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
	سين ڇهون
	پاشا جو ڊرائنگ روم- خوبصورتيءَ سان سجايل- ٻاهر رڪي رڪي وڄ چمڪي ٿي. پاشا ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ ويٺو آهي، سلمي Wheel chair تي سندس پرسان اچي ٿي.
سلميٰ- اوهان ڪجهه پريشان ٿا لڳو.	
پاشا - هون---؟ نه سلميٰ؛ اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي.	پاشا ڇرڪ پري ڏانهنس نهاري ٿو-
سلميٰ- ڪا ڳالهه ته ضرور آهي.	
پاشا - چيم ته ڪا ڳالهه ڪانهي.	سخت لهجي ۾-
سلميٰ- ڪجهه عرصي کان اوهان اُداس اداس ۽ ويڳاڻا رهڻ لڳا آهيو؛ مونکان ناراض آهيو ؟	
پاشا - تو کان ڀلا ڇو ناراض ٿيندس؟	
سلميٰ- اها عورت ئي ڪهڙي جا پنهنجي مڙس جي منهن تي آيل پريشاني نه پرکي سگهي ! طبيعت خراب آهي ته....	سلمي پاشا جي مٿي ڏانهن زورن ڏيڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿي پر پاشا سندس هٿ پري ڪري ٿو ڇڏي.
پاشا- ضد نه ڪر سلميٰ. منهنجي طبيعت بلڪل ٺيڪ آهي.	
سلميٰ- مان اپاهج آهيان؛ مجبور آهيان جو حياتيءَ جي هر قدم تي اوهانجو ساٿ ڏئي نٿي سگهان.	ڏکاري لهجي ۾-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
بيزاريءَ وچان.	پاشا - سلميٰ!
	سلميٰ- توهان منهنجا محسن آهيو، مونکي سهارو نه ڏيو ها ته جيڪر مان اڄ زنده نه هجان ها، توهان پنهنجي پيڙا مونکان ڇو ٿا لڪايو؟
پاشا آٿي دريءَ ڏانهن منهن ڪري بيهي ٿو رهي.	پاشا - آف سلميٰ! تون سمجهين ڇو نٿي؟
سلميٰ- Wheel chair تي سندس پرسان اچي ٿي بيهي.	سلميٰ- ڪجهه به سهي، زندگي ڏني اٿو ته جيئڻ جو ڍنگ به ٻڌايو!
	چاڻان ٿي ته منهنجو وجود اوهان لاءِ جيئن پوءِ تيئن بار ٿيندو ٿو وڃي! توهان نوجوان آهيو، خوبصورت آهيو، اوهان ڪي منهنجي معذورين ۽ ۽ پنهنجي مجبورين جو احساس ته ضرور ٿيندو هوندو.
	پاشا - ان مجبوريءَ ڪي مون فرض جو فرضي نالو ڏيئي، پنهنجي محرومي بنائي ڇڏيو آهي.
	سلميٰ- مان اهي محروميءَ جا داغ ڌوئڻ ٿي چاهيان. ٻڌايو، ڪجهه ته ٻڌايو.
	پاشا - هڪ مجبور ۽ بيڪس انسان ٻئي مجبور ۽ بيڪس انسان لاءِ ڪري به ڇا ٿو سگهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلميٰ- هيءَ ساهہ تہ اوهانجي امانت آهي ! توهانجا مونتي بي انتها احسان آهن پاشا.

پاشا - احسان، احسان، احسان ـــ! ڪوبہ ڪنهن تي احسان نٿو ڪري سلميٰ! حتيٰ ڪہ انسان پنهنجي وجود لاءِ بہ ٻين جي احسان جو محتاج آهي! انسان ڏاڍو مجبور آهي سلميٰ !

سلميٰ - ياد اٿو، هڪ اڪيلي اونداهي رات ۾ توهان منهنجي پـيءُ جا قاتـل بڻجي منهنجي آڏو اچي بيٺا هئا.

پاشا - آهـا رات بيحد ڀيانڪ ۽ اونداهي هئي، ايتري اونداهي جو ٻان ان تاريڪيءَ مـان اڄا تائين نڪري نہ سگهيو آهيان ـــ!

سلميٰ- ۽ توهان ٻي منهنجي هٿن ۾ بيساکيون ڏئي ڇڏيون هيون.

پاشا - هـا ! اهي بيساکيون تنهنجي هٿن ۾ ڏئي مـان خود اپاهج ٿي پيو هـوس! ۽ اڄ تائين اپاهج آهيانـــ!

سلميٰ- ۽ پوءِ تو قرباني ڏني هئي.

پاشا - مونکي يـاد آهي، ان رات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمہ
	مون پيو قتل ڪيو هو! ۽ جڏهن منهن ورائي ڏٺم تڏهن محسوس ڪيم تہ خون ۾ ٻڏل آهو لاش خود منهنجوئي هو! ۽ پوءِ آن لاش کي ڪلهي تي کڻي مان اڄ تائين هلندو تو رهان—!
	سلمي- ڪاش! مان تو کي سمجهي سگهان ها—!
	پاشا - مان وچايل انسان آهيان سلمي! مونکي پٽڪيل ئي رهڻ ڏي.
سلمي هٿن ۾ منهن لڪائي سڏڪي ٿي.	سلمي- ائين نہ چئو؛ خدارا ائين نہ چئو.
	پاشا - مان ئي قاتل! مان ئي مقتول! فرياد ڪيان تہ ڪنهن جي خلاف؟ ڏوهي ٺهرايان تہ ڪنهن کي؟ ٻڌاءِ سلمي ٻڌاءِ!
سڏڪندي-	سلمي- پاشا—!
پاشا پٺي ڏيئي بيٺو ئي رهي ٿو. سلمي چيئر کي هلائيندي ٻئي ڪمري ڏانهن هلي وڃي ٿي —	پاشا - ڪي ڏک اڪيلي سر سهڻا پوندا آهن سلمي! تون رڻ جي رڃ ۾ منهنجو سات ڏئي نہ سگهندينءَ، وڃ، وڃي آرام ڪر—!
Cut.	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمه	هدايتون
	سين ستون باغ جي ڪنڊ ۾ پيل بينچ- پاشا گهري سوچ ۾ خلائن ۾ گهوري رهيو آهي- شاهده پرسان ويٺي آهي -
پاشا — سوچيان ٿو پنهنجي ٿي سيني مان دل ڪوري ڪڍڻ ڪيڏو نه اوکو ڪم آهي!	
شاهده — ڪڏهن ڪڏهن جيئڻ ڪاڻ وهه وٽو پيئڻو پوندو آهي!	
پاشا — شايد تون سچ ٿي چوين، ۽ مون ڪڏهن به سچ سان سينو ساهڻ جي همت نه ڪئي آهي.	
شاهده — اهائي ته اسانجي ڀُل آهي.	
پاشا — تون جرئت مند ۽ بيباڪ آهين شاهده.	
شاهده — مون ۾ زنده رهڻ جي خواهش آهي. مان بي زبان جانور جيان چپ‌چاپ موت قبولڻ لاءِ تيار ناهيان! اڄ اسان کي آخري فيصلو ڪرڻو ڏي پوندو.	
پاشا — فيصلو—!	
شاهده — ها فيصلو، اسان ٻنهي جي آئيندي جو فيصلو.	
پاشا — پر اسان صرف ٻه ناهيون ! اسانجي سهاري ٻه جانيون پيون ٻه زنده آهه	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلميٰ جا مون کي عبادت جي حد تائين چاهي ٿي: ۽ وحيد تو کانسواءِ زنده رهي نه سگهندو.

شاهده — وحيد منهنجو آئيڊيل ٿي نٿو سگهي. هو خود سر، خود غرض ۽ ضدي آهي.

پاشا — پر هن جو توسان اٿاهه پيار آهي.

شاهده — هن جو پيار منهنجي صلاحيتن جو موت آهي، ۽ مان بي موت مرڻ نٿي چاهيان! هو شاديءَ لاءِ ضد ڪري رهيو آهي. اسان کي ڪو فيصلو ڪرڻو ئي پوندو.

پاشا — قسمتن جا فيصلا ڪن ۾ نه ٿيندا آهن شاهده —!

شاهده — اها ئي ته انسان جي بدقسمتي آهي جو سندس قسمت جو فيصلو هڪ لمحي ۾ ٿي ويندو آهي ۽ ڪيس چاڻ به نه پوندي آهي.

پاشا — پر سلميٰ جو ڇا ٿيندو —؟

شاهده — ساڳيو سوال وحيد متعلق به پڇي سگهان ٿي —؟

پاشا — وحيد مرد آهي، هو ٻي دنيا آباد ڪري وٺندو.

شاهده — مان وحيد کي سڃاڻان ٿي: منهنجو انڪار کيس ماري وجهندو: هو ٻيهر جي نه سگهندو! پر پنهنجي زندگيءَ لاءِ اسان کي سيڪجهه ڪرڻو (ڏيڪڻو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشا تڙپي اُٿي ٿو.

پاشا ــ شاهده! جي زخم مون ڏهه سال سانڍي رکيا هئا، تو آخر انهن کي چلي ٿي ڇڏيو. ها، مان به جيئڻ ٿو چاهيان! مان به خوشيءَ جو تلاشي آهيان! زندگيءَ جو ڳولائو آهيان!

شاهده ــ سچ پاشا ــــ؟

پاشا ــ ها شاهده، اڄ مان ماضيءَ کان منهن موڙي ڇڏيندس. اڄ مان سلميٰ کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏيندس ته مان سندس ساٿ ڏئي نٿو سگهان ــــ! ۽

اهو به ته هوءَ منهنجي زندگيءَ ۾ ناڪامين جي علامت بڻجي آئي آهي.

شاهده ــ ۽ مان وحيد کي صاف جواب ڏيئي ڇڏينديس ته مان هن جي ٿي نٿي سگهان.

پاشا ــ سلمي جي دل ٽٽي پوندي ۽ هوءَ سڏڪي اُٿندي.

شاهده ــ وحيد مايوس ٿي ڪٿي دور هليو ويندو ۽ پوءِ ڪڏهن به موٽي نه ايندو.

پاشا ــ ۽ سلمي جو روح رهڙجي پوندو.

شاهده ــ ايندڙ صبح اسان ٻنهي لاءِ نئين زندگيءَ جو پيغام آڻيندو.

Cut

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

سين اٺون

شاهده پنهنجي ڪمري ۾ ڪتاب پڙهي رهي آهي- وحيد خوش خوش اندر داخل ٿئي ٿو- سندس هٿ ۾ پيڪٽ آهي- ڪتاب ڦري پلنگ تي اڇلائي ٿو ڇڏي شاهده ڪيس ڪو جواب نٿي ڏئي-

وحيد پيڪٽ شاهده ڏانهن وڌائي ٿو- شاهده بي رخيءَ سان ساڙهي وٺڻ ڪانسواءِ چوي ٿي-

وحيد ميز تي پيڪٽ رکي ٿو ڇڏي - کلندي-

شاهده هڪدم اٿي ٻيهي ٿي ۽ زور سان سندس جملو ڪٽيندي چوي ٿي-

مڪالمو

وحيد — شاهده، مان سچو گهر گهولي ٿڪو آهيان ۽ تون هتي ويٺي بور قسم جا ڪتاب پڙهي رهي آهين.

ناراض ٿي ڏسجين—؟ ڏس شاهده، مان بيحد خراب انسان سهي، ليڪن تنهنجي خاطر جان تي به کيڏي ويندس، آزمائش چاهين ته آزمائي ڏس! هان وٺ، مون تنهنجي لاءِ ساڙهي آندي آهي.

شاهده — وحيد، تون اها ساڙهي موٽائي وڃ.

وحيد — موٽائي وڃان—؟ واه سائين واه! شاديءَ کانپوءِ ته....

شاهده — اها شادي نه ٿيندي!

وحيد — مذاق ڪرڻ ته تنهنجي عادت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
	شاهده – نه، اها شادي هرگز نه ٿيندي . نه ٿيندي، نه ٿيندي.
	وحيد – پر آخر ڇو؟
	شاهده – مونکي توسان نفرت آهي. بي انتها نفرت. ايتري نفرت جيتري هڪ انسان جي سيني ۾ سمائجي سگهي.
وڏيل لهجي ۾-	وحيد – شاهده!
	شاهده – مون ڪڏهن به توکي پيار جي قابل نه سمجهيو آهي.
	وحيد – هي تون ڇا چئي رهي آهين شاهده؟
	شاهده – اهو ئي جو گهٽو اڳ چوڻ گهربو هوم! پر شرم حيا ۽ ريتن رسمن منهنجي منهن تي هٿ رکي ڇڏيو هو. اڄ مون اهو هٿ هميشه لاءِ پري ڪري ڇڏيو آهي. اڄ مان آزاد آهيان، تنهنجا خواب ڪڏهن به سچا نه ٿيندا وحيد صاحب !
	وحيد – نه نه! اهو ڪوڙ آهي، اهو ڪوڙ آهي! تون اهڙي سنگدل ناهين! تون نه پيار جو پيو نالو آهين شاهده!
	شاهده – مان زهر آهيان!
	وحيد – مان اهو زهر خوشيءَ سان پي ويندس.
	شاهده – توکي منهنجي دنيا مان وڃڻو ئي پوندو.
	وحيد – توکي ڇڏي مان ڪيڏانهن ويندس شاهده؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمہ
	شاهده — وچ. هليو وحيد، مونکي تنهنجي پيار جي ٻوسٽ ساري وجهندي! تون مونکي ڪجهه به ڏئي نه سگهندين! ڪجهه به نه.
وحيد گهائل انداز ۾ شاهده جي ويجهو وڃي پڄي ٿو.	وحيد — اِهو تنهنجو آخري فيصلو آهي شاهده؟
	شاهده — ها.
	وحيد — نه پوءِ مان چپ چاپ تنهنجي دنيا مان هليو ويندس! جيئن روح کان جسم جدا ٿيندو آهي! تنهنجي خوشين خاطر مان هتان هليو ويندس! تون ئي منهنجو سهارو هئينءَ شاهده! تو ئي منهن موڙي ڇڏيو نه پوءِ جي ڇا ڪندس ـــ!
سڏڪا.	
وڃڻ لڳي ٿو. شاهده ڏڪندڙ هٿن سان ڪيس روڪي ٿي.	ايترو ضرور ياد رکجانءِ نه مون توکي بيحد چاهيو هو.
	شاهده — وحيدـــ!
وحيد ٻاهر وڃي ٿو.	وحيد — مونکي آواز نه ڏي شاهده، دل جا رشتا ڏاڍا نازڪ ٿيندا آهن، هڪ دفعو ٽٽا نه پيهر جڙي نه سگهندا. مان وساري ويٺو هوس نه پيار پيڙا جو پيو نالو آهي، مان وساري ويٺو هوس نه تون ۽ مان ٻه جدا انسان آهيون. محبت ڏاڍي خود غرض ٿيندي آهي شاهده.
شاهده ڪيس پيهر سڏي ٿي.	شاهده — وحيد....
ٻاهر نڪري وڃي ٿو.	وحيد — وحيد مري چڪو آهي شاهده بيگم. وحيد مري چڪو، وحيد مري چڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

سين نائون

پاشا ڊرائينگ روم لتاڙي ڏاڪڻ چڙهـي مٿي بيڊ روم ۾ داخل ٿئي ٿــو - سلمي انتظارڪنديڪندي Wheel Chair تي ئي ليٽي پئي آهـي- سندس سيني تـى ڪتاب کليو رکيو آهي- ٽيبل ليمپ ٻري رهي آهي- پاشا جي پيرن جو آواز ٻڌيChair تي سندس قريب وڃيٿي- پاشا نهايت تڪليف ۾ ڪشمڪش ڪانپوءِ چوي ٿـــو-

پاشا وڌيڪ چئي نٿو سگهي- سلمي خوف ۾ هراس وچان ڏانهس نهاري ٿي - پاشا دل تي پٿر ڪي چئي ٿو-

مڪالمه

سلمي - اوهان اچي ويا؟

پاشا — مان وڃڻ لاءِ آيو آهيان سلمي!

سلمي — وڃڻ لاءِ— !؟

پاشا — ها سلمي! مون گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ فيصلو ڪيو آهي ته .... مون فيصلو ڪيو آهي ته تو کان ڌار ٿي وڃان!

سلمي — پاشا....!

پاشا — ها سلمي ! ڪي فيصلا نهايت ڏکوئيندڙ هوندا آهن! پر ڪرڻا ٿي پوندا آهن.

سلمي — پاشا!

پاشا — اسان ٻئي هڪ ٻئي جــو ساٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
وڏيڪ دير ڏٺي نٿا سگهون.	
سلمي – پر اهو فيصلو ڪندي توهان اهو ڇو نه سوچيو ته مان اڪيلي هن جهان ۾ ڪيڏانهن وينديس؟	
پاشا – مون پنهنجي حصي جا درد خاموشيءَ سان سٺا آهن، هاڻي تنهنجو وارو آهي.	
سلمي – پر پاشا مون ته توهانجي سهاري ئي حياتيءَ جو بار سٺو آهي.	
پاشا – مونکي ان جو احساس آهي سلمي! پر هاڻي مون شدت سان محسوس ڪيو آهي ته همدردي ۽ محبت ٻه جدا شيون آهن؛ منهنجي توسان همدردي آهي سان توکي محبت ڏئي نٿو سگهان؛ اها ڪنهن ٻئي جي امانت آهي.	
سلمي – مان توکانسواءِ جي نه سگهنديس پاشا!	
پاشا – ۽ مان توسان گڏجي نه سگهندس.	سلمي Wheel chair ڦيرائي پاشا جي سامهون اچي ٿي بيهي.
سلمي – ته پوءِ پنهنجي ئي هٿن سان اها لاٽ اجهائي ڇڏ، جنهن کي تو روشني بخشي هئي؛ مان تنهنجي هٿان موت مرڪي قبولينديس.	
پاشا – مان اهڙو ڪنور ناهيان.	
سلمي – زهر جو پيالو پيارينديءَ به	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
	همدردي تہ ڪرين؟ پر مان ائين ٿيڻ نہ ڏيندس! پاشا ــ اسانکي ائين ڪرڻو ئي پوندو. سلمي! توکي منهنجي زندگيءَ مان وڃڻو ئي پوندو، وڃڻو ئي پوندو ــــ!
Sad Music پاشا منهن لڪائي سڏڪندو رهي ٿو- هن جي رويي مان ذهني ڪشمڪش ۽ روحاني اذيت ظاهر آهي- سلمي جي منهن جو تاثر بدلجي وڃي ٿو- ائين ٿو معلوم ٿئي، ڄڻ هن فيصلو ڪري ڇڏيو آهي-	سلمي ــ جنهن کي مون سهارو سمجهيو هو، سو تہ خود سهارن جو تلاشي نڪتو! جنهن کي مون ساهہ ۾ سانڍيو هو، سو تہ ٻين جو سودائي نڪتو، جنهن کي مون عبادت جي قابل ڄاتو هو سو ٻين بتن جو پوڄاري نڪتو! مونکي جيئڻ جو ڪو حق ناهي، مونکي مرڻ گهرجي، مونکي مرڻ گهرجي! تنهنجي خوشين لاءِ مونکي تنهنجي رستي تان هٽڻو ئي پوندو! هٽڻو ئي پوندو ـــ!
سلمي تيزيءَ سان ويل چيئر ڏاڪڻ ڏانهن هلائي ٿي- پاشا اهو ڏسي پريشانيءَ مان رڙ ڪري ٿو، ۽ ڏانهس ڊوڙي ٿو- Cut.	پاشا ــ سلمي....

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هدايتون

ڊرائنگ روم مان ڏاڪڻ تان Wheel chir هيٺ ڪرندي ڏيکارجي ٿي- ڪرسي ڏاڪڻ تان ٿڙندي هيٺ اچي ٿي ڪري ۽ پڇي پوي ٿي-

Cut

بيڊ روم ۾ ڏاڪڻ جي منهن وٽ پاشا سلميٰ کي ڪرڻ کان بچائي ورتو! ۽ کيس جهليو بيٺو آهي سلميٰ روئي رهي آهي.

پاشاسلميٰ کي آهستي آهستي هيٺ زمين تي وهاري ٿو ۽ پاڻ به سندس پيرسان زمين تي ويهي ٿو رهي.

سڏڪا -

روئندي -

Sad Music

مڪالمو

پاشا ــ سلميٰ! سلميٰ!!

سلميٰ ــ اوهان مونکي ڇو بچائي ورتو ختم ٿيڻ ڏيو ها هن بيسود زندگيءَ کي! آڄهامڻ ڏيو ها هن روشنيءَ کي!

پاشا ــ نه سلميٰ نه، تون جيئندينءَ ۽ مان به جيئندس، تنهنجو ٿي جيئندس. مان شاهده کي وساري ڇڏيندس. انيس، جيڪو پيار ٽتل رانديڪي کي وساري ڇڏيندو آهي!

سلميٰ ــ پاشا! ·

پاشا ــ ها سلميٰ! مان احساس جي هنيانءَ ۾ ڪتار لاهي نٿو سگهان! مان هڪ دفعو وري قرباني جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون | مڪالمه

علامت تي جيئندس.تنهنجي لاء
محبت جي صليب تي لٽڪي
گذاريندس ! مان توکي ڇڏي
نہ ويندس سلميٰ ـــ! پنهنجي
خوابن کي دفن ڪري ڇڏيندس.
شاهده کي ٻڌائي ڇڏيندس تہ
مان هن جو ٿي نٿو سگهان ـــ!
ٿي نٿو سگهان ـــ!

سڏڪا -

Cut

سين ڏهون

باغيچي جي بينچ-
پاشا پٺي ڏيو ويٺو آهي -
Sad Music
شاهده جا پير گاهہ تان
هلندا پاشا جي ويجهو
اچن ٿا -

شاهده ـ پاشا ـــ!

پاشا چرڪ ڀري
شاهده ڏانهن ڏسي ٿو-
سندس اکين ۾ لڙڪ آهن
چپ ٿڙڪي رهيا اٿس ۽
بيڪسيءَ جي تصوير
بنيل آهي-

پاشا ـ تون ۽ تون اچي وئين۽ شاهده؟

شاهده ـ ها پاشا.

شاهده ڪنڌ جهڪائي ٿي
پاشا پاڻ تي ضبط ڪندي
لڙڪن لڪائڻ جي ناڪام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
	ڪوشش ڪري ٿو. سڏڪندي چوي ٿو.
پاشا ــ شاهده مون فيصلو ڪيو آهي ته...	
شاهده ــ هاڻي شايد انجي ڪابه ضرورت باقي نه رهي! مون وحيد سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ــ!	تلخ مرڪ سان.
پاشا ــ شاهده ــ!	
شاهده ــ مان ڄاڻان ٿي تنهنجي دل تي ڇا گذري هوندي؛ پر اڄ مان احساس جي وهڪري ۾ وهي وئي آهيان؛ اڄ مان پنهنجي سوري پنهنجي هٿن سان سينگاري آهي ــ! هو مون کان سواءِ تڙپي تڙپي مري ويندو، مان هن جو ڏک سهي نٿي سگهان ــ!	پاشا جا لڙڪ وهن ٿا.
پاشا ــ شاهده! شاهده ــ!	سڏڪندي.
شاهده ــ تون روئي رهيو آهين پاشا ــ؟	
پاشا ــ شاهده، مان ته مرڪي رهيو آهيان، هي ڏس؛ قسمت جي ستم ظريفيءَ تي کلي رهيو آهيان،	
شاهده ــ ياد اٿئي پاشا؛ تو هڪ دفعي چيو هو ته ڪي دک انسان کي اڪيلي سر سهڻا پوندا آهن، ياد اٿئي ــ؟	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمہ	هدايتون
پاشا ـ مونکي ياد آهي.	
شاهده ـ اڄ سان اهي ڏک سهڻ لاءِ اڪيلي رڻ جي سفر تي نڪتي آهيان. موڪلائيندين نہ؟	
پاشا ـ مون اهو بہ چيو هو شاهده تہ انسان سڄي دنيا کي جيتي سگهي ٿو، پر پنهنجي پاڻ کان ڪٿي نامڪن آهي !	
شاهده ـ تو سچ چيو هو پاشا! تنهنجون ڳالهيون منهنجي روح جو پڙاڏو ٿي رهنديون.	
پاشا ـ شاهده !	شاهده وڃڻ لاءِ مڙي ٿي.
شاهده ـ شاهده کي وساري ڇڏجانءِ پاشا، شاهده تنهنجي لاءِ مري چڪي آهي! خدا حافظ ـــ! منهنجي نئين زندگي منهنجي راهہ واجهائي رهي آهي.	شاهده ٽڪري ٽڪري هلي ٿي وڃي. پاشا هڪ بہ قدم سندس پنيان وڃي ٿو. پوءِ سندس قدم رڪجي وڃن ٿا. هو هٿ وڌائي ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر پوءِ سندس هٿ رڪجي وڃي ٿو. ڪئمرا آهستي آهستي پٺتي هٽي ٿي.
	The End.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واريءَ سندو ڪوٽ

هدايتون

سين پهريون

رات :
حاڪم عليءَ جو گهر- ڊرائنگ روم- سليقي سان سجايل ڪمرو - صوفا سيٽ- غاليچا - ديوارن تي تصويرون -
فريده صوفي تي ويٺي آهي؛ ليمپ جي روشنيءَ ۾ پڙهي رهي آهي-
نعيم آهستي آهستي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو- فريده جي پٺيان اچي شرارت سان رڙ ڪري ٿو-
فريده ڇرڪ پري چيخي ٿي-نعيم زور سان کلي ٿو-
گلدستو کڻي آلاري ٿي-

مڪالمو

نعيم - هائو !
فريده - هائي الا -! تون آهين ! نيموءَ جا ٻچا، بيهه ته سان تو کي ٺيڪ ٿي ڪيان.
نعيم - اڙي اڙي اڙي! هي ڇا ٿي ڪرين-؟ ڏسجان ڪٿي سچ پچ

واچوڙن ۾ لات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالمه	هدايتون
ٻچي هٽي نه ڪين—! منهنجي پيءُ ناهين—؟	هٿ ٻڌندي- خوشامدائي لهجي ۾-
فريده – چڱو هي دفعو معاف ڪيومانءِ.	فريده گلدستو رکي ٿي چڙي-
نعيم – چڱو هي دفعو معاف ڪيومانءِ، هونهه—!	نعيم شرارت سان نقل ڪندي-
فريده – وري ڏس، نيمو!	ساڙ ڪائيندي-
نعيم – نعيم چــوُ نعيم؛ مسٽر نعيم؛ وڏي پاڪ سان ڳالهائڻ جي به تميز ڪانهئي.	
فريده – هائي ٿهرائنجان مون ڪان-سوئيٽر، وٺجان مونکان نوٽس؛ ڏوٿارجان سونکان رومال—! مان فوزيه کي به چئي ڇڏينديس ته نيمو وڏو ٺڳ آهي، ڪوڙو ۽ فريبي آهــي؛ هن سان شــادي هــرگز نه ڪجانءِ—!	
نعيم – اڙي اهڙو غضب نــه ڪجانءِ فريءَ؛ ڏس، مان معافي ٿو گهران.	
فريده – اونهون؛ ائين ڪم نه هلندو.	
نعيم – ته آخر ڪيئن هلندو—؟	
فريده – فلم ڏيکار.	
نعيم – پئسو ناهي فريءَ؛ نه ته....	
فريده – مان فوزيه کي اهو به چوندس ته....	
نعيم – چڱو چڱو؛ ڏيکاريندومانءِ فلم باباءِ هائي ته جان ڇڏ.	
شيرين– اڙي هي توهان ٻنهي ۾ پاڪ پيو ڇا ٿي جهيڙو لايو ويٺا آهيو-؟	شيرين اچي ٿي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمہ
فريده ۽ نعيم ڏڪي وڃن ٿا ۽ ٻئي صوفي تي ويهي ڪتاب کڻي پڙهڻ لڳن ٿا. شيرين مرڪندي اچي فريده جو اونڌو جهليل ڪتاب سنئون ڪري ڏسي ٿي ۽ پوءِ ٻنهي ڏي پيار مان نهاريندي هلي وڃي ٿي.	نعيم — ڪجهہ ناهي، ڪجهہ ناهي امان، پڙهيوسين ويٺي.
	فريده — ها امان، امتحان ويجها آهن نہ!
نعيم فريده کي زبان ڏيکاري ٿو ۽ فريده نعيم کي ڏسي منهن ٺاهي ٿي.	
Cut.	
سين ڇهون	
ڏينهن : حاڪم عليءَ جو گهر - ڊرائنگ روم. نعيم ۽ فريده ڪاليج وڃڻ جي تياريءَ ۾ آهن.	نعيم — نبو!
	نبو — جي سائين!
	نعيم — منهنجي ٽاءِ ڪٿي آهي—؟
	نبو — توهانجي هٿ ۾ آهي سائين!
	فريده — نبو!
	نبو — جي امان!
	فريده — منهنجو رئو ڪونہ ٿو لڀي—!
	نعيم — منهنجو ڪوٽ ڪيڏانهن ويو نبو؟
	فريده — ڀاڙين منهنجو رئو ڳولي ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
نعيم – پهريون منهنجو ڪوٽ.	
فريده – جي نه ! رڳو.	نبو ٻنهي کي واري سان ڏسندو رهي ٿو.
نعيم – هرگز نه، ڪوٽ.	حاڪم علي ڊرائنگ روم ۾ اچي ٿو.
فريده – رڳو—!	
نعيم – ڪوٽ.	
حاڪم – اوهو، ڪاليج جي تياري ٿي رهي آهي.	فريده شڪايت جي لهجي ۾.
فريده – بابا !	
حاڪم – جي ڌيءُ !	نعيم فريده کي هٽ ڏئي ٿو.
فريده – ڪجهه نه بابا !	
حاڪم – اڙي ها، ياد آيو، تو ڪلهه پارٽيءَ لاءِ پئسا گهريا هئا نه ؟ اچي وٺ.	ڪيسي مان پئسا ڪڍي ڏئيس ٿو.
نعيم – پارٽي ته ڪئنسل ٿي وئي بابا.	
حاڪم – ڪائي ڳالهه ناهي، چڱو مان هلان ٿو.	حاڪم علي ٻاهر هليو وڃي ٿو. فريده نعيم کي نوٽ ڏيکاري ساڙي ٿي. نعيم نوٽ کسڻ لاءِ ڏانهس ڊوڙي ٿو. پر نبوءَ سان ٽڪرائجي ٿو. فريده کلندي ٻاهر هلي وڃي ٿي. پٺيان نعيم به ڪتاب کڻي ٻاهر هليو وڃي ٿو. نبو مٿي کي مهٽيندو ٻنهي ڏي ڏسي ٿو. اينتري ۾ پاڻان جو آواز O/L ٿئي ٿو.
پاڻان – ائي ڪا گهر ۾ آهي—؟	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالما
ڀانان اکين ڪان چٽ ڪراڙي- ٿڙندي ٿاٻڙندي هٿوراڙيون ڏيندي اندر تي اچي -	او امان؛ مائي شيرين ؛ ڪاٿي آهين—؟ مٺي نظر ٻه ڪانه ٿي ڪم ڪري هاڻي ؛ امڙ آهين گهر ۾—؟
	نبو – ماسي ڀانان آهين—؟
	ڀانان –- ابا نبو! ڪا آهي ٻهر گهر ۾..؟
	نبو – بيگم صاحب ويٺي اٿئي پنهنجي ڪمري ۾.
ڀانان پرواري ڪمري ڏانهن ويندي - پنهنجي منهن چوندي ٿي وڃي- ڀانان درِ سان ٽڪرائجي ٿي -	ڀانان – هائو ابا ! جواني وئي ته سڀڪي ويو. نه اکيون ڪم ڪن؛ نه ڪن ٻڌن؛ نه سنڌ چُرن. مٺو ابو سندس! در ٻه ڪٿي هٿ ٺهرايائون، مٿو ڏي ڀڃي پيو.
شيرين پٺي ڪمري مان -	شيرين – اچ ماسي ڀانان، هيڏانهن اچ ، هن پاسي ويٺي آهيان.
ڀانان اندر ويندي -	ڀانان – اهو ته ٻڌان پئي؛ اکيون امڙ جواب ڏئي بيٺيون آهن! تون ڏيءُ ويٺي آهين ، حرام جو ڏپو پوندو هجيم.
ڀانان شيرين جي سامهون ڪرسيءَ تي ويهندي - اچو برقعو لاهي ڪڇ ۾ ڪري ٿي -	شيرين – ته پوءِ ماسي گهران گهٽ نڪرندي ڪر! هيءَ ڪا عمر پنڌ ڪرڻ جي اٿئي—؟
	ڀانان – عادت؛ مٺي عادت امڙ! نه ته چو ڏڪا ڪاوان هن عمر ۾ ! ٻاڙ ٿي لڳيم ته پوءِ گهر چڻ ڪاٺ ٿو اچيم ! چوان ته ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهر وڃي چار ڳالهيون
ڪري هنيائين جو بار هلڪو
ڪيان ۽ منهنجي اچڻ ۾ ارهي
تہ ڪانہ ٿينءَ ـــ؟

شيرين ــ نہ ماسي ! ڀلي آئينءَ، جي
آئينءَ ۽ خوش تہ آهين نہ ـــ؟

ڀانان ــ شڪر آ، ٻارڙا ويا اٿئي پڙهڻ ـــ؟

شيرين ــ ها ماسي، جئين شال ۽ ٻئي
آخري سال ۾ آهن.

ڀانان ــ شڪر آ، شڪر آ.

شيرين ــ ڀلا ماسي، پنهين ڪاري جا
ڪهڙا حال آهن ـــ؟

ڀانان ــ امان منهنجي لاءِ جيئري ئي
مري ويو ـــ! شادي ڪرائي
مانس ڀيڻ جي ڌيءَ سان تہ
ڪو سک اچي ڏيندم ! نبڻي
ٻچڙو ئي ڪسي وير.
امان، تعويذ ! چورو اڪيئي هو
سوڳو، هٽي صفا مڃو ڪري
ڇڏيائينس ! هاڻي جهڙي رڍ ـــ!
جوءِ آڏو تہ اڪر ڪونہ آڪليس.
آتاريس وهاريس آهاءِ هنيانءَ ۾
ڦٽ اٿم ڦٽ ۽ تون ڏيءِ ويٺي
آهين ـــ!

شيرين ــ خير ماسي ! ڪجهہ گذري آ.
ڪجهہ گذري ويندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه
	ياناں – ها امڙ! ڪلنديءَ به گذرندي، روئنديءَ به گذرندي؛ تون ٻڌاءِ، ٻڌم نه ڏيرنهين پيو اچي–؟
رازداڻي نموني ۾ - شيرين جي ويجهو ايندي سرهاڻ ۾ -	شيرين – ها ماسي! ياڻر پاڻ ۾ پرتا آهن.
	ياناں – شخر آ، شخر آ. پُلي پُلي پاڻ آئي، سا به نه پُلي. پر امڙ ٻڌو اٿم ته بهادر خان سڱابنديءَ جي ڳالهه چورڻ پيو اچي.
	شيرين – خدا ڪي خبر ماسي! ٻڌان ته مان به پئي! اڳتي ته واڳ وارث جي هٿ آهي.
ياناں منهن بچڙو ڪري ٿـي -	ياناں – اڙي امڙ تون ته سياڻي سمجهو زال آهين؛ اڌ حياتي شهر ۾ گهاري اٿئي، بهادر خان ڏير برابر اٿئي؛ پر دل ۾ نه ڪرين ته جيڪر هڪڳالهه چوانءِ!
	شيرين – چئه چئه ماسي؛ تون ته گهر جو ياتي آهين!
	ياناں – امان سچ ڪي آهي مچ؛ بهادر خان وارو پٽ شير دل ڪورو چٽ اٿئي! نه پڙهيو نه ڪڙهيو ڪڪڙ ۽ ڪتا پاڻ ۾ بلي آ، پنهنجي مومل جهڙي ڌيءَ ان اڻ گهڙئي ڪاٺ ڪـي نه ڏين ته چڱو.
	شيرين – منهنجي فريده تـه خيرن سان ايمر- اي پئي ڪري-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
	پاڻان – ان ڪري ته چوان ٿي ته اهو ڪم نه ڪجانءِ، نعيم پٽ ڪي بہ ڪا پڙهيل ڳڙهيل شهري ڇوڪري پرڻائجانءِ، متان بهادر جي ڏيءَ جنت ورتي اٿئي.
	شيرين – ماسي پاڻان، منهنجو گهر وارو بنهہ پراڻن خيالن جو آهي! مان سندس مرضيءَ خلاف ڇا ٿي ڪري سگهان ـــ!
پاڻان مڪرسان مجبوري ڏيکاري. گوڏن تي هٿ رکي ڪِنجهندي اٿي ٿي.	پاڻان – امڙ وري بہ توهانجو راز ـــ! منهنجو فرض هو توکي ڇتاءُ ڏيڻ. هاڻي ڀلا ڀلا، پر ڳالهيون نصيبان سان بہ ڪندي وڃان! آٿ ڙي پاڻان! ڇگهو امان سدا سکي هوندينءَ.
پاڻان آٿي برقعو پائي ٿي ۽ ٻاهر نڪري وڃي ٿي.	
Cut	
سين چوٿون	
رات: حاڪم عليءَ جـو گهر. هڪ ڪمرو. نعيم ۽ فريده پريشان آهن. نعيم دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو آهي اوچتو فريده ڏانهن مڙي ٿو. جا صوفي تي ويٺي آهي.	نعيم – ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آخر هي سڀ ڪجهہ ڇا ٿي رهيو آهي ـــ؟
	فريده – چاچا وڏي جـو اوچتو برچڻ مطلب کان خالي ناهي ـــ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
	نعيم ــ اهو ته مان به سمجهان ٿو فري پر.... پر بابا کي ڇا ٿي ويو آهي؟
فريده تلخ مرڪ سان صوفي تان اٿي ٿي. نعيم فريده جي سامهون ڦري ٿو اچي.	فريده ــ بابا ته ويهه سال پاڻ لاءِ روئندي گذاريا آهن.
	نعيم ــ پر ڪيس اسانجي جذبن جو احساس هئڻ گهرجي. اسان ماضيءَ جي اونداهين ۾ موت ڪاڻ نٿا چاهيون!
فريده مايوسيءَ وچان ڪنڌ جهڪائي ٿي -	فريده ــ اسانجي چاهڻ نه چاهڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟ اسانجي قسمت جا مالڪ ته اسانجا والدين ئي آهن.
	نعيم ــ اسان پڙهيل لکيل آهيون فريده!
	فريده ــ اهائي ته اسانجي بدقسمتي آهي ادا!
	نعيم ــ دل نه لاهه فري! مان هر صورتحال سان مقابلو ڪندس. اسان پيار کي قربان ٿيڻ نه ڏينداسين.
	فريده ــ ادا!
نعيم جي ويجهو ايندي. Cut.	نعيم ــ ها فري! منهنجي ننڍڙي ڀيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون | مڪالمو

سين پنجون

ڏينهن :
حاڪم علي ؏ جو گهر - ڊرائنگ روم- حاڪم علي نوڪر کي سڏ ڪندو اندر اچي ٿو- هن جي روبي مان خوشي پئي ظاهر ٿئي-

حاڪم- نبو! نبو! او نبو! ڪاڏي مري وئين—؟

(نبو ٻاهران ڊوڙندو اچي ٿو-)

نبو - آيو سائين! حڪم ڪيو سائين!

حاڪم- ڇا حڪم ڪيان؟ ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي. گهر جي چڱي طرح صفائي ڪري ڇڏيئي—؟

نبو - ها سائين! سڄو گهر شيشي جيان پيو چمڪي.

حاڪم- اوطاق ۾ به ڪرسيون وڇائي ڇڏيئي—؟

نبو - جي ها سائين.

(حاڪم علي سوچيندو اڳتي وڌي ٿو- نبو سندس پٺيان پٺيان وڃي ٿو- حاڪم علي بيهي ٿو رهي ۽ پوءِ نبوءَ تي نظر پويس ٿي-)

حاڪم- مالهيءَ کي گلدستي لاءِ چيئي؟

نبو - چئي ڇڏيم ؛ ٻيو حڪم ڪيو سائين!

حاڪم- بس بس ٺيڪ آهي ؛ عورتون ويهنديون اندر گهر ۾ ۽ مرد ويهنداسين اوطاق ۾ - مانيءَ وقت سڀئي گڏجي کٽي کائينداسين.

نبو - جيڪا توهانجي صلاح.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
	حاڪم– نبوءَ منهنجو وڏو ڀاءُ اڄ ويهن سالن کان پوءِ سون وٽ اچي رهيو آهي! ۽ سو به.... پر خير! تون ڇا سمجهندين اهي ڳالهيون!
شيرين اچي ٿي -	شيرين – ڪهڙيون ڳالهيون پيا سمجهايو مون ڇوڪريءَ کي–!
نبو ٻاهر وڃي ٿو-	حاڪم– ڇو نه تيو جو اچي ويڻءِ شيرين! ادا جن اِجهي اچڻ وارا ئي هوندا، تون ڀڏاءُ سندن هرطرح خيال رکيو اٿئي نه؟ منهنجو مطلب آهي....
شيرين رکي لهجي ۾-	شيرين– ڏاڍو خوش ٿا ڏسجو–؟
	حاڪم– اڄ مان بيحد خوش آسيان شيرين!
	شيرين– ايترو خوش ٿيڻ جو ڪو خاص سبب مونکي نه نظر نٿو اچي!
	حاڪم– ڇري آهين، ڪنهن کان وچڙي هجين نه ميلاپ جي مزي کان به واقف هجين–.
	شيرين– چاچا مرحوم جي وفات واري ڏينهن ئي ادا وڏو ملڪيت تان رسي ويو هو.
	حاڪم– ان ۾ هن جو ڏوهه نه هو شيرين. سموري زندگي ڳوٺ زمين تي گذاري اٿائين. ظاهر آهي سندس خيال به اهڙائي هوندا–
	شيرين– لالچ جي به ڪا انتها ٿيندي آهي–!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه
حاڪم علي سختي سان-	حاڪم- شيرين؛ مان مڃان ٿو تہ هن جي ڪاوڙ بـي واجبي هئي. پـر رت دانگيءَ تي بہ ورندو آهي.
	شيرين- مونتي ڇو ٿا ناراض ٿيو؟ مون تہ حقيقت ٿي چئي-:
	حاڪم- ڪڏهن ڪڏهن حقيقت ڏکوئيندڙ ڏنڀ ٿي پوندي آهي-: هن جوڪجهہ ڪيو ، مون وساري ڇڏيـو .
	شيرين- ادا وڏي جو پرچاءُ بي مقصد ڪونهي.
	حاڪم- مون تنهنجي ڳالهہ نہ سمجهي ؟
	شيرين- ڳالهہ پڌري پٽ پئي آهي - پنهنجي وياءُ وارا آهيوڇ. ڊچان ٿي سندن هـِت اچڻ مٿي ماٺتي جي سلسلي ۾ نہ هجي.
	حاڪم- هي تون ڇا چئي رهـي آهين شيرين-؟ جنت ۽ شيرل بہ تہ منهنجا پنهنجا آندا آهن.
	شيرين- اهو تہ برابر آهي؛ پر....
	حاڪم- پر ڇا-؟
	شيرين- اسانجا ٻار تعليم يافتہ آهن؛ هو اڻ پڙهيل ۽ ڳوٺاڻا آهن.
	حاڪم- اڻ پڙهيل آهن تہ ڇا ٿي پيو؟ پنهنجا تہ آهن؛ پنهنجو ماري ڇانءَ ۾ وهاريندو آهي ۽ پرائو ساري اُس ۾ وهاريندو آهي؛ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

ٽڏو ساهه پريندي-

حاڪم علي ٻاهر هليو وڃي ٿـو- شيرين جي اکين ۾ لڙڪ تري اچن ٿا-

Cut

سين ڇهون

رات:

حاڪم عليءَ جـو گهر- ڪمرو- نعيم دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو آهي- مُڙي ماءُ ڪي چوي ٿو-

مڪالمو

تنهن ڪانسواءِ هي اسانجي خاندان جو سوال آهي.

شيرين - توهان نہ پڙهيل لکيل آهيو.

حاڪم- تعليم جو مقصد اِهو هرگز ناهي تہ ماڻهو پنهنجون ريتيون رسمون ۽ رواج وساري ويهي؛ ماضيءَ کان منهن موڙي ڇڏي ۽ غيرت جو سودو ڪري ڇڏي ــــ!

شيرين- تہ منهنجا وهم صحيح نڪتا!

حاڪم- هي خون جا رشتا آهن، جـي صدين کان قائم آهن ۽ صدين تائين قائم رهندا.

نعيم - موتلڪي اِهو منظور ناهي.

شيرين- اِهو تنهنجي پـيءُ جو فيصلو آهي پٽ.

نعيم - ٻين جي قسمتن سان کيڏڻ وارا آئيندي کان اڻڄاڻ هوندا آهن اسـان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيرين — مون ته ڪيس گهڻو ئي سمجهايو پر ـــ!

نعيم — هي آهي زمانا ناهن امان، جڏهن شادي گڏي گڏيءَ جو ڪيل سمجهيو ويندو هو. اٺ جي ڪچيءَ ۾ گهنڊڻي ٻڌڻ وارا ڏينهن گذري ويا. بابا اسانکي تعليم ڏياري ٻي ڊپو ۽ بهادر بنائي ڇڏيو آهي- هاڻي هو اسانجي مستقبل متعلق فيصلو ڪرڻ جو ڪوبه حق نٿو رکي.

شيرين— پيءُ لاءِ اهڙا لفظ زبان تي نه آڻيا آهن پٽ. هو جو ڪجهه ڪندو، توهانجي ڀلائيءَ لاءِ ئي ڪندو.

نعيم — ڀلائي! منهنجي لاءِ جنت جو سڳ گهري ٿو وٺي، جنهن سڄي عمر ريل گاڏي ڪانه ڏٺي آهي! ۽ هوڏانهن فريده جو پلئه شيرل جهڙي جاهل ڪاهل ۽ ۽ نا اهل سان ٻڌڻ ٿو چاهي ـ!

شيرين — اهي به ته تنهنجا سوٽ آهن پٽ!

نعيم — انسان جي، ڪنهن گهر، خاندان يا قبيلي ۾ پيدائش محض اتفاق هوندي آهي امان. اهو ڪتان جو انصاف آهي ته صرف خاندان جو نالو اوچو رکڻ لاءِ اسانکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون

قربانيءَ جي ڦاهيءَ تي چاڙهيو وڃي .

ڪهبرائجي نعيم جي وات تي هٿ رکندي.

شيرين– آهستي ڳالهاءِ پٽ ۽ چاچهين ٻئي ڪمري ۾ ويٺو آهي. ٻڌي ورتائين ته غضب ٿي ويندو.

نعيم – مونکي ڪا به پرواهه ناهي. مان ته مرد آهيان، توهانکي سامهون به چئي سگهان ٿو ۽ ويچاري فريده ته نياڻي آهي ۽ اسانجي معاشري ۾ نياڻيءَ کي زبان کولڻ جي ڪا به اجازت ناهي. هوءَ ته پيءُ ماءُ ۽ خاندان جي شان ۽ مان ڪارڻ قربان ٿيندي رهندي آهي .

شيرين– رواجن کي ٽوڙڻ جي همت ڪنهن ۾ آهي پٽ ـــ ؟ فريده کي به پيءُ جي مرضيءَ آڏو جهڪڻو پوندو.

حاڪم عليءَ جو آواز O/L ٿئي ٿو ۽ پوءِ حاڪم اچي ٿو -

نعيم – اهو ناممڪن آهي.

حاڪم– اِهو منهنجو آخري فيصلو آهي ڇوڪرا، ۽ منهنجا فيصلا پٿر تي ليڪو هوندا آهن.

نعيم – بابا ـــا

حاڪم– مان ياءُ کي مايوس نه موٽائيندس.

نعيم – پر بابا ـــ!

حاڪم– وچ ۾ نه ڳالهاءِ ڇوڪرا. تون ننڍو آهين، ڏي وٺ جون شاديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُئين ٿمنديون آهن.

نعيم — جنت اڻ پڙهيل آهي.

حاڪم— وري به پنهنجي آهي. سگهڙ چيُوان ۽ شريف آهي؛ ٻيو ڇا گهرجئي—؟

نعيم — پر بابا؛ هن جو ۽ منهنجو ذهن هڪ جهڙو ناهي.

حاڪم— شاديءَ کانپوءِ سڀ نيڪ ٿي ويندو.

شيرين— پر مان پنهنجي فريده جي شادي ته ان موالي شهرل سان ڪونه ڪرائيندس.

حاڪم— مردن جي معاملن ۾ عورت کي دخل ڏيڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

(حاڪم علي نڪري وڃي ٿو. شيرين مايوس ۽ روئڻهارڪي انداز ۾ -)

شيرين— مون ته تو کي اڳ ئي چيو هو.

نعيم — پر امان ويچاري فريده جو ڇا ٿيندو—؟

شيرين— بيوس بار آنن به ڇڏي ڏنا پٽ! نياڻيءَ جي قسمت!

نعيم — هٺ سان زندگي تباهه ڪري قسمت کي ڏوهه ڏيڻ به ڪو توهان کان سکي! ڇا به ٿي پوي؛ مان پنهنجي ڀيڻ جي زندگي تباهه ٿيڻ نه ڏيندس. فريده، تون—!

(ٻاهر وڃڻ لاءِ مڙي ٿو ته نظر ٿي پويس، جا سندس پوئان بيهي سڀڪجهه ٻڌي رهي هئي-)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمہ
اڳتي وڌي فيصلي جي انداز ۾-	فريده - مون سمجهه ڀڏو آهي ادا -! ڀيڻ جو ضد، ماءُ جي بيوسي پيءُ جي بغاوت، سڀ بيسود آهن. مان قرباني لاءِ تيار آهيان.
	نعيم - پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي-!
فريده ڪي پاڪر پاڻسي سڏڪي -	فريده - اثين ئي ٿيندو آيو آهي منهنجا پاءُ .
	شيرين - منهنجي منڙي ڌيءُ .
	فريده - لڙڪ اکين ڇڏ امان، مان ڏاج ۾ تو کان اهي چند ڳوڙها وٺڻ ٿي چاهيان.
	نعيم - فريده -!
فريده فيصلڪن انداز ۾-	فريده - بابا کي چوائي موڪليو ته سنڌس اولاد خاندان جي ڀرم رکڻ ڪاڻ وهم وٺو پيڻ لاءِ تيار آهي.
Cut	شرناڻي جو آواز.
سين ستون	
Disolves	
شرناڻي تي ڪلوز ڪليٿو ڪئميرا پٺتي هٽي ٿي ته دهلاري وچت ڪري رهيا آهن-	
Disolve	
عورتون سهرا ڳائي رهيون آهن- ڪنوار گهونگهٽ ڪڍيو ويٺي آهي-	
Disolve	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمہ	هدايتون
	حاڪم ۽ بهادر خان گلن جا هار پايو گڏ وينا آهن سامهون ٻئي گهوٽ موڙ پايو چاچين حي وچ ۾ وينا آهن- نعيم ڪنڌ جهڪايو غمگين وينو آهي- شيرل موڙ پري ڪري مچ کي تاءُ ڏئي ٿو- سندس پير ۾ بشن ڪڪڙڪچ ۾ ڪيو وينو آهي-
	Disolve
	لانئن جي رسم-
	Disolve
	ڏاوڻ جي رسم-
	Disolve
	سين اٺون
	رات :
	حاڪم علي ۽ جي گهر جو ٻاهريون حصو- شرنائي جو آواز O/L ٿئي ٿو - راڳ مڙيل آهي- ٻئي گهوٽ موڙ ٻڌيو وينا آهن-
حاڪم- خدا جا لک لک شڪرانا جو اڄ هن گهر ۾ وري خوشي موٽي آئي آهي-	نعيم اُداس آهي-
صادق ـ ها سائين، خير ۾ خدا به راضي آهي- ڪٿي بهادرخان؟	شيرل بيپرواه ۽ خوش آهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه
ڪلنڊي -	بهادر – اڙي ابا ، اسانجا ڪهڙا ليکا آهن ياڻن سان–؟ پڙهايومانس به مون، پر اڄ جي تعليم آهي جو ياڻ ڪان ياڻ جدا ڪيو ڇڏي ان ڪري ته اولا ڪي پڙهايم ئي ڪونه.
	صادق – بروبر ادا بروبر.
	حاڪم– گذريءَ ڪي ياد نه ڪبو.
	بهادر – خدا ساڃهه ڏيندن. يلا جي منهنجو شيرل به درجا نه پڙهيو ته چا ٿي پيو؟ سيڪجهه اٽس . پيو ڪائيندو.
	صادق – صدق صدق.
	حاڪم– منهنجو اولاد پڙهيل آهي، خدا ڪندو تــ سندن حياتي سکي گذرندي.
	صادق – واه سائين واه! ياٺــر هجن تــ اهڙا ـــــ!
شرناٽي جو آوازF/O Fade out	
سين ناٺون	
رات : حاڪم عليءَ جـو گـهر - سجايـل ڪمرو- جنت ڪنوار بني ويٺي آهي- نعيم سنلس پـر ۾ پلنگ	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي وڃڻو آهي- گلي ۾ هار
۽ منهن تي سوز اٿس -
جنت جو گهونگهٽ مٿي
ڪري ٿو- جنت شرمائي
ڪنڌ جهڪائي ٿي-

نعيم — جنت، قسمت اسان ٻنهي کي
هڪٻئي جي حياتي جو ساٿي
بڻائـي ، اسان کي هڪ عجيب
آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو آهي .
اسانجي پرورش مختلف ماحولن
۾ ٿي آهي. مون سوچيو هـو
ته هن پرائي ۽ بيسود رسم جي
خـلاف آواز آٿارينلس، بغاوت
ڪندس، پر فرمانبرداريءَ منهنجي
پيرن ۾ زنجير وجهي ڇـڏيا .
مان تو کي به ڏوهي ٺهرائي نٿو
سگهان، مونکي توسان همدردي
آهـي .

جنت سڏڪي سڏڪي
روئي ٿي-

نه روءِ جنت! مان توکي سهارو
ڏيندس. محروميءَ جي احساس
کـي مٽائڻ لاءِ مـان تنهنجي
مدد ڪندس، ڇو جنت ، ڇو
ته منهنجو ساٿ ڏيندينءَ ـــ؟

جنت شرمائي، ڪنڌلوڏي
"ها" ڪري ٿي - نعيم
ٿڌو ساهه ڀري-
Cut.

شايـد ائين ڪرڻ سان اسان
زندگيءَ جو زهر خوشيءَ سان
پي سگهون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه

سين ڏهون

وقت رات: بهادر خان جو گهر- هڪ ڪمرو، ڳوٺائي نموني، شاديءَ لاءِ سينگاريل ڪمري ۾ فريده کٽ تي ڪنوار بڻي، ڪنڌ جهڪايو ويٺي آهي- شيرل جي اچڻ جو آواز اچي ٿو- فريده ڇرڪي وڃي ٿي ۽ خوفزده ٿي گهونگهٽ جي اوٽ مان اوڏانهن نهاري ٿي- شيرل زور سان در بند ڪري ٿو- هو نشي ۾ آهي ۽ ٿڙن قدمن سان فريده ڏانهن وڌي ٿو-

(ٺهڪ)

ويجهو اچي ٿو ۽ ٺوڪ جي انداز ۾ چوي ٿو- گهونگهٽ مٿي ڪٽي، فريده کي گهوريندي - فريده جي منهن ويجهو ايندي-

(ٺهڪ)

فريده منهن ڦيري ٿي ڇڏي

شيرل - ٻڌي ونئينءَ؟

ٻڌو هوم ته تون مون سان شادي کان انڪار ڪيو هو؟

ڇهه- ڇهه- ڇهه- ويچاري شهري ڳڏي! ۽ مان؟ مان هڪڙو جاهل، جهنگلي جٽ! ائين نه؟

هائي ٻڏاهه: دماغ جاهه اچي ويو مندم جو؟

ناراض آهين؟

مڪالم	هدايتون
	شيرل ان طرف ڦري ٿو وڃي ۔
اوه.... مون سمجهيو ! شرمائين ٿي۔۔۔!	فريده جي ڪاڌيءَ ڪان جهلي منهن مٿي ڪري۔ فريده جي اکين ۾ ڳوڙها تري ٿا اچن۔ هوءَ سڏڪڻ ٿي لڳي۔
مان تنهنجون سڀ چالاڪيون سمجهان ٿو۽ منهنجي آڏو تنهنجو ڪو مڪر نه هلندو۔سمجهيئي !	شيرل ڪاوڙ ۾ ٽپي باهه ٿيندي۔ هو ڳلن جو هار لاهي هٿ ۾ ڪري ٿو ۽ فريده ڪان پري هليو وڃي ٿو۔
	آهستي آهستي سندس تاثر بدلجڻ لڳي ٿو۔ هو کلڻ لڳي ٿو۔ ڪئميرا فريده جي منهن تي اچي ٿي جا سڏڪي رهي آهي۔ شيرل ٺهڪ ڏيندو ڏانهس وڌي ٿو۔ هن جي هٿ ۾ هار آهي۔ حنهن جي ڳلن کي هـو زور زور سان مهٽي ٿو ۔ شيرل جي هٿن تي
	Fale Out

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
ٻين پارهون	
ڏينهن :	
حاڪم عليءَ جو گهر-	
حاڪم علي ۽ شيرين صوفي تي ويٺا آهن- حاڪم علي اخبار پڙهي رهيو آهي-	
نعيم ٻاهر وڃڻ جي تياري ڪري رهيو آهي-	نعيم - جنت.
پري کان-	جنت - جي ! اچها آيس.
جنت نعيم جي پر ۾ اچي تي بيهي-	نعيم - نيرن ڪري ڇڏيئهـــ؟
	جنت - چاچي ۽ چاچيءَ اڃان ناشتو نه ڪيو آهي، مان ڀلا انهن کان اڳ ڪيئن ٿي مانـــي کائـــي سگهان ـــ؟
شيرين جنت ڏانهن نهاري منهن گهنجائي ٿي-	حاڪم- ڏٺئي پٽ، اسانجي ننهن اسانجو ڪيڏو نه خيال ٿي رکي.
	نعيم - خيال رکڻ به کپيس. بابا اوهان جي خدمت هنجو فرض آهي.
حاڪم علـــي اخبار هڪ پاسي رکي ٿو-	حاڪم- بيشڪ بيشڪ ! مون نتي چيو ته پنهنجا نمڪ پنهنجا آهن.
	شيرين- ڇڱو ڇڱو هاڻـي گهڻي تعريف ڪري ڇوريءَ جو مٿو نه ڦيرايو. وڃ، وڃي ڇانهه کڻي اچ.
جنت ڏانهن نهاريندي-	
جنت ٻاهر وڃي ٿي-	نعيم - امان توکي جنت سان اهڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
	ريت ڳالهائڻ نہ ڪبي، هوءَ ويچاري تہ........
	شيرين – هوءَ ٿي ويچاري ۽ مان ٿيس هچاري، ائين نہ ـــ؟
	ڇورا ايترو جلد جوءِ جو مڃو ٿي وئين ڇا ـــ؟
	حاڪم – پر شيرين....!
	شيرين – مان سڀ سمجهان ٿي ۽ مردن کي گهر ۾ ڏسي، مسيٽي ٿــي ٿي ويهي رهي، جــن ويچاري وڏي مظلوم آهي.
	ٻاهر نڪرو پوءِ ويهي رنگ ڏسوس ـــ!
	نعيم – امان مونکي اها شادي ۾ توهان ٿي ڪرائي هئي! هن گهر ۾ آئي آهي تہ پــوءِ ڪيس پيار ڏيڻ پنهنجو ڪم.
	شيرين – منهنجي ڌيءَ پئــي آنهن ڇٽي جــي گهر ۾ پيلهپو ڪري ۽ هيءَ هتي مڙس جي دادلي پئي مزا ماڻي! هونهہ.
جنت ٽري ۾ چانهہ کڻي اچي ٿي- چانهہ ڏيندي ٿوري چانهہ شيرين جي ڪپڙن تــي هارجي ٿي- جنت گهبرائجي وڃي ٿي- شيرين جنت کي ڌڪو ڏيندي-	جنت – هيءَ وٺو چانهہ امي.
	شيرين – مٺي جٺــي، هيئن ڪٿي اچبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمہ	هدايتون
آهي چانهہ ــــ!	
پلا هريل آهيو ڏڌ ۾ لسيءَ تي توهانکي اَٽڻ ويهڻ جي کهڙي فضيلت.	
حاڪم- شيرين ــ !	ياناں جو آواز O/L ٿئي ٿو- هوءَ مکيہ دروازي کان تيز ڪائيندي اندر اچي ٿي-
ياناں – ائي امڙ ڪاٿي ويئي آهين ؟ مُئي نظر هاڻي تہ ڪم ڪونہ ٿي ڪري.	
شيرين – ماسي ياناں آهين؟ انهيءَ ڪمري ۾ ويهہ تہ مان اچان ٿي.	
ياناں – هائو امان؛ هتي ئي تي ويهان. ابول؛ سنڌ ئي ساٿا تي پيا ڙهن.	شيرين اَٿي ياناں وٽ اچي ٿي -
شيرين – ماسي پلي ڪري آئين.	
ياناں – امڙ خير هوندو.	
ٻڌم تہ ڏيءَ فريدہ ساڻ مڙسهنس ڪونہ ٿو نهي ؛ ڪا مارڪٽ بہ گهر ۾ ٿي اٿس. گلا غيبت کان تہ مان پري آهيان، پر تون ڏيءَ ويئي آهين، اهاڳالهہ ٻڌي تہ منهنجا تاڪ ئي لڳي ويا.	
شيرين – هٿ هٿ- منهنجي گلڙن جهڙي ڏيءَ سان ههڙا هاچا.	
ياناں – امڙ؛ اِهو بہ ٻڌم تہ جنت پٿهين تي تعويذ ڪرائي ڪيس صفا مريد ڪري ڇڏيو آهي! توبهہ توبهہ زاريون ــــ!	ياناں هٿ زمين تي هٽي نڪ تي گسائي ٿي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمہ
	شيرين — منهنجي نازن جي پلبل ڌيءُ پٺي جهنگ ۾ سهمون سهي ۽ هيءَ چٽي هٽ ڪايو پيو بالـم بني ويٺي آهي.
	پانان — بس امڙ چڱائي ڪي مار آهي، توهان نہ گهٽوئي ڪيو پر هو بہ اڳيان شرافت ڏيکارين نہ—!
	شيرين — ماسي جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ لاچار مونکي فريده کي پنهنجي گهر گهرائڻو پوندو.
	پانان — اٺون نہ—؟ اهو ماريو شيرل بہ ڪو ماڻهون آهي- تون ڌيءُ ويٺي آهين، منهنجي دل ڀهريون ٿي نٿي ٻوليو —! پر چوندا آهن تہ....
شيرين ڪاوڙمان آتي ٿي-	شيرين — مان اڄ ئي فريده ڏانهن ماڻهون موڪلي ڪيس گهرائي ٿي وٺان. Cut.
سين ٻارهون ڏينهن : ٻهادرخان جي اوطاق - شيرل کٽ تـي اڌ آهليو پيو آهي- هٽ ۾ ڪڪڙ اٿس جنهن کي پيو ٺڪـي- بشو شيرل کي زور ويٺو ڏئـي - (ٺهڪ)	شيرل — واه ڙي پيلا واه تنهنجا جوهر:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
هڪ ڪڙهم سان خانوءَ جي ڪڪڙ جي اک ٺڳي پاهر—! بابا اصل پشوري ڪڪڙ اهي اٿئيءَ اصلي ڳاوا ڳهه —!	
بشو – پوتار، ذوقين مون به ڏٺا پر پيلي تو جهڙو خفتي ڪوئيتا تائين ڪونه ملندو.	شيرل بشوءَ کي مٿي تي هٿ هڻندي.
شيرل – اڙي اندا زور ڏي چگي طرح. چمپي ڪر موڳا. اسان کي سمجهيو ڇا اٿئي؟ شيرل خان شيرل خان مان آهيان.	
بشو – بيشڪ پوتار بيشڪ؛ نر ۾ تو جهڙو دل وارو مڙس نه ملندو.	
شيرل – متان نه مڃين! ميلي تي ڏسجانءَ ڏڳن جي گوءِ، خميسي کي ڪوهن تي نه ماريان ته منهنجو نالو ناهي.	
بشو – گوءِ کٽئي ته پوتار توکان ڪو سکي—!	
شيرل – اڙي اجان ته پٽ چمڻ ڏينم، مولا چاڻي اهو مجرو ڪرائيندس جو ماڻهو ڏندين آڱريون ڏيندا. پيو—؟ فلم ايڪٽرائهون گهرائيندومان.	
بشو – هائو پوتار—!	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه
شيرل ڪڪڙ بشن کي ڏئي ٿو ۽ پاڻ ٻاهر وڃي ٿو. Cut	شيرل – چڱو چڏ جند، مان حويليءَ ۾ ٿو هلان، تون وڃي پيلي کي گهمائي اچ.
سين تيرهون ڏينهن : بهادر خان جو گهر. فريده جو ڪمرو. فريده پرت پريندي ڪنهن سوچ ۾ گم آهي.	
شيرل اندر اچي ٿو. فريده شيرل کي ڏسي پرت رکي اٿي ٿي.	شيرل – سوٽ، ويٺي آهين اونڌي منجهي ڪيو...! اڙي ڪو کِل، ڪو ڳالهاءِ؛ مولا جو سنهن، ڳٽتين ۾ ٿي ڳري ويندينءَ.
فريده وڃڻ لاءِ مڙي ٿي.	فريده – مان توهان لاءِ ماني کڻي اچان.
	شيرل – چڏِ اِهي اجايون ڳالهيون سوٽ! اچ تہ توکي ٺاهوڪي ڳالهه ٻڌايان. اڄ مون واري پيلي پٽ تہ اصل ڪمال ڪري ڇڏيو.
	فريده – پيلو پٽ...؟
	شيرل – اڙي آهو منهنجو ڪڪڙ! پيو ڪير...؟
فريده بيرخيءَ سان وڃڻ لڳي ٿي. (غصي ۾)	شايد اسانجي مندم کي اِها ڳالهه ڪانہ وڻي! باقي ڇا ٿو وڻئي...؟ پائوڊر، سرخي، فيشن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
فريده – مونکي انهن ڳالهين مان ڪا دلچسپي ناهي.	
شيرل – ڪڙڪو نه ڪر.	
فريده – مان ان قسم جي گفتگو تي هريل ناهيان.	
شيرل – مڙس مان آهيان؛ تون ناهين جو مون تي حڪم هلائين.	زوريءَ پاڻ ڏانهن ڪندي-
فريده – زال مڙس ته زندگيءَ جي ڏکن سکن جا ساٿي ٿيندا آهن پر خوشي ته مون هن گهر ۾ اچڻ کانپوءِ ڏٺي ئي ڪانهي؛ شايد منهنجي نصيب ۾ تر جيتري خوشي به لکيل ناهي-	پاڳل پاهران الر ڪندي شيرل ڏانهن اچي ٿي- ۽ ڪڙڪو ڪندي چويس ٿي-
پاڳل – اڙي او جوءِ جا مجنون؛ ڇا ته ٿي ڳالهائي پئي اسان کي تنهنجي زال! وينو ٿو پڙين—؟ هٽينس نٿو منهن وارو ڏڪ—!	
فريده – چاچي مون ڪا به غلط ڳالهه ڪانه ڪئي آهي.	
پاڳل – ها ها؛ غلط ته اسان ٿا ڳالهايون. اسان چور، اسان جاهل؛ اڙي پڙين ٿو ڇورا.	
فريده – اوهان خواه مخواه ڳالهه کي وڌايو ٿا.	
پاڳل – اڙي هائي ڦريس؛ هيءَ ته مونکي منهن تي ٿي پڙائي! مون ته ڀريون ٿي پٽهين کي ڇيو هو	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمه	هدايتون
نه نه ونجانءَ هي شهري ڇوري؛ پر ڇوي ته ياءُ سان تو خير ڪيان! هاڻي ڏي منهن.	
بهادر – اڙي پاڳل، ڇو اچي آسمان مٿي ٽي ڪنيو اٿئي——؟	بهادر اچي ٿو. پاڳل مڙس کي ڏسي روئڻ شروع ٿي ڪري -
پاڳل – ٽيندو وري ڇا ——؟ ننهڻين سٽ سريون ٻڌائي وڃي پار پئي آهي؛ نه ڇڏي اٿائين مٽي ۾ نه جيئري! مان رکو تنهنجي سر کي ڏسي ڇپ ڪيو ويٺي آهيان! نه ته آندا ڪيڊانس آندا!	
بهادر – ڇوڪري تنهنجو دماغ وڃي ٿو ڦرندو. اڄ سس سان مهاڏو اٽڪايو اٿئي، سياڻي مون سان سامهون ٽيندينءَ——!	
فريده – اهو ڪوڙ آهي چاچا——! اهو سڀ ڪوڙ آهي. منهنجو هن ماحول ۾ دم ٿو گهٽجي، مان هت ٽڙپي ٽڙپي مري وينديس.	
شيرل – دم ٿو گهٽجي جو هت آهن پابنديون. شهر وانگر ٽينگ ٽپا ڪونهن، ڪونٽ تان اشاري بازيون ڪونهن.	
پاڳل – صدقي وڃانءَ پٽ، انهن کو دٻائينس. باقي مونکي اهي تي تلوا ذيڪاري جو بس پلي!	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون — **ڪالم**

بهادر – تارا وچي پيءُ کي ڏيکاري؛
هن گهر ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري
هلڻو پوندس.

فريده – چاچا....!

بهادر – گهٽي زبان نه هلاءِ.

اوچتو سندس نظر نعيم تي
ٿي پويس جو آهستي آهستي
اڳتي وڌي رهيو آهي.
بهادرخان ٽوڪ مان.

هاڻو پيلي! مان به چوان ته
وچ گهڙي ڪِلي تي ٽي ڪُٽڏي!

فريده پاءُ کي ڏسي رڙ
ڪري ڏانهنس ڊوڙي ٿي.
نعيم کيس ڪراڙي پائي ٿو.
فريده ڪمري ڏي مڙي
ٿي.

فريده – ادا—!

نعيم – مان فريده کي وٺڻ آيو آهيان چاچا.

بهادر – ترس ڇوڪري، تون نه وينديئن!

نعيم – چاچا، فريده منهنجي ڀيڻ آهي.

بهادر – فريده منهنجي ننهن آهي.

شيرل – هوءِ منهنجي زال آهي، مان اهو
به برداشت نه ڪندس ته هوءِ
توهانجي اشاري تي گهر ڇڏي
هلي وڃي! جيڪڏهن اهڙي
ڪا به ڪوشش ڪيائين ته مان
سندس سر لاهي ڇڏيندس.

نعيم شيرل جي سامهون ٿي
غصي ۾ چوي ٿو.

نعيم – پيءُ جي آڏو ڀيڻ جي توهين
مون لاءِ ويڻ آهي شيرل.

پيٽ تان ڪهاڙي لاهي ٿو.

شيرل – مان تو کي به ڏسي وٺندس.

نعيم شيرل ڏي وڌي ٿو.

نعيم – شيرل....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمہ	هدايتون
	فريده ٻنهي جي وچ ۾ اچي تي ۽ ايلاز ڪندي چوي ٿـي -
فريده ـ ادا، تون هتان هليو وڃ. نعيم ـ پر فريده....! فريده ـ مان توکي ٻانهون ٿي ٻڌان ادا!! توکي منهنجو قسم، هليو وڃ، هليو وڃ هتان ادا.	
	نعيم ڪجهہ چـوڻ چاهي ٿـو- پر فريده جي ايلازن تي نعيم ڪنڌ جهڪائي هليو ٿو وڃي- فريده هٿن ۾ منهن ڏيئي روئي ٿي- تهڪ ڏيئي -
شيرل ـ ها ها هـا ! ويو هليو! ڪيڏي ٻـڇڙو!	
Cut	
	سين چوڏهون ڏينهن : حاڪم عليءَ جو گهر- نعيم جو ڪمرو- نعيم اُداس ويٺو آهي- جنت تي ڪلوز ڪلي ٿو- هوءَ نعيم جـي وارن ۾ آڱريون ڦيرائي رهي آهي-
جنت ـ مـونکي افسوس آهـي نعيم، مان تنهنجي آڏو شرمسار آهيان. نعيم ـ نہ جنت، ان ۾ تنهنجو ڪو ڏوهہ ناهي.	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون — مڪالمه

جنت — مونکي پاڻ ويچاري فريده جو ڏک ٿيندو آهي، پر مان ڪري ڇا ٿي سگهان — ! مونکي ته اهو به خوف ورائي ويو آهي ته ڪٿي منهنجي مائٽن جي بدسلوڪي توهان کي مون کان ڌار نه ڪري ڇڏي.

نعيم — نه جنت نه، ائين نه ٿيندو.

جنت — خدا ڪري شل اسان هميشه ائين ڪير ڪنڊ رهون.

Cut.

سين پندرهون

ڏينهن :

حاڪم علي جو گهر -

ڊرائينگ روم -

شيرين صوفي تي ويٺي آهي - پر هو ياناڻ ويٺي اٿس -

ياناڻ — ائي امڙ، تون ڏيءُ ويٺي آهين کهڙي لڪايانءِ؛ هڪ طرف ته تنهنجي ڏيءُ سان ههڙيون تعديون؛ ٻئي طرف پنهين سچو سارو جوءِ جو غلام آهي.

شيرين — بس ڙي ماسي، اڄ جو زمانوئي اهڙو آهي.

ياناڻ — اهي ته امڙ تنهنجا جگر آهن، ائي ٻڙي ڳالهه ته ٻڌ، ٻڌو اٿر ته ڏيءُ فريده به پورن ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
سان آهي—!	
شيرين — ها ماسي؛ ان ويچاريءَ جو ته ڏک ڪائيندو ٿو وڃيم.	
پانان — ته پوءِ گهرائينس ڇو نٿي —؟ نماڻيون پهريون ويم ته پيڪين ڪنديون آهن.	
شيرين — منهنجي ڪو پڏي به ته سهي.	
پانان — تنهنجي ڪيئن ٿي هليئي—؟	
شيرين — قادر ڪديس، مُئي نه ڪم جي نه ڪار جي؛ اڇي نعيم جو پيءُ ته اڄ ٿي ٿي تڪو ڪيانس ته وڃي ڏيءَ کي وٺي اچي.	
—Cut—	
	سين سورهون
	ڏينهن :
	بهادر جو گهر -
	ڪمرو-
	سين فريده جي ڪلوز تي کُلي تو جا تڙپي رهي آهي -
	پاڳل ڪيس ڏسي سوڙو ڏيئي منهن ڦيري هليو ٿي وڃي-
	Cut

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
	ڪڪڙ جو ڪلوز جو زخمي آهي- زوم بيڪ ڪيون ٿا تہ ٻہ ڪڪڙ وڙهي رهيا آهن- ۽ شيرل ۽ ساٿي سندس حمايت ۾ آواز ڏيئي رهيا آهن - Cut.
	فريده جي ٽڙپندڙ منهن تي اچون ٿا- پوءِ ديوار تي لڳل ٻار جي تصوير تي ٿا وڃون- ٻار جي روئڻ جو آواز O/L ٿئي ٿو- Cut.
	ڪڪڙن جو ميل - ٻشن ڊوڙندو اچي ٿو ۽ ڪن ۾ ڪجهہ ٻڌائي ٿو- شيرل خوشيءَ وچان نوٽ هوا ۾ اڇلي ٿو- Cut.
	فريده پنهنجي ٻار سان - . فريده جي اکين ۾ مامتا آهي- هوءَ ٻار کي پيار ڪري رهي آهي- Cut.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمہ
شيرل اوطاق ۾ شراب پي رهيو آهي- ساڻس پڻ شامل اٿس- نچڻي نــاچ ڪري رهي آهــي ۽ شيرل مٿس نوٽ گهوري رهيو آهي- فريده پار سان دل وندرائي رهي آهي-	
Cut.	
سين سترهون	
ڏينهن :	
بهادر جو گهر-	
حاڪم علي موڙي تــي وينو آهي، پرسان بهادرخان وينو اٿس- ڪٽ تي ياگل ويني آهـي ۽ تورو پريرو شيرل پنهنجي ڪڪڙ جي ٽهل ٽڪور ڪري رهيو آهي -	حاڪمہ- ادا خيال هوسين تہ فريده ڪي پهريون، پار ٽيندو تہ گهر وٺي ويندا سين؛ پر توهانجي ضد اهو بہ ڪرڻ نہ ڏنو؛ هاڻي تہ خيرن سان ننڍڙو بہ اچي ويو آهي.
	بهادرخان- حاڪم خان چار ڏينهن سونڪان ننڍو آهين، سون توڪان وڏيڪ ڏٺو آهي؛ جنت ني توهان ا آهن --!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم — هي توهان ڇاڻا ڇٿو ادا؛ جنت ته مونکي جان کان به وڌيڪ عزيز آهي —!

ڀاڳل — هائو هائو چونه؛ ڀاڻي پيٽ جي مجال ناهي چوڪري کي.

حاڪم — ڀاڇائي نعيم جو ته منجهس ساهه آهي.

ڀاڳل — ائين ڇو ٿٿا ڇٿو ته مورڳو ساهه ڪيڻ جي پويان اٿس!

حاڪم — ڀاڇائي ڀن ڀائرن جي وچ ۾ توکي ڳالهائڻ جو ڪو به حق ناهي.

بهادر — ڀاڳل سچ ٿي چوئي ته مچ ٿو وڻئي —!

حاڪم — مان هت بيعزتي ڪرائڻ نه آيو آهيان.

شيرل ٺهڪ ڏيندو حاڪم جي ويجهو اچي ٿو.

شيرل — توهانجي عزت به ڪا ڪچي رنگ جي آهي چاچا؛ ڳالهه ڳالهه تي لهي ٿي دوي.

حاڪم — شيرل ٿيڻ بدتميز ٿندو ٿو وڃين.

شيرل — چاچا ڇگائي ٺهيءَ ۾ اٿئي ته هتان هليو وڃ.

ڀاڳل — هاها؛ ڪهڙيون ڇگايون ڪيون اٿو منهنجي ڌيءَ سان جو هاڻي ٺڪو ٻڌي فريده کي وٺڻ آيا آهيو —!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه
	حاڪم- جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته پوءِ اڄ مان فريده کي ضرور پاڻ سان گڏ وٺي ويندس.
حاڪم اٿي شيرل جي سامهون ٿئي ٿو- فريده اچي ٿي-	شيرل — فريده جو لاش هتان ٻاهر نڪرندو.
	حاڪم- هوش ڪر شيرل ——!
	فريده — بابا، منهنجي ڪري پنهنجي بيعزتي نه ڪرايو؛ مان توهان لاءِ مري چڪي آهيان.
	حاڪم- مان توکي هتان وٺي هلندس ڌيءَ؛ نديڙو ڪٿي آهي——؟
	شيرل — جيڪڏهن تنهنجي اِهائي مرضي آهي ته پوءِ ڌيءَ کي وٺي وڃ؛ ڪراڙا؛ ۽ منهنجي پٽ کي موڪلي ڏي، باقي ٻار توهانکي هرگز نه ملندو.
شيرل ٻار فريده کان کسي ٿو وٺي- تڙپي اُٿي ٿي- هوءِ شيرل ڏانهن وڌي ٿي- پر شيرل کيس ڌڪو ٿو ڏئي-	فريده — نه نه، منهنجو ٻچو، منهنجو نديڙو!
	شيرل — نديڙو توکي نه ملندو.
	فريده — ائين نه ڪر، خدا را ائين نه ڪر——!
	شيرل — هلي وڃ، نه ته توسان گڏ تنهنجي پٽ کي به ماري وجهندس!
...ڌڪندي- شيرل فريده کي هٿ کان وٺي ڌڪو ڏئي ٿو- حاڪم علي روئندي کيس سهارو ڏئي ٿو-	فريده — منهنجي لال کي ڪجهه نه چئو مان توکي پيرين ٿي پوان، هٿ ٿي ٻڌان، هن کي ڪجهه نه چئو.
	شيرل — هلي وڃ.
	Cut.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

سين ارڙهون

ڏينهن :
حاڪم علي جو گهر-
ڊرائينگ روم-
نعيم آداس آهي-
شيرين سندس ڪلهي تي هٿ رکي کيس دلداري ڏئي ٿي -
نعيم اکيون کڻي فريده ڏانهن ڏسي ٿو، جا صوفي تي بي‌حس ويٺي آهي ۽ پوءِ ٻاهر هليو وڃي ٿو-
شيرين فريده جي قريب اچي ٿي- همدردي مان- مذڪندي -

مذڪا -

حاڪم علي آداس اندر اچي ٿو-

مڪالمه

شيرين- دل نه لاهه پٽ! خدا ڪندو ته سڀ ڏولاوا لهي ويندا. جنت ڪانسواءِ تون اڀاڳڪو ضرور ٿيو هوندين، پريين خاطر تو ڪي اهو سڀ سهڻو آهي.

شيرين - فريده....!
فريده - امان ـــ!
شيرين - نه رو ڌيءَ.
فريده - منهنجو ٻچو الائي ڪيئن هوندو امان، موڙ، ته ڪيس دل ڪولي بيار به نه ڪيو امان.
شيرين - خانداني جهيڙن ۾ ائين ٿي ٿيندو آهي ڌيءَ ـ!
فريده - ٻاهه لڳي اهڙي خاندان کي جو ماءُ کان ٻچو ڌار ڪري - مونکي منهنجو ٻار گهرجي امان.

شيرين- توهان اچي ويلـ؟ ڇا ڳالهه آهي ـ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمه	هدايتون
حاڪم- ڪجهه ناهي.	
شيرين- سچ سچ ٻڌايو ڇاڳالهه آهي---؟	
حاڪم- ڳوٺان بشو آيو آهي، چوي ٿو ته فريده جو ڪڪو سخت بيمار آهي.	حاڪم غمگين انداز ۾-
فريده- منهنجو ٻچو بيمار آهي---؟ ننڍڙو بيمار آهي---؟	فريده دانهن ڪري اٿي ٿي-
حاڪم- صبر ڪر ڌيءُ!	
فريده- ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏيئي ڦٿڪڻ کان منع ٿا ڪريو بابا؟ منهنجو هينئون اڌ ٿي پيو آهي؛ روح رتو ڇاڻ ٿي چڪو آهي.	سڏڪا-
شيرين- ٻيو ڇا چيو دشوءَ---؟	
حاڪم- چيائين ته ننڍڙي جي ٻچڻ جي ڪابه اميد ناهي! شيرل ۽ بهادر خان ڪس شهر اسپتال ۾ وٺي ويا آهن.	
فريده- مان ڪهڙي ماءُ آهيان؟ منهنجو ٻچو مري رهيو آهي ۽ مان هت ويٺي آهيان---!	
حاڪم- خدا چڱي ڪندو پٽ!	
فريده- نه بابا، مونکي وڃڻ گهرجي؛ مونکي منهنجو پٽ سڏي رهيو آهي؛ هو آسائتين اکين سان مونکي گهوري رهيو آهي! مان وڃان ٿي.	فريده چرين جيان دروازي ڏي ڊوڙي ٿي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
	حاڪم- فريده هنن سان اسان جو جهيڙو آهي—!
	فريده — منهنجو ڪنهن سان جهيڙو ناهي، مونکي منهنجو پٽ گهرجي، مونکي ننڍڙو گهرجي بابا.
	شيرين- پر ماڻهو ڇا چوندا—؟
	فريده — ڀڃي ڇڏيو ڪوڙي عزت جا ڪوڙا ڪوٽ. ٻوڙي ڇڏيو ڏيکاءُ جا ڪچا قلعا—! ماءُ جو پيار سڀ کان وڏي حقيقت آهي— مان وڃان ٿي.
	—Cut—
وڃي ٿي-	
سين اوڻيهون	
ڏينهن :	
اسپتال جو ڪمرو-	
ٻار بستري تـي مئو پيو آهي. چادر سان لاش ڍڪيل آهـي- شيرل بيڊ تـي ڪنڌ رکي، منهن هٿن ۾ ڪري روئي رهيو آهـي- بهادر پريشان بيٺو آهي- فريده ديوانن جيان رڙيون ڪندي اندر اچي ٿـي-	فريده — ڪٿي آهي؟ ڪٿي آهي منهنجي اکين جو تارو—؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه
	ڪٿي آهي منهنجو جيءُ جيارو—؟ مان پڇان ٿي منهنجو يار ڪٿي آهي—؟
شيرل ڪنڌ مٿي ڪري يار تي جهڪي-	شيرل – فريده ڪڪو ....
	فريده – ها ها؛ منهنجو ڪڪو؛ پر هي ڳالهائي ڇو نٿو؟ هٿ پير ڇو نٿو چوري—؟
	پٽ مان تنهنجي ماءُ آهيان !
	اکيون کول ننڍڙا—!
روئندي-	شيرل – هي اسان کان رسي ويو آهي فريده—!
	هميشه لاءِ رسي ويو آهي.
فريده کي صدمو رسي ٿو هوءَ رڙ ڪري چوي ٿي-	فريده – نه نه؛ اهو ڪوڙ آهي—!
	ڏس هو اکيون کوليو اٿائين-
ٺهڪ-	مونکي پاڻ ڏانهن پيو سڏي—!
	پلا ماءُ کان به ڪو يار رسندو آهي—؟
	توهان رئو ٿا—؟
بهادر اکيون اگهندي-	بهادر – فريده ڌيءَ....!
	فريده – منهنجو پٽ ته ڇاڻ جوان ٿيو؛ مان سندس شادي ڪرائيندس ڌام ڌوم سان.
بئڪ گرائونڊ ۾ شرنائن جا آواز ۽ سهرا اڀرن ٿا- حاڪم علي اچي ٿو- ڌيءَ کي مٿي تي هٿ رکي ٿو-	ڳانا بجانا ٿيندا، سهرا ڳونجندا، شرنايون وڄنديون، جهڙيون منهنجي شاديءَ تي وڳيون هيون.
ٺهڪ	اهي آواز ٻڌو ٿا نه—؟
	حاڪم– فريده هوش ڪر پٽ—!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
فريده ـ توهان به اچي ويا بابا؛ اڄ توهان به ته خوش آهيو نه بابا ! توهانجو خاندان پرچي ويو آهي. ڏس؛ اسان سڀ هڪ هنڌ گڏ آهيو نه بابا ـــ! اسان سڀ گڏ آهيون ـــ! اسان سڀ گڏ آهيون بابا ـــ!!	
	ٽهڪ
	فريده چرين جيان ڪڏهن روئي ٿي ته ڪڏهن کِلي ٿي ۽ پوءِ در کي جهلي سڏڪي ٿي. —Freeze—

--The End—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪست

هدايتون

مڪالمو

ڏينهن

رئيس ڪريم بخش جي اوطاق جو ٻاهريون منظر. ٻنهي ٿـي هڪ ٽوبچي بندوق سنيالبو، ڪٽ تي ويٺو آهي. ننڍڙي آئيني ۾ ڏسيو پيو مڇون وٺي ۽ ڏند ڪوٽي.

پرسان ٿـي هڪ ٻه گهوڙا ٻـڌا بيٺا آهن. ڪجهه ڪڪڙيـون اڳن ۾ پيون چگن. ڪتر جي مشين تي رئيس جا ٻه نوڪر گلو ۽ ڪدو ڪتر ويٺا ڪن. اوطاق ٻاهران پڪي فرش تـي ڪجهه ڪرسيون ۽ موڙا هڪ ٽيبل جي چوڌاري رکيا آهن. ٽيبل تي هڪ ٻه شراب جون بوتلون، ڪجهه خالـي گلاس ۽ پليٽون ۽ راتوڪا بچيل هڏا وغيره پيا آهـن. رئيس جـو خاص ٻيلي جمعو ٽيبل تان اهي سـپ شيون صاف ڪري رهيو آهي. اوطاق جي در ٻاهران، ورانڊي ۾ موڙي تي تاجو ويٺو آهي.

طوفاني رات

رئيس جي حويلي، سگهڙ جو ڪمرو.

واڇوڙن ۾ لاٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سکهڙ کٽ تي سُتي پئي آهي.

هوا جو آواز، بتيءَ جو لڏڻ، سکهڙ ننڊ ۾ پاسا بدلائي ٿـي، جڻ کو پوائنتو خواب ڏسي رهي آهي. هوا جيئن پـوءِ تيئن تيز ٿيندي ٿي وڃي ۽ ان رفتار سان سکهڙ جي بيقراري پڻ.

هاڙي طوفان جي آواز سان گڏ رئيس جا خوفناڪ ٽهڪ پڻ شامل ٿي وڃن ٿا. سکهڙ جي منهن تـي خوف ۽ ڏک جا آثار اُڀرن ٿا. هوءَ اهڙي طرح تڙپي ٿي ڄڻ ڪنهن آفت کان پاڻ ڇڏائڻ ٿي چاهي.

ٽهڪ وڌندا وڃن ٿا، ۽ پوءِ بندوق جو فائر پڙاڏي ۾ گونجي ٿو.

سکهڙ چيخ ڪري اُٿي ٿي. اکيون ڦاڙي حراس وچان چئني پاسي نهاري ٿي ۽ پوءِ نڍال ٿـي، منهن هٿن ۾ ڏئـي روئي ٿي.

TITLES

Desolve

سين : ٢

ساڳي ئي منظر تـي فيڊ ان ڏيکهن جو ڏيک، سکهڙ کٽ تي ليٽي پئي آهي هوءَ روئي رهي آهي. سندس پير ۾ سندس ماءُ ويٺي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڪ - رات ڪو پوائنٽو خواب ڏٺو هيئي سگهڙ ـــ؟

سگهڙ لڙڪ پيئندي ڪنڌ مان ها ڪري ٿي -

ماڪ - خواب ڪڏهن به ساييان نه ٿيندا آهن چري! خوابن تي ويساهه ڪرڻ ڇڏي ڏي. مان تنهنجي ماڪ آهيان سگهڙ. مان تنهنجو درد سمجهان ٿي، تنهنجا لڙڪ سڃاڻان ٿي. تنهنجون محروميون ۽ پنهنجون مجبوريون ڄاڻان ٿي ڌيءَ ـــ اسان جي ڪولـــن ۾ عورت جـــي ڪوڪ اڄ تائين ڪنهن نه ٻڌي آهي. تـــون به عورت آهين ۽ منهنجي بد نصيب ڌيءُ، تـون به عورت آهين. تنهنجي خطا صرف اها آهي جو تو وڏيرڪي گهر ۾ جنم ورتو. .... تنهنجي چـوڌاري ڪوڙي غرور جا قهري ڪوٽ اڀا آهن. خانداني عزت ۽ غيرت جي تيز ترار لٽڪيل آهي. دولت جي بيرحم ديوار اُچي آهي- تـــون رئيس جي پيڙ آهين.

سگهڙ ماڪ کي چهٽي پوي ٿي-

سگهڙ - امان ـــ!

ماڪ - نه رو منهنجي ڌي، روئڻ سان تقديـــرون نه بدلبيون آهـــن. زندگيءَ کي زهر سمجهي پي وڃ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
	منهنجي منڙي اسان‌جي حويلين جو اهوئـي دستور آهي. اسان ڪيڏا نــ مجبور آهيون. اسان ڪيڏا نه لاچار آهيون.
مــاءُ جـي اکين ۾ لڙڪ اچي ٿا وڃن. هــوءَ رئي سان اکيون اگهندي ٻاهر ٿي وڃي. سگهڙ چت ڪري گهوريندي ٿي رهي.	
ماءُ سگهڙ‌جي‌ڪمري مان نڪري ڊرائنگ روم مان لنگهي ٻاهر هلي تـي وڃـي. ڊرائنگ روم ۾ گهر جون ٻه نوڪرائيون ايمنا ۽ جانل ڇنڊڦوڪ ۽ پوچيءَ ۾ مشغول آهـن. ماءُ کي ويندو ڏسي جانل پوچو زمين‌تي ڦٽو ڪري ايمنا کي سڏ تي ڪري.	جانل ــ ش ـ ش، ايمنا هيڏي ته اچ.
ايمنا ڇنڊ جو ڪم ڇڏي هوشياريءَ ســان آهستي آهستي اچي در وٽ بيهي ٿي ۽ سندس ڪالهيون ٻڌي ٿي، در جي اندران سگهڙ ڪن ڏئي سندن ڳالهيون ٻڌي ٿي.	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
	ايمنا – چاهي—؟
	جانل – خبر ناهي، رات سائنس ننديءَ ڪي وري دورو پيو هو.
	ايمنا – جاني ٿي چوين—؟
	جانل – آئون پيو—؟ ريهون ته پاڙي وارن به ٻڌيون هيون.
ـڪمهڙ جي منهن تي ڏک ۽ پيڙا جا تاثرات اڀرن ٿا.	ايمنا – اٿي اڌي سون ته اڳي ئي ٿي چيو ته سائنس ننديءَ ڪي فقير آهي، پر ڪنهن ٻڌي ئي ڪانه.
	جانل – فقير ٻڪير وري ڦلهيار، ويٺل نيانين جو اڄهو اهو حال ٿيندو آهي. رئيس جي پٽي ڪونه اچي مٿي تائين ويٺي رهي. ويچاري مرهيات ڪي اچي جو دورو پوندو هو ته راڄ رڙيون ٻڌندا هئا.
	ايمنا – اٿي نياڻي آهستي ڳالهاءِ، رئيس ٻڌي ورتئي ته ٻڌهه پراڻي ڇڏيندو.
	جانل – هونهه! رئيس کي شراب ڪباب کان ته مهلت ملي. ڪاري ماڻهءَ پٽي ڳالهه ڪئي ته هاڻي وري نوران جي پنيان پيو آهي.
	ايمنا – شاهاڻو ٻار آهي، انڪل ته ڪندو نه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانل — پيٽ، مٿان ٿي موٽي آهيس ته به مئو ڊپ کان شادي نٿو ڪرائيس
ته ڪٿي حصو نه ڇڪيم ۽ پاڻ
وٺي ٿو راڄ جي نيائين ۾ اڪيون وجهندو.

ايمٿا — ائي جانل سچ پچين ته مونکي
سکهڙ جــو ڏاڍو ارمان اٿئي ،
سدا ملوڪ ، موٺل جهڙي زال
ويچاري ويهي وٺي. پر اسان
ڪا واهه به هجين.

جانل — چاچي ته گهٽائي وس ڪيس پر
تريءَ تيل ٿي نه لاٿئي ڏنس.
پار وارن وڏيرن چواين ته ڪهن
تربون ٿي به هنيائين.

ايمٿا — ادي وڏا ماڻهو آهن. وڏن جون
ڳالهيون به وڏيون.

جانل — ائي ڏٺي پٽي آهي وڏماڻهپ. غريب
آهيون، ڏکيا آهيون، بکيا آهيون
پر نياڻيون وهاري ته ڪونه ٿا
ڇڏيون. پرائي آه ته ڪونه ٿا
ڪٺون. اهــو سون ٿـي گهوريو
جو ڪن ڇني.

ايمٿا — بس پيٽ، ويچاريءَ جي قسمت،
حويليءَ ۾ ٿــي پٽي پٽي مــري
ويندي ويچاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سکھڙ وڏيڪ پڙهي نٿي سگهي. هوءَ آهستي آهستي آئيني ۾ آڏو اچي بيهي ٿي ۽ پوءِ پاڻ کي ڏسڻ لڳي ٿي.

هلڪي مرڪ سندس چپن تي اچي ٿي پر پوءِ مٿي جا ڪجهه سفيد وار ڏسي سندس مرڪ غائب ٿي وڃي ٿي.

—پردو—

تاجو هاٿي ڪاٺيءَ ۾ جانٺو جوان آهي. شهپر وڏا ۽ ڳهاٽا. اکين ۾ لاپرواهي مٿي تي پٽڪو، وڏي گهير واري سلوار پيرين چولو، ڪلهي ۾ ڪارتوسن جي پيٽي، رانن تي دونالي بندوق، لنگوٽن ڍڪيل سڀ ٺيو ويٺو آهي. هڪ نوڪر کيس زور ڏيئي رهيو آهي.

پاهران پنهي وٽان، جنان لمڪا ڏيندي وڏي واڪي ڳالهائيندي اندر اچي ٿي. جنان ڪراڙي زال، اجرڪ ويڙهيل، ڳالهائڻ ۾ بلا، ناز نخرو، چالاڪ ۽ مڪار، ڳالهائڻ جو رنگ ڍنگ ڏوتين جهڙو. هٿن ۽ اکين جا ترڪتال به خوب چائي. جنان ڪڙڪو ڪندي اوطاق جي مهڙ وٽ ويٺل توبچي ڏانهن اچي ٿي. توبچي آئيني سان منهن ڪيڏي ڏانهنس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمہ
نهاري ٿو.	جنان – منو. نپٽو آڏنو. شل ڪاريءَ ٽي پير پويس. شل ڳالو پڇيس، ڪندو منهنجو مـولا نه ڪيڙا پوندس؛ شل لاش رلندس ڪهٽين ۾.
توبچي ڪهٽ نان ويئي ٿي مزو وٺندي پڇي ٿو-	توبچي – مائي جنان وري ڪنهن سان وڙهين ٿي؟ جنان – اڙي ابـا، اهو ٺاڪيءَ نڪتو ولو پيو ڪيرـــ؟ خدا غارت ڪريس. نه مري ٿو نه منجوٺي ڇـڏي ٿـو. نياڳو، نه ڪنهن ڪم جو ۽ نه ڪنهن ڪار جو. سڄو ڏينهن آڻ ۽ آڻ پئي ٿي پويس. توبچي – ڪم ڪار ڪونه ڪري ڇاـــ؟ جنان – انهيءَ سنڌن ـڪي ڪان ڪهڙو ڪم ٿيندو. جوانيءَ ۾ نه ماڻهن جا پيلهپا ڪري، منمي ڳالي لٿي کي ڪارايم، هاڻي پيريءَ ۾ ڪهڙو ٿاڪرو هٿاڙـــ؟
رئندي	.... اڙي ابا رحيمون، ان نياڳي جون اندر ۾ اٿم رتجون مانيون. توبچي – صبر ڪر مائي ، وري به مڙس اٿئي. مڙسن جا حق وڏا ٿيندا آهـــن.
ڪوڙها آکهندي	جنان – هائـو ابـا، سچ ٿو چوين. الله الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون / مڪالمه

ڏوبهه ٿئي منهنجا مولا تنهنجي در
تي، شل قادر ڪرم ڪندين.

هدايتون: رازداراڻي نموني ۾

رحيمون- رئيس ته اندر آهي نه؟

توبچي- ها، ها، اوطاق تي آهي. رات
ڪي مهمان لٿل هئا، وڏي
محفل متي، خوب ڪاچا پيچا ٿيا.
صبح ٿيندي ڏي هنن ته ڪٿي
الهه واهي، باقي يوتار هوندو
خمارن ۾.

هدايتون: جنان اندر وڃڻ لڳي ٿي

جنان - ته پوءِ وڃي ٿي ڳالهيون ٻڌائي
اچانس. موٽي وڃي متي ڪي
نيرن ڪهڙي ڏيان.

هدايتون: توبچي ڏانهس معنيٰ خيز نظرن سان ڏسي مرڪي ٿو

توبچي- ماڻي ڪا امان جي ٻه ڳالهه اٿئي
يا مورڳو وياسون دل تان لهي؟

جنان - ابا، جيئن دير ٿيئن خير! اهڙي
وني ٻرڻائيندي ماڻهه جو يا عمر
پيو دعائون ڪندين، ها.

هدايتون: جنان اڳتي وڌي ٿي- گلو ۽ ڪڏو ڪرڪندي بيهي ٿا رهن- هڪ ٻئي ڏي ڏسي مرڪن ٿا.

هدايتون: گلو ڀڪهر اکهندي

گلو - ماڻي جنان، خوش آن؟

جنان - ابا خير هونده، خوشي ڪهڙي
پٽ! پيريءَ جو پهر آهي،
شل خير جي گذاري.

ڪڏو - يوتار لاهه مڙڻي ڪا چڱي خبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون | **مڪالمه**

آنديءِ تي ڏسجنئي، ڪهڙن آهي نہ سچ—؟

ڪُدو ڏند ڪڍي کِلي ٿو

جنان — سڄا مستي ٿوڪي بہ ڪُهڻي آ، جونهي چيڪ چڙي ڏنـو اٿئي چا—؟

جمعو ٽهبل تـان ٽانءُ مهڙيندي وچ ۾ چوي ٿو۔

جمعو — نہ مائي، جونهس تہ بندوق پريو وهڻي اٿس ٻارهوئي. اهو چنبو رئيس جي ٻچي سچي ڇڪي ئي ڇتو ٿيو اٿئي.

خـالي بوتـل ۽ گلاس ڏيکاريندي۔

گلـو — مائي جنان، جي مڙسي ڪرين تہ همراه مارائي ڏيانءِ.

جنان — اهو وري ڪهڙن ڙي گلو—؟

گلـو — شوق اٿس هيءُ شاديءُ جـو، مولا بخش واري لهاڻ تـي دل تي اٿس، جي اهو ڪم ڪرائي ڏين تہ وه واه ٿي وينديي.

جمعو — اٺون، منهنجو ڪم اڏ ۾ رهيو—؟

جنان — هائي تون تہ بس ڪري ويھ ڪُپا، اڇو متو الو خراب.

جمـو شڪي ٿئي ٿـو۔ گلو ۽ ڪُدو مٿس کلن ٿا۔ مائـي جنان مـوڙو ڏيئي ورانـدي ڏي وڌي ٿـي۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمو
تاجو، کي ڏسي خوشامدائي لهجي ۾ چوي ٿي-	جنان — ابا تاجن، خوش نه آهين نه—؟
تاجو کو جواب نٿو ڏئي اکيون کٽي جنان ڏانهن نهاري ٿو- سندس چپن تي هلڪي مرڪ اچي ٿي.	
جنان مرڪندي چوي ٿي	جنان — شال خوش هوندين بچا، پرڏي ڪوٽ ۾ اڪيلي تنهنجي سر کي ڏسي خوش ٿيندي آهيان پٽ .
تاجو، کي زور ڏيندڙ نوڪر کي ڏسي ڳالهه بدلائيندي-	.... رئيس ۾ ڪم هوم نه ته پاهر نڪرڻ جهڙي ناهيان، جڙئين.
جنان در کولي اندر وڃي ٿي. تاجو هڪ دفعو وري اکيون بند ڪري پنهنجي منهن مرڪي ٿو.	
— ڪٽ —	

سين ۽ ۲

ڏينهن	
رئيس جي اوطاق جو اندريون منظر - چڱـي نمونـي سينگاريل ڪمرو- ديوارن	

مڪالمو	هدايتون
	تي هرڻن جون سڱون، بندوقون وغيره سينگاريل آهن. هڪ پاسي پلنگ رکيو آهي، جنهن تي رئيس ڪريم بخش خان اونڌو ستو پيو آهي. هڪ نوڪر کيس زور ڏيئي رهيو آهي. ڪمري جي وچ تي صوفو سيٽ ۽ وچ ۾ سينٽر ٽيبل رکيا آهن. ٽيبل تي بوتل گلاس ۽ سگريٽن جو پاڪيٽ رکيا آهن. پر ۾ ئي روالور ۽ ڪارتوسن جو پٽو پڻ رکيا آهن.
جنان — صدقي وڃان رئيس، گهور ٿيان ٻچڙا... آرامي آهين ڇا—؟	جنان در کولي اندر اچي ٿي. نوڪر کيس آڱر سان خاموش رهڻ جو اشارو ڪري ٿو. پر جنان کيس اشاري سان ڇڙٻي رئيس جي مٿن کان وڃي ٿي.
	رئيس پاسو ورائي جنان کي ڏسي ٿو. ننڊاکڙين اکين ۾ خمار آهن.
رئيس — مائي جنان آهين—؟	اوباسي ڏيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
جنان – قربان وڃانءِ، ساڳـي تنهنجي گولي آهيان ۽ جوانـي مائين ، تنهنجي در جي ٻانهي آهيان . شل ويرون ويـر وڏنڊين، شـل ڪوسو واءُ نـه ڏسنڊين منهنجا رئيس سهڻا.	پـَٽ تي ويهي جنان رئيس جي مٺي ڪي زور ڏيڻ شروع ٿي ڪري.
	رئيس نوڪر کـي اشارو ڪري ٿو. نوڪر سگريٽن جو پاڪيٽ آڻـي کيس ڏئي ٿو.
رئيس – ڪر خبر مائي جنان، ڇـا حال اٿئي ـــ؟	
	رئيس سگريٽ دکائيندي نوڪر کي اک جي اشاري سان ٻاهر وڃڻ جو چوي ٿـــو.
	نوڪر وڃي ٿو.
جنان – بس پٽ ، نه پڇ سورن جـون ڪهاڻيون، جيسين داڻـو پاڻـي آهي تيسين ته جيئڻو ڏي پوندو. خـدا ناس ڪندو ان مٺي ولـوءَ کيءَ چوي تـه ڪک پيچي ٻيٺو نه ڪيان، ڪو ويهي ڪٽ تي ڪارائيم ۽ ٻارهوئي گهر ۾ ڏمجهڻ وڃهيو ويٺو آهـي موالي. سلفي ھجيس ۽ پاڻ ھجي. مون ڪجھ ڇيو ناهي ۽ ٻتليو ناهي.	
رئيس – ان ولوءَ کـي تـه مان هاڻي ڏي	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

رئيس پٽون، مان ڏهين جو
نوٽ ڪڍي جنان کي
ڏيندي چوي ٿو.
جنان نوٽ وٺي رئي جي
پلوَ ۾ ٻڌي ٿي.

مڪالمہ

ڪهراڻي موچڙن جي ٺاهوڪي
مار تو ڏيان. تون ٻڌاءِ، ڪهڙي
خبر آندي اٿئي ــــ؟

جنان ــ خدا مڙني چڱي ڪندو رئيس،
دل چوٽو لاهين.

رئيس ــ پر ٻيءَ، آخر ٻڌان ته سهي.

جنان ــ چوري آهي الڙ، سمجهيئي نٿي.
گهٽيون ٿي لاهيون چاڙهيون
ڏنيون مانس. لالچ، دڙڪو، دهمان
پيار، محبت، سڀڪجهه آزمايم پر
تريءَ تيل ئي لائڻ نٿي ڏئي.

رئيس ــ ته چئبو ته تو هن پيري آڻ
سجي.

جنان ــ جنان اڄ تائين تــــ آڻ نه مڃي
آهي رئيس، پر ـــ!

رئيس ــ پر چاـــ؟

جنان ــ صدقي وڃانءِ سهڻا پٽ، آهين
اُپهرو، ڪٿي ڪو خُنام نه مچائي
وجهين. ان لاءِ ٿي ڪيٻايان.

رئيس ــ مائي جنان، مون اڄ تائين
انڪار جو لفظ ٻڌو ئي ناهي.
مون جو چاهيو آهي، سو ضرور
حاصل ڪيو آهي. ٻڌاءِ، ڇا
ڳالهه آهيـــ؟

جنان ــ ڇا ٻڌايانءِ رئيس، اها سچي شهه
رمضان جي اٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمه	هدايتون
رئيس ـ ڪهڙو رمضان ـــ؟	
جنان ـ نوران جو مڱيندو. خميسي وارو پٽ. چوائي مُڪائين ته پنهنجون ۽ ونيءَ-ون مٿي مارائـي بنا نه ڏيون آهن.	
	رئيس پلنگ تان اُٿـي ڪمري ۾ پسار ڪري ٿو.
رئيس ـ ته اِها ڳالهه آهي .	
جنان ـ مون ته نوران جي پيءُ کي به چيو ته مڱڻو لوڙائي، پانهنجي رئيس کي ڏي، پر مٿو مڃرجي پيو. اُتان پيو اچـي جتان ڪوڙو نه موٽي .	
رئيس ـ تڪي جـو ڪڙمي ، منهنجي ٽڪرن تـي پليل، نمڪ حـرام ڪتو. سندس اها مجال.	
جنان ـ ڪاوڙ نـه ڪر صدقي وڃانءِ، پلا تنهنجي جُتيءَ ۾ ڪو پير وجهندو؟ مون ته مٿي کي گهڻو سمجهايو پـر مگر مڙني ڳهٽي پئي ڏنس.	
رئيس ـ مائي جنان .	
جنان ـ گهور وڃي جنان.	
رئيس ـ مون نوران کي حاصل ڪرڻ لاءِ سيڪجهه ڪيو، پر معلوم ٿـو ٿئي تـه پاڻي سرئون ٿـار ٿي چڪو آهي.	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمہ
	جنان — خير گهر رئيس، نپاڪ ڪنيو اٿئن ڇاڻ تہ منهن پيت سان لڳن.
	رئيس — جو ڪم تون نہ ڪري سگهين ۽ سو تاجو ڪندو.
	جنان — تاجو ـــ؟
ڪاوڙ ۾	رئيس — ها .... هاڻي سواءِ تاجوءَ جي ٻيو انهيءَ مرض جو علاج نہ رهيو آهـــي.
ڏچندي، ڪنبندي	جنان — نہ نہ .... رئيس نہ .... ائين نہ.... جـا ننهن سان ڇڄي تنهن کي ڪاتـي نہ هڻجي .... تاجو .... توبهہ ڪيو رئيس.
	رئيس — هاڻـــي ڪاتيون نہ ڪهاڙيون ڪم ڪنديون مائـي جنان؛ ۽ تاجو کي تون سڃائين ٿي ـــ!
	جنان — نہ نہ....
ڪاوڙ ۾	رئيس — نہ نہ ڇـا جي .... هاڻي تنهنجو ڪم پـورو ٿيو، آئون ڇاٽان منهنجو ڪم.... تون هل.
ڏچندي ڏچندي جنان ٻاهر وڃي ٿـي ۽ رئيس پسار ڪري سوچڻ لڳي ٿو.	

— ڊزالـــو —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سين ٣

ڏينهن

رئيس جي حويلي- رئيس جي ماءُ کٽ تي ويٺي آهي. جنان سندس پرسان پٽ تي ويٺي آهي . ٿورو پريرو رئيس جي جواني کان ڪجهه موٽيل پيڻ سگهڙ ويٺي ٿي پيرت پيري.

ماءُ - اڻي ادي جنان، انهيءَ سور تہ اندر ئي ماڙي وڌو اٿم- نياڻيءَ جو بار ڪلهن تي نہ هجيم ها تہ جيڪر ڪڏهوڪو وڃي قبر ۾ سمي ٿيان ها، پر ڇا ڪيان؟

جنان - ڏيرنهن بہ تہ سگهڙ جو سگ چڪايو هو- ان جو ڇا ٿيو___؟

ماءُ - امڙ! اهي ڳالهيون ڪي نہ ڇور، هاڻهو ڳريو پيو اٿم- منهنجي گهر واري مرهيات جي پنهنجي پاءُ سان جيٺري ڏي ڪانہ پئي مٺيءَ ملڪيت جاني جدا ڪري ڇڏيا. ڪي سال تہ منهن ئي ڪونہ ڏنائون هڪ ٻئي جو. هاڻي سگ لاءِ چوايائين تہ ڪريمبخش پٽ تريون ئي ٻہ هنيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمه
	جنان – ها امان، رئيس ته آهي چٽنگ، شل نه، ٺوڪ اچيس.
	ماءُ – جيئي بچي شال، هڪڙو ئـي پٽڙو اٿم. جي تـي سگهڙ جي شادي ڪرايان ته ملڪيت ٿي ورهائجي. ان ڪري مٺي به ماٺ مُٺي به ماٺ. دل جو سور دل ۾.
	جنان – پر ٻـڙي ملڪيت ڪاڻ ڪو وياءُ ويهاري ڇڏبا ڪيئن!؟
	ماءُ – بس پوءِ ادي، وڏيرڪن گهرن جا تـه اهي ئي رواج آهـن. منهنجي مڙس مرحيات به پنهنجيءَ ڀيڻ کي قرآن بخشائي ڇڏيو هو. مرندي مري وئي، حق نه ڪيائين.
	جنان – هئه هئه ادي.... اهو ته ڪـيس ٿيو. جوان جماڻ ملوڪ جهڙي ڌيءَ.
سگهڙ ڏک ۽ تڪليف سان ڳالهيون ٻڌي رهي آهي. ماءُ جنان جي ڳالهه ڪٽي سگهڙ کي سڏ ڪري ٿي.	ماءُ – سگهڙ.
	سگهڙ – جي امان.
	ماءُ – ڌيءَ ڪڪڙين کي تـه ڪو داڻو ڏئي آ. بک تي هونديون ويچاريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

مڪالمہ

سگهڙ ـ آهو تہ مون ڪڏهوڪو ڏنو اٿن امان.

مـــاءُ ـ تہ پوءِ وڃي ايمٽا ڪي مانيءَ ڏڪيءَ جو سمجهائي اچ چاڻ تہ منجهند ٿي.

سگهڙ ٻي دليءَ سان سيبتي جو سامان رکي ٻاهر وڃي ٿـــي.

سگهڙ ـ حاضر امان.

مـــاءُ ـ ويچاري ڳُٽين ۾ ئي ڳري وئي آهي ٻچڙي. آهو سون ئي کهوريو جو ڪن چني. اهڙي ملڪيت کهڙي ڪم جي جا اولاد جي آس اڪثين نہ ڏيکاري.

جنان ـ تہ پوءِ پٽ کي چوين چونہ ٿي.

مـــاءُ ـ پيڻ، مردن آڏو زبان ڪولڻ جي ڪنهن کي مجال آهـــي!.

هڪ دفعي سو اشارو ڏنو هو مانس تہ آپي کان نڪري ويـو هـو. جي سگهڙ کـي جيٺري پـوري چڏينلس، نڙيءَ تي ننهن ڏئي ماري وجهندس پرڪار نہ سهندس.

جنان ـ بس ڙي امان. وڏا سڏاوڻ وڏا ڏک پاوڻ. دنيا تـــہ آهي ئـي ڏکن جو ڏيهہ، ڪو آجو ناهي.

گوڏن تـي هٿ ڏيـئي چنگهندي اٿي ٿي.

.... اَٽ ڙي جنان، مٺو ولو پيو واجهائيندو هوندو.

هدايتون	مڪالمو
ونڊي ونڊي	الله خوش رکنديئي مائي، شـــل ڏکيو ڏينهن نـــ ڏسين. اسان جا اڄهو اِهي حـال اٿئي ، جهولي وهيٺا وينا آهيون، ڳاٺي پڳو وينو هوندو پنڪين ۾.
ٻاهر وڃي ٿي.	
سکهڙ پريشان ڊوڙندي اندر اچي ٿي.	سکهڙ– امان، امان ! ڪجهه ٻڌئي امان! ماءُ – ڇاهـي ٿيو ڪري ـــ؟ ڇو ٿي بي حال ٿين ـــ!؟ سکهڙ– چاچو آيو آهي.
ماءُ گهٻرائجي ٿي ٿي.	ماءُ – ڇاٿي چئين سکهڙ ـــ؟ سکهڙ– سچ ٿي چوان امان، چاچو ادا سان ڳالهائڻ لاءِ اوطاق ۾ آيـو آهـيءِ مونکي اڄهو هينئر ايمٺا ٻڌايـو.
ماءُ سيني تي هٿ هڻندي رڙ ڪري ٿي.	ماءُ – يا الاهي خير.
— ڪٽ —	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سين ۽ ۴

رئيس جي اوطاق- رئيس جو چاچو جرنيل خان ۽ ۽ رئيس سخت غصي جي حالت ۾-

رئيس – اهو ناممڪن آهي.

جرنيل خان– مان تنهنجو چاچو آهيان پٽ، مونکي نا اميد نہ ڪر.

رئيس – رشتا ناتا واريءَ سندو ڪوٽ هوندا آهن. هوا جو معمولي جهوٽو بہ کين ڪن ۾ ڊاهي سگهي ٿو.

جرنيل – خون جا رشتا دائمي هوندا آهن پٽ؛ رت دانگيءَ تي بہ ورندو آهي؛ لٺئين پاڻي جدا ٿيٺو ناهي.

رئيس – اهي سڀ چوڻ جون ڳالهيون آهن، وقت پئي ڪو ڪنهن جو ناهي، هرڪو پنهنجي مطلب جو آهي چاچا.

جرنيل – منهنجو سليم پڙهيل ڳڙهيل آهي. مون شهر ۾ رهي کيس چڱي تربيت ڏياري آهي- هوئن تہ کيس چڱن گهرن جا رشتا ملي سگهن ٿا، پر مون سوچيو تہ.....

رئيس – اوهان سوچيو تہ منهنجي ملڪيت

شڪست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي سليم لاءِ بهتر ٿيندي؛
اٿين نه ــــ؟

جرنيل ــ مون ملڪيت بابت سوچيو به
ناهي پڻ، تو ڪي اهي ڳالهيون
چون به نه گهرجن.

رئيس ــ مان ڪو ڀار ناهيان جو توهانجي
چار ۾ سولائي سان اچي وڃان.
مان چڱي طرح ڄاڻان ٿو ته
ڏاڏي جي ملڪيت حاصل ڪرڻ
لاءِ اوهان ابي تي حملا ڪرايا،
ڪيس ڪيا، الزام لڳايا ۽
جڏهن ڪامياب ٿي نه سگهيا ته
ڳوٺ ڇڏي وڃي شهر وسايو؛
۽ هاڻي سکهڙ جي سڱ جو
بهانو ڪري، اوهان هڪ دفعو
وري پنهنجي پراڻي خواهش پوري
ڪرڻ ٿا گهرو.

جرنيل ــ ملڪيت، ملڪيت؛ ملڪيت!
دنيا ۾ دولت ۽ ملڪيت ئي
سڀڪجهه ناهي ڪرم بخش خان.
تون پنهنجيءَ ڌيءُ کي صرف
ان ڪري شادي ڪرڻ نٿو ڏين
جو هو تو کان حصو گهرندي.

رئيس ــ توهان به ته پنهنجي ڌيءُ کي
آخري دم تائين ڪنوارو رکيو.
توهان جي وڏن ۽ سندن وڏن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سندن وڏن سيني اهوئي ڪيو
جو مان ڪري رهيو آهيان.

جڙيل — اسان جاهل هئاسين پٽ! اسان انسان تي پئسي کي ترجيح ڏني هئي. اِهو ئي سبب آهي جو مان ماضيءَ جا داغ ڌوئڻ لاءِ اڄ جهولي ڦهلائي تنهنجي در تي آيو آهيان پٽ.

.... ماڻ، تنهنجي دولت نه، سگهڙ جي خوشي خريدڻ آيو آهيان.

رئيس — سگهڙ کي ڪهڙو ڏک آهي -؟ چڱو چوڙي تي، چڱو ماڻي تي مان سندس پاڻ آهيان، مون کان وڌيڪ سندس خوشيءَ جو اونو ٻئي ڪنهن کي ٿيندو؟

جڙيل — خوشي صرف کائڻ پيئڻ جو نالو هجي ها تہ انسان جانور ٿيڻ پسند ڪري ها.

رئيس — مون کي انهن ڳالهين سان ڪا دلچسپي ڪانهي، گهر جو وڏو مان آهيان ۽ اهو منهنجو فيصلو آهـــي.

جڙيل — اسان جي ڪوٺن ۽ حويلين ۾ سگهڙ جهڙيون هزارين ڇوڪريون تو جهڙن انسانن جي ضد، هٺ ۽ ڪوڙي غرور سبب موت کان بہ بدتر زندگي گذاري رهيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئيس – چاچا، تون منهنجي تڏي تي آيل آهين .

شراب جي بوتل ڏانهن اشارو ڪندي-

جڙيل – تون سڀڪجهه ڪري سگهين ٿو. دنيا جي هر خوشي ماڻي سگهين ٿو، ڇو ته تون مرد آهين، آزاد آهين. توکي اهوحق حاصل آهي ته بيوس گگدام ۽ بي زبان پيٽ جي مجبوريءَ تي پنهنجي عياشيءَ جا قلعا اڏيندو رهه.

دانهن ڪري

رئيس – چاچا........

جڙيل – تون ڏاڙيل رکي سگهين ٿو، شراب ۽ شباب جون محفلون سجائي سگهين ٿو، پر اهو نه وسارجان ته قدرت جو انتقام بيحد ڀيانڪ ٿيندو آهي. الهه توهار.

جڙيل خان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.
رئيس کيس ويندو ڏسي ٿو ۽ ڏهڪ ڏيئي بوتل کولي ٿو ۽ شراب گلاس ۾ اوتي هڪ ڏي ڍڪ سان پي وڃي ٿو.

رئيس – هونهه! انتقام!

Time, Lapse-Night Effect.

رئيس ڪجهه وڌيڪ پي چڪو آهي- ايشٽري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمه	هدايتون
	سگريٽن جا ڪافي ٽولما جمع ٿـي چڪا آهـن - رئيس ٽڙندو اٿـي ٿـو - سامهون تاجو بيٺو آهي -
رئيس — تاجو! رئيس اڄ تائين جو چاهيو آهـي، سو ضرور حاصل ڪيو آهي. اسان جـو ڏهڪاءُ، خوف ۽ هراس سڄي تر تي ڇانيل آهي پوءِ — پوءِ هيءُ نوران ڪير ٿيندي آهي اسان سان سينو ساهي واري —؟	
تاجو — نئين بلبل هوندي پوتار.	مرڪندي
رئيس — اسان جي وڏي ۾ وڏ نه پـر تاجو؛ هن اسانجي بيعزتي ڪئي آهي ۽ تون ڪاٺي رهيو آهين —!	
تاجو — اوهان ڪان بڇي ڪيڏانهن ويندي پوتار؛ آن جـو منهن نه جنڊ ڏانهن ئي آهي.	
رئيس — مونکي تنهنجي صلاحن جي نـه، مدد جي ضرورت آهي تاجو.	
تاجو — پوتار لاءِ جان به حاضر آهي؛ حڪم ڪئي.	
رئيس — مون توکي پنج سان پـاڻ وٽ پاليو آهي تاجو؛ ۽ پوليس ڪان پناهه ۾ رکيو آهـي. اهـو نه	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪالمو	هدايتون
وسارجانءِ ته تو منهنجو نمڪ کاڌو آهي.	
تاجو – بندوق وهائي ڪيڏ رئيس، مهٽو نه ڏي.	
رئيس – شاباس تاجو، مون ته تنهنجي غيرت جو امتحان ٿي ورتو.	
تاجو – مهلون مڙسن تي ايندڙيون آهن پوتار، تون مونکي اڳ به آزمائي چڪو آهين، منهنجو وار ڪڏهن به خطا نه ويندو آهي. منهنجي دونالي مونکي ڪڏهن به دوکو نه ڏنو آهي.	
رئيس – ته پوءِ پڌ تاجو، اڄ رات نوران منهنجي اوطاق ۾ پهچڻ گهرجي.	
تاجو – بس، ڳالهه به ايتري ––!	
	ٺهڪ ڏيندي رائيفل ۾ گوليون پري ٿو.

––ڪٽ––

سين : ۵

	رات
	رئيس جي اوطاق.
	گهڙيال رات جا ٻه وڄائي ٿو. رئيس ايشٽري ۾ سگريٽ جو ٽوٽو مروڙي بيچينيءَ وچان گلاس هٿ ۾ کڻي ٽڙندو اُٿي ٿو.
	هو سڌو دريءَ وٽ وڃي بيهي ٿو

واڇوڙن ۾ لاٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٻاهر اونده ۾ ڏسڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو. ٻاهر ڪجهه به ناهي- رئيس مايوس ٿي به ٻي قدم واپس موٽي ٿو.

اوچتو ڪو آواز ٿئي ٿو- رئيس ڇرڪي وري دريءَ ڏانهن وڃي ٿو- پر ڪجهه به نظر نٿو اچيس- مايوس ٿي اچي ٿو صوفي تي ڪري- اميد ۽ نااميدي جا تاثرات سندس منهن تي آيرن ٿا- پکهر جا ڦڙا چهري تي چمڪڻ لڳنس ٿا- هڪ دفعو وري هو دريءَ ڏانهن وڌي ٿو- اوچتو ڪيس پري کان جيپ جي روشني نظر اچي ٿي- هن جي منهن تي اميد جي جهلڪ موٽي اچي ٿي- ڪيمت ڏيئي سڄو گلاس خالي ڪري ٿو ڇڏي.

جيپ ٻاهر ٻنهي ٽائين ڀڄي وڃي ٿي- ڪٽ ڪري جيپ تي اچون ٿا، جنهن مان ٽي چار همراه ٻٽ ٻڏل ٽپو ڏيئي لهن ٿا- ۽ ڪپڙا چندي ٻٽون ڪولي ٿا ڇڏين- هو تقريباً سيئي رئيس جا ماڻهون آهن.

تاجو پڻ بندوق سنڀالي هيٺ لهي ٿو- نوران؛ جا چوڪنيي ٻڏل آهي، تاجو ڪيس ڪلهي تي کڻي، ٻڏر لتاڙي ورانـدو اڪري ڪمري ۾ وڃي ٿو - سمورو وقت نـوران هٿ پير هڻندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايتون

رهي ٿي - پر سندس وات
هٽ ۽ پير ٻڌل آهن -
تاجو نوران کي پٽ تي
آڇلائي ٿو-

رئيس سندس ٻني نيري ٿو
۽ خوشيءَ وچان چوي ٿو-

رئيس نوٽ ڀڃون مان
ڪڍي تاجوءَ کي انعام
ڏئي ٿو- تاجو هڪ نظر
رئيس کي ڏسي ٿو- تلخ
مرڪ سندس چپن تي
اچي وڃي ٿي- ٿي لمحي
هو زمين تي تڙپندڙ نوران
کي ڏسي ٿو ۽ پوءِ ٻاهر
نڪري ٿو وڃي.
رئيس نوران ڏي نهاري
کلي ٿو ۽ ٺهڪ ڏيندي
در بند ڪري ٿو ڇڏي.

— ڪٽ —

مڪالمو

تاجو — وٽ رئيس پنهنجي امانت ۽ غيرتمند آهين ته ٻيهر مهڻو نه ڏجانءِ.

رئيس — مڃي ڇڏيوماڻ تاجو ۽ بلاشڪ نمڪ حلال آهين. وڃ وڃي عيش ڪر.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هدايتون	مڪالمہ
ٻاهر تاجو اڪيلو آهي. رات جي اونداهيءَ ۾ هو آهستي آهستي ورانڊي مان ٿيندو ٻڌر ۾ اچي ٿو ۽ پوءِ ٻُنيي وٽ اچي هيڏانهن هوڏانهن نهاري اڳتي وڌي ٿو.	
وٽن هيٺان لنگهندي اوچتو هڪ هٿ اچي سندس ڪلهي تي پوي ٿو! تاجو ڇرڪ پري بندوق جو رخ پٺتي ڪري دانهن ڪري ٿو.	تاجو ـ ڪير آهي؟
تاجوءَ جي منهن تي خوف جا تاثرات آهن جي آهستي آهستي تبديل ٿي وڃن ٿا.	
هو ڇوٽڪاري جو ساهہ کڻندي چوي ٿو.	تاجو ـ او ـ تون ـ! تو تہ مون کي ڊيڄاري ڇڏيو سڳهڙ ـ!
ڪٿمرا سڳهڙ تي اچي ٿي جا شال اوڍي حيا کان مرڪي رهي آهي.	سڳهڙ ـ اڄ تہ ڏاڍو انتظار ڪرايئي تاجو!
	تاجو ـ اڄ رئيس جي ٻيگر تي ويل هئس ڇري ، ٻيهر دير نہ ٿيندي ـ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو رئيس جي ڪمري مان نوران جي چيخ جو آواز اچي ٿو. تاجو ۽ سڪهڙ مڙي اوڏانهن ڏسن ٿا.

دروازي کي زور زور سان کولڻ جا آواز اچن ٿا ۽ پوءِ نوران دروازو کولي ڇيخندي ٻاهر اچي ٿي. سندس پويان رئيس ٿهڪ ڏيندو، تيز ڪائيندو ٻاهر اچي ٿو.

نوران جي هٿ ۾ رئيس جو پستول آهي- جنهن مان هو لاڳيتو ٿي فائر ڪري ٿي. رئيس ڪري ٿو. نوران ڀڄي ٿي. رئيس سندس پنيان ڊڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ايتري ۾ رئيس جي نظر تاجو ۽ سڪهڙ تي پوي ٿي، جي ٻئي چپ چاپ بيٺا کيس ڏسن. رئيس جي منهن مان غصو ۽ تعجب ظاهر ٿئي ٿو. هو ڪجهه چوڻ چاهي ٿو پر سندس وات مان رت جي ڪرڙي نڪري ٿي. هو ٿنڀي کي هٿ ڏيئي هيٺ ڪسڪي ڪري ٿو ۽ تاجوءَ کي گهوريندو، ريڙهيون ڏيندو، ڏانهس وڌي ٿو. سندس هٿ لرزندو تاجوءَ ڏانهن وڌي ٿو. رئيس ڏندڪرٽيندو اٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اوچتو هو زمين تي ڪري ٿو ۽ مري وڃي ٿو.

نوران ڇيخندي، رڙيون ڪندي ٻاهر ڊوڙي رهي آهي.

— پڄاڻي —

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سنگم پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

١- آرزو	[مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون]	ختم
٢- سپنا	"	"
٣- اسڪاءِ ليب	"	"
٤- سنگم	"	"
٥- ماڻڪ موتي	"	"
٦- صبحِ ازل	"	"
٧- آمنگ	"	"
٨- تخليق جو موت	"	"
٩- ليڊر جو عشق	"	"
١٠- آب حيات	"	"
١١- مامتا	"	"
١٢- سالگرهہ نمبر	"	"
١٣- من تنها منزل دور	"	١٥-٠٠
١٤- سندري اتمچندائي جون شاهڪار ڪهاڻيون		ختم
١٥- قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون		"
١٦- سنڌو [انڊيا جي برک سنڌي ليکڪن جون ڪهاڻيون]		١٢-٠٠
١٧- جڏهن پونءِ ٻٽي (شاعري) تاجل بيوس		ختم
١٨- انبن جهليو ٻور (شاعرائو نثر) تاجل بيوس (ٻيو ڇاپو)		١٢-٠٠
١٩- سنڌ جي سياسي جدوجهد ڊاڪٽر محمد لائق زرداري		ختم
٢٠- حمل فقير (چونڊ مضمون)		"
٢١- ڪنواري ڌرتي ليکڪ: ليونڊ بريزنيف سنڌيڪار: منير چانڊيو		٢٠-٠٠
٢٢- هر دل اندر هڪ ڪربلا (ڪهاڻيون) خالد سنڌي		٢٠-٠٠
٢٣- سگهارو هماليہ هيٺا ماڻهو [نيپال جو سفرنامو] ف-م-لاشاري		١٢-٠٠
٢٤- نہ مرڻ جو ڏک (ڪهاڻيون) ايشور چندر		١٠-٠٠
٢٥- سرجيندڙ ساڻيهہ جا (بيت) تاجل بيوس		١٢-٠٠
٢٦- ترقي پسند ادب جا معمار (تحقيق) خاڪي جويو		١٢-٠٠
٢٧- واچوڙن ۾ لاٽ (ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما) قمر شهباز/٣٠-٤٠/-		٥٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* ڪي لکي ڄاڻن، پر لکڻ جا ڏوٽي. ڪي لکڻ جا نااهل، پر قلم جا ڪاروباري. قمر شهباز کي يارن چيو ”ڪمرشل باز“، پر هي اهو ڪاروباري ڪونهي، جيڪو قلم جي ساک نه ڄاڻي. ڏوٽي ڪونهي، سخت سرگرم، ذات-ڏٽي آهي. هرفن فولا، هرڪم سولا. شاعري، ناٽڪ، ڪهاڻي، لطيفو، گنڀير تــوڙي طنزي ۽ مذاقي موضوع، سڀني پاسن لکيو اٿس. تنهن ڪري ويل ۾ آهي ۽ وير پرايا اٿس. تڏهن به اهو وکر وهائيندو اچي، جنهن جا خريدار ڪَٿا نه آهن. هن افسانوي ادب جي ميدان ۾ ڪيڏو ڪم ڪيو آهي، تنهن جو ڪجهه اندازو هن ڪتاب ڏسڻ سان ٿيندو. —— شمشيرالحيدري

* سڀ ڪان پهريائين هي ڳالهه نوٽ ڪجي ته مـون ۾ ڪنهن جي به غيرواجبي تعريف ڪرڻ جي عادت ڪانهي. مونکي جڏهن به خبر پئي ته قمر شهباز جي لکيل ڊرامي يا مزاحيه خاڪي ۾ ڪم ڪرڻو آهي ته تمام گهڻو خوش ٿيو آهيان، ڇاڪاڻ ته ڊائلاگن جي لکڻيءَ ۾ ساڻس ٻرميچڻ ڏاڍو ڏکيو آهـي. گفتگوءَ جي انداز ۾ رواني ۽ ڪردار جي مماثلت ته ڪو ڪانئڻ سڪي. جي ڊائلاگن جي ادا ڪرڻ لاءِ ڪو سٺو اداڪار ميسر ٿي وڃي ته ڊرامي جا جيئرا جاڳندا ڪردار، ڳوٺ، شهر واهڻ، انڌا، منڊا، لولا لنگڙا، سڀ ڊرامي جي هڏندڙ يا ڏسندڙ جي سامهون اچي بيهي رهندا. مان ته سمجهان ٿو ته سندن مشاهدو تمام وسيع ۽ گهرو آهي تڏهن ته سندن ڊرامي ۾ ايڏي قوت آهي. ——نورمحمد لاشاري

* قمر ڪان وڏيڪ سٺو ۽ تکو ريڊيو ڊراما ليکڪ اڄ تائين ته ڪونه ڄاڻو ۽ هن ڪان پوءِ ڄمي اها ئي ڳالهه آهي. —— نثار ميمڻ

* قمر شهباز انهن چند سنڌي ليکڪن مان هڪ آهـي، جن کي ڪامياب ڊراما لکڻ جـي ڏات مليل آهي. ڊرامي جي فني باريڪين ۽ خوبين جي ڄاڻ ۾ قمر جو مَٽ شايد ئي ڪو هجي! مون ٽيليويزن، اسٽيج ۽ فلم لاءِ قمر جا لکيل انيڪ اسڪرپٽ ڊائريڪٽ ڪيا آهـن. قمر جي اها فني خوبي آهي جو هو ڊائريڪٽر جو نقطه نظر گهڙيءَ کن ۾ سمجهيو وڃي.

—— غلام حيدر صديقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book